Digitization by American Academy of Indic Studies: AAIS(USA)

شڪر گذاري

هيٺين سنڌي سُڄاڻ سڄڻن، ماتري ڀاشا ۽ ساهت جي پريمين، وري ٻيو دفعو اُدار دليءَ جو ثبوت ڏيئي هن وڏي ڪتاب کي ڇپائي پڌرو ڪرڻ واري نيڪ ڪار ۾ سهائتا ڏني آهي ۽ اِن طرح سنڌي ساهت جي کيتر ۾ ظريفاڻي ساهت جي ڪميءَ جي پورائي ڪئي جنهن لاءِ آءٌ سندن نهايت ئي احسانمند آهيان.

سٺو ساهت ڇپائڻ، ڦهلائڻ ۽ پڙهائڻ جهڙو اُتم دان ٻيو ٿي نٿو سگهي. ڪوٽان ڪوٽ ڌنيواد مڙيئي کي!!!

(١)

سيٺ
گوبند رام
پنهومل
(اي - پرهلاد
اينڊ ڪمپنيءَ
وارو) جنهن
اڳي وانگر
خاصي مدد
ڪئي. ڌنيواد!

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٢)

مکي گوبنـد رام

مکي صوڀراجمل- ڏنيواد!

(٣)

برهم ليـن

سنت رامانند

صـاحب

لقمان نـواسي

جنهنجي پوتر

ياد ۾ سندس

شرڌالـو شش

سيٺ ارجـن

هشمتراء راجپال

سهائتا ڏني.

ڏنـيـواد !

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(۴) سيٺ ٻرپداس ٻوڪرداس ٻيمبـلا
ڏ نيواد !

(۵)

سيٺ ڪوڙيمل
آزاد سوپا فئڪٽري
د ھلـــيءَ واري ڪي
ڏ نيـواد!

(٦) سيٺ گـــوبنـــد رام ھاسارام
گليمـر "ڪناٽ پليس" واري ڪي ڏ نيـواد !

(٧) سيٺ جي - بي - پاڳيا اِنڊوشن فرم واري
وڏيءَ دل سان اڳي وانگر سھائتا ڏ ني- ڏ نيواد!

(٨) وطني سيٺ ميارام چيلا رام- ڏ نيواد !

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٩) سيٺ اڇڙداس ٻالچند پارٽنر مشهور
جي - بي - منگهارام فرم واري کي -
ڌنيواد !

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(١٠) ڏوڏومل ڪنعيالعل فرم جنرل فروٽ مرچنٽس
ڪميشن ايجنٽس وغيره سبزي منڊي دهليءَ جي
پروپرائيٽر **سيٺ ڪنعيالعل** اڳي وانگر هن ڪارج ۾
خاصي مدد ڪئي - ڌنيواد!

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

- مهاڳ -

انگريزيءَ ۾ توڙي هندوستان جي ٻين ڪن پرانتڪ ٻولين منجهه ٽوٽڪن، لطيفن کل ڇرچي جهڙين ڳالهين ۽ چرچن جا چڱائي وڏا ڪتاب واندڪائي ۽ وندر لاءِ موجود آهن. سنڌيءَ ۾ اهڙو ڪو وڏيرو پستڪ ڇپايل ڪونهي. جنهن ۾ انهيءَ پر جو مصالحو گڏ ڪيل هجي ۽ جو مسافريءَ ۾ ماڻهو پڙهي پاڻ وندرائي ۽ وقت ڪاٽي گذري يا فرصت جي وقت ۾ کل خوشيءَ ۽ خوش خلقي حاصل ڪري.

سنڌي ساهتيہ سنڌي ميدان کي اهڙيءَ ڳالهه کان خالي ڏسي مون ڪن ورهين کان ان پر جو ذخيرو جوڙيو پيو هئو گڏ ڪري ڇپائڻ جو ويچار ڪيو.

سنڌيءَ جي ودوان سرڳواسيءَ پرمانند ميوارام جي جي مشهور "جوت" جي پراڻن پرچن منجهان گهڻو جيترو مصالحو مليم.

سنڌ جي ٽنڊي ڊويزن جي زميداري سڀا جي سهاري هيٺ نڪرندڙ ماهوار مخزن "غنچهء اميد" جنهن جو ڪجهه وقت جائنٽ ايڊيٽر مان به هوس، ان منجهان به، وقت بوقت کل ڇرچي جهڙا ٽوٽڪا گڏ پئي ڪيم.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

لنهن کانسواءِ سرچواسي پنجاهن ديوان ڪوڙيمل صاحب جنهنکي هاڻوڪيءَ سنڌيءَ جي پائي وجهندڙن منجهان هڪڙو ڳڻيو ويندو. اُنهن جو ۱۹۰۶ع سن ڌاري ڇپايل ننڍڙو پستڪ "ٽهڪ تي ٽهڪ" نالي موجود هئو. ٻئي ڪنهن صاحب اِنهيءَ نموني جو لطيفن جو ڪتاب اِن کان اڳي ڪونه ڇپايو هئو. اِن ننڍڙي پستڪ جي ديباچي ۾ ديوان صاحب ڄاڻايو آهي ته گهڻن يورپي ديسن ۾ اِهو رواج چالو آهي ته جڏهن ڪا پنگت کائڻ وهندي يا ڪي گهر جا ڀاتي يا مت مائٽ گڏجي کائو کائڻ وهندا آهن تڏهن اُنهن مان هڪڙو يا ٻه واري سان هرڪو ٻين کي لطيفا ٻڌائيندو آهي جنهنڪري اهڙي خوش طبعي ٿيندي آهي جو هر ماڻهو ته مزي سان پيٽ ڀري کائيندا آهن ۽ کل خوشيءَ ۾ هاضمو ته چڱو ٿيندو اٿن..."

ديوان صاحب پنهنجي پستڪ "ٽهڪ تي ٽهڪ" جو ٻيو ڀاڱو ته ڇپائڻو ڪيو هئو پر شايد اُهو سنڌي ساهتيه جي ٻين ضروري پستڪن جي نڪرڻ سبب نڪري ڪين سگهيو. ويچار هئم ته اِن ننڍڙي پستڪ کي دائمي صورت ڏجي.

۱۹۲۵ع سن ۾ جڏهن مان "گلستان" نالي ماهوار رسالو ڪڍندو هوس تڏهن ننڍي ٽهيءَ وارا ڪيترائي کل ڇرچي جا چٽڪا هتان هتان ڪڍي "گلستان" ۾

ڇپڻ لاءِ موڪليندا هئم، جي به پاڻ وٽ گڏ ٿيل هئم.

هاڻوڪي زماني ۾ سنڌ ۾ جاءِ بجاءِ اخبارن ۾ ۽ خاص ڪري هفتيوار ۽ ماهوار رسالن ۾ "چرچن جي چٽڪي" "مزيدار مربو" "چرچن جي ڇهر ٻهر" "کل ته سهڻن" "خوشيءَ جي خوراڪ" وغيره وغيره جهڙن سرن هيٺ ڪيتئي کل چرچي جا ٽوٽڪا پئي ڇپيا جن مان گهڻا ته انگريزي اخبارن تان ترجمو ڪيا ويندا هئا - اُهي به گهڻي ڀاڱي گڏ ٿيل رکيا هئا.

جهڙڪري ذڪر ڪيل مصالحي مان هڪڙو چڱو خاصو يڪو پستڪ جڙي پيو آهي ۽ جنهن جهڙو اڃا سنڌي ڀاشا ۾ ڪونه ڇپجي سگهيو آهي. ڪتاب جي رٿا انوکي رٿي ويئي آهي جا هرهڪ کي پسند پوندي.

مان پنهنجي ننڍڙي ڀاءُ ڀڳوان سي. ٽڏاڻيءَ جو شڪرگذار آهيان جنهن ٻارن جي ماهوار مخزن 'گلستان' سنڌ ساهتيه جي ماهوار 'گل ڦل' مدجهان اٿوا هتان هتان ڪيترائي چرچا چونڊي لکي ڏنا اٿم.

آشا آهي ته سنڌي ڀائر ننڍا وڏا استريون پرش هن پستڪ جو پورو پورو لاڀ پراپت ڪندا ۽ هرهڪ گهر اندر اُنکي جوڳي جاءِ ڏيندا.

— منوهر ڪوڙومل —

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڪِل تہ دنيا بہ توسان ڪلندي
روءُ تہ تون ئي اڪيلو رُئندين؛

جي ڪلڻ ڪلاڻ ۽ معصوميت ڀريل مذاقي گفتگوءَ کي وقت جو زيان ٿا سمجهن سي يا تہ بيوقوف آهن يا ڍونگي.

ڪلڻ هڪ وڏي نعمت آهي جنهنکي اُها عطا ٿيل آهي سو ايشور جو لاڏلو آهي ۽ جو اُها نعمت ٻين کي بخشي سگهي ٿو سو ايشور جو روپ آهي. جپاني لوڪ پنهنجا ڏک درد سداء مرڪي مٽائيندا آهن.

— هڪ وديشي ودوان

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

سوچي ڀنڊر

ڀاڱو پهريون	لطيفا	سرڳواسي ديوان ڪوڙيمل چندنمل صاحب جي "ٽهڪ ئـي ٽهڪ" (١٩٠٦ع سن ۾ ڇپايل) جا چونڊ ڪيل ١١٩ لطيفا.
ڀاڱو ٻيو	سڪيادائڪ مزيدار ٽوٽڪا	سرڳواسي شـري پرمانند ميوارام جي پرسند "جرس" جي پراڻن پرچن مان گـڏ ڪيل ١٢١ ٽوٽڪا.
ڀاڱو ٽيون	ڪل خوشيءَ جا چٽڪا	"غنچه اميد" ۽ "سنڌ وشُ" جهڙن ماهوار مخزن منجهان ڀانت ڀانت جـا چونڊيل ١٩٥ چٽڪا.
ڀاڱو چوٿون	هلڪا ڇرچا ۽ مذاقي چٽڪا	هاڻوڪي زماني جي ڏانو جا هڪ ٻن ٽڪن ۾ ڪلائيمڊز ڇرچا جي سنڌي هندي اخبارن ۾ پيا ظاهر ٿين، جي ڪيتري ڪان ڌار ڌار اخبارن مــان گڏ ڪيل آهــن.

جملي ٤١١ چٽڪا.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڀاڱو پهريون

لطيفا

(١)

هڪڙا ٻه گڏ موالي اچي پاڻ ۾ سنگتي ٿيا. ڀنگ جي نشي ۾ ٻئي ٽُٻ هئا. رات جو جڏهن سمهيا تڏهن هڪڙي جا پير ٿيا اُگهڙ ته ٻئي جا ٿيا ڍڪڻ ۽ ٻنهي جا مٿا اچي پاڻ ۾ گڏيا. ڪنهن مهل اُنهن مان هڪڙي کي اچي ٿي مٿي ۾ ڪرهڻ، سو پنهنجي سنگتيءَ جي مٿي کي پنهنجو مٿو سمجهي لڳو کنهڻ ۽ اُنهن تي سندس سنگتي جاڳي چوڻ لڳو ته، اَدا، هي ڇا ٿو ڪرين، منهنجي مٿي کي ڇو ٿو کنهين؟ تڏهين هن مواليءَ چيو ته جي اهو تنهنجو مٿو آهي ته ڀلا منهنجو ڪاڏي ويو؟

(٢)

هڪڙي ماڻهوءَ کي هڪڙي هنڌ ٽي جڻا ڏسڻ ۾ آيا جن مان هڪ پئي نچيو ٻئو پئي رنو ۽ ٽيون ڪنڌ هيٺ ڪري ڳڻتيءَ ۾ ويٺو هئو. هو ماڻهو ڀرپائين اُنهيءَ وٽ ويو جو نچيو ٽپيو پئي ۽ وڃي پڇيائينس ته، اَدا، تو ڇا لڌو آهي جو اهڙيءَ خوشيءَ ۾ آهين؟ هن ورندي ڏني ته آءٌ اُنهيءَ ڪري نچان ڪڏان ٿو جو

مٿھنجي جوءِ مري ويئي آھي. پوءِ وري انھيءَ وٽ ويو جنھن رنو ويٺي؛ ان کان پڇيائين تہ توسان ڪھڙي ويڌڻ آھي جو رئين ويٺو؟ ھن ورندي ڏني تہ ڪالھ پرڻيو ھئس، اڄ زال اھڙو حيران ڪيو اٿم جو رئڻ ڌاران رھي نٿو سگھان. پوءِ ويو انھيءَ وٽ جو ڌرتيءَ ۾ سر جھڪائي ڳٽيءَ ۾ ويٺو ھو.

انھيءَ کان پڇيائين، ادا، توسان تہ خير آھي. ھن ورائي ڏني تہ ھن ٻنھي جو حال ڏسي انھيءَ ڳٽيءَ ۾ ٻڌي ويو آھيان تہ آءٌ ڪئن ڪريان، پرڻجان يا نہ پرڻجان.

(٣)

ھڪڙي پادريءَ ٻيٺي ڪنھن ڳوٺاڻي کي سمجھايو تہ جي اوھين ماڻھو گناھ کان پاسو نہ ڪندؤ تہ نرڪ ۾ ويندؤ ۽ اتي ڏاڍا ڏک ڏسندؤ. ياد رکو تہ اتي پوائتي اوندھ آھي، اتي گندڪ سڙندو آھي ۽ باھ جا مچ ٻرندا آھن. ڳوٺاڻو اھا ڳالھ ٻڌي چوڻ لڳو، سائين، اسانکي تہ اھا ڳالھ وسھڻ ۾ نہ ٿي اچي تہ ڀلا جتي باھ ٻرندي ۽ گندڪ سڙندو اتي اوندھ ڪيئن ٿيندي؟ اسانکي اوھانجي ڳالھ دل سان لڳي نہ ٿي پوءِ اسين مڃون ڪئن؟

(٤)

ھڪڙي امير پنھنجي نوڪر کي خوشيءَ جي ولھ

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

دلاسو ڏنو ته آءٌ توکي هڪڙي قيمتي شال ڏيندس. انهيءَ دلاسي ڏيڻ کانپوءِ هو نوڪر جڏهن جڏهن سندس سامهون ايندو هئو تڏهن هو منهن ڦيرائي ڪٽي ٻئي پاسي ڪندو هئو. هڪڙي ڏينهن اُن کي سامهون ايندو ڏسي، انهيءَ نوڪر کان پڇيائين ته هنجو ڪنڌ هميشه ڏنگو ڇو ٿو رهي؟ هن ورندي ڏني ته سائين هن ته ڪنهنکي شال جو دلاسو ڏنو هوندو.

(٥)

هڪڙي جوتشيءَ هڪڙي ڳوناٽي کي چيو جنهن آءٌ گذريل وقت جون ڳالهيون ٻڌائي ٿو سگهان، تنهن ايندڙ وقت جو سمورو حال به چئي سگهندو آهيان. جيڪي پڇين جهٽ چئي ٻڌايان. ڳوناٽو هن جوتشيءَ کي پنهنجي گهر وٺي ويو ۽ در ٻائي خوب سوٽين سان پوڄا ڪيائينس. برهمڻ گهوڙا گهوڙا ڪري پڪارڻ لڳو ۽ هنکي ڇپائين، هچارا، تون مون برهمڻ کي ڇو ٿو مارين ۽ سو به ري گناهه؟ ڳوناٽي ورندي ڏني، مهاراج! تو جي مون سان ڪوڙ ڳالهايو آهي ته اها ڪوڙ جي سيکت الئي ۽ جي تو مونکي سچ ٻڌايو هئو ته پوءِ جاٽي ٻجهي هتي نون مار کائڻ ڇاڪاڻ لي آئين؟

(٦)

هڪڙي وڏيري وٽ هڪڙو ڇرچائي ويو. وڏيرو هئو ٻخيل. نوڪر اچي اشارو ڏنس ته ماني تيار آهي.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

وڏيري مهمان کي چيو تہ معاف ڪجو مان ٻاهران ٿي ٿو اچان. هي رنڌڻي ۾ ويو ۽ ٽڪر ۾ ماني کائي گرڙي ڪري موٽيو تہ اتفاق سان ڏاڙهيءَ ۾ هڪڙو جانور رهجي ويس. مهمان پڇيس تہ اوهين ڪيڏانهن ويا هئا؟ وڏيري چيو تہ پاڻخاني ۾ ويو هوس. چرچائيءَ چيو، اها ڳالهہ ٺهي؛ سائينءَ جي سونهاريءَ ۾ جو هڪڙو ڪينئو چنبڙيو پيو آهي سو اُتاهون لڳو آئو.

(٧)

هڪڙي چوڪيدار کان ڪنهن پڇيو تہ رات جو، خبردار رهو، ائين ڇو چوندو آهين؟ هن ورندي ڏني تہ پنهنجي جاڳڻ جي ثابتيءَ ڪاڻ ائين پڪاريندو آهيان نہ تہ چوريءَ جو مان ذميوار نہ آهيان.

(٨)

ڪاشيءَ ۾ هڪڙو انڌو بيراڳي سڄ گرهڻ مهل ڪنهن گهاٽ تي ويٺو هئو ۽ پيڙا ويٺي کاڌائين. هڪڙو پنڊت اُتي آيو تنهن ڏسي چيس تہ ساڌو جي، هي انڌير ٿو ڪرين جو گرهڻ مهل ويٺو کائين. ساڌوءَ ورندي ڏنس، مهراج! منهنجي لاءِ تہ ٻارهوئي گرهڻ آهي.

(٩)

هڪڙي ميراسيءَ کان ڪنهن سڪر ماڻهو پڇيو تہ، تنهنجو نالو ڇا آهي؟ ميراسيءَ چيو تہ منهنجو نالو آهي

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

”اَنور“ - هن چيو، واه ڀيلي ڏالو ته، ڏاڍو چڱو رکيو آهي. ميراسيءَ چيو، سائين، اوهانکي پسند هجي ته اوهين ڪٽي رکو، آءٌ ٻيو ڳولي ڪٽي رکندس.

(١٠)

هڪڙي مورکه برهمڻ جي گهر ۾ ڪيرٽي رڌي هئي؛ جڏهن کائڻ ٻه ڇيو، تڏهن پٽهنس جي ڪٽوري ۾ سرس ڪيرٽي پئجي ويئي، برهمڻ پٽ جي ڪٽوري ۾ وڌيڪ ڪيرٽي ڏسي برهمڻيءَ کي چوڻ لڳو ته، تنهنجو پيار آءٌ کين هيءُ جو هنکي گهڻي ڪيرٽي وجهي ڏني آٿي. اِنهيءَ تي پٽهنس کي مٺيان لڳي؛ پيءُ کي چيائين، بابا، مونکي ذرو وڌيڪ؛ مليو ته ڇا ٿيو؟ هيءَ ماءُ به منهنجي آهي، تنهنجي ته کين آهي. مڙس ۽ پٽ جو ڳالهائڻ ٻڌي برهمڻيءَ کي پلا مات ڪئن اچي؟ سا ڪڙڪو ڪري چوڻ لڳي، ڏسو ته سهي، چوي ڇا ٿو، پٽ منهنجو هيءُ آهي کين تون آهين، جو هجا ڪتا وينو پائين؟

(١١)

هڪڙو ڪوري هٿوسو ڪنهن ڪرسان ٻئي ڪنهن ڳوٺ ۾ ويو. اُتي بيمار ٿيو. ۽ اوچتو ئي مري ويو. هنجي مرڻ جي سڌ جڏهن سندس گهر پهتي، تڏهن پاڙي جون زالون ڪورياڻيءَ سان پرچاڻي ڪرڻ آيون. ڪورياڻيءَ انهنکي چيو، ادبون، ويچارو اڌ ته جيئري

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ئي قبر ۾ پيو رهندو هئو، ڪو لوڏو اچي ويو هوندس ۽ گهرڪي سڄو ئي وڃي قبر ۾ پيو هوندو.

(١٢)

ڪنهن وڏي ماڻهوءَ وٽ هڪڙو اندو آفيمي نوڪر هئو، تنهنجو ڪم هئو گهوڙي جي مالش ۽ سنڀال ڪرڻ. هڪڙي ڏينهن گهوڙو ڪڙهه ڇڙي ٻاهر نڪري ويو ۽ هڪڙو گڏهه اُنهيءَ هنڌ اچي بيٺو. آفيمي وقت تي ڪرڪٺو ۽ صافو کڻي گهوڙي کي مهٽڻ آيو ۽ گهوڙي واريءَ جاءِ تي هيڏي هوڏي هٿ ڦيرايائين ته گڏهه کي وڃي هٿ لڳس. گڏهه کي گهوڙو سمجهي مهٽڻ لڳي ويو. اچا گهڙي کن نبري ته مالڪ سواريءَ لاءِ گهوڙو گهريو. آفيمي جهٽ اُنکي سنجي وڃي حاضر ڪيو. مالڪ گڏهه کي ڏسي ٽپي ٻاهر ئي ويو ۽ چيائين اُندا آفيمي، هي ڇا، گڏهه ڪاهي آيو آهين؟ آفيميءَ هٿ جوڙي ويني ڪئي، ٻخاوند، گڏهه ته ڪيهي، باقي مالش تمام گهڻي ٿي اٿس تنهنڪري شايد گسي گسي ائين ٿي ويو آهي.

(١٣)

هڪڙو غريب ماڻهو ڪنهن ڏاڙهل وٽ ويو ۽ وڃي چيائينس ته ڪا نوڪري هجي ته مونکي ڏيو. ڏاڙهل پڇيس ته تو اڳي ڪٿي نوڪري ڪئي آهي؟ هن وراڻي ڏني، ته سائين ۴ ورهيه پوليس ۾ هئس ۽

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

٦ ورهيه رهيو آهيان وڪيلن وٽ. اِها ڳالهه ٻڌي هن
چيو تڏهن تون بيشڪ منهنجي ڏانءُ جو آهين. پوليس
۽ وڪيلن کي مان ڌاريو نه. سمجهندو آهيان، اُنهن ۽
اَسانجي وچ ۾ ويڇو ڪونهي.

(١٤)

هڪڙو ماڻهو پرائي باغ ۾ گهڙي ويو ۽ اُتي ڪو
ماڻهو نه ڏسي ڊاک چڙهي ويهي کائڻ لڳو. ايتري ۾
باغ جي مالڪ ڏسي ورتس ۽ رڙ ڪري چيائينس ته
اڙي چا تو ڪرين؟ هن ورندي ڏني ته ٻورو ٽڪڙو
آيو هئم سو ٽپي ڪيم. باغ جي مالڪ پڇيس ته ڪٽي
ٻورو ڪيو اٿيئي؟ هن اُمالڪ ڳانو ڇيٽو هٿ ۾ ڪڍي
چيو اجهوا. هن چيو، مورکه، هي ته ڳانو ڇيٽو آهي.
هن چيو، سائين، ڇيٽو ته ڪينهي پر توهانجي ڊپ
کان ٽڪڙ ۾ گٺو جي ڇيٽي وانگيان نڪري پيو ته اُنم
منهنجو ڪهڙو ڏوهه ٿيو؟

(١٥)

هڪڙي اِنسپيڪٽر امتحان وٺندي ڪنهن شاگرد
کان پڇيو ته جئن ندين جي اُٿل ٿيندي آهي تئن
سمنڊ ۾ اُٿل ڇو ڪين ٿي ٿئي؟ اُن وديارٿيءَ ورندي
ڏني ته سائينءَ پنهنجي قدرت سان ٿري ۾ گهڻا مٿل
ڪڪر پوکي ڇڏيا آهن سي انجو پاڻي چوهي ٿا وڃن
جنهنڪري سمنڊ جي ٻوڏ نه ٿي ٿئي.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(١٦)

ڪنهن ماڻهوءَ تي ڪورٽ ۾ گندگي ڪرڻ جو مقدمو هليو. ماجسٽريٽ هنڪي حڪم ڏنو تہ مقدمي جي صفائيءَ لاءِ شاهد حاضر ڪر. هن ٽي ينگي ۽ ٽي بهشتي وٺي وڃي حاضر ڪيا. ماجسٽريٽ پڇيس تہ ينگي ۽ بهشتي ڇا لاءِ آندا اٿئي؟ هن وراڻي ڏني، حضور، ينگين ۽ بهشتين کان وڌيڪ صفائي وري ڪير ڪندو؟

(١٧)

نادر شاهہ ۽ محمد شاهہ بادشاهہ هڪڙي ڏينهن ڳالهيون ويٺي ڪيون؛ اتي نادر شاهہ پڇو تہ جي زال هجي هندي ۽ مرد هجي افغان تہ هنسجو ٻار ڪهڙو ٿيندو؟ محمد شاهہ تہ ڪجهو ٿي ڪين پر سندس وزير هٿ ٻڌي عرض ڪيو، خاوند، اُنهن جو ٻار ڏاڍو نادر ٿيندو.

(١٨)

هڪڙو واڻيو جو ڪنهن ڪاميٽيءَ جو ميمبر مقرر ٿيو هئو سو ويو صاحب جي سلام تي. صاحب چيو تہ اڄ اسانکي فرصت ڪانهي؛ سڀاڻي ڏهين وڳين مهل اچڄ تہ توکان حال احوال وٺنداسون. واڻئي چيو، ست وچن. صاحب سمجهو تہ چوي ٿو تہ سڀاڻي ست بڄ اچان؛ تنهنڪري ڪاوڙ جي منهن گهنجائي چوڻ لڳو،

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

يو ڏنہ، ڏينهن ٻجي اچ ۽ سٺين وڳي مهل اسانکي
ميم صاحب سان گڏجي ٻاهر وڃڻو آهي.

(١٩)

هڪڙو ڪوري ۽ جوٽس اونهاري ۾ مٿي ڪڏ تي
ڪتولا وجهي سمهيا پيا هئا. ڳالهين ڪندي جوٽس
چيو تہ اسانکي سائين پٽڙو ڪٽي ڏني تہ، انهيءَ لاءِ
ڪتولو جيڪر ڪٽي وجهجي. ڪوريءَ چيو تہ، تون
پنهنجو ڪتولو ٿورو اِيڏاهين سيرائين آءٌ ٿورو هيڏي
سيريان تہ جاءِ ٿي پوي. ڪورياڻيءَ چيو تہ، سائين
ڏينهن ڏئيس ڇوڪر وڏو ٿئي ۽ پرڻجي تہ هنجي ونئي
جي ڪتولي ڪاڻ بہ جاءِ کپي، سو تون پنهنجو ڪتولو اڃا
ٿورو اڳتي سير ۽ آءٌ ٿورو اڳتي سيريان تہ جاءِ ٿي
پوي. ائين ڪندي ٻنهي ڪتولن جا پاوا هيٺ
سرڪي ويا ۽ ٻئي ڌُو وڃي هيٺ پيا. ٻنهي جا هڏ
گڏ ڀڳا، تڏهن ٻئي روئي چوڻ لڳا، اللہ سائين! اسان
پٽ جي پچر ئي ڦٽي ڪئي، اَهڙو پٽ ئي گهوريو
جنهن ڪري مائٽ اَهڙا ڏک سهن.

(٢٠)

ولايت ۾ ڪنهن ماڻهوءَ جي شادي ٿيڻي هئي.
دستور موجب شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ سڀني دوستن
کي هن ڪانڌ ڏني. انهيءَ ڏينهن اتي گهوڙن جي
شرط هئي تنهنڪري سندس ڪيترن دوستن لکيو

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

تہ اسانجو شاديءَ تي اچڻ تي ڪين سگھندو مگر ٻڪ
جاٽجو تہ اسانجو روح شاديءَ جي موقع تي اوهان وٽ
موجود هوندو. ٻيبيءَ اِنهن خطن جو مضمون ٻڌي
چيو، خدا خير ڪري! ٿڌهن سڀي جاءِ ٻوٽن سان
ڀرجي ٻوندي.

(٢١)

هڪڙي درزيءَ وٽ ڪي ڇوڪرا ڪم سکندا
هئا، اُنهن مان هڪ ڇوڪر جيڪو ڏاڍو چلولو
هئو، سو هيڏي هوڏي ٻيو نهاريندو هئو. هڪڙي
ڏينهن هنکي هيڏي هوڏي نهاريندو ڏسي درزيءَ
چيو، شيطان! ڪرين ڇا ٿيو. ڪم سکڻ تو اچين ڪين
منهنجو منهن ڏسڻ؟ ڇوڪر جهٽ وراڻي ڏني، استاد،
جنهن توهان جو منهن ڏٺو هوندو تنهن سوئر جو ڏٺو
هوندو، اوهين ناحق تا ڪاوڙ ڪريو.

(٢٢)

هڪڙي پير وٽ هڪڙي پورهيت هئي سا نماز
۽ روزي کان ونءُ ويندي هئي پر گھر ۾ ورکندڙ
ماڻهو جڏهن اَئي عصر کندا هئا، ٿڌهن هيءَ کائڻ
کان ڪڏهن ڪين گسندي هئي. پير صاحب چيس،
اڙي! تون جڏهن روزو نٿي رکين ٿڌهن فجر جو کائڻ
ڇو ٿي کائين؟ پورهيت وراڻي ڏني، سائين! ٿڌهن
اوهانجي مرضي آهي تہ هيڪاري ڪافر ٿي ٻوان.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

روز و اڳيئي نٿو پڇيم باقي عصر به نه ڪريان ته پاڻ
تي بيٺو گناهه چاڙهيان ۰

(٢٣)

هڪڙي ماستر پنهنجي هڪڙي سست شاگرد کي
ڪجهه سمجهائيندي ائين چيو ته آءٌ جڏهن تو جيڏو
هوندو هوس تڏهن تمام اوکا سوال حل ڪندو
هوس. شاگرد وراڻي ڏني ته سائين جن جو اُستاد
اهڙو قابل هوندو ؛ منهنجو اهڙو قابل نه آهي ته پوءِ
آءٌ ڇا ڪريان؟

(٢٤)

هڪڙي ماڻهوءَ تي گهڻو قرض هئو، تنهن کي ڪنهن
چيو ته بيلي توکي رات جو ننڊ ته ڪانه هوندي. هن
وراڻي ڏني ته مان ڏاڍي فرحتي ننڊ ڪندو آهيان،
مگر مان ڀانيان ٿو ته منهنجي لهڻيدارن کي ننڊ ڪانه
هوندي ۰

(٢٥)

هڪڙيءَ ننڍڙيءَ ڇوڪريءَ ماءُ جي متي ۾
هڪڙو اڇو وار ڏسي ماءُ کي چيو اما، تنهنجو هڪڙو
وار ڇو اڇو ٿي ويو آهي؟ ماڻس وراڻي ڏني ته ڌيءَ
تون مونکي گهڻو ڪهائيندي آهين، تڏهين وار اڇو ٿيو
اٿم. ڇوڪريءَ چيو امان، مون هاڻي سمجهو آهي ته
نانيءَ جا وار جو اڇا ٿي ويا هئا سو انهيڪري جو

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ٽنڊي هوندي تو هنکي تمام گهڻو ڪمايو هوندو.

(٢٦)

هڪڙي مسلمان ڪنهن وڏيري کي چيو آءٌ حج تي ٿو وڃان. وڏيري چيو نيڪيءَ کي ڪا منع آهي؛ اُهڙي ڀلي ڪم ۾ ڪير اڙهو ٿيندو. هن چيو مون وٽ خرچ ڪونهي، سائين ڪجهه مدد ڪريو. وڏيري وراڻي ڏنيس ته تون چٽل آهين، سچي ماڻهوءَ تي حج ڪرڻ جو ڀار آهيئي ڪونه

(٢٧)

هڪڙو ڀلومانس مسافري ڪندي ڪنهن ڳوٺ ۾ سنوارت جوڙائڻ ويو. پڇائي حجام جو گهر وڃي لڌائين ۽ هنکي چيائين ته منهنجي سنوارت جوڙ. حجام رنبي ڪٽي پٿر تي لائڻ اچي ويٺو، مسافر چيس، هي ڇا ٿو ڪرين؟ توکي مون سنوارت جوڙڻ ڪاڻ چيو آهي، گاه ڪرڻ ڪاڻ ڪونه چيو اٿمانءِ. حجام ورندي ڏني، سائين، توهانکي سڪر ماڻهو ڏسي هي اوزار لائڻ ويٺو آهيان، نه ته مون وٽ جيڪي ڳوٺ جا ماڻهو سنوارت لاءِ ايندا آهن، تن جا وار ته، آءٌ ڇهن سان پٽي ڪڍندو آهيان.

(٢٨)

هڪڙي زال ڪنهن ڪورٽ ۾ شاهدي ڏيڻ ويئي. ماجسٽريٽ عمر پڇيس. چيائين، منهنجي عمر آهي ٽيهه

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ورهيه. ماجسٽريٽ چيو، مونکي پڪي يادگيري آهي
ته پنجن ورهين کان اڳ تون آئي هئينءَ شاهدي ڏيڻ
تڏهن به تو ساڳي ٿيهه ورهيه عمر لکائي هئي. پنجن
ورهين گذرڻ کانپوءِ به تنهنجي اِها ساڳي عمر ڪئن
ٿي؟ زال وراڻي ڏني، حضور، اُهي ٻيا ماڻهو آهن
جي هڪ پيري هڪ ڳالهه ڪن، ٻئي پيري ٻي ڳالهه
منهنجي هميشهه لاءِ هڪ ڳالهه آهي.

(۲۹)

هڪڙو صاحب جڏهن کائڻ ويٺو، تڏهن ٻٽلر سوُپ
(شوُروو) آڻي ميز تي رکيو. صاحب اچا رڪابي لاٿي
ته سوُپ ۾ ٻه مکيون پيلون ڏٺائين. ڪاوڙ جي ٻٽلر کي
چيائين، هي ڇا؟ ڏس سوُپ ۾ ٻه مکيون پيون آهن.
ٻٽلر وراڻي ڏني حضور، مڙيئي پنج مکيون هيون،
صاحب حڪم ڏنو هئو ته، ميم صاحب کاڻ هميشهه
زيادهه حصو رکجي، تنهنڪري ٽي ميم صاحب کاڻ
رکيون آهن ۽ ٻه صاحب جي سوُپ ۾ آهن. صاحب
ناحق تو مون تي غصو ڪري، مون حڪم نه ٽوڙيو
آهي.

(۳۰)

هڪڙو عامل پيمايش جي نوڪريءَ لاءِ اُميدوار
هئو، مگر هئو ڪاڻو، تنهنڪري سرٽيفڪيٽ آڻڻ
کاڻ ڊاڪٽر ڏانهن موڪليو ويو. ڊاڪٽر پيمايش واري

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

صاحب ڏي لکي موڪليو ته هـيءُ ماڻهو چالاڪ ۽ مضبوط آهي پر هڪ اک اٿس. صاحب چيو تـه توکي هڪ اک آهيئي ڪانه، اسين توکي نوڪريءَ ۾ ڪيئن رکون؟ اميدوار ورندي ڏني ته حضور کي خبر آهي تـه پيمائش ڪرڻ وقت شست لڳائڻ مهل هڪ اک اوس بند ڪرڻي پوندي آهـي؛ منهنجي هڪ اک پاڻيهي بند ٿيل آهـي تنهنڪري پيمائش جـي ڪم لاءِ آءٌ ٻين اکين وارن کـان وڌيڪ ڏانءُ جـو آهيان ۽ حضور اڳيئي مونکي قبول ڪندا. صاحب اِها ورندي ٻڌي کل ۾ پئجي ويو.

(۳۱)

هڪڙو ٻهراڙيءَ جـو واڻيو هئو سو جڏهن فصل کڻندو هئو تڏهن هڪڙي برهمڻ کي گهر گهرائي جپ ڪرائيندو هو ۽ تنهنکي ڏڪڻا ڏيندو هئو. هڪڙي سال فصل ڪاٻارجي پيو تنهنڪري هن برهمڻ کي گهرايوئي ڪين. برهمڻ هن واڻئي وٽ ويو ۽ چيائينس ته اڄ چـو هيلهه اسانکي وساري ڇڏيو اٿئي؟ واڻئي ورندي ڏنـيس، مهراج، هن فصل ۾ توري ڪپاهه ساڳي آهي باقي اَن جو ٿيو پلو. برهمڻ چيو، واه جي واه! ڪپاهه جي داڻن جهڙو ورڻي ڪو ٿيو. تو ٻڌو ڪين آهي ته اَن جي داڻن کان ته ڪپاهه جو داڻو وڌيڪ آهي. تون هميشه وانگر جپ ڪرائڻ کان نـه گس. واڻيو هئو ويچارو وسوڙل

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

سو ڪونيءَ مان ڳچ جيتري ڪپاهه ڪڻي آيو ۽ برهمڻ
کي چياءِ، مهاراج! اِجها هي ڪپاهه، وٺهي ڪريو جپ.
برهمڻ چيس ته، جڏهن آءٌ شلوڪ پڙهي سهاءُ چوان
تڏهن تون پنهنجي هٿن سان ڪپاهه ڪڻي پٺئي پاسي
اُڇلائيندو وڃج ۽ ايتري خبرداري ڪج جو وري
پٺتي نه نهارج نه ته سڀ دان نهفل ٿيندءِ. پوءِ برهمڻ
ويو شلوڪ پڙهندو جڏهن هن سهاءُ ٿي چيو تڏهن هو
پنهنجي هٿن سان ڪپاهه ويو پٺتي اُڇلائيندو. ايتري ۾
اُنهيءَ ڳوٺ جو برهمڻ آئي اچي نڪتو تنهن اُهو رنگ
ڏسي چيو ته، اسان اهڙو جپ ڪڏهن ڪونه ڏٺو.
برهمڻ ڏنو ته، متان هي منهنجي ڪم ۾ ڀڃڪ وجهي
۽ ڪپاهه هٿ مان هلي وڃي، تنهنڪري ڪا ڪيڏ
ڪجي ته چڱو. ڳوٺ جي برهمڻ ڏي نهاري چيائين،
"چپ گرو ويم مستو واچنگ. اڌو اڌ سواها."

(٣٢)

هڪڙي امير پنهنجي بورچيءَ کي ڪڪڙ پچائڻ
جو حڪم ڏنو. جڏهن ڪڪڙ پچي تيار ٿيو تڏهن
بورچيءَ جي دل سرڪي ويئي، تنهنڪري ڪڪڙ جي
هڪ جنگهه پٽي کائي ڇڏيائين. جڏهن امير پڪل
گوشت گهريو ۽ بورچيءَ آڻي اڳيان رکيس تڏهن
ڏٺائين ته هڪ ٽنگ آهي ڪانه. بورچيءَ کان
پڇائين، تنهن چيو ته ڪڪڙ کي اصلي هڪ ٽنگ هئي.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

امير ڪاوڙيو ۽ ٻورچيءَ کي گهٽ وڌ ڳالهايائين. هڪڙي ڏينهن گهمندي ٻورچيءَ هڪڙو ڪڪڙ ڏٺو جو هڪ ٽنگ لڪائي بيٺو هو. امير کي ٻوڙي چيائين، سائين، اوهانکي اِنهي ڏينهن ويسهه نٿي آيو، هاڻي هيءُ هڪ ٽنگو ڪڪڙ ڏسو. امير لڪڻ سان ڪڪڙ کي ڌيڪاريو ته ڪڪڙ لڪايل ٽنگ ٻاهر ڪڍي اُٿي ڀڳو. امير چيو، احمق، هاڻي ڇا ٿو چئين؟ ٻورچيءَ چيو، سائين اِها حڪمت اوهان اُنهيءَ ڏينهن ڇو نه ٿي هلائي، ڪنهن جهليو هُوَ ڇا؟

(٣٣)

هڪڙو ماستر هو ڪاٺو، تنهن جياگرافي سيکاريندي ڇوڪرن کي ويٺي چيو ته لنڊن جو شهر ايڏو آهي جو ريڳو ڪو ائين مٿاڇرو گهمي ڏسي ته به ١٥ ڏينهن لڳي وڃنس. تنهن تي هڪڙي حرڪتي ڇوڪر پڇس، سائين، ١٥ ڏينهن گهمڻ ۾ اوهانکي لڳندا يا اسانکي؟ ماستر چيو، اِهو سوال ڇو ٿو پڇين؟ هن ورندي ڏني ته جي سائينءَ کي ١٥ ڏينهن لڳندا ته اسين ساٻن سٺن ڏينهن ۾ ڪين گهمي سگهنداسون؟

(٣٤)

هڪڙي انگريز ڪنهن پٺاڻ سان ڳالهين ڪندي چيو ته پٺاڻ پئسي جو غلام آهي، جيڪو رپيا ڏئيس تنهن ڏي ٻوڙي. پٺاڻ اِها ڳالهه ٻڌي چيو، انگريز

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

لوڪ ڪڻن آهن؟ انگريز ورندي ڏني ته انگريز اوڪ عزت ڪاڻ لڙندا آهن ۽ نه پئسي ڪاڻ. پناڻ چيو صاحب، اسين ۽ اوهين ٻئي اُنهيءَ شيءِ ڪاڻ وڙهندا آهيون، جا اسان توهان وٽ ڪانهي.

(٣٥)

هڪڙو مسافر ڪنهن مهمان سراء ۾ اچي لٿو. پر ۾ هڪڙو نانوائي هئو تنهنکي هڪڙي ماڻهوءَ جي ماني جوڙڻ ڪاڻ ڇيائين. نانوائيءَ چيس ته هتي هڪڙو ماڻهو آهي سو جيڪو مسافر اچي لهي، تنهن سان هرويرو ڳانئي بازي ڪري گڏ کائڻ ويهي رهي؛ تنهڪري ٻن ماڻهن جي ماني جوڙايو. مسافر اها ڳالهه نه مڃي. جڏهن ماني ليار ٿي ۽ هو کائڻ وينو، تڏهن اُهو ماڻهو ۾ اچي سهڙيو ۽ جڙي جڪي اچي ساڻس کائڻ وينو. کائڻ ۾ هٿ وڌائين ته مسافر هٿ کان وٺـــي کڻي جهليس، ته وري ٻيو هٿ وڌائين، ٻيو هٿ ۾ جهليانس ته ٻوٽ کڻي رڪابيءَ ۾ وڌائين. مسافر کي لڳي چڙ، سو دهل کڻي مٿي تي هيائينس. تنهن تي هن چيو ته نديي هوندي اما ۾ مونکي ماني اُهڙن لاڏن ڪوڏن سان کارائيندي هئي. مسافر اچي کل ۾ پيو، هن کي لڳي ساچي، سو ٻئيل ماني کائي چٽ ڪري ويو.

(٣٦)

هڪڙو غريب ماڻهو ڪنهن وڏي درجي کي وڃي

رسيو. ڪنهن وقت پٽس رلندو پنندو ونس اچي
نڪتو. هن ڇهڇهو آدرياءُ ڪيس ۽ پنهنجي ڪمت تي
ڪڍي وهاريائينس. درٻارين مان ڪنهن پڇيس ته هي
ڪير آهي؟ هنجي خواب حالت ڏسي هنڪي پيءُ سڌو
ڪان لڄ آيس، سو چيائين ته هيءُ منهنجو آشنا آهي.
پٽس کي لڳي جا ڪاوڙ، سو اُٿي ڪري ويو ۽ چوندو
هليو ويو ته هيءُ ڪوڙ ٿو چوي، آءٌ هنجو آشنا ڪين
آهيان مگر ماٽس جو آشنا آهيان.

(٣٧)

ايران جي شاه جي ايلچيءَ کان توران جي بادشاه
پڇيو ته توهانجو شاه ڪئن آهي ۽ منهنجي باد شاهت
ڪئن ٿو ڀانئين؟ ايلچيءَ وراڻي ڏنس ته سائينءَ جي
بادشاهت آهي چوڏهيءَ جي چنڊ وانگر ۽ اسانجي
شاه جي بادشاهت آهي هلال جي چنڊ وانگر. توران
جو بادشاه اهو جواب ٻڌي خوش ٿيو. جڏهن پنهنجي
ملڪ ايران ڏي موٽي ويو تڏهن ايران جي شاه پڇيس
ته منهنجي بادشاهت کان توران جي راڄ جي سرسي
ڪئن ڏيکاريئه.

ايلچيءَ چيو، سائين چوڏهيءَ جو چنڊ ڏينهان
ڏينهن ويندو آهي گهٽندو ۽ هلال ويندو آهي ڏينهان
پوءِ وڌندو تنهنڪري بادشاه توران جيکي اهو جواب
ڏنو هوم.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٣٨)

هڪڙي نواب تماشي ۾ وڃڻ وقت پنهنجي هڪ نوڪر کي چيو ته پان واري کان ٽڪي جا ۴ پان وٺي تماشي واريءَ جاءِ ۾ مونکي اڳيان اچي ملي رهجِ؛ پوءِ جڏهن آءٌ هون ڪريان، تڏهن هڪڙو پان ڪڍي مونکي ڏجِ ۽ پيري پيري سان هون ڪرڻ تي مونکي هڪ هڪ پان ڏيندو وڃجِ. نوڪر ٽڪو ڏيئي تنبوليءَ کان چار پان ورتا ۽ سوچي دل ۾ چيائين ته هن مان پلا نواب صاحب جو پيٽ ڀربو. سو اُهي موٽائي ڏيئي نانوائيءَ کان ٽڪي جون چار مانيون وٺي ڪپڙي ۾ ويڙهي نواب صاحب اڳيان وڃي ويهي رهيو ۽ جڏهن هن هون ڪيو، تڏهن اُماڪ هڪ ماني ڪڍي ڪٽي منهن ۾ ڏنائينس. نواب صاحب ڪاوڙجي هڪي چيو بيوقوف اُلوُ هي ڇا آهي؟ نوڪر چيو، سائين، ڪاوڙ ڇو ٿا ڪريو؟ ٻيون ٽي روٽيون به آهن. اِهي کائي ڪين ويو آهيان.

(٣٩)

ڪو واڻهڙو ڪنهن نانوائيءَ کان پئسي جو ٻوڙ وٺي ويهي ماني کائڻ لڳو. جان ڏسي ته ٻوڙ ۾ مک پيئي آهي. نانوائيءَ کي چيائين، ڏس ٻوڙ مان مک نڪتي آهي نانوائيءَ ورندي ڏني ته پئسي جي ٻوڙ مان مک نه نڪرندي تنهن هاٿي نڪرندو ڇا؟

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(۴۰)

هڪ فقير پنهنجي مرشد وٽ ويندو هو. مرشد چيس ته شاديءَ بنا دنيا جو مزو ڪهڙو آهي. فقير فڪر ۾ پئجي ويو ۽ ننڊ وٺي ويس. تنهنڪري اُتيئي تلاءَ جي پر تي ليٽي رهيو. ننڊ ۾ سپنو ڏٺاءِ ته شادي ڪئي اٿم ۽ پٽڙو ڄائو اٿم ۽ آءٌ پنهنجي زال ۽ پٽ سان سمهيو پيو آهيان ته زال ٿي چئيم ته پريرو سر جو ڇوڪر ٿو رُئي. آءٌ ٿورو هٽيس ۽ وري چيائين ته اڃا هٽ. ٻيهر هٽيس ته وري هٽڻ لاءِ چيائينم ۽ ٻيهر جو هٽيس ته ليٽي ڌُو وڃي تلاءَ ۾ پيس. منهنجي رڙين تي ماڻهو ڊوڙي آيا ۽ اچي ڪڍيائونم. تلاءَ ۾ ڪرڻ جو ڪارڻ پڇيائونم تنهن تي ساري ڳالهه ڪري ٻڌائيمان. حاضر ماڻهن چيو، فقير، اُلڪو نه ڪر، اسين توکي هاڻي سگهوئي ٿا پرڻايون. فقير دانهن ڪري چيو ته ابا، منهنجي توبه آهي ۽ شاديءَ جي سپني مان اِهو پاتو اٿم، سچ پچ شادي ڪندس ته الاجي منهنجي ٻاب ڪهڙي بڻجندي.

(۴۱)

هڪڙو بي علم ڇوڪر عينڪون وڪڻندڙ جي دڪان تي ويو ۽ دڪاندار کي چيائين مونکي پڙهڻ واري عينڪ کپي. دڪاندار گهڻن قسمن جون عينڪون ڏيکاريس ۽ جيڪا عينڪ پايو ڪٿي ڪتاب پڙهي ته

هنکي کجهه به پڙهڻ ۾ کين اچي. دڪاندار جڏهن ڏنو ته هيءُ عينڪون رکو اُٿلائي پٿلائي پيو ۽ وٺندو پٽيءَ کانءِ، تڏهن منهن گهنجائي پڇيائينس ته، پڙهيو ڇا آهين. ڇوڪر ورندي ڏني ته جيڪڏهن پڙهڻ اچيم ها ته پڙهڻ جي عينڪ اوهان وٽان ڇو وٺڻ اچان ها.

(٤٢)

ٻه ٻارڪي اچي پاڻ ۾ مليا. هڪڙي چيو ته، بابي جن جي ڪڙهه ايڏي وڏي هئي جو هڪ دروازي ٽائين پهچڻ ۾ ايترو وقت لڳي ويندو، جيترو گهوڙيءَ کي لڳڻ ۽ وڃيري ڄڻڻ ۾ لڳي.

ٻئي چيو ته بابا جن وٽ ايڏي ته بانس جي چڙي هئي جو ڪڏهن ورهه ۾ مينهن نه وسندو هئو ته اُنهيءَ بانس جي چڙيءَ سان آڀ ۾ ٽنگ ڪندا هئا ته، اچي مينهن وسندو هئو.

پهرئين ٻارڪيءَ پڇيو ته، پٺهي اُها چڙي رکندو ڪٿي هئو؟

ٻئي جواب ڏنو ته پٺهي جي ڪڙهه ۾ رکندو هئو.

(٤٣)

هڪڙو آفيمي نشي جي پڪيءَ ۾ ڇت ٽان هيٺ ڪري پيو ۽ نوڪر کان پڇڻ لڳو ته ڪرئين ٽون ڪين آءٌ. نوڪر ورائي ڏني، سائين جن ڪريا، آءٌ ته ڪونه ڪريو آهيان. آفيميءَ چيو ته آءٌ ڪريو آهيان ته هاءِ گهوڙا!!

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٤٤)

ٻن ڄڻن بازار ۾ پڻي مارامارِي ڪئي. پوليس وارو اُنهنکي جهلي ٿاڻي تي وٺي ويو ۽ اُتي بند ڪري ڇڏيائين. هڪڙي اُتي به شور مچائي ڏنو تنهن تي ٻئي چيس، ماٺ ڪر، هل نه ڪر ته هتان به ڪڏي نه ڇڏينِ.

(٤٥)

هڪڙي برهمڻ ڏڪڻا جي اُميد تي تلاءَ مان مٽيءَ ڏو ڪڍي واڻئي کي ڏيئي چيو، برهمڻ جو وچن پرمانڻ، هيءَ مٽي گنگا رج ڪري ڄاڻ؛ واڻيو به اوستاد جو پڙهايل هئو، تنهن چيو جو تلاءَ مان هڪڙو ڏيڏر جهلي برهمڻ کي هٿ ۾ ڏيئي چوڻ لڳو، "وئش جو وچن پرمانڻ، هيءُ ڏيڏر گئو ڪري ڄاڻ."

(٤٦)

هڪڙو خوش مسخرو واڻئي جي هٽ تي تيل وٺڻ ويو. تيل وٺي ٿانءُ هٿ ۾ ٿي کنيائين ته هٿ مان کسڪي ويس ۽ تيل سڀ هارجي پيس. واڻئي چيو اڄ ڇنڇر جو ڏينهن آهي، تيل هاريو ته پيڙا لٿي، تنهنجا پاپ ويا. مسخري چيو جو واڻئي جي تيل جي لوٽ اونڌي ڪري ٻيهي چوڻ لڳو، واه واه! تنهنجا اڳيان پويان پاپ سڀ ڪٽي ويا، تنهنجو به وڏو ڀاڳ آهي جو ڇنڇر ڏينهن توتان پيڙا ٽري آهي.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(۴۷)

هڪڙو ناڻي ڪمپنيءَ جو مئنيجر اڻ پڙهيل هو، پر هو ڪم اهڙيءَ اٽڪل سان پيو هلائيندو هو جو انهيءَ ڳالهه جي ڪنهن کي سڌ ڪانه هئي. هن وٽ هڪ ليکاري هو جو هن جو لکپڙهه جو سڀ ڪم ڪندو هو. هڪڙي ڏينهن هڪڙي گهڙيءَ جي صورتي پيئي؛ هر ڪنهن پنهنجو ڪاغذ چٽڪيءَ تي نالو لکي ڏنو؛ مئنيجر جو ليکاري اُن وقت حاضر نه هو، تنهنڪري هن ڪورو ڪاغذ ٽڪر ڪٽي رکيو. اتفاق سان گهڙي انهيءَ ڪوري ڪاغذ ٽڪر کي ملي. ماڻهن کي عجب لڳو. ايتري ۾ هن جو ليکاري به اچي نڪتو. هن اهو ڪورو ڪاغذ ڏسي چيو ته هي برابر اسانجي مئنيجر جا اکر آهن؛ آءٌ جيڪر هزارن ۾ سڃاڻي وٺان.

(۴۸)

هڪڙو ماڻهو جو سڀ مان ويڪ ڪڍندو هو، سو هڪڙي باغ ۾ گهمڻ ويو. هڪڙو انب جو وڻ ڏٺائين جو تمام وڏو ۽ ناهوڪو هو، پر ان ۾ انبڙيون اچا ننڍڙيون هيون. اهي ڏسي چوڻ لڳو ته، هي ڇا، وڻ ڪيڏو ۽ منجهس ڦر ڪيڏو ذرڙي جيڏو. اڳتي هليو ته هڪ ڪدوءَ جي ٻول ڏٺائين جنهن ۾ هڪ ڏهه سيرو ڪدو پئي لڙڪيو جو ڏسي چوڻ لڳو، ”هان، هي وري بيڙ اندير ڏسو، ڦل ڪيڏو ۽ ٻول ڪهڙي سنهڙي، هي ڪدو ٿئي انب جي وڻ ۾ ۽ انبڙيون ٿين هن ٻول ۾.“

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

باغ گهمي اُنهيءَ انب جي ڇانوَ ۾ اچي وينو. ٿڌي هير پٽي لڳي، سو ڪجهه دير ڪانهوءَ ليٽي پيو ۽ ننڊ اچي ويس. وڻ تي ڪو طوطو اچي وينو جنهن انبڙي نڪي سا هيٺ ڪري ۽ هنجي اڪ تي اچي پيئي. اُنهيءَ تي ڇرڪ ماري اُٿيو ۽ انبڙي مٿان ڪري ڏسي هوش آيس ۽ چوڻ لڳو، "سائين! ڀلو آءٌ آهيان، تون ڪين ڀلو آهين؛ منهنجي عقل موجب جيڪڏهن هن انب ۾ ڪدوءَ جهڙو ڦل هجي ها ۽ ائين مٿان ڪري پوي ها ته اڪ چٽ هجي ها پر مٿي جو به خير ڪونه هجي ها.

(٤٩)

هڪڙي ماڻهوءَ پنهنجي تصوير ڪڍائي. هو اهڙو ڪوجهو هئو جو جهڙس ڪونه هوندو. جڏهن تصوير ڪڍڻ وارو ونس تصوير کڻي آيو تڏهن هن چيو ته هن جي قيمت مان ڪجهه گهٽ ڪريو؛ ڇاڪاڻ ته شهر ۾ اهڙي تصوير ڪو به ڪونه وٺندو. تصوير ڪڍڻ وارو سياڻو هئو، تنهن چيس ته اُنهيءَ قيمت تي اوهين نه وٺندؤ ته اُنهيءَ کان به زيادهه قيمت سان وڪڻندس. هن ماڻهوءَ چيو ته مون جهڙو بيو ڪير آهي جو هيءَ تصوير وٺندو. تصوير ڪڍندڙ وراڻيو، ته مونکي کهڙي پيئي آهي جو اوهان جهڙا ڳوليندو وتان. آءٌ هن تصوير ۾ پڇ کڻي وڌائيندس ته ڏاڍي عمدي

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ان مانس (باندر) جي تصوير تي پوندي. اهـا ڳالهه
ٻڌي هوش جـاء آيس ۽ ماف ڪري پوري قيمت
ڏيئي تصوير کڻي رکيائين.

(٥٠)

هڪڙو ڪڙمي ٻني ورهي، لاڳيتو فصل ڪـاپار جڻ
ڪري پوک جي ڪم کان ڪڪ ٿـي ۽ نوڪريءَ جي
ڳولا ڪاڻ نڪتو ماڻس چيس ته نوڪري مليئي ته
پنهنجي ڌڻيءَ جي چاڪري چڱيءَ ريت ڪجانءِ ۽
۽ جڏهن هنکي خوش ٿيو ڏسين، تڏهن پگهار وڌائڻ
لاء وينتي ڪجانس. هو وڃي هڪڙي ڪاموري وٽ
نوڪر ٿيو. اهو ڪامورو گهوڙي تي چڙهي ڪچهريءَ
ڏي ويو. اتي لهي گهوڙو نوڪر کي سونپي اندر ويو.
هن گهوڙو وٺ سان ڪڻي ٻڌو ۽ پاڻ اتـي سمهي پيو.
اچي جـو چـور سو هنکي ستل ڏسي گهوڙو ڪاهي
هليو ويو. ڪامورو موٽي اچي ڏسي تـه نوڪر سمهيو
پيو آهي ۽ گهوڙو آهيئي ڪونه. هنکي اٿاري پڇيائين
ته گهوڙو ڪاڏي ويو؟ نوڪر ورندي ڏني، ياندجي
تو تـه ڪو چور ڪاهي ويو اٿس؛ پـر پڙ ڪونهي ۽
چاڪاڻ جو نوڙي چڏي ويو آهي سو هو ضرور نوڙي
ڪڻڻ ايندو ۽ آءٌ جهلي ڪڻي سوگهو ڪندوسانس. مالڪ
هنجي انهيءَ بيوقوفيءَ جي جواب ٻڌڻ کان اچـي
ڪل ۾ پيو. هنکي ماڻس جي ڳالهه ياد پيئي سو ڪلندو

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڏسي چيائينس ”سائين هاڻي منهنجو مهنو وڌايو.“

(٥١)

هڪڙو ٻيو پادري ريل گاڏيءَ ۾ ڪنهن پاسي پئي ويو. گاڏي هڪڙي اسٽيشن تي اچي بيٺي؛ تڏهن دريءَ کان مٿو ٻاهر ڪڍي هڪڙي ڇوڪر کي چيائين ته هتي پاڻي اٿئي، مونکي هڪڙو قنداري ڏاڙهون آڻي ڏي ۽ ٻيو تون وٺي کاءُ. ٿني مدت گذريا ته ڇوڪرو ڏاڙهون کائيندو موٽيو ۽ ٻه آنا موٽائي پادريءَ کي ڏيندي چوڻ لڳو، صاحب، هن وٽ هڪوئي هڪڙو ڏاڙهون هو، سو مون ورتو مانس، صاحب پنهنجا پئسا وٺي.

(٥٢)

هڪڙو ملا ڇوڪر پاڙهيندو هو. انهن مان هڪڙو ڇوڪرو ڪنهن شاهوڪار جو پٽ هو؛ تنهنکي چيائين ابا، اوهانجي گهر ۾ ڪو چڱو طعام ٺهي ته ڪجهه منهنجي ڪاڻ آڻج. هڪڙي ڏينهن اهو ڇوڪر پيالي ۾ ڪجهه کيرڻي کڻي آيو. ملا پڇيس ته ماڻهين هيءَ کيرڻي خوشيءَ سان ڏني آهي نه؟ ڇوڪر وراڻيو ڏني ته سائين، کيرڻي چلهه تي رکي هئي ۽ امان ڪنهن ڪم لاءِ رڌڻي کان ٻاهر ويئي هئي. ڪتي اچي ان ۾ منهن وڌو هو؛ تنهنڪري امان کيرڻي تي هاري. مونکي سائينءَ جو چوڻ ياد هو تنهنڪري امان کي کيرڻي

هارڻ نه، ڏنيم ته توهان جي ڪاڻ ڪٽي آيس. ملا ڪاوڙجي پيالو ڪٽي ڀڃي ڦٽو ڪيو. پيالي ڀڄڻ ڪري چوڪر اچي رڙ ڪري پيو ته چوڻ لڳو ته هيءُ ابي جي پيشاب ڪرڻ جو پيالو هئو، توهان ڀڃي ڇڏيو، هاڻي ابو مونکي ڏاڍي مار ڏيندو.

(٥٣)

ٿهمتيءَ زباني ڏيندي ماجسٽريٽ کي چيو ته آءٌ برابر چور ۽ بدمعاش آهيان مگر اسان جهڙن جو هجڻ به ضرور آهي. ماجسٽريٽ عجب ۾ پئي پڇيو ته، اوهانجي ڪهڙي گهرج اچي پيئي آهي؟ ٿهمتيءَ ورندي ڏني، سائين، جي اسين سڀ ٻڌي ڪري پنهنجو ڪم ڪٽي ڇڏيون ته حق حلال جو پورهيو ڪري ڪائون ته پوءِ سائين جن ڪٿان کائيندا؟

(٥٤)

هڪڙي ماڻهوءَ پنهنجي نوڪر کي چيو ته ٻهاري ڏيئي ٻهر مٿان ڪنڌ تان هيٺ ڦٽو ڪرڻ ته هيٺ لنگهيندڙ سڪر ماڻهوءَ جي نگاهه رکج. هڪڙي ڏينهن هوُ ٻهاري ڏيئي ٻهر هٿ ۾ جهلي هيٺ نظر ڪيو بيٺو هئو. قاضي صاحب جمع جي نماز لي ٿي ويو، تنهنڪي اُتان لنگهيندو ڏسي ٻهر ڪٽي مٿانس اُڇلايائينس. قاضيءَ گهر جي مالڪ کي دانهن ڏني؛ هن نوڪر کان پڇيو ته نياڳا، هي تو ڇا ڪيو آهي؟ هن ورندي

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڏني، سائين، توهان ڪين چيو هئو تہ ڪو سکر ماڻهو لنگهيندو هجي تہ اُنجي نگاهہ رکي ٻهر اُچليج؟ توهين ناحق ٿا مون غريب تي ڪاوڙجو.

(۵۵)

هڪڙي فقير چيو تہ، جي مونکي اَللهہ اڄ رپيو ڏياري تہ جيڪر اُن مان ۲ آنا اللهہ وات ٻين محتاجن کي ڏيان. هنکي اُنهيءَ ڏينهن ۱۴ آنا مليا، تڏهن چوڻ لڳو اللهہ سائين مونتي اعترو ويساهہ ٻہ نہ ڪيو، پنهنجو حصو پاڻيهي ڪٽي ورتائين.

(۵٦)

هڪڙي ڇوڪر ماستر کي اچي چيو تہ سائين منهنجي ڏاڏي مري ويئي آهي، مونکي موڪل ڏيو، مقام ڏي وڃڻو آهي.

ماستر چيو تہ هن سال ۾ هيءُ اٺون ڀيرو ڏاڏيءَ جي دفن ڪرڻ جي موڪل تو ورتي. تنهنجي ڏاڏين جو ٻہ شمار ئي ڪونہ تو ڏسجي. ڇوڪر چيو سائين، اسان جو ڪٽنب آهي وڏو ۽ پراڻو ۽ اُنجا ماڻهو گهڻا ٻڍا ٿي ويا آهن، اِنهيءَ سبب ڪري منهنجون ڏاڏيون سگهو سگهو موڪلائيند يون ٿيون وڃن.

(۵۷)

هڪڙي ماڻهوءَ کي ٽڪڙو ٽورو آيو سو ڪنهن گهر واري جي ٻنيي وٽ ويهي رهيو. اعتري ۾ گهر جو

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

مالڪ ٻاهر آيو. هن کان پڇيائين ته تون ڪير آهين؟ هن ورندي ڏني ته آءٌ خدا جو ماڻهو آهيان. گهر واري نڪا ڪئي هم نڪا ڪئي تم، ٻيهيءَ کان وٺي گهلي ويس مسجد ڏي. مسجد جـــي در وٽ ڌڪو ڏيئي چيائينس، جنهنجو ماڻهو آهين تنهنجو گهر هيءُ آئٽي، اتي وڃي ڦاٽ، ٻين جي در اڳيان ڇو ٿو وهين؟

(٥٨)

هڪڙي اٺوريءَ جي زال مري ويئي؛ اُنجي مرڻ ڪري هن واويلا مچائي ڏني. هڪڙي دوست چيس يار! جڏهن ماڻهين مٽي هٽي تڏهن ته اينرو ڪين ٿي رنئه تورڙي ٿو جاتو ٿي ته ماءُ ٻيهر ملڻي نه آهي. هـن اٺوريءَ چيو يار، ڏاڍو ڪو ٻهيلو ٿـو ڏسجين؛ جڏهن اَما مٽي هٽيءَ، تڏهن پاڙي جون ڪيتريون زالون اچي دل وٺنديون، دلاسو ڏينديون ۽ چونديون هيون تـه اسين تنهنجون مائر نه آهيون ڇا؟ اڄ هڪ پاڙي واري ٻ کانه ٿي اچي چوي ته تون ڇو ٿو روئين، آءُ تنهنجي جوءِ ڪين آهيان ڇا؟

(٥٩)

هڪڙو جٽ ڪنهن ريلوي اِسٽيشن تي ويو ۽ ٻابوءَ کان پڇيائين ته پٽٽين انين وڃي واري گاڏي ڪيڏيءَ مهل وينندي. ٻابوءَ ڪلي چيو ٧ وڳي ٤٥ منٽين گاڏي ڇٽندي. جٽ اِهو جواب ٻڌي ڇوڪ لڳو تـه گاڏيءَ

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

جي وقت جو ڪو نڪاڻو ئي ڪو نہ ٿو ڏسجي؛ جڏهن وٽيس ٿو، تڏهن ٿــي وڃي. هاڻي پنڌ اٺين وڳي واري وري ستين وڳي ۴۵ منٽين ٿي آهي.

(٦٠)

هڪڙي راجپوت ڪنهن برهمڻ کي ڏامون ڇيو؛ ڪاٺ پنهنجي هٿين ڪياءِ؛ پـر ڪاٺ ڪرڻ وير جٽيو ڳچيءَ ۾ ڪو نہ هوس. برهمڻ ڇيو جنهن جي ڳچيءَ ۾ جٽيو نہ آهي سو شودر آهي، هنجي هٿ جـي ڪيل روٽي کائڻ جوڳي نـہ آهي. راجپوت ڇيس، مهاراج، اجايو واد نہ هڻ؛ برهمڻ جـا ٽوڪي ڏيهاڙي روٽي جوڙي ڪارائيندڙي آهـي تنهنجي ڳچيءَ ۾ جٽيو ڪٿي آهي؟ تڏهن ڇيو تہ تون جٽيل بہ شودر جو آهين؛ هميشه روٽي بہ شودر جي هٿ جي پيو کائين.

(٦١)

هڪڙي ماڻهوءَ کي پرٽئي اچا ٽي مهينا مس ٿيا تہ پٽ ڄائس؛ هن اِنهيءَ ٻار جو نالو رکيو شيطان. ماڻهن ڇيس تہ پٽ تي اِهڙو نالو ڪئن ٿو رکين؛ اسان اڳي ڪنهن بہ ماڻهوءَ جو اِهڙو نالو ڪو نہ ٻڌو آهي. هـن ورندي ڏني تہ نون مهنن جو پٽ ۳ مهنن ۾ ڪري آيـو آهي تنهنکي شيطان نہ سڏيو تہ ڇا سڏيو؟

(٦٢)

هڪڙي ٻهراريءَ جي واٽئي ٻنهي هٿن سان ماني

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

پڇي پئي ڪاڌي. هڪڙي برهمڻ جي هنتي نظر پيئي جنهن چيس مورک! ڪبي هت سان سچ ڪبي آهي، اُنهيءَ هت سان تو ماني پڇي، اِها ماني کائڻ جوڳي نه آهي.

واهڻيءَ وراڻي ڏني ته برهمڻي جڏهن ماني پچائيندي آهي تڏهن مانيءَ کي ٻنهي هٿن سان ڪين ٺڪيندي آهي؛ پوءِ اُنهيءَ ڪـي سچ اوهين ڪنهنجي هت سان ڪرائيندا آهيو ڇا؟

(٦٣)

هڪڙو مسلمان قاضيءَ جي نبيري تي ناراض ٿيو. قاضيءَ چيس مفتيءَ وٽ وڃي اپيل ڪر؛ هن ورندي ڏني ته مفتي تنهنجو چاچو آهي سو منهنجو ڪهڙو انصاف ڪندو؟ قاضيءَ چيس ته تڏهن وزير وٽ وڃ. هن چيو وزير تنهنجو نانو ٿئي، اِهو منهنجي دانهن ڪهڙي وڻائيندو؟ قاضيءَ چيو ته بادشاهه وٽ وڃ؛ هن ورندي ڏني ته بادشاهه وٽ تنهنجي ڏيءَ ڪين آهي؟ قاضيءَ ڪاوڙجي چيس ته تڏهن جهنم ۾ وڃ. هن چيو ته اُتي سائينءَ جو پيءُ جو وينو آهي سو مون جهڙي غريب جي اُتي دال ڪٿي ڳرندي؟

(٦٤)

هڪڙي جاگيردار وٽ ٻه منشي هئا، هڪڙو هئو مسلمان ۽ ٻيو هئو هندو. جاگيردار ٻنهي کي پنج پنج

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

رپيا پگهار ۾ وڌائي ڏنا. مسلمان منشي پگهار جي اضافه ٿيڻ ڪري هڪدم پنهنجي نالي ۾ محمد جو لفظ ڪٽي وڌايو. مثلا هنجو نالو هئو چڙهو ته هاڻ سڏائڻ لڳو محمد چڙهو. هندو منشي به پنهنجي پوڻ وارو نه هئو. هنجو اصل نالو هئو ڀرتو، سو چوائڻ لڳو محمد ڀرتو. جاگيردار، هندو منشيءَ جي نالي اڳيان محمد جو لفظ ڏسي اعتراض آندو. هندو منشيءَ ورندي ڏني ته اها پگهار جي اضافي جي نشاني آهي. ڀيراءِ مسلمان منشيءَ جو نالو چڙهو هئو. اضافه ملڻ ڪري ڪاٽيڪي محمد چڙهو چوائڻ لڳو آهي تنهنڪري مون ڀانيو ته پنجن روپين اضافه ملڻ جي اها نشاني آهي.

(٦٥)

هڪڙو چرچائي بيمار ٿيو، سندس ناچڱائيءَ جي وچ ۾ سندس گهرواريءَ کي به تپ اچي ويو. هن چيو ڪيو جو پنهنجو ۽ پنهنجي گهرواريءَ جو قارورو (پيشاب) هڪڙي شيشي ۾ حڪيم وٽ ڪٽي ويو. حڪيم وري هن کان به ڀيو، رليون ڪسر هئو، تنهن چيس ته جي ٻنهي پيشاب هڪئي شيشي ۾ آندءِ ته ٻنهي جي وچ ۾ ڪو سڳو ته ٻڌي اچين ها ته خبر پئي سگهي ها ته هي تنهنجو ۽ هي تنهنجي بيبيءَ جو آهي.

(٦٦)

هڪڙو فقير جنهن ڪاٽيڪي پورو سنت ٿي سڏايو،

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

سو هڪڙي راجا وٽ ويو راجا چيس ته ٻهر ياڻين اسان کي ٻڌاءِ ته ڀڳوان ڇا پيو ڪري. فقير چيو ته آءُ اوهان جي اڳيان بيٺو آهيان ۽ اوهين ويٺا آهيو تخت، تنهن ڪري ائين سوال ڪئن ٿيندا آهن. سواليءَ کي کپي ته پاڻ بيهي رهي ۽ فقير کي ادب سان آسڻ تي ڪري وهاري ته پوءِ سوال جو جواب مليس. راجا ٽپ ڏيئي تخت تان اُٿيو ۽ فقير کي اُن تي وهاري پاڻ اڳيانس بيهي رهيو. فقير چيو ته جيڪو سوال اوهين پڇو ٿا تنهنجو جواب اهي ته ڀڳوان تخت ويٺل کي هيٺ بهاري ٿو ۽ فقير کي تخت ڏٽي ڪري ٿو.

(٦٧)

مٿرا جي هڪڙي ست ورهين جي ڇوڪري هڪڙيءَ ١٢ ورهين جي ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي. موڪلاڻيءَ مهل ڇوڪريءَ جي ڀيءُ پنهنجي نانيءَ کي ڇوڪريءَ جي سنڀال ڪرڻ لاءِ ڀارت ڪئي. نانيس چيو، سائين، اِها اوهين ڪهڙي ڳالهه ٿا ڪريو، آءُ هنکي ڳهت گهرندس، جهڙي هيءَ اوهانجي نياڻي آهي تهڙي منهنجي.

(٦٨)

صاحب (ميم صاحبه کي) هيءَ ڪهڙي اجائي ڳالهه آهي. هيڏيون ساريون ڇوڪريون ويٺيون آهن تنهنجي اڳيان تون اهڙا ڪچا لفظ ٿي ڳالهائين.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ميم صاحب - توهان ڳالهه سمجهي ڪين آهي. هي ڇوڪريون وڏيون ٿيون آهن ۽ تورين گهڻين ڏينهن پڙهيون؛ ۽ توهانکي اهڙا لفظ اُنهن جي اڳيان اِنهيءَ لاءِ ٿي ڇوان ته جڏهن هو پڙهن تڏهن هو اهي مون وانگر پنهنجن مڙسن کي چڱيءَ پر قانون ۾ رکي سگهن.

(٦٩)

هڪڙي ڪڪڙ جهنگ ۾ بانگ ڏني، تنهن تي هڪڙو گدڙ ڊوڙي آيو. ڪڪڙ هنکي ڏسي وڻ تي چڙهي وينو. گدڙ چيس ادا، بانگ ڏني آئي، لهي اءُ ته گڏجي نماز پڙهون. ڪڪڙ چيو، منهنجو اِمام ايندو تڏهن اءُ نماز پڙهندس. اِنتري ۾ هڪڙو ڪتو اچي نڪتو. ڪتي کي ڏسي ڪڪڙ وڻ مان گدڙ کي چيو ادا، هاڻي نماز پڙهي وڃج، متان اڳيئي هليو وڃين، هاڻي امام آيو آهي. گدڙ ڀڄندو ڇوندو ويو ته هاڻي منهنجو وُضوُ ڀڄي پيو آهي، اءُ پوءِ ايندس.

(٧٠)

هڪڙي وڏي عملدار کان ڪنهن پڇيو توهانجي ماهوار آمدني ڪيتري آهي. هن ورندي ڏني ته، جيڪي ماڻهو عهدو ڪمائيندا آهن، تنجي آمدني هميشه هڪجيتري ڪين ٿيندي آهي. هن عهدي وارو جي بهشت وڃڻ چاهي ته هڪ هزار مهيني جي آمدني ٿئيس؛ پر جي جهنم ۾ وڃڻ گهري ته پنجاه هزار آمدني ٿئيس.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(۷۱)

هڪڙي سوداگر گهوڙو وڪڻيو ۽ جوءِ کي چيائين ته سياڻي گهوڙي جي قيمت جا پئسا ملندم ته توکي زيور گهڙائي ڏيندس؛ جوٽس چيو انشاءَ الله. سوداگر چيو، ڪم بخت، تون هميشه ڳالهه ۾ شڪ وجهندي آهين. هن ۾ ڪو شڪ آهي ڇا؟ جوٽس ڪجهوئي ڪين پئي ڏينهن پئسا وٺي گهر ڏي موٽيو. واٽ ۾ لڳس پيشاب، سو رڍين جي ٽيلي زمين تي رکي پرسان ويهي رهيو. آيو جو هڪڙو شاهينگه سو ٽيلي لڳائي پيچي ويو. سوداگر اُتي ڏسي ته پئي لڳي پيٽ ۾ آهي. ويچارو هٿ ڇڙا وٺي گهر آيو. ۽ اچي در کڙڪايائين. جوٽس اندران پڇو ڪير آهي؟

سوداگر چيو انشاالله، تنهنجو مڙس آهيان

جوٽس کلي چوڻ لڳي ته انهي ۾ به ڪو شڪ پيو اٿي ڇا؟

هن ورندي ڏني ته، مونکي ڪالهه سوڌو پئي ۽ شڪ ڪونه هئو ۽ اڄتي سيکنهن ڳالهه ۾ شڪ ٿيو.

(۷۲)

هڪڙي مسخري لي ڪنهن سبب بادشاهه اچي ڏمريو ۽ حڪم ڏناءِ ته هنکي گڏهه تي چاڙهي گهمايو؛ تنهنڪري دستور موجب هنجو منهن ڪارو ڪري گڏهه تي ڪٽي چاڙهيائون، پٺيان دهل وجائيندا ۽

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

اڳيان اِهو اِهو ڪندا سڄو شهر گهمايائونس. سندس ڪو پراڻو دوست اچي اِتان لانگهائو ٿيو، تنهن اِهو حال ڏسي پڇيس ادا، توسان ڪهڙي هٿي آهي؟ مسخري ورندي ڏني ته سڀ خير آهي، ڪارهن مفت، سواري مفت، دهل مفت، ۽ شهر جو سير مفت، اسان جي وڻي چڙهه.

(٧٣)

هڪڙي ماڻهوءَ جي گهر واري اِهڙي ڏنگي هئي، جو جيڪي هو چوندو هوس تنهنجي ھرويرو بہ ھوءَ اُبتي ڪندي هئي. جي چوندو هوس ته، ماني ڪاءِ ته ماڻهن، وڻي ڪائيندي هئي ته بہ چڱي اُٿي ڪڙي ٿيندي؛ و هئي ۽ جي چوندو هوس ته نہ ڪاءِ ته زور ڪري اُبي ويهي ڪائيندي هئي. هڪڙي ڏينهن اُنهيءَ ماڻهوءَ، ڪي درياهہ جي پريءَ پر ڪنهن مائٽ وٽ وڃڻو پيو. زال کي چيائين ته تون اوڏاهين ڇا ڪندينءَ، اِتي گهر ۾ ويٺي رهه، آءٌ چڙ و ٿي تو اچان. جوڻس ساڻس وڃڻ لاءِ سنبهي بيهي رهي. درياهہ لنگهڻو هئو، لنهڪري هن هڪڙو پاڏو ساڻ ڪنيو؛ جڏهن درياهہ ۾ گهڙيو، تڏهن پاڏي جو پڇ وٺي درياهہ لنگهي پار ويو. جوڻس بہ پاڏي جو پڇ وٺي پاڻيءَ ۾ گهڙي. هن چيس تہ پڇ کي زور سان جهلج متان وهه ۾ لڙهي وڃين. هن هٿ ڪڍي ڇڏيو ۽ پاڻيءَ ۾ لڙهي ويئي. جڏهن هـن

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڏنو تہ جوڻس وھہ ۾ لڙھي ويئي ۽ ھنجو پتو ڪونہ
پيو تڏھن ھو اوپارو درياہ جو ڪنارو ڳوليندو ويو.
ھڪڙي شخص وات تي پڇيس تہ ھي ڇا تو ڪرين،
چريو تہ ڪين ٿيو آھين؟ زال لڙھي ويئي ھوندي تہ
لھواري ويئي ھوندي، اوپاري ڪيئن ويئي ھوندي،
ھن ورندي ڏني، ادا، اِھو تہ آءُ بہ تو جاڻان، پر
منھنجي زال کي عادت ھئي ھميشہ اُلٽي ھلڻ جي،
پيسو ھوءَ پنھنجي عادت موجب ويئي ھوندي اُلٽي.
رھيو

(۷۴)

ھڪڙي پادريءَ ڪنھن ڳوٺ جي ماڻھن کي وعظ
پئي ڪيو. ھڪڙي ڳوناڻي، پادريءَ کان پڇيو تہ
سائين، توھين جو چئو ٿا تہ حضرت عيسيٰ ماڻھن کي
ڇوٽڪو ڏيندو سو حضرت عيسيٰ ڪير آھي ۽ ڪٿي
تو رھي؟ پادريءَ چيو حضرت خدا جو پٽ آھي ۽
خدا وٽ رھيٿو. ڳوناڻي پڇيو تہ خدا پاڻ حيات آھي
يا نہ؟ پادريءَ چيو تہ خدا سائين جيئرو جاڳندو آھي.
ڳوناڻي چيو تہ پوءِ توھين تڏھن ڪئن ٿا چئو تہ پيءُ
جي جيئري پٽ کي مڪتي ڏيندو. اسان وٽ اِھو
دستور نہ آھي ؛ جيسين پڻس جيئرو آھي تيسين اسين
اُنکي مڃيندا سون ؛ جيڪي ڪپندو سو ھن کان
گھرندا سون ؛ جڏھن ھو نہ ھوندو تڏھن پٽس مالڪ
آھي.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٧٥)

هڪڙي ماڻهوءَ ڪنهنکي موچڙو هنيو. هن قاضيءَ کي دانهن ڏني. قاضيءَ موچڙي هڻندڙ کان ٨ آنه ڏنڊ موچڙي لڳل کي ڏياريا. هن رپيو ڪيسي مان ڪڍي قاضيءَ وٽ اُڇلايو ۽ قاضيءَ کي هڪ موچڙو مٿي تي هڻي چوڻ لڳو ته هاڻي رپئي مٽائڻ ڪاڻ ڪير رلندو وتي.

(٧٦)

ڪشمير جي رياست جو هڪڙو عملدار سرحد تي ڪنهن ڪم لاءِ ويو هئو، سو جڏهن سوڀارو ٿي موٽيو، تڏهن هنجو درجو وڌيو ۽ انهيءَ ڪري هو ڏاڍو ڦونڊجي ويو. هڪڙي ڏينهن هنکي مهاراجا جي سرڪار ۾ حال لکي موڪلڻو هئو، پاڻ لکي پڙهي ڪين ڄاڻندو هئو سو پنهنجي منشيءَ کي اُنجي لکڻ لاءِ چيائين جنهن دستور موجب لکيو فدوي سردار مولسنگهه ۽ هن ڪاوڙجي قلمدان ڪڍي مٿي ۾ هنيس ۽ چيائينس، مورک، توکي ايتري سمجهه نٿي ٿئي ته سرڪار ۾ هيترو منهنجو مان آهي ۽ هاڻي تازو اسانجو مرتبو سرڪار وڌايو آهي، تون اڃا تائين اسان کي ”فدوي“ لکايو وينو آهين. منشيءَ چيو، غريب نواز، سرڪار ۾ لکڻ جو اهو دستور آهي. سردار چيو، بيوقوف، اڳتي اسانکي فدوي ڪري متان لکيو

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

اٿي، ائين ٺٺيا ھلڪي درجي جا نوڪر لکندا آھن.
اسانکي اڳتي ”فدوا“ ڪري لکندو ڪر.

(٧٧)

ھڪڙو ننڍو ٻار پنھنجي وڏيءَ ڀيڻ جي ڪوٺيءَ مان رڙندو پيءُ وٽ آيو ۽ اچي چيائينس، ٻابا، ڪالھ توھان مونکي ھيٺريءَ کي چڪ پائڻ تان ماريو ھئو؛ چيو ھئو ته اڳتي چڪ نه پائج. ھاڻي ھن ماڻھوءَ کي ته مار ڏيو. پڇيس چيو ڪھڙو ماڻھو؟

ٻار ورندي ڏني ته ميريءَ جي ڪوٺيءَ ۾ ھڪڙو ماڻھو آيو آھي، تنھن چڪ پائي ھن جا چپ پٽي ڪڍيا آھن. ميريءَ کي اھڙي ھلاکي ٿي جو جو ھڪدم ٻئي ٻانھون ھن ھنجي ڳچيءَ ۾ وجھي ھنکي وٺي گھٽو ڏنائين.

(٧٨)

ھڪڙي وڪيل پنھنجي اصيل جي شاھد کان پڇيو ته تون رات جن دوستن وٽ رھيو ھئين سي چور آھن نه؟ شاھد چيو ته اھو پاڻ ڄاڻو، آءُ وٽن انھيءَ ڪري ويو ھوس جو ھو وڪيل آھن.

(٧٩)

ھڪڙي ماڻھوءَ اشتھار ڇپايو ته جيڪو مونکي جراب جي ٽڪلي موڪليندو تنھنکي آءُ ڏن ڪمائڻ جي تجويز لکي موڪليندس. ھن وٽ اينريون ته

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

نڪليون اچي گڏ ٿيون جو لکہ رپين جو جمع ٿي ويو.
پوءِ هن ورڇي ۾ اشتهار ڇپائي پڌرو ڪيو تہ جنهن
ريت مون پئسا ڪمايا آهن تئن اوهين بہ ڪمايو.

(۸۰)

هڪ جج شاهد کان پڇيو تہ جنهن چور کي تو ڏٺو
هئو تنهنجا اهڃاڻ ڏي. شاهد چيو، حضور هو، صاحب
جهڙو ڊگهو ۽ بت بہ پريل ۽ رنگ جو گورو هئو ۽
پين گهٽيون ڳالهين بہ حضور مان نہ لاٿو هائين هڪڙو
ڏرو.

(۸۱)

هڪڙو حڪيم چوندو هئو تہ جيڪي ٿيڻو سو
قسمت سان ٿيو ٿئي. هڪڙي ڏينهن نوڪر سندس
چوري ڪئي. حڪيم نوڪر کي مار ڏني. نوڪر
چيو، سائين! مار پوم ڇو ٿا؟ جيڪي ٿيڻو هئو سو ٿيو.
توهانجي شيءِ جي، قسمت بہ چوري لکي هئي ۽
منهنجي قسمت بہ چور ٿيڻو هئو. حڪيم چيو تہ مار بہ
تنهنجي قسمت بہ لکي هئي.

(۸۲)

هڪڙو پٽواري (تپيدار) ڪنهن وڏيري وٽ ويو.
اهو ڏينهن هئو بڪري عيد جو. وڏيري چيو تہ اڄ
توهان ڏي گوشت موڪلڻ جي ڳالهہ دل تان لهي وئي.
پٽواريءَ ورندي ڏني، وڏيرا صاحب، انهيءَ ڳالهہ

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

جو سانگو ڪونهي . اسين ڏي ڀاڙي اوهانجو گوشت پيا
ٿا کائون .

(۸۳)

هڪڙو ڇوڪر مڪتب ۾ اوير ويو . آخوند پڇيس،
اڙي اينتري دير ڇو ڪئي اٿئي. هن ورندي ڏني،
سائين، رات مينهن پوڻ ڪري وات تي اهڙي گپ
ٿي پيئي آهي جو هڪ وک اڳتي وڌائجي ته ٻه وکون
پٺتي هٽي وڃجي . آخوند پڇيس ته اهڙو حال آهي ته
تون هتي ڪيئن پهتين؟ ڇوڪر وراڻيو ته اهو حال ڏسي
گهر ڏي موٽڻ لڳس ۽ انهيءَ تجويز سان جهٽ اچي
هتي پهتس .

(۸۴)

هڪڙو چور ڪنهن چوريءَ جو مال کڻي بازار ۾
وڪڻڻ ويو . اتي هڪڙي اهڙي ٺڳ جي ڦر وجهي
چڙهيو جو سڀ مال ڦٻهي ويس . جڏهن گهر موٽي آيو
۽ ماڻهن پڇيس ته گهڻي وڪڻي آئين؟ چور ورندي
ڏني ته جيتري ڳڌو هوم اوتري وڪائو .

(۸۵)

هڪڙو انڌو مسجد ۾ ويٺو هئو . هڪڙو سڄو ماڻهو
آيو تنهن اچي هن انڌي جو ڪتو کنيو . انڌي هٿوراڙيون
ڏنيون پر ڪتو ڪونه لڌائين . پوءِ هن ماڻهوءَ کي چيائين،
"حاجي صاحب، ڀلائي ڪري منهنجو ڪتو ڏيو ته هن

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ورندي ڏني، ادا ڪٿو نہ توکي ڏيان ٿو پر مونکي ٻڌاءِ نہ توکي ڪڻن خبر پيئي تہ آءٌ حاجي آهيان؟ انڌي ورندي ڏني تہ اهڙا ڪم حاجين بنا ٻيو ڪوئي ڪونہ ڪندو آهي.

(٨٦)

هڪڙي ماڻهوءَ هڪڙي هند وکيان پئي ڏني. پوءِ ڳالهائيندي جڏهن چيائين تہ ڏسو آءٌ خدا جي ڌرتيءَ تي بيٺو آهيان، تڏهن اٺي جو هڪڙو موچي بيٺو هئو تنهن اُمالڪ واڪو ڪري چيو، سائين ڪو خداءِ جو خوف بہ ڪريو، ڌرتيءَ تي بيٺا آهيو، ڪين منهنجي جتيءَ تي بيٺا آهيو، جنهنجو توهان اجا ملهہ ئي ڪونہ ڏنو آهي.

(٨٧)

هڪڙيءَ ڪنواريءَ ڇوڪريءَ کان ڪنهن پرڏيل زال کان پڇيو، ڪڻن ڇوڪر اجا پرڻجڻ جو تہ خيال ڪونهيئي؟ پرڻجڻ کان تہ جبل جي چوٽيءَ تان غار ۾ ڪري مرڻ چڱو آهي. مونکان پڇين تہ اِنهيءَ ڪم جهڙو ٻيو ڪو جنجال نہ آهي؛ اهو وڏو ڇٽيءَ جهڙو ٻنڌڻ آهي.

ڇوڪر نهہ پهہ ورندي ڏني تہ مائي، جيڪڏهن مونکي اهڙو آسرو هجي تہ غار ۾ مڙس بيٺو آهي؛ اُنہ ڪرندي ساڻ مونکي ملي ويندو تہ آءٌ جيڪر هڪ

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

پل نہ ترسان ۔

(۸۸)

هڪڙي دڪاندار هڪڙي اخبار نويس کي اچي چيو تہ سائين، مون چنيءَ سان ڇپڻ جو بل توهان ڏي موڪليو پر اُن جـو جواب بہ ڪونہ مليو. اخبار نويس ورندي ڏني تہ اوهانجي چٺي ڪاغذ جي ٻنهي پاسي لکيل هوندي ۔ اسانجو قاعدو آهي تہ جي ڪاغذ ٻنهي پاسي لکيل هوندو آهي تہ ڪٽي ردي ڪاغذن جـي ٽوڪريءَ ۾ اُڇلائيندا آهيون ۽ اُن ڏي نهاريندا بہ ڪين آهيون. توهانجي چٺي ٻنهي پاسي لکيل هوندي تہ ٽوڪريءَ ۾ سمهي پيئي هوندي ۔

(۸۹)

هڪڙو چرچائي بيمار ٿيو ۔ ڊاڪٽر ونس آيـو ۽ ماڻهن جو گوڙ ڏسي منجهي ويو ۽ دوا جـي شيشيءَ بدران مس جي شيشي منجهان گلاس ۾ دوا جـو وزن وجهي ڪٽي هڪي پيار يائين ۔ هو مس پي ويو تنهنکان پوءِ پنهنجي چوڪ معلوم ٿيس ۽ واڪو ڪري چيائين، پيلي ٿي تہ ڏاڍي ڳالهہ! هاڻي ڪجهي چا ؟ چرچائيءَ چيو، ڊاڪٽر صاحب پيو تہ خير آهي ۔ ڊاڪٽر ورندي ڏني تہ ماڻهن جي گوڙ ۾ ڏاڍي پل ڪري وينو آهيان. هن چيو، توکي دوا جي بدران مس جـو ڊيڪ پياري وينو آهيان ۔ هن چيو، مس ذرو پي ويو آهيان تہ چا

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ٿيو؟ آءٌ هينئر جو هينئر مسڪينيءَ ڏکر کائي ٿو وڃان
جو مس ڪي ساعت ۾ چوسي ونندو.

(٩٠)

باز چيو ڪڪڙ کي ته تون ڏاڍو ڪلال آهين؛ ڏٺيءَ
جو هيٺرو کائين پيو ۽ جڏهن هو توکي جهلڻ جي ڪري
تڏهن ڪونن ۽ وٺن تــي پيچندو وتين؛ واه تنهنجي
اشرافت! ڪتي باز جي ٻچيءَ لي ٻ ڪاتي وهندي
ڏنڻ ۽ جي لوسان ٻه اِها ڪار ٿئي ها ته ڪوتا ته جڏ
پر تون جيڪر جبلن ۽ جهنگلن ۾ پيچندو وتين ها.

(٩١)

هڪڙي صاحب پنهنجي پٽ کي ويٺي سمجهايو
ته پرٺي جو خيال جڏي ڏي؛ پرٺو ڏاڍو جنجل آهي.
بيشڪ جيڪي ماڻهو پرٺن تا سي چڱو ڪم تا ڪن
پر جيڪي نٺا پرٺن سي تمام ڏاڍو سٺو ڪم تا ڪن. پٽس
چيو، "بابا،" آءٌ چڱو ڪم ڪري سگهندس مگر تمام چڱو
ڪم پلي اُهي وچي ڪن جيڪي ڪري سگهن".

(٩٢)

ڪنهن چرچائيءَ هڪ پڍي ماڻهوءَ کــي هيڏي
هوڏي نهاريندو ڏسي چيو ته پريا مڙس ڇا ٿو ڳولين؟
پرٺي مڙس ورندي ڏني ته "جواني" تــو ڳوليان.
چرچائيءَ چيو، پــريــا مڙس ڏاهو ٿيءُ، پلا ايڏو ڪوڙ
ڪرنهي؛ سچ چو نه ٿو چئين ته قبر ڪاڻ ٿو زمين ڳوليان.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٩٣)

هڪڙو مسافر مهمان سراءِ ۾ اچي لٿو ۽ اتي سير اٽو نانوائڻ کي ڏيئي چيائين تہ ماني پچائي ڏيئم. نانوائڻ اٽو ڳوهيو تہ سندس هڪڙي ٻار اچي چيس، امان، مونکي اٽي ذرو ڏي تہ آءٌ جهرڪي ڦاهيان؛ هن آني کي جيترو اٽو کٽي ڏنس؛ اهتري ۾ وري ٻيو ڇوڪر آيو تنهن اچي چيس، تہ آءٌ بہ اٽي جو گهوڙو جوڙيندس؛ نانوائڻ اُنهيءَ کي اوترو اٽو کٽي ڏنو؛ پوءِ ٽئين ڇوڪر بہ انهيءَ پر اچي اٽو گهريو ۽ اُهو بہ آنو کي اٽو ماءُ کان وٺي ويو. جڏهن مسافر ڏٺو تہ سندس ڪسو اڌ اٽي جو تہ ائين ٿــي خير صلاح ۾ هليو ويو، تڏهن منهن گهنجائي نانوائڻ کي چيائين، مائي! مانيون نهيون، جيڪو اٽو باقي بچو آهي سو مونکي ڏي تہ آءٌ ٻگهڙ ڦاهيان جو هنن سيني کي ماري کائي وڃي.

(٩٤)

هڪڙي وڏي ماڻهوءَ هڪڙو ٻلي پيهاريو ۽ هنکي چيائين تہ جڏهن تون مونکي خوش ڪندين تڏهن آءٌ تنهنجو مهينو وڌائيندس. هڪڙي ڏينهن گهوڙو ڪڙهه مان ڇڙي ڪيڏانهن هليو ويو؛ ٻليءَ هنجي لاءِ گهٽي ڳولا ڪئي پر هٿ ڪين آيس. پوءِ مٿي ماڙيءَ تي چڙهي وڃي پنهنجي ڌڻيءَ کان پڇيائين، سائين! هتي گهوڙو تہ ڪونہ آيو؟ اِها ڳالهہ ٻڌي هنجي ڌڻيءَ کان

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ٺهڪ نڪري ويو ۽ هڪڙي چيائين، مورک! ڪڏهن گهوڙو به ڪڏ تي چڙهيو آهي. ٻيليءَ هٿ ٻڌي چيو، سائين! هاڻي نه اوهين خوش ٿيا آهيو، هاڻي منهنجو پگهار وڌايو.

(٦٥)

هڪڙي ڇوڪر جي ماءُ کيس سدائين اها ڳالهه سيکاريندي هئي نه اڄ جو ڪم سڀاڻي تي نه رکجي. هڪڙي ڏينهن ٻاهران ڪجهه مٺائي آئين. ماڻس اها رکي ڇڏي ۽ چيائين نه توکي سڀاڻي ڏينديس.

ڇوڪر مٿ مٿ ڪري اها سڀ مٺائي کائي ڇڏي. ماڻس پڇيس ڪالهه جا مٺائي آئي سا ڪاڏي ويئي؟ ڇوڪر چيو، اما اها مون کائي ڇڏي. ماڻس چيو ڪالهه ڇو ڪاڏءِ؟

ڇوڪر وراڻيو، اما، تون جو سدائين مونکي چوندي آهين نه اڄ جو ڪم سڀاڻي تائين نه رکجي سو اها ڳالهه مون وساري ڪين آهي.

(٦٦)

ڪنهن ميراسيءَ جي گهر ۾ رات جو چور اچي ٻيٺو ۾ هو جاڳي پيو، ٿنهنڪري چور پٺ جي ڪنڌ ۾ لڪي ويٺو. ميراسي حقو ٺاهي ڇڪڻ ويهي رهيو ۽ تڪن ڪانگهارن سان هٿي چور جو منهن لنبي ڇڏيائين. سوير جو ميراسيءَ جي جوءِ ويهي جنڊ پيهڻ لڳي.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

هڪڙي هنجو هڪ ڪانگهارو وڃي لڳو تنهن تي هڪڙي ڏاڍي ڪاوڙ آئي. ميراسيءَ چيو، هان وٽ، توهان هڪ ڪانگهاري تي ايترو ٿي ڪاوڙجو. شاباس ته هڪڙي آهي جنهن تي سڄي رات ڪانگهاري جو وسڪارو هئو.

(٩٧)

هڪڙي جج ڪنهن شاهد کان پڇيو ته فلاڻين جاين جي وچ گهٽي وٽي آهي؟ هن ورندي ڏني ته ٽي گز ٻه فوٽ ۽ سوا ڇه انچ. جج چيو ته توکي اِهي فوٽ ۽ انچ ڪيئن ياد رهيا آهن؟ هن جواب ڏنو، سائين، مونکي اڳيئي ڌپ هئو ته متان ڪو ڇريو اهڙي ٻر جو سوال ڪٽي پڇي؛ تنهنڪري وڃي ماپي ياد ڪري ڇڏي هيم.

(٩٨)

ڪنهن ماڻهوءَ سپنو لڌو ته گهوڙي جي قيمت سٺ رپيا مليم ٿي جاڻ ورتيم. جاڳيو ته اِنهيءَ ڳالهه جو ارمان ٿيس. پوءِ جاڳي ٻجهي اکيون ٻوري ڏگها هٿ ڪري چوڻ لڳو، چڱو يلا توهانجي مرضي، ڏيوم سٺ رپيا.

(٩٩)

هڪڙي سکر ماڻهوءَ کي سندس زال چيو ته آءٌ ڪتاب هجان ها ته جيڪر سدائين توهان جي اکين اڳيان رهان ها ۽ جيڪو وقت اوهين ڪتاب پڙهڻ ۾ ٿا لايو، تنهن جو جيڪر آءٌ ڀاڱو ماڻيان ها. مڙس

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

وراٽيو تہ ڪتاب جي ٻدران جي تون جنتري هجين ها تہ ڏاڍو چڱو، ڇو تہ اھا جيڪر آءٌ سال بسال بدلائيندو رهان ها .

(١٠٠)

هڪڙي زال پنهنجي ڳل تي هٿ رکي بازار مان پئي ويئي ۽ هٿ ۾ منڊي پيل هيس. هڪڙي سڪر ماڻهوءَ اُنکي ڏسي چيو تہ آءٌ منڊي هجان ها تہ ڳل جو مزو تہ وٺان ها . زال اِهو ٻڌي منڊي هٿ مان لاهي پٽ تي ڦٽي ڪري مٿان ڪيترا پاد ر هنيس ۽ چيائين تہ جي تون منڊي هجين ها تہ تنهنجو بہ اِهو حال ٿئي ها.

(١٠١)

هڪڙي سکر ماڻهوءَ پنهنجي پيءُ کان پڇيو تہ آءٌ ٻت ۾ ڏٺو ۽ سهڙو ۽ اسانجا پار سدائين ٿلها متارا ٿا ڏسجن سو اُنجو ڪارڻ ڪهڙو؟ زال ورندي ڏني تہ اُنجو ڪارڻ اِهو آهي جو پار اِنهيءَ ڪري ٿلها سٺا آهن جو منهنجو ڪير ٿا ڏائين ۽ توهانکي اِهو نصيب ٿيڻو نہ آهي .

(١٠٢)

هڪڙي جرمن ڪنهن مجلس ۾ ويٺي پنهنجيءَ بوليءَ کي پڌايو تہ جرمن بولي سڀني بولين ۾ قديم ۽ پاڪ آهي ۽ حضرت آدم بہ اِها بولي ڳالهائيندو هئو.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

هڪڙو چرچاڻي جو اُتي وينو هئو سو چوڻ لڳو تہ حضرت آدم بهشت مان بہ اِنهيءَ ڪري لوڌيو ويو هئو.

(١٠٣)

هڪڙو آفيمي ڪنهن کوهہ ۾ ڪري پيو؛ اتفاق سان هڪڙو واٽيو بہ وجي اِنهيءَ کوهہ ۾ ڪريو. آفيميءَ پڇيس تہ ڪير آهين؟ هن چيو، واٽيو آهيان؛ تنهن لي هن چيس تہ ياڻي، ياڻيءَ جو ڳڙ تہ ڏجانم.

(١٠٤)

هڪڙو مسافر پنڌ ڪري ٿڪو هئو سو مسافر خاني جي هڪ ڪوٺيءَ ۾ اچي پيو ۽ پيرن کي پنهنجي هٿن سان وٺي زور ڏيڻ لڳو. ايتري ۾ هڪڙو ٻيو مسافر آيو سو اُنهيءَ مسافر خاني جي ٻئي واريءَ ٻيءَ ڪوٺيءَ ۾ اچي وينو ۽ ٻگڙا کائڻ لڳو ۽ پهرين مسافر کان پڇيائين تہ ڪهڙي شغل ۾ آهيو؟ هن ورندي ڏني نوڪر کان پيڙون وينو ڏيارهان. اوهين ٻڌايو تہ ڇا پيا ڪريو. هن وراڻي ڏني ايلاچي ٿو چٻيان. هن چيو تہ هڪ ٻہ ايلاچي تہ اسان کي ڏجو؛ ٻئي مسافر چيس تہ اِنهيءَ پنهنجي نوڪر کي موڪليو تہ وٺي وڃي.

(١٠٥)

هڪڙي ميم صاحب پنهنجي پٽيوالي کي چيو تہ

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ٻا ٻا لوڪ واسطي گڏه ڪپي سو وٺي آءُ. پٽيوالي هڪڙي ڪنيار جو گڏه ٻاهر چرندو ڏسي وٺي آڻي حاضر ڪيو. ميرصاحب کي ڪپندي هئي مادي سو اُنکي ڏسي پٽيوالي کي چوڻ لڳي، وُڻل ڀلا تو صاحب کي مواقف هئه، همرا مواقف لائو.

(١٠٦)

هڪڙي بيبيءَ جڏهن پنهنجي تصوير ٺي ڪڍائي، تڏهن ڪوشش ٿي ڪيائين ته منهن نڍڙو نڪري؛ چاڪاڻ جو هن ٻانيو ٿي ته ننڍي منهن ۾ سونهن آهي. تصوير ڪڍڻ واري کي هيءَ ڳالهه ڏسي عجب لڳو؛ چيائينس بيبي صاحب، اوهين ٻاڻکي ايترو چــو پيا هلاڪ ڪريو توهانجي هروڀرو مرضي هجي ته آءٌ اصلي منهن بنا تصوير ڪڍي ڏيانو.

(١٠٧)

هڪڙي دهقاني جوان ڇوڪريءَ جي جنهن ماڻهوءَ سان دل هئي تنهنکي چيائين ته جي اسانجي پاڻ ۾ شادي ٿــي پوي ته اسين جيڪر سڪيءَ روٽيءَ؛ پاڻيءَ تي ئي گذارو ڪريون. هن ماڻهوءَ ورندي ڏني هائو پياري! تون روٽي ڪمائي ايندينءَ ته جيئن تئن ڪري پاڻي سو آءٌ به موجود ڪري پيو وجهندس.

(١٠٨)

هڪڙي سنگتراش پاڻ وٽي اُڪريو تـــ اُنجي

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

دڪان وٽان ڊاڪٽر اچي لنگھيو. ڊاڪٽر چيس تہ تون دعا ڪندو هوندين تہ پاڻ اُڪري پورو ڪرين تہ ڪرمري تہ اُنهي قبر تي اُهو ڪم اچي. سنگتراش وراڻيو تہ اِهڙيءَ دعا پڻ جو مونکي ضرور ٿي ڪونهي. مونکي خبر آهي تہ جنهن بيمار جي توهين دوا پيا ڪريو اُنهي سگهو ٿي قبر ٺاهڻي پوندي.

(١٠٩)

پيءُ پٽ کي چوڻ لڳو تہ مون ڏٺو آهي تہ تون اڪثر ماڻهن سان ڪوڙ ڳالهائيندو آهين، اِنهيءَ ڪري مونکي ڏاڍو ڏک ٿيو آهي. سدائين سچ ڳالهائيندو رهہ، توڙي سچ ڳالهائڻ جي ڪري ڪجهہ دک ڀي ڪٽڻي پوڻي تڏهن بہ سچ کان نہ گسجي. پٽ چيو، چڱو بابا! توهان جو چوڻ دل تي رکندس؛ ايتري ۾ ٻاهران ڪنهن اچي در کڙڪايو. پڻس چيو، ابا، ڏس تہ ٻاهر ڪير آهي! جي پيل جي لاءِ ڪوٽار آيو هجي تہ چئينس تہ بابو گهر ۾ ڪونهي.

(١١٠)

هڪڙو بادشاه قبرستان وٽان اچي لنگھيو، ڏٺائين تہ هڪڙو مستانو فقير اُتي پيو گهمي. بادشاه فقير کي چيو تہ فقير سائين، وَسنديءَ جو ڪٿا رهو؟ فقير ورندي ڏني تہ جيڪي وسنديءَ ٿا رهن سي سڀ هتي ڪين ٿا هليا اچن؟

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(١١١)

هڪڙي ماستر ڪنهن شاگرد کان پڇيو ته اُتر قطب ڪٿي آهي. شاگرد چيو، سائين، مونکي خبر نه آهي. ماستر چيو، ڇا، توکي ايتري به سڌ نه آهي؟ هن ورندي ڏني ته وڏن کان ٻڌبو آهي ته وڏا وڏا عالم پيا اُهو ڳولين، تڏهن مون جهڙي ابوجهه جي ڪهڙي ڳالهه آهي!

(١١٢)

هڪڙي حنفي مسلمان، هڪڙي هنڌ ويٺي چيو ته وهابي مسلمان اهڙا ناپاڪ آهن جو ڪنهن شيءِ کي اُنهن جو هٿ لڳي وڃي ته اها ساڙڻ گهرجي. اُتي هڪڙو وهابي ويٺو هئو سو سري اچي اڳيان ويٺس ۽ ڏاڙهيءَ کي هٿ لائي چوڻ لڳس ته، آءٌ وهابي آهيان، هاڻي ڀريائين (ڀراءُ) پنهنجي ڏاڙهيءَ سونهاريءَ کي ساڙيو.

(١١٣)

هڪڙو ماڻهو ترنگ ۾ ويو اُتي هڪڙو قيدي ڏسي، هنکي چيائين ته ڏاڍي افسوس جي ڳالهه آهي جو تو جهڙو نمازي ماڻهو هت اچي. قيديءَ چيو ته، مسجد وڃڻ ڪري هت آيو آهيان. هن چيو سو وري ڪئن؟ ڪو مسجد ۾ وڃڻ ڪري ڏوهي ٿيو آهي! قيديءَ جواب ڏنو ته مسجد ۾ ويو هوس جتي مون تي جتين چورائڻ جو ڏوهه رکيو هئائون.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(۱۱۴)

هڪڙو ڇوڪر جو پنهنجي وڏي ڀاءُ جا لٽل ڪپڙا ٻ ڪيندو هئو سو هڪڙي ڏينهن ماءُ کان پڇڻ لڳو ته اَما، جڏهن ادو مرندو تڏهن سندس زال سان منهنجي شادي ٿيندي نه؟

(۱۵)

هڪڙي انڌي جڏهن شادي ڪئي تڏهن جوٽس چيو ته جي توکي اکيون هجن ها ته ڏسين ها ته آءٌ آءٌ ڪهڙي نه سهڻي آهيان. انڌي ورندي ڏني ته آءٌ عقل جي اکين سان ائين تو ڀانيان ته تون جي سهڻي هجين ها ته مون انڌي سان ڪڏهن به ڪين پرڻجين ها.

(۱۱۶)

هڪڙي مولويءَ ڪنهن ڳوٺ ۾ وعظ ڪندي چيو ته سياڻي رمضان شريف ايندو سو سڀني کي روزا رکڻ گهرجن. ڏاهرين پڇيو ته روزن ۾ ڇا کبو؟ مولوي صاحب چيو ته ڏينهن جو بکيو رهڻو پوندو ۽ سڄ لٿي کانپوءِ کائبو. اها ڳالهه ٻڌي ڏاهري ڳٽئيءَ ۾ پئجي ويا. پوءِ پاڻ ۾ صلاح ڪيائون ته سياڻي رمضان اچي ته ماري ڇڏيونس. سو ڇا ڪيائون جو سويرو اٿي، ڳوٺ کان ٻاهر نڪري ويا. ڏسن ته ڀريان هڪڙي ڏاچي ۽ گورو پيا اچن. هنن ڀانيو ته رمضان اهو آهي؛ سو نڪو ڪيائون هم نڪا تم؛ ڏڪا هڻي ٻنهي کي ماري

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڇڏيائون. پوءِ سانجهيءَ جو جڏهن مولوي صاحب پڇيو ته اڄ روزو رکيو هيوَ يا نه، تڏهن هن چيو ته اسان رمضان کي ڳوٺ ۾ اچڻ کان اڳيئي ماري ڇڏيو. مولوي اها ڳالهه ٻڌي چيو، لاحول ولاقوه. ڏاهرين چيو ته لاحول کي به ساڻس ماري ڇڏيو اٿون، اُن کي وري ڇڏيو اٿون ڇا؟

(١١٧)

هڪڙي ماڻهوءَ کان ڪنهن پڇيو ته پٽ کي وڪالت جو ٿو سيکارين پيو ڏاڍو ڪونهي ڇا؟ هن ورندي ڏني ته آءٌ هنکي پيو ڏاڍو ڪجهه سيکاريان؟ هيءَ جنهن ماءُ جي پيٽ منجهان نڪتو آهي تنهن کــوڙ ڳالهائڻ جي عادت ورتي اٿس.

(١١٨)

هڪڙي وڪيل پنهنجي تصويـر ڪيرائـي هئي ۽ پنهنجي دوستن اڳيان اُنجي واکــاڻ وڃي ڪيائين. اُنهيءَ مهل اُتي هڪڙو ڳوٺاڻو وينو هئو جنهن اُهــا تصوير ڏسي چيو واکاڻ ڇا جي ٿو ڪرين؟ تصوير تــه بلڪل خراب نڪتي آهي ۽ انهِ جا چوڪ ٿي آهي سا ڏاڍي وڏي آهي. اُتي وينلن ماڻهن پڇيس ته کهڙي چوڪ آهي؟ هن ورندي ڏني ته تصوير ۾ ڏسجي ٿو ته هنجا هٿ پيا آهن کيسن ۾؛ هيءَ جنهنجي تصوير آهي سو آهي وڪيل ۽ وڪيلن جا هٿ سدائين ٻين

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

جي ڪيسن ۾ هوندا آهن، اها وڏي چوڪ نه آهي؟

(١١٩)

هڪ ڙال پنهنجي پتيءَ کي چيو، ته توهان جيڪا سوکڙي پنهنجي دوست ڏانهن موڪلي، اُنجي توهانجي دوست وٽان پهچ آئي آهي؛ هن لکيو آهي نه سوکڙي ايتري ته وڏي آهي جو هنجي سارا لاءِ ڪي اکر ئي نٿا ملن.

مڙسهس جواب ڏنو، ٻڪشري ڏياري موڪليس ته اکر ڳولهڻ ۾ سولائي ٿيندس.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

پاڳو پهون

سکيا دائڪ مريدار ٽوٽڪا

”جوت“ جي پراڻن پرچن تان ورتل

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڳالهائيندڙ گونگو (١)

هڪ فقير هُيو جنهن ڪمائي ڪرڻ لاءِ مڪر ملايو ته آءُ گونگو آهيان سو هڪ پٽيءَ تي "گونگو" - اهو حرف لکائي ڳچيءَ ۾ پائي ڇڏيائين. هيو فقير جنهنجي ساٿس نه پوندي هُئي تنهن هڪ لڳا ڇا ڪيو جو ڪنهن سڪر ماڻهوءَ کي، گونگي کي دان ڏيڻ تي ٻڌايو ته سائين هيءُ فقير گونگو ڪينهي، مڪر ڪيو اٿس. پوءِ يون فقير اچي لنو، تنهن واڪو ڪري چيو ته "ڪوڙا، آءُ جنم کان گونگو آهيان ۽ هاٿي ۾ آهيان." سڪر ماڻهوءَ چيو ته "واهه، هيءُ گونگو ته ڳالهائي ٿو، نه ته گونگا ڳالهائيندا نه ڪين آهن."

حجام جي آندر ۾ ٿي ڳالهه ڏکي؟ (٢)

ڪو بادشاهه ٻچڙ ڪنو هوندو هُئو، هڪ ڪن ڪرنه هوس. تنهن لاءِ اڪثر پڳڪي ڇڏيندو هُئو. پنهنجو حجام سندس سعوارت ڪندڙ هُئو. هڪ لڳا بادشاهه جي غفلت کان اُنهيءَ ڪن وارو پاسو حجام ڏسي ورتو. بادشاهه ڏنو ته حجام جي دل ۾ ڳالهه ٽڪڻ جي نه آهي سو هنڌ هنڌ خوار ڪندم تنهن تي حڪم ڪيائين ته پنهي کي چاڙهيو ڦاسيءَ تي. حجام پيرن ڌ-ي ڪري چيئدان گهرڻ لڳو ڇي مونکي ساهه پيارو آهي سر

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڪنهن سان ڳالهه نہ ڪندس. ڀلا ٿئي حجام ۽ ڳالهه نہ
ڪري مگر بادشاه جي ڍڳ ڪان ڪٽي اندر ۾ سانڍيائين
حجام نہ اندر نہ ٻاهر؛ جيسين ڪنهن سان ڳالهه نہ ڪري
تيسين آنڌ مانڌ. آخر اچي بيمري ٿيو. گهر ڀاتيائونس تہ
پيو مڙيوئي خير آهي؟ ڪي اندر ۾ هجيئي تہ ظاهر
ڪر. پر ڀاءُ تہ ڪجهه ٿي نہ پيو. جڏهن گهڻو چؤ چاءِ
ڪيائون تڏهن چوڻ لڳو تہ مونکي ڪي اوهانجي
روبرو ظاهر ڪرڻو نہ آهي. تڏهن صلاح ڏنائونس تہ
جي ائين آهي تہ جهنگ ۾ اڪيلو وڃي ڳالهه ڪري اچ
تہ سرير تہ ڇاڪ ٿيئي. تڏهن ويو سو جهنگ ۾ هڪ
اڪيلي وڻ هيٺان بيهي وڏي سڏ چوڻ لڳو "بادشاه
ٻکڙ ڪنو، بادشاه ٻکڙ ڪنو" تنهن ڪانپوءِ! جيءُ جاءِ
آيس. نجاڻا ٿورن ڏهاڙن بعد ڪي راڳي اچي اُنهيءَ
وڻ وٽان لانگهائو ٿيا ۽ اُن هيٺ ڏيرو ڪيائون. هير
جا پٽي لڳي تنهنتي عجب اِهو جو اُهو وڻ منا آلاپ
پيو ڪڍي. راڳين ڇيو هڙي وڻ مان تہ سنا ساز ٺهندا
تہ اِهو ڪپي منجهانس سارنگي، ڍولڪ ۽ تڪڙ تيار
ڪيا ۽ لنگهي ويا بادشاه وٽ تہ ڪو وڏو انعام وٺي
اچون. جڏهن وڃي ڪچهريءَ ۾ ڳائڻ وڄائڻ لڳا تہ
جيڪو ساز ڇيڙين تنهن مان اِهوئي آواز پيو اچي تہ
"بادشاه ٻکڙ ڪنو، بادشاه ٻکڙ ڪنو!"
بادشاه کي ٺهرس ئہ پيو لڳي ۽ ڇڙ ٻہ پيئي اچي.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

نيٺ جڏهن راڳي انعام وٺي روانا ٿيا تہ بادشاه يڪدم
گهرايو ٻنهي حجام کي ۽ ڌمڪي چيائين تہ، هيڙا ٿيڙا
نيٺ کين رهٽين، کين رهٽين. حجام همٿ ٻڌي
سموري حقيقت جيئن جو تيئن بيان ڪري چيو تہ
حضور، منهنجو قصور نہ آهي. ٻڌڻ سان بادشاه کـان
پاڻ کل ڇتڪي ويٺي ۽ ٻنهي کي معافي ڏنائين.

(٣)

پٽ ڏما! جيءُ موري اما! پٽ ڪوهہ تـان دلو
ڀري آءُ. ڇي اما، کوه تي وڃان، نار ڪاهيان، دلو
ڀريان، مٿي تي رکان، پوءِ پوي ڪري، لڳي ٺڪري،
پوي رت نڪري.
پٽ! کهڻي تيار آهي سا کائيندين؟ اما ڇو نہ
کائيندس؟ ڇورا! ڪم مهل پرو، کائڻ مهل ڪڙو!

(٤)

ڪنهن سعيد ڪنهن کان اڌ اڇي اٺ پهيو. هن ٻئي
آنا ڏيئي روانو ڪيس تنهنتي ڏمرجي پاراتو ڏيڻ لڳس
تہ شل ڏاڏو گهر کي باهہ ڏينديءَ. رات ٿي تہ پاڻ ڇيٽو
دکائي گهر کي باهہ ڏيڻ ويٺو تہ ڪنهن پڇيس تہ ڇا ٿو
ڪرين! چي ڏاڏي ڪٿي آهـي ديـر ٿيهـڪري آءٌ
ئي ڪارروائي ٿو ڪريان!

(٥)

بروچ هٿو ڪنوارو. پرائي ويڙهي پر دهل سٽيائين،

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

تڏهن هيبوچڙُن هٽي ڇوڙڻ لڳو، ”ڳجھ ڙي ڳجھڙا ڳجھ، مَن ڪڏهن اسانجي ويڙهي وچ وڃين.“ خير آخر ويانهن ڪيائين. ١٢ مهنا گذريا تہ ٽيو ڪڪ تڏهن وري دهل سٽائين؛ تڏهن ٿو چوي تہ ڪلا ڪلا! ڪڪر ڪنا چاليءِ وڃين ڪنهن اشراف دي ڳچيءِ وچ گهنگهر ٿو گهٽين!

(٦)

ڪو ماٺهو پنهنجي گهر وينو هئو تہ ٻاهران سڏ ٿيس. هن سهي ڪيو تہ اهو سڏ سندس لهڻيدارن مان هڪ جو آهي تنهن ڇا ڪيو جو پنهنجي پٽ کي آهستي چيائين تہ ٻاهر جيڪو ماڻهو سڏي ٿو تنهنکي چؤ تہ بابو هتي ڪونهي. ”ڇوڪري کي اها ڳالهہ نہ وڻي نہ ڪو ڪوڙ ڳالهائجي پر پيءُ جي ڳالهہ مڃڻ بہ لاچار ٿيس، تنهنڪري ڇا ڪيائين جو پنهنجي گهر ڪان ٻاهر نڪري، پير سان زمين تي ليڪو ڪڍي پاڻ اُنهيءَ ليڪي جي ٻاهران ٿي بيهنو ۽ هنکي چيائين تہ ”بابو هتي ڪونهي“.

لهڻيدار پانيو تہ ”هتي“ جي معنيٰ هن شهر ۾ ڪونهي مگر ڇوڪري جو مطلب هئو ”هتي“ معنيٰ هن ليڪي جي ٻاهر ڪونهي!!

(٧)

ڳچھ وقت جي ڳالهہ آهي جو ڪنهن غريب نديڙي،

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

زميندار کي ٢٥ رپيا تقاوي طور سرڪار مان مليا.
خزانچيءَ، منشيءَ ۽ پٽيوالن ٢٠ روپيا ته ڦري ورتس
باقي رهيس ٥ روپيا سي مات ڪري ويو مختيارڪار
کي ٻڌائين ته سائين! هي موٽي ونو جو منهنجو انهن مان
ڪم پورو نه ٿيندو.

(٨)

ونڊ ماڻهن جا لنبا خوشامدڙيا گهڻا پر جهڙي
لنبي خوشامد انگلنڊ جي راڻيءَ اڳن جي سنديس
سهيليءَ ڪئي تهڙي ڪنهن ورلي ڪئي هوندي.
هڪڙي ڏينهن راڻيءَ پڇيس ته، وقت گهڻو آهي؟
جواب ڏنائين ته وقت اهو آهي جيڪو حضور چاهي.

(٩)

آنرري ماجسٽريٽ جنهن سيڪنڊ ڪلاس ٽڪيٽ
ورتي ۽ پڇيائين پئي ته، برابر آهي ته ڪنهن چرچو
ڪري چيس ته برابر سيڪنڊ ڪلاس جي آهي پر
آهي زناني، ته وسهي ويو، سا ڳالهه هيستائين مشهور
ٿي ويئي آهي پر هڪ ڀيري ڪن ڪامورن گڏجي
هڪ ٿرڊ ڪلاس گاڏو ڪٽي والاريو هئو ته، هڪڙو
ٻاهر ڏو غريب هاري به اچي ساڻن ويٺو جا ڳالهه هنن کي
نه وڻي. خير، ڪنهن وقت رستي تي ريل گاڏي
آهستي هلڻ لڳي تڏهن انهيءَ دهقاني پڇيو ته سائين
گاڏي هري هري ڇو ٿي هلي؟ چيائونس ته اسانجو

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

گاڏو هري تو هلي، اڳتي ٻي گاڏي ڇوهي پيئي وڃي. جڏهن ٽيشن ويجهو آيو تڏهن هو اُهو گاڏو ڇڏي سڄ ٻج وڃي اڳتي چڙهيو جو ڀانيائين تہ ڳوٺ جلد پهچندس.

(١٠)

هڪڙي ڀيري ڪن شوقينن جي هڪ محفل ٿي. اُنهن مان ڪي جهنگ ڦرڻ ويا. هڪڙو شوقين وڃي صوفي ٻرن جي وڻ هيٺان ويٺو. ڏسي تہ پڪل ٻير اڳيان پيو لڏي. هٿي ويچاري ڪي هڪڙي اک سو آسپاس نهارڻ لڳو تہ ڪو ماڻهو ڇيٽو تہ ڪونهي. پوءِ اهو ٻير ڇني کائي ويو. حاج لٿي محفل ۾ شامل ٿيو. گوئيو اُلي ٻيهي ڳائڻ لڳو تہ "ڪانا (ڪرشن) مٿن تيري ڪٿسي ٻاٽ ڪهوَن!" راڳي چوڌاري محفل ۾ ڦٽي ڦريو ۽ ڳائيندي جڏهن مٿئين شخص وٽ اچي ويٺو تڏهن هنکي اچي اندر ۾ شڪ جاڳيو تہ نڪاٽا هن نامراد مونکي ٻير کائيندو ڏٺو آهي جو وري وري پيو چوي تہ ڪاٽا! آءٌ تنهنجي کهڙي ڳالهہ ڪريان! تنهن کيس ڏارڻ لاءِ رپيو ڪڍي ڏنو. گوئيي کي جو رپيو مليو سو ٻار ٻار ونس اچي ڏاڍي تان ۽ مرڪ سان پيو ڳائي تہ "ڪانا مٿن تيري ڪٿسي ٻاٽ ڪهون!" مطلب تہ هنجو ائين ڪرڻ ۽ هنجو روپيہ کيسي مان ڪڍڻ. ڏهہ رپيا هٿس سي سڀ ٻيري ٻيري سان ڏيئي

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

خلاص ڪري رهيو ته ٻه راڳيءَ ڀري ٿي ته ڇڏيس ءَ ساڳي
تڪ ٻيو منهن ۾ ڏٺيس. اِتي هيءُ ٻه اڇي ڏاڍو ٻهر
ٽيو ۽ اَمالڪ ڇٽي ڏنائينس ته هڙڙا ٽهڙا، جيڪي هڙ
۾ هئم سو ڏيئي ڇڪو آهيان ته ا.. جمد نٽ. ڇڏ يدم،
هاڻي ٻيٺو ٻڪ. ٻات وري کهڙي ڪندين؟ ٻير ٻه ته
هڪڙو ڪاڏو اٿم ڪي گهڻا؟

(١١)

ڪو ٻابو فرسٽ ڪلاس ۾ چڙهيل هئو. سامان جو
ليکو ٿي ڪو نه هئو پر هڪڙي ٽوڪري پڪلن ڙيتون
جي ٻه اندر گاڏي ۾ کڻي آيو. صاحب ٻه ڪو اُن ۾
چڙهيل هئو ٽنهنکي اکيچار سامان تي ايتري ٻيچان ته
آئي پر ڙيتون جي ڏپ سهي نٿي سگهيو. هـو مٺو
مسخرو. ٻيو ته وس ڪو نه ٿي پڳس. ڪيائين ڇـا جو
ٻابوءَ کي ننڊ ۾ ڏسي سندس شال جـي ٻـدل ڪنڊ
مان ٽڪيٽ چوڙي ورتائين. ڪنهن مهل ٻابو سجاڳ ٿيو
ته ٿو صاحب چويس ته اوهين ته فرسٽ ڪلاس مسافر
نٿا ڀانئجو. تڏهن اَمالڪ ٽپ ڏيئي چوڻ لڳو، هائو
ڏسو، هيءَ ٽڪٽ. ڪنڊ کولي ٽڪيٽ نهي ئي ڪا نه. ٻوءِ
ته هيٺ مٿي ڳولي ٻيٺو، پر ٽڪيٽ ڪٿان هٿ اچيس؟
صاحب چيس ته اوهانجو دستور آهي جو بنا ٽڪيٽ گاڏيءَ
۾ چڙهو پر ريلوي وارا سهي ڪري ويا آهن. هاڻي ٽازو ٻن
جڻن کي اهڙيءَ ڳالهه تان ڇهه ڇهه مهينا سزا آئي آهي.
ٻابوُ ويچاري جون ٻه ٻه وييون ڇهه ٻه وييون، اچـي

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ششدر ٿيو جو ٽڪيٽ جاچڻ وارو ٽيشن ۾ ويٺو هو. تڏهن صاحب چيس ته بينچ هيٺان سمهي پئو ۽ مان پنهنجي رڳ لٽڪائي ٽوڪي ڏيکي سمهي ٿو پوان. بابوءَ ويچاري لاءِ ٻي ڪا واهه ئي ڪانه هئي. جڏهن ٽڪيٽ وارو آيو تڏهن صاحب ٻئي ٽڪيٽون ڏيکاري چيس ته هڪڙي منهنجي ۽ ٻي ٻئي جٽي جي جو بينچ هيٺان دٻيو ڪِڇيو پيو آهي!

(١٢)

هڪ ڀيري جو سيٺ ڳوٺ جي لوڪل بورڊ جو مشير هئو ۽ مهيني ۾ ٻه چار گهمرا ميٽنگ ۾ وڃي حاضر ٿيندو هئو. هڪڙي ڏينهن زالس پڇيس ته اُتي ڇـا وڃي ڪندا آهيو؟

سيٺ ڇا ڪيو جو هڪ مٽ اڳيان رکي چوگرد زال ۽ ٻارن کي ڪٺو ڪري وهاريائين. پوءِ وٽن پڇندو ته اوهانکي ڇا گهرجي؟ ننڍي پٽ چيس ته بابا پئسو ڏي. پٽس چيو. بجيٽ ۾ پئسو آهي - راءِ منظور. پوءِ مٽ مان پئسو ڪڍي ڏنائيس. اهڙي طرح هڪڙي هڪڙي کي ويو ڏيندو. پڇاڙيءَ ۾ آيو زالس جو وارو تنهن چيس ته مونکي ٻانهين پاءِ. تڏهن سيٺ چيو ته بجيٽ ۾ پئسو نه آهي. راءِ نامنظور! ٻائي هاڻي سمجهه. اُتي اِجهو ائين وڃي ڪندا آهيون ؛ راءِ منظور ۽ نا منظور!

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(١٣)

اِسڪاٽلنڊ ۾ هڪ لارڊ ٿي ويو آهي جنهنجي پٽسي سان ڏاڍي دل هوندي هئي. وڏو موذي هوندو هئو هڪ لڳا رستي تان ويندي آنڪ لڏائين سا اڳهي صاف ڪرڻ لڳو ته ڪنهن فقير ڏسي ورتس ۽ هٿ ٽنگي چيائينس ته اوهان جهڙن اميرن لاءِ آنڪ ڪهڙي چيز آهي. مون مسڪين کي ڪٽي ڏيو. هن چا ڪيو جو آنڪ کيسي ۾ وجهي چيائينس تہ جئن مون لڌي تئن تون ٻہ وڃي لهہ. ٻر ٻئي پيري ڪو شخص مٽ تي مليس. اهو لارڊ پنهنجون مسواڙون پاڻ اڳاڙيندو هئو. وڏو پيچ هوندو هئو. ڪنهن ويچاري هاريءَ وٽ مسواڙ ۾ فقط ٨ آنہ گهٽ نڪتا تنهن کي وري پٽڻ وڌائين جو ڪيترا ڪوهہ ڪري ٻنيءَ تان آڏ ٻو ڪٽي آيو ۽ پوءِ جڏهن هاري حساب لاهي رهيو تڏهن ٿيو چيئيس ته رئس، ٻيو آڏ ٻو ٻہ. وٺو ۽ پنهنجي سون ۽ چانديءَ جو تہ درسن ڪرايو. چيائينس، توکي وڏيڪ خرچ ڪرڻو ڪونہ پوندو ۽ اماڪ پنهنجون لوهہ جون پيٽيون ڪولي مهرون ۽ روپيہ ڏيکاريائينس. هاريءَ چيس تہ رئس، جهڙا اوهين شاهوڪار، تهڙو آءٌ. لارڊ چيو سو وري ڪهڙي اکر؟ هاريءَ ورندي ڏنيس تہ جئن مون اوهانجو خزانو ڏٺو تئن اوهين ٻہ مون وانگر ڏسو ٿا.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(١٤)

ڪٿي ڳالھہ نڪتي تہ، سج وڌيڪ ڪمائتو ڪين چنڊ. هڪڙي ٻيو ڏيئي اٿي چيو تہ ٻيلي، ڪمائتو تہ چنڊ آهي جو تہ نڪري ٿو اهڙي وقت جڏهن سندس گهرج آهي يعني اونداهيءَ رات جو. سج نڪري ڏينهن جو. اُنهيءَ ٽاڻي سندس ڪم ڪهڙو؟ سوجھرو اڳيئي گهڻو هوندو آهي.

(١٥)

ڪو چور ويو ٻڪري چورائڻ جي ارادي سان ۽ گهڙي پيو هڪ واڙي ۾ ۽ اُتان ٿلهو متارو ٻڪرو نظر مان ڪڍيائين پر ٻڪرو چريئي نہ. گهٽوئي مار يائينس ڪنيائينس پر ڪين ڪتو. متان اچي صبوح ٿيو تہ سڌو پنڌ مس ڪيائين. مالڪ اُٿڻ سان سنڀاليو ۽ چور جي پٺيان پيو ۽ جلد پيرو ڪڍي اچي سڳہ سوڌو پڪڙيائينس ۽ ماجسٽريٽ وٽ رجوع ڪيائينس. چور چوڻ لڳو تہ ٻڪرو ڏاڍو سڃو آهي. ماجسٽريٽ چيس پڪو چور تہ آهين. ڏينهن ڏني ڪڏهن چوري ڪبي آهي؟ چور جواب ڏنو تہ سائين راتوڪر پٺيان پيو آهيان پر اهڙو ٻُڍو آهي جو چريئي نہ. تڏهن ماجسٽريٽ مالڪ کان پڇيو ٻڪرو ڏسجي تہ سڙڪو ٿو، پوءِ چريو چو نہ ٿي؟ وراڻي ڏنائين تہ مون ڀلا ڪنهن سان ڀي، هلڻ جو تہ آهي. پوءِ ماجسٽريٽ اڳيان هلائي ڏيکاريائين تہ يڪدم

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

هلڻ لڳو. تنهن تي ماجسٽريٽ فتوا ڏني ته چور جو ڏوهه ثابت ڪونهي. اِها حرڪت سڄي ٻڪري جي آهي تنهنڪري ٻڪري کي ٽي مهينا ٻڪ ۾ وجهون ٿا ته سڌري.

(١٦)

ماستر - آها! سڄي سڄي جي ترڪيب ڪر.

ڇوڪر - حرف جملو، ۽ نڪر ڪهڙي جا ڳنڍيندو.

(١٧)

ڪنهن شخص زمين ڳڌي جنهنڪي مسيبت ۾ هئي. چيائين، واه ٻيلي جيترا آهيون ته پور ٻاسين! مڙ پوئي مسيبت جي پير ۾.

(١٨)

اُڌو - گيان! لفظ "آنو" تنهن جي ترڪيب ڪر.

گيان - (ڪتاب وٺي ۽ سٽ ڏسي) چويٿو ته "آنو" اسم عام عدد واحد آهي.

اُڌو - اڙي! جنس ته چؤ.

گيان - آنو ڦٽي ته خبر پوي. اڳيئي جنس ڪئن چوان. چوان مونث ۽ نڪري مذڪر ته پوءِ؟

(١٩)

ڪنهن بادشاه کي آڪاٽين ٻڌڻ جو اچي سخت خفت لڳو، ته مان پاڻپدو ئي ڪين هئو. امير وزير سڀ اچي ڪڪ تي پيا. آخر اشتهيار ڪيائين ته جيڪو

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

اھڙي آکاڻي ٻڌائيندو جا ڪڏھن پوري نہ ٿئي تہ اُن
کي مال خزانا تہ ملندا پر بادشاھ جو وارث پڻ ٿيندو نہ
تہ قاضيءَ تي چاڙھيو ويندو. گھڻيئي ھرکيا ۽ لنبيون
چوڙيون کھاڻيون ٻڌايائون پر ھفتي مھيني ڇھين مھيني
اچيو پوريون ٿين. پوءِ ڪمبخت چڙھن سوريءَ تي. آخر
ھڪڙو شخص **آواز** نالي پرگھٽ ٿيو جنھن آکاڻي ڪٿڻ
شروع ڪئي چـــي ھڪ زبردست بادشاھ ھو جنھن
دولت ڪٺي ڪرڻ لاءِ ڪيترا سال سڄي بادشاھت
جو اَن ھڪ وڏي گدام ۾ ڪٺو ڪرائي دريون دروازا
ڏياري ڇڏيائين. گدام ڪين ھئو پر ھڪ جبل ٿي پيو.
مڃاڻ رازن کان ھڪ ننڍو سوراخ بند ڪرڻ وسري
ويو. مڪڙ اچي سھڙيا پر ھڪڙو ھڪڙو ٿـــي ڪڻو
ڪڻو ڪڻڻ لڳا. ھڪڙي مڪڙ اندر گھڙي ان جو ڪڻو
ڪنيو، ٻيو گھڙيو تنھن ڪنيو، ٽيون اندر گھڙيو تنھن ڪنيو؛
اھڙيطرح صبوح کان رات تائين ائين بيان ڪندو چوندو
ھليو. فقط مانيءَ مھل بس ٿـي ڪيائين. ساندہ مھينو
اھو راڳ ھلايائين. بادشاھ بہ صبر سان ٻڌي ٻڌي مڪڙن
مان اچي ڪڪ ٿيو. تڏھن ٿو چويس تہ ڀلا ڪٿي سمجھون
ٿا تہ مڪڙن سڀ اَناج کائي خلاص ڪيو پوءِ ڇـــا؟
آکاڻي ڪٿيندڙ چيو تہ پوءِ جيڪي ٿيو تنھنجو بيان ڪريان
تنھن کان اڳ پھريائين جيڪي ٿيو سو تہ پورو ڪري
ڏيوم. تـڏھن وري ساڳيو ريگٽ شروع ڪيائين،

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

چي ٻيو مڪڙ گهڙيو تنهن ٻيو داڻو کنيو، پوءِ ٻيون، پوءِ ٽيون. ائين اينگهه، ڪندي سڄو سال لنگهي ويو. آخر بادشاهه بلڪل بيزار ۽ تنگ اچي ٿيو ۽ پڇائينس ته آکاڻي ختم ڪڏهن ٿيندي؟ جواب مليس ته چئي نٿو سگهجي. اڃا ته رڳو انبار خاني جو ذرڙو مس کٽو آهي ۽ مڪڙ اڃا اُپ چانيو بيٺا آهن. ڏهن ٻري سڄو سال مڪڙن جو بهرستان هلندو رهيو، چي وري ٻيو مڪڙ گهڙيو ۽ ٻيو داڻو کنيائين. آخر بادشاهه ٻڌي ٻڌي بلڪل اچي حيران ٿيو ۽ اهڙي هان پر يائين جو آماز کي چيائين تـه وٺ پنهنجو انعام، مونکي اِنهن مصيبت پيلن مڪڙن کان ڇڏاءِ. تنهن تي آماز کي مال خزانا ته مليا پر تخت جو وارث به ٿيو جو چيائين تـه جيسين آکاڻيءَ جو اوائلي حصو پورو نه ٿيو آهـي تيسين باقي حصو ڪئن ٻڌائي سگهبو؟

(٢٠)

هڪڙو شخص هئو جو جڏهن ٻڌو اچي ٿيو ته ڏهن پنهنجي ٻڌاپڻ لڪائڻ لاءِ پنهنجي ڏاڙهيءَ کي ڪيس لائائين ۽ مٿي جـا وار پٽڪي سان لڪائيندو هئو. هڪڙي ڏينهن نند ۾ پٽڪو وڃي ٻري پيس، ۽ مٿي جا وار ظاهر ٿي پيا. سندس دوستن کيس چيو ته هي چا؟ مٿي جا وار اڇا ۽ ڏاڙهي ڪاري. جواب ڏنائين ته ٻرابر. مٿي جا وار منهنجي جمڻ کان اڳ جاوا هئا ۾

ڏاڙهي ١٨ سالن کانپوءِ جائي ۽ سو ڏاڙهي مٿي جي
وارن کان ننڍي آهي تنهنڪري ڪاري آهي!

(٢١)

تازو هڪڙو بنگالي ڪامورو هوڙا اسٽيشن تان ريل گاڏيءَ ۾ چڙهڻ تي هئو ته ريل اُتي هلڻ لڳي. گاڏيءَ جو گارڊ جو اچا پاڻ گاڏيءَ ۾ ڪو نه چڙهيو هئو تنهن ٻانهن کان جهلي ڪري ٻيهاريس ۽ چيائينس ته هلندڙ گاڏيءَ ۾ چڙهڻ ڏوهه آهي. هو بنگالي صبر ڪري بيٺو. جڏهن گارڊ جو گاڏو اچي پهتو تڏهن گارڊ ٽپ ڏيئي اُتي پنهنجي گاڏي ۾ چڙهيو ته هو بنگالي جهلي بيٺس چي هلندڙ گاڏيءَ ۾ چڙهڻ ڏوه آهي. جٿسي ڪو ٽڪسا ملا، سڻ ري راجا پيم. يڪدم لال بتي لڏڻ لڳي ۽ گاڏي بيهي ويئي ۽ ٻئي چڙهي پيا!!!

(٢٢)

هڪڙو مسافر ڪنهن هوٽيل ۾ وڃي لٿو ۽ ٻهران ٿي رات رهڻ ڪري ڏاڍو ڪڪ تي پيو ڇو جو ڪوئن راتِ جو ننڊ ٿي نه ڪرڻ ڏنيس. ڏينهن جو هوٽيل واري کي ٻڌايائين تنهن پاليل ٻلي ڏياري موڪليس. ٻن ڏينهن بعد مسافر جڏهن هلڻ هارو ٿيو ته هوٽل واري جي بل ۾ ڏسي ته پڇاڙيءَ ۾ لکيو پيو آهي ”ٻه راتيون ٻلي پاڙي ٿي، تنهن جا روپيه ٻه.“ پلا مسافر هوٽيل واري جو به اُستاد هئو تنهن مات ڪري

اُن رقم جي هيٺان لکيو، "ٻليءَ کي ڪارائڻ لاءِ گهٽ ڪيا ويا رپيا ٣. اهڙيءَ طرح هوٽل واري جي چارج کان ٻيو هڪ رپيو به گهٽ ڪري باقي پيسا ڏيئي راهي ٿيو!

(٢٣)

ڪي ٻه جاڙا ڀائر هئا شڪل ۾ هوبهو هڪجهڙا. گهڻيئي ڏسي ڀلجي پوندا هئا. هڪڙي ڀاءُ جا ڪير جو حجام وٽ ويو ۽ چيائينس ته ڏاڙهي ڪوڙائڻ جي مهيني ۾ ڇا وٺندين؟ هن چيو ته ٻه رپيا. ڪوڙائڻ واري چيس ته منهنجي ڏاڙهي جلد جلد وڌندي آهي تنهن ڪري ٻن جا چار ڏيندوسانءِ. ۽ کيسي مان سچ مچ چار رپيا ڪڍي ڏنائينس ۽ ڏاڙهي ڪوڙائي هليو ويو پر اڃا ڪلاڪ ٿي ڪين گذريو ته پنهنجي ڀاءُ کي موڪليائين جنهن چيس ته ڏاڙهي هيتري ۾ وڌي وئي آهي سا وري ڪوڙ. حجام کي ٿورس لڳو تنهن چيس هاڻي سو ڪوڙيانءِ تو باقي اڳتي هئي نه اڄ ۽ چارئي رپيا موٽائي ڏنائينس

(٢٤)

هڪڙي ڇوڪر کي دير ٿي وئي. رستي تي دل ۾ چوندو ٿي ويو ته ڀڳوان مهرباني ڪري اڄ اهڙي دَيا ڪر جئن سڪول ۾ دير سان نه پهچان. ايتري ۾ آهس ٿاٻڙ ۽ پيو ڪري. اُٿي ڪپڙا ڇنڊي

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

چوڻ لڳو، "پر ڀڳوان! مون توکي ائين ته ڪو نه
ڇيو ته سوير پڇائڻ لاءِ هر ويرو ڏڪا ڏيندو هل."

(۲۵)

نوجوان - ڪڪي! جي مالڪ جي مرضي هجي
ها ته ڙالون نمٽ يا قلي پائين ته اوهانجا نڪ ڪين
اڳيئي ٽوپي ڇڏي ها؟

پيٽس - جيڪڏهن مالڪ جي مرضي هجي ها ته
مڙد مڇيون ڏاڙهيون ڪوڙائي ڇڏين ته اوهانکي اصل
ڙالن وانگي ڪين ٿاهي ها؟

(۲۶)

هڪڙو عملدار پنهنجي خوابگاهه ۾ گهريءَ ننڊ ۾
سمهيو پيو هئو ته اوچتو بندوق جو آواز ٿيو تنهن تي
اهو يڪدم ٽپ ڏيئي اٿيو. ڇا ڏسي ته نوڪر ڪي
بندوق هٿ ۾ آهي. تڏهن تو پڇيس ته ڙي بندوق
چو ڇوڙيءَ؟ چي سائين، جهرڪين تمام گهڻو گوڙ ڪٽي
مچايو تنهنڪري انهن تي ڪٽي بندوق ڇوڙيم ڇاڪاڻ
ته خيال ڪيم ته متان توهان ننڊ مان جاڳي پئو.

(۲۷)

ڪنهن ڏاهريءَ جو اٺ چورائجي ويو سو خوش ٿي
ٽپ ڏيڻ لڳو. پڇائونس ته چو؟ چي شڪر جو آءٌ
مٿس چڙهيل نه هوس نه ته مان چورائجي وڃان ها.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٢٨)

پير هڪڙو ويو ٿي ڪنهن شهر ڏي. وات تي اچ لڳس. نوڪر پير واري ڳوٺ ۾ ويا ڇنائڻ ته پير صاحب ٿو اچي. ڳوٺاڻا هئا ٻه ڏاهري. خيال ڪيائون ته اسين غريب ماڻهو، پيون سير اٽ پاڻيءَ جو ٽيپي ۾. هيءُ جو هيڏو وڏو ماڻهو ٿو اچي سو ته ضرور ڪنهن وڏي اٺن ۾ ٥-٨ سير کن پيئندو هوندو. پوءِ هڪڙي پاٽ ۾ هڪڙي سانداري پري رکيائون. پير صاحب گهوڙي تان لٿو ته ڏاهرين پاٽ هٿ ۾، سو اچي ڪل ۾ چنڪيو. ڏاهرين ليکي ته ٿورو ٿو لڳيس سو چوڻ لڳا ته سائين، فڪر نه ڪريو، سانداري پري رکي آهي!

(٢٩)

ڪيول، حلوائيءَ جي هٽ تي چڙهي پڇڻ لڳو ته ٽڪي گهڻين تو ڏين؟ چي پنجين پئسي ڏيندو ساڻس ڇهه. ڪيول ٿيو ته، پنج پيسي ڇهه! انهيءَ حساب پنجن جا چار پئسا، چئن جا ٣ پئسا، ٽن جا ٢ پئسا، ٻن جو هڪ پئسو، هڪڙي جو ڪي به، ڪين، مونکي کپي ٻه هڪڙي!

(٣٠)

هڪڙو شخص ڪنهن ٻڙ ٻڙيئي حجم جي دڪان تي سنوارت لاءِ ويندڙ هئو هڪڙي ڏينهن ڏاڍو عاجز ٿي حجم کان پڇيائين ته، جڏهن منهنجا وار ڪترييندو

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

آهين لڏهين ڇو سدائين جمن پوئن ۽ چورن جون ڳالهيون ڪٽندو آهين؟ ڄمر ورندي ڏني تہ معاف ڪجو پر سبب هيءُ آهي جو جڏهن اهڙيون ڳالهيون پنهنجن گراهڪن کي ٻڌائيندو آهيان تڏهن دپ وچان سندن وار ڪڙا ٿي بيهندا آهن جنهنڪري اهي ڪترڻ ۾ ڏاڍا سولا ايندا آهن.

(٣١)

هڪڙو امير پوڙهو اچي ٿيو ۽ وار سڀ ويس ڪسي ۽ گنجو ٿي پيو جنهنڪري وارن جي، ٽوپي پائيندو هئو. هڪ لڳا پنهنجي دوستن سان گڏ شڪار تي ويو تہ هوا جا لڳي تنهن ۾ اها ٽوپي اڏامي ويس ۽ مٿي ٽوڙهه ظاهر ٿي پيئي. ٻنهي ساٿين جو ساٿس هئو تنهن کان ازخود کل ڇڙي ويئي، بلڪ ٻاڻ امير بہ ٻيهي ساٿن گڏ ٽهہ ٽهہ ڪرڻ لڳو ڇي برابر جڏهن خود منهنجن وارن ئي مٿي تي ٽڪاءُ نہ ڪيو تڏهن پراوا وار ڪئن ٽڪاءُ ڪائيندا؟

دريافت ائين نہ ٿيندي (ٽوٽڪو) (٣٢)

جهنگ ۾ ڪنهن وڻ کي اچي لڳي باهہ. نجاڻا تنهن مٿي ويٺو هئو ڪو نانگ. نانگ اچي حيران ٿيو تہ اجهو ٿو سڙي مران تہ اينتري ۾ ڪو واٽهرو اچي لنگهيو تنهنکي ليلاڻون ڪرڻ لڳو تہ پلائي ڪري مونکي هن آپدا کان ڇڏاءِ تہ دعائون ڪندو سانءِ نہ تہ سڙي

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

مرندس؛ جئن وٽيئي تئن ٻاهر مان ڪڍيم. ڇپائين ڪئن ڪيانءِ. سڀ ڇيو ته لت جو هڪ مٿر رکين وڃڻ ٿي، ٻيو ڪلهي ٿي ته لهي ايندس. هنجو ائين ڪرڻ ۽ نانگ جو اماڻڪ سري اچڻ ۽ وارو ڏيئي وانهڙوءَ جي ڳچيءَ کي وڪوڙڻ. وانهڙوءَ چيو ته هيءَ ڏاڍي جٽ ٿي ۽ نانگ کي شرمائي ڇپاءِ ته ٻيلي مرن ڪئي چڱائي، تون اُلٽو مونکي ٿو کائين.

نانگ وراڻيو ته چڱائيءَ جو بدلو ٻڇڙائي آهي. وانهڙوءَ چيو ته تون ڏاڍي ٻڌائي؛ هاڻي هل ته هلي نياءُ ڪرايون نانگ چيو ڀلي. اُٺي هليا. هليا وڃن، هليا وڃن ته ميهن جو ولر پٺي ٻريان آيو. ماڻهوءَ تنکي ٻهاري هڪ پوڙهيءَ ميهن کان ڀڇيو ته مون هن نانگ سان ڪئي چڱائي، هاڻي مونکي ٿو کائي. ميهن چيو چڱائيءَ جو وقت ڪونهي. جيسين مون ۾ ڪير هئو ٻري ٿــ، ٿي جڙي. ڪيتريون ميهون جڻي ڏنيون مان. جان ٿيس پوڙهي ۽ مون مان ست ويندو رهيو تان مونکي ڪڪ ڏئي ڪونه. چڱائيءَ جو بدلو برابر ٻڇڙائي آهي. خير هليا اڳتي ته هڪڙي هنڌ ڏسن ته ڪوهه مٿان ٻير بيٺي آهي تنهن کان ڀڇيائون تنهن رايو ڏنو ته نانگ سچو آهي. برابر چڱائي جو وقت ڪونهي. ٻل ٽوڪي کائي. ماڻهو منهنجي ڇانو ۾ وهن؛ پوءِ ٻه ڏڪا هڻي مونکي مارين ۽ سٽين. دريافت اِها پوري آهي. تڏهن وري ٻه، اُٿي هليا ته

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ته اڳيان ٺيڪاري گڏين تنهن چيو ته دريافت ائين ته ٿيندي. آءٌ سر زمين تهاسي پوءِ فتوا ڏيندس. پوءِ ته موٽي آيا اُنهيءَ ٻرندڙ وڻ وٽ. ٺيڪاريءَ ماڻهوءَ کي چيو ته اڳي وانگر ڪلهي تي کاٺي ڪري ٿي بيهه ۽ نانگ کي چيائين ته چڙهي وڃ وڻ تي. نانگ اُمالڪ چڙهي ويو. تنهن تي ٺيڪاريءَ ماڻهوءَ کي چيو ته ميان، هاڻي لٺ ڪٽي ويندو رهه، ته مر پيو سڙي.

(٣٣)

ڪنهن موقع تي ميراخان جو بمبئي پاسي وڃڻ ٿيو. ساڻس نوڪر جو هئو تنهنجو نالو ٿي ظالم ڪٽي رکيو هئائين. ٽرام ۾ چڙهيا ته نوڪر ٽڪ اُڇلائي. مير چيس ته سنڀال، پنجاه روپيه ڏنڊ ته پوندئي. نوڪر جهٽ پير ڏيئي اُنکي پڪي ويٺو. جڏهن لهڻ جو وقت آيو ته نوڪر اچا پير ڏيو ويٺو آهي ۽ لهڻ جي نه پيو ڪري.

مير چيس ته لهه نه! نوڪر چيو ته حضور هن جي حفاظت ڪير ڪندو، پنجاه روپيه ڏنڊ جو پوندو!

(٣٤)

ڪو جت ويو جاتيءَ ۾، مغلبين جي قبي ۾ زيارت ڪرڻ. ٽوپ مٿي تي هئس ۽ ڪلهي تي اُنجيءَ پيرن ۾ پائڻ لاءِ ڏانوڻن جو ڇڳو (گڏو). اندر گهڙڻ سان دعا پنڻ لڳو. چوي مغلبين سائين، خير ڪرين. قبي مان

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

هو ٻيو ٿيو جنهنجو پڙلاءُ سندس ڪنن تي موٽي آيو ڇي
"خطر ڪرين".

جت جنهن ڪڏهن ٻڙاڏو نه ٻڌو هئو تنهن ڀانيو ته
مغلبين سائين موکان ته ٿو دعا پني. ٻيو ته قبعي جي
پتين ۾ لڳيون ٻيون هيون آرسيون. هن ڪڏهن آرسي
نه ڏٺي هئي سو پنهنجي شڪل انهي ڏسي ڀانيائين،
مغلبين سائينءَ پاڻ درشن ڏنو اٿم. ٿوري ساعت ويهي
موٽي پنهنجي ڳوٺ ويو ۽ ڳوٺاڻن کي چوڻ لڳو تہ
مڪون ڏٺا هئي ته مغلبين سائين ڪو ڏاڍا هووي.
جيان ٽوپ ميڏي مٿي، ايجها مغلبين سائين دي مٿي،
جيها ڏانوٽا دا چڱا ميڏي ڪلهي تي ايجها مغلبين
سائين دي تي ته پوندا پيا هئي ته مغلبين سائين دي
ٻهي ڏاچيان هي جو چنگا ڏانوٽا دا ڪلهي تي هوس.
ڇئي شڪ نه آهي ته مغلبين سائين وٽ ٻه اُٺيون آهن
جو ڏانوڻ ڪلهي تي هوس. جت نيٺ جت.

(٣٥)

ڪنهن شخص نوڪر رکيو. پگهار چار رپيا مهينو
ڪري ڏنائينس ۽ پڻ دلاسو ڏنائينس، ته جي دل خوش
ڪندين ته ٻيائي چڙهيندوسانءِ. هڪڙي گهمري نوڪر
کي چيائين ته رپيو اُٿيئي، ڪو سنو ميوو وٺي اچجانءِ.
هن ڇا ڪيو جو ڇٽن پئسن جون پتائي گجرون وٺي
آيو. ڏٺيءَ پڇيس ته مون چيو ته ميوو آڻ ڪين هيءُ

ڪپڙ ڪاهي اچ. چي سائين، مون تي پاڻ ڪفايت
ڏني ٿي ماڻُو جو آني ۾ مٿو مال ٻه آندو ٿي ماڻُو ۽
پيٽ ٻه پرچي پوندو. پوءِ ته ڪٺي گهوڙي جي سنڀال
لاءِ رکيائينس. اچي جو ڪنهن ڏينهن چور ته سندس
روبرو گهوڙو ڇوڙي اُٺي پڳو. مالڪ آيو تنهن پڇيو ته
گهوڙو ڪٿي؟

چي چور آيو سو ڪاهي ويو، پر سائين خيال نه
ڪريو. چور ويندو ڪاڏي؟ اجهو وري ڏيو گهوڙو
وٺي اچي. ڏٺيءَ چيو ته نادان! سو ڪيئن؟ جي
اڳياڙي، چڙهي ويو آهي. گهوڙو ٻڌندو ڇا پر؟ سو
اجهو ٿو وٺي اچيس. تنهنتي مالڪ ڪان ڪل نڪري
ويئي. تڏهن ٿو نوڪر چويس ته سائين، هاڻي ته مون
اوهانجي دل خوش ڪئي، هاڻي ته پگهار وڌائي ڏيو!

(٣٦)

ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪو شخص چريو ٿي پيو ۽ پٽي سڄو
ڳوٺ ڦريو. ماڻهن کي انديشو ٿيو ته ڪنهن مهل گهرن
کي باهه نه ڏئي. آخر ڪنهن چيس ته ڏسين مٿان
اسانجن گهرن کي باهه نه ڏين. هن المست کي اها
ڳالهه هونءَ خواب خيال ۾ به ڪانه هئي پر
هينئر جو اشارو مليس سو چوڻ لڳو ته برابر، مونکي
اهو ڪم وسري ويو هئو چڱو جو ياد ڏياريوَ. پوءِ اچي
چڙيو سو ويو گهرن کي باهه ڏيندو! چريا نه شل چڙن!

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

عام ڪت خلق کي آهي، اِنهيءَ چريٽي وانگر ڪنهن
چوڪ ڏني تہ ملڪ ۾ رولو وجهي ڏيندي.

(٣٧)

ڳڙ جي آڱر مکي پاڻ ڀري تي ويٺو!

ڪنهن سڪر ماڻهوءَ شيطان کي چيو تہ هي ٻڇڙا ڪم
جي تين ٿا سي تون ٿو ڪرائين. تنهن تــي جواب
ڏنائين تہ نہ، ماڻهو پاڻ ٿا ڪن. جي اعتبار نٿو اچيئي
تہ بازار ۾ هلي مون سان گڏجي ڏس تہ اءُ ٿو ڪرايان
يا پاڻ ٿا ڪن. پوءِ وٺي آيس بازار ۾ ۽ ڪيس ٻهاري
پاڻ کهڙو ڪم ڪيائين جو واڻئي جي هٽ تان ڳڙ جي
آڱر ڀري ڪٽي واڻئي جي ٿنڀ کــي مکيائين. اِنهيءَ
ڳڙ لي اچـــي مکيون مڙيون. پٺا مکيون قوت ڇپيءَ
(ڪرڙيءَ) جو. ڪرڙي آهي، ڪا هٽئي هٽ تــي،
تنهنجي نظر پيئي مکين تي، تنهن چيو تہ پل گڏ تين تہ
پوءِ ڏيان سٽ، سا ٽوچ ٻڌي ويهي رهئي اُنهن تــي.
نجاٽا واڻئي جي هٽ لي هئو ٻلو، تنهن جـــي نگاهہ
پئجي ويئي ڪرڙيءَ تي سو بہ اکيون وجهي ويٺو تہ
اُتون نڪري تہ ڏيانس لوڙه. ڪو شخص واڻئي جـي
هٽ تي آيو سوڍي لاءِ، تنهن ساڻ هئو ڪتو. واڻيوءَ ڀروچ
لڳا سوڍي ۾ تہ ڪتي جي نظر پئجي ويئي ٻليءَ تي.
ڪنهن مهل مکيون اچي گهٽيهون تيون تہ ڪرڙيءَ لوڙه
مکين تي تہ ٻليءَ، ڏني لوڙه ڇپيءَ تي. هو ڏانهن وري

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڪٿي ڏني لوهه ٻلي لي. واڻئي جو تيل جـو ڊٻو جو رکيو هئو سو هارجي سمورو زيان ٿي پيو. واڻئي کـي جا آئي ڪاوڙ تنهن ڪٽنديئي سير هنيو جو لونڊڙيءَ ڏارو ڪتي کي ته ڪتو مري ويو. آئي جا ٻروچ کي ڪاوڙ، ڪڍي ترار هڻياڻين جا واڻئي کي ته واڻئي جي سسي ٻري! تڏهن شيطان چيو هن سکر ماڻهوءَ کـي ته هاڻ ته تو وٽ ٻينو هوس، هي ڪم ڏس ڪيترا ٿي پيا! تڏهن هن وروندي ڏنيس ته پليت، سٽا سٽي تو. ڳڙ نه مکين ها ته ايتري هاڃ ٿئيئي هوند ڪين ها!

(٣٨)

هڪڙي پڻاهه گير عورت کـان سندس ساهيڙيءَ پڇيو ته ڏي خبر، ڪٿان تنهنجي ڌيءَ کـي آميريڪا جو ملڪ پاءِ پويو؟

"واهه! ڏاڍو" اُن عورت اُتساهت ٿي جواب ڏنو. منهنجي ڌيءَ کي اُهو ملڪ ڏاڍو پسند پيو آهي؛ اُتي هڪڙي اميريڪن جوان سان شادي ڪئي اٿس. مڙسس گهرؤ ڪم ۾ ساڻس ڏاڍو ٿو وهي، ٻاسڻ ملائيس، هوءَ ٻاهر وڃي ته ٻارن وٽ وهيس؛ اُنکي ڻالي؛ مطلب ته سندس سمورو ڪم ڪري.

" ڀلا پٽ جي خبر ڏي. اُهو ٻ ته اُليئي اُن ملڪ ۾ رهيٿو." ساهيڙيس وڌيڪ پڇيس.

"اُنهيءَ ويچاري جي ته ڳالهه ٿي نه پڇ. هڪي

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ملڪ ڀاءُ پورا نہ پري رهيو پر هن غريب سان نہ جهڙي
تعدي ٿي آهي" مائيءَ ساهيڙيءَ کي افسوس زده ٿي چيو.
"ڇوڪر هڪڙي اميريڪن ڇوڪريءَ سان ڀڄي ويو
آهي پر ويچاري سان ڏاڍي جٺ آهي: ڙال جو ٻچو
ٻانهو ٿي پيو آهي. گهر ۾ سارو ڏينهن ٻگي جيان ٻيو
وهي، رڌڻ پچائڻ ۽ ٻاسڻ ملڻ ۾ نہ مدد ڪريس ٿو
ٻار بہ پاليس."

نائي ٻلي مصيبت ۾! (٣٩)

هڪ ٻلي حج پڙهي اصل رهي اچي مصيبت ۾
جتي هڪ ڪنڊ ۾ رات ڏينهن بندگيءَ ۾ لڳي ويئي.
ڪوئا جي اتي رهندا هئا جي هيڏانهن هوڏانهن پيا
ڊوڙن تہ هننکي همت ٿي نہ لائي ٻلڪ ويجها اچيس
نہ بہ پيئي تسبيح قيري. آخر ڪوئن اچي پڇيس تہ
اي فقير ياڻي توهان ڪٿان جي آهيو. تنکي جواب
ڏنائين تہ اسانجي ذات پات جي نہ اوهانکي سڌوري
خبر آهي پر آءٌ تہ پنهنجي پراڻي چال چلت ڦٽي ڪري
حج ويئي هيس ۽ هاڻي جا موٽي آئي آهيان تہ پاڻ
جي ڪمن کان ڏور آهيان ۽ نيڪيءَ جي ڪمن ۾ ضرور
آهيان. هاڻي نڪو حرص نہ هوا، نہ تمنا نہ ترازي؛
ڏينهن قيامت جو ڏاڍو سخت آهي. ڪيلن ڪمن جو
پيچ پچاڻو ٿيندو، حساب ڪتاب ڏيڻو پوندو. سياڻو
اهو آهي جو هن زندگانيءَ ۾ سمجهي وٺي. آخر تہ

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڪم خدا سان ٿيندو. ڪوئا ڏسو ته گد گد ٿيا تين ۽
همت ٻڌي عرض ڪيائون ته ناني، تو چڱو ڪم ڪيو
آهي. خدا توکي سمجهايو آهي. ٻچاڙي تنهنجي سرهي
ٿي آهي. هاڻي اسانجي دعوت قبول ڪر. هن چيو
ته اسين گهڻو روزي ۾ گذاريون ٿا. پيٽ جي چاڪريءَ
کان اسين گهڻن ڏينهن لاڪر بيزار آهيون ۾ دعوت
ڀلارن جي سنت آهي. رد نه ڪبي. اوهانجي مرضي!
ڪوئن ڏاڍا شادمانا ڪيا ۽ ٻليءَ جي دعوت لاءِ ٿلا ۽
آنيون ۽ ڇيڙ ۽ ٻوڙ ٻلاه ڪٺي اڇــي اڳيانس رکيائون
۽ ٻڌهنجن ٻارن ٻچن کي آڻي سندس پيرن اڳيان رکي
چيائونس ته ناني! تون ڀلاري، ولايت مان آئي آهين.
هنن تي دعا جو هٿڙو گهماءِ. ٻلي ٿيڻي چوي ته اوهين
منهنجو اولاد آهيو، وڌندا ويجهندا رهــو، اسانجون
ٻونيون آهيو، اسانجي ٻوڪ آهيو. ٻوءِ ته ڪوئا سندس
مريد ٿي پيا ۽ وقت ٻوقت پيا اچــن ۽ ڪائنس دعا
گهرن ۽ وٽس ٻيٺائون رکن. جڏهن عيد ٿي ته سڀيئي
ڪوئا ڪانا ڪٺي آيا. ٻر چوٽي آهي ته سڀ گهمرا ڏونجي
اوجهري ته ٻه اوجهه نه ڇڏي اوجهري. ٻليءَ ڪــي
ڪوئن ٻما ڪٽن سري. واڪ ٻاڻي ٻيو ٿيس تنهن نه
ڪا ڪٽي هم نڪا تم، هٽمدي جهت کي ڪــوئا
وانت ۾ ڪي ڇمبن ۾ ڪنکي پيٽ هيٺان لتاڙي ڍير
ڪيائين. جيڪي ٻچا سي ڇٽا. ٻــاقي حاجاڻيءَ کي

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڪاڌا، ڪي سڪائي رکي ڇڏيائين. ته پوءِ ڏنائين ته هتي ته منهنجي حال جي سيٺي کي سڌ پئجي ويئي آهي، صلاح پري ڳالهه آهي ته جاءِ بدلائجي ۽ هاڻي ٻيو هنڌ وڃي وسايو اٿس ۽ ٻنهنجي اِها ڪرت پيئي هلائي.

(٤٠)

هڪڙي گهر جي مالڪ ٽيليفون ڪندي پئي چيو هلو! هلو!

نوڪر اچ وچ ڪرڻ يعني هلڻ لڳو.

مالڪ وراڻي ته چيو هلو هلو. ته، تـو نوڪر جواب ڏنيس ٻوڙو ڪين آهيان، ٻڌان ٿـو. اوهـانجي حڪم جي تعليم ڪئي اٿم. هلان ته پيو. ٻيو اچان ڪئن هلان!

(٤١)

ماءُ - پٽ! هيءَ مٺائي ڪٿي ڏريان؟

پٽ - امان! الماڙيءَ ۾ ڏ رکجانءِ - ڪوئن ڪـي مار پيئي آهي - ڪائي ويندءِ - منهنجي واٽ ۾ ڏرين ته چڱو.

(٤٢)

شڪاري- مون اڄ تنهنجي بدڪن کي گوليءَ جو نشان ٻمايو.

دوست - واه! تو ته ڪمال ڪري ڇڏيو- ڇا اُهي بدڪون جهنگلي هيون.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

شڪاري - نڪو! آهي ته ٻاڙيسرڪ جــون پاليل هيون .

(۴۳)

هڪڙي ڀيري ڊاڪٽر اقبال (شاعر) اسڪول ۾ دير سان پهتو - ماستر غصي ۾ اچي پڇيس، ”اقبال! اڄ تون دير سان ڇو آيو آهين؟

اقبال وراڻيو، ”جناب، مدهنجو ڪوئي ڏوهه نـــ آهي - اقبال سدائين دير سان ئي ايندو آهي .

(۴۴)

ڊاڪٽر- (ڇوڪريءَ کي) - تون پنهنجا ڏند مليندي ۽ صاف ڪندي آهين؟

ڇوڪري - نڪو.

ڊاڪٽر - ڇو ڀلا! ڇو ڪين ڪندي آهين؟

ڇوڪري - منهنجا ڏند ناسڪ توروئي آهن جـي ملجن ۽ صاف ڪجن؟

(۴۵)

شخص هڪڙو گڏه وٺيو جهنگ مـــان پئي ويو. سندس راڻي ته انس چڙهيل هئي . متان راند اچـي پيئي . وڻ جي سڙيل ٽنڊي پريان بيٺل هئي، ڪاري جهڙي رن هئي . هيءَ ويجهو اچڻ سان شڪجي ٻهي رهيو. پوءِ لو ڇوي ته تون ٽنڊ ٽنڊاڻي ته آءٌ هيراسنگاڻي پر جي تون چرر چرراڻي ته هيءَ گڏاهه ۽ راڻي!

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٤٦)

ڪو نيئگر ٻ وڙندو گهر آيو، ڇـي ڏاڍي بهادري ڪري آيو آهيو آهيان؛ ڪرڙي ماري اٿم.

ماڻس ٻڌي چيو برابر! پٽ، پٺهين ٻ اهڙو بهادر هئو جو ٻڌل چور ڪي مڪ هڻي آيو هئو.

هاڏي تون لوڻ پورو وجهندين ؟ (٤٧)

اورنگزيب بادشاهہ جي نالي چوندا تہ، پرهيزگار ڏاڍو هوندو هئو. اڪثر دال تـي زور هوندو هئس. خانسامان دال کائي ڪڪ ٿي پيو چو تہ جيڪي پچندو هئو سو پاڻ کائيندو هئو. هڪڙي ڏينهن چا ڪيائين جو دال ۾ لوڻ نہ وڌائين تہ پـل بادشاهہ ڪڪ تـي حڪم ڪري تہ پوڙ پلاهہ ناهہ. پادشاهہ کي دال لڳي ڦڪي تہ ٻہ نڪي پچيائين نڪي دڙڪو دباچو ڪياءِ؛ مات ڪري لوڻ گهرائي منجهيس وجهي کاڌائين. ٻئي گهري خانسامان وري دال ۾ گهٽ لوڻ وڌو. بادشاهہ پاڻي گهرائي منجهس وجهي دال کائي ويو. کي چيائين کين پـر هنجي رمز سمجهي ورتـائين. ٻئي ڏينهن چا ڪيائين جو ماني نڪر نڪر ڪري خانسامان کـي چيائين تہ وزيرن اميرن ۽ سردارن کـي وڃي ڏي. جنکي ڏنائين تن روپين ۽ مهرن جا ٿالهہ ڀري ڏنس. تڏهن بادشاهہ چيس تہ هاڻي تہ ڀؤ نيئہ. هاڻي دال ۾ لوڻ پورو وجهندين ڪي نہ ؟

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٣٨)

اڪبر بادشاهه ۽ بيربل اچي هڪڙي کوهه وٽ بيٺا. هڪڙي مينهن ڏسي بيربل چيو تہ ٻانڊي (مينهن) اُها جا ٻي نڍي ٻلي

مڏي (گهوڙي) اُها جا قد ٻلي
مرد سنڌي جي پاڳ ٻلي
ڳوري (زال) اُها جا ڳهن ٻلي.

ٻڪرار هڪڙو ٻينو هٿو تنهن ٻڌو. ٻڪريءَ کي چيائين عضوا ائين ٻچاء جڳن بيربل گفتي جا ٻڳا آهن؟ بيربل چيس تہ ڪٿن ميان؟

ٻڪرار چيو، ٻانڊي اُها جا ڏوڏ ٻلي
ٽري اُها جا تيز ٻلي
مرد اُهو جنهنجي پت ٻلي
اِستري اُها جا سيل ٻلي!

اڪبر سؤ روپيہ انعام طور ٻڪرار کي ڏنو. ڳچ پڄاڻ ويا تہ بادشاهه هنيو بيربل کي طعنو. بيربل چيو تہ سؤ ئي ڦري تو اچانس. اڪبر چيو تہ عقل سان ڦرجانس. بيربل گهوڙو ڪاهي وڃي ٻڪرار کي پهتو. چيائينس تہ ٻڪرار ٻڌاء تہ زمين آسمان وچ ڪهڙو، عرش ٻہ ٽارا ڪيترا ۽ خدا ڪهڙين ڳالهين تي راضي؟

ٻڪرار کي هيون ٻہ ويہ جو ڪلون. بيربل کي چيائين تہ آءٌ آهيان پيادو. گهوڙو ڏي تہ جواب ڏيان ها.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

بيرحال گهوڙو ڏنس. ٻڪرار گهوڙي تي چڙهي چيس
ته آسمان ۾ تارا ايترا آهن جيترا هنن کان جهجها (وار)
مون ڳڻي ڏٺا آهن. وچ دنيا جو اڳيئين ڪر هيٺ آئيتي؛
سنڪليون هڻي ڏس. خدا انهيءَ ۾ راضي جو سوار
پيادا ڪري ۽ پيادا ڪنهن سوار ڪري. گهوڙو هڪلي
چيائين ڏس بيرحال، اسانجي ائيتي الله واهي!

(٩٤)
مُريدار

ٿر ملڪ پاسي ڪن واڻين ۾ شادي هئي. ٻاهر ٻن
ڳوٺن ۾ عزيز خوهيشن کي چنيون لکيائون. سيئي اچي
گڏ ٿيا. دهل دماما وڄڻ لڳا. آخر جڃ چڙهڻ جو
وقت آيو. ڪو پيو چوي آءٌ هلان، ڪو پيو چوي آءٌ
هلان. نيٺ منجهائن ٨٤ ڄڻا سنيريا هڪ ٻه منزل
ڪري پاڻيءَ جي رستي ويسوندرين جي جهاڙيءَ ۾
هڪ ڳوٺڙي وٽ ڏايرو ڪيائون. وقت به ڏڪار جو
هئو. چور ٻه کي آتي لڪا وينا هئا تنڪي ڪڙڪ
پيئي ته جڃ واڻين جي آهي. پاڻ ۾ چيائون ته اڇو لـ
ڦريون. خوب مال ملڪيت ملندو. هڪڙي چيو ته
هو ٨٤ ڄڻا، اسين فقط ٤. ٻئي چيو ته آهن واڻيا.
وڙهندو ورب ڪير؟ تنهن تي چڙهي ڪري ويا،
چي ڇڏيو مال نه ته ونون تا جان. هنن اما لڪ مال ڇڏي
چيو ته واسطي ڏٽيءَ جي اسانجي جان ڇڏيو. چور مال
کڻي روانا ٿيا ته هڪڙو واڻيو دانهن ڪري چوي:-

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ٽاٽو ڪ ٽاٽو، ڏينهن اڳتي رو ٽاٽو
وات تـي وات، پاڙي ري وات
جهاڙي ڪ جهاڙي،وسيوندي ري جهاڙي

چار چور چوراسي واٽيا تا ڦرجنجي داد نہ فريادُ" ايتري ۾ پيو ماڻهو بہ اُتان لانگهائو ٿيو ۽ چوڻ لڳو، واہ ڙي واٽيا واہ! واہ اوهانجي همت! جيئتا رهو جڳہ ۾، اوهان ٽان ڪنڌو (ڪنڌو) نہ لڳي، نہ لڳي پڳہ (پير) ۾!

(٥٠)

۽ شاعر هڪڙو ڪنهن وڏي ماڻهوءَ وٽ ويو ۽ منهن تي ساراهڻ لڳو ڇي تون هڙو، تو جهڙو سخي جهان ۾ ڪو ڪونہ هوندو. هن چيس تہ مـون وٽ هڪيو پئسو ساڻ ڪونهي، پر پاندن ۾ اَن جهجهو پيو آهـ ـم. سياڻي ايندين تہ تورو ڏيندو سانءِ.

شاعر گهر ويو ۽ سياڻي تـي اچي حاضر ٿيو. هن شخص چيس تہ وڏو ڪو احمق تـو ڏسجين. جيڪي تو مونکي چيو سو ٻڌي آءٌ خوش ٿيس، جيڪي مون توکي چيو سو تون ٻڌي خوش ٿئين، لت پٽ ٿياسين، پوءِ اَن ڇا جو ڏيانءِ؟

(٥١)

هارون الرشيد بادشاہ، عالمن کي گهرائي ڪائن ٻہ سوال پڇيا:- هڪڙو تہ دنيا جو اڌ ڪٿي تو پورو ٿئي؛

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

پيو ته آسمان ۾ تارا ڪيترا آهن؟ عالم اچي ڏاڍو منجهيا ته اِنهنجو جواب ڪين ڏجي. بادشاه قهار آهي، مارائي ڇڏيندو. آخر ويا ڀهلول داناء وٽ ته، تون اسانکي پورو پڇي ڏي. ڀهلول چيو ته، اوهين ڪچهريءَ ۾ وڃو، آءٌ اچي ٿو پوراؤ ڪريان. ڀهلول ڇا ڪيو جو گڏه تي چڙهي ڪچهريءَ ۾ ويو. بادشاه عالمن کان جواب پڇيا. پهريون سوال جڏهن بادشاه پڇيو ته ڀهلول اُنهدي گلم تي ڪلو کوڙي چيو ته اجهو آڌ دنيا جو، هتي ٿو پورو ٿئي؛ ڪجهي ڏسو ته ڪتي ٿو ٿيا وڌي ٿو. آءٌ جوابدار آهيان. وري جڏهن ٻيو سوال بادشاه پڇيو ته ڀهلول چيو ته، آپ جا تارا ايترا آهن جيترا منهنجي گڏه جي پٺيءَ تي وار- ڳڻائي ڏسو. ڀلا ڪير ڳڻي؟ تڏهن بادشاه مات ڪري ويهي رهيو.

(٥٢)

کنهن زال مرد کي چيو ته چانورن جون ۲ چوٿايون بازار مان وٺي اچ ته پيٽ رڌيون. مرد ويو سو ٻن بدران ٦ وٺي آيو چي هر گهڙيءَ ڪير پيو پنڌ ڪري گهر ۾ پيئيون هونديون ته وڃائينديون ڪين. خير! اُهو ڏينهن گذريو ته ٻئي ڏينهن زالس وري چيس ته چانور کٽا، پيا وٺي آءُ. مرد چيو ڪالهه جي سڀيون ساريون ٦ چوٿايون آٽي ڏنيون ماڻءِ. زال وراڻيو چي آندءِ ٦ چوٿايون، ڇڙيڪ چنبڙيڪ تيون پنج، هڪ ڏنيم

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڏڏ ٿي، ۽ صبوح ۽ سنجھ. مرد ٻڌي اچي ڪلڪ ۾
پيو. تڏهن ٿي زالس چوي ته ڪلي ماري ڪڳو جنهنکي
ليکو دل سان لڳو.

(۵۳)

هڪڙي آخوند مڪتب جي ڇوڪرن کي چٽي
ڇڏي هو ته جڏهن مونکي ڇڪ ڏيندا ڏسو ته، تازيون
وڄائي چئجو الله سائين اسانجي استاد کي جهجو جٽڻ
ڏجانء. شاگرد ائين ڪندا رهيا. هڪ لڳا مڪتب
جي ڪوهه ۾ ڏول ڪري پيو. ڇوڪر ڪوهه ۾ وجهڻ ڪان
ٻنا ٿي تڏهن آخوند چيلهه کي نوڙي ٻڌي ڇوڪرن
کي چيو ته مونکي هيٺ لاهيو ۽ جنهن مهل نوڙيء
ڇڪ ڏيان تنهن مهل مونکي ڇڪي ونجو. ڇوڪرن
آخوند کي هيٺ لاٿو ۽ هن جڏهن اشارو ڏنو تڏهن
مٿي ڇڪڻ لڳس. اچا ڪوهه جي منهن تائين آيو ته
ڪين ته اوچتو ڇڪ اچي ويس. ڇوڪرن امالڪ
نوڙي ڪٽي ڇڏي ۽ تازيون وڄائي چوڻ لڳا ته الله
سائين اسانجي استاد کي جهجهو جٽڻ ڏج. هن دعا ته
چڱي ڪيس ۽ ويچاري آخوند جو هڏ گڏ ٽڪر ٿي
پيو.

(۵۴)

هڪڙي ڪاموري وٽ آيو ڪو زميندار ڪنهن
ڪم ڪار لاء. ڪاموري کي پنجاه روپيه ڏيڻا ڪيائين

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

پر تنهن مهل پئسو ساڻ ڪو نہ هئس. ڇيائينس تہ تنهنجي فلاڻي دوست کي فلاڻي شهر ۾ پهچائي ڏيندس. پوءِ اهو توکي لکي موڪلي تہ پنجاهہ رپيا مليا تہ منهنجو ڪم ڪري ڇڏج. ڪاموري چيس تہ پنجاهہ رپيا لڪائيندين تہ نجاڻا اڙيءَ ۾ اچي وڃان. تنهنڪري جيڪڏهن منهنجو دوست لکندو تہ پنجاهہ انب پهتا تہ آءُ سمجهي ويندس. خير زميندار ويو ۽ رپين بدران سچ مچ ٥٠ انب وٺي پهچايائين. دوست خط ۾ ڪاموري کي لکي موڪليو تہ ٥٠ انب برابر پهتا. ڪاموري تہ ڪم جي سر انجامي ڪري ڇڏي. جڏهن دوست سان گڏجاڻي ٿيس تہ ٥٠ رپيا گهرڻ لڳو تہ هن چيس تہ مونکي سچ مچ انب مليا ۽ نہ رپيا. زميندار استاد ٿي مليس.

(٥٥)

مرد - (زال کي) ڌوبيءَ کان ڪپڙا ساري ورتہ؟

زال - ہر هڪڙو ڪتائي آيو.

مرد- بدمعاش جي پڳہ نہ ئي لاٿہ.

زال - مٿو گانڌي ٽوپي پائي آيو هئو.

(٥٦)

لنڊن شهر ۾ هڪڙي پيري آڌيءَ رات جو طوفان پئي لڳو ۽ مينهن بہ پئي پيو؛ تنهن مهل هڪ شخص ڪنهن ڊاڪٽر وٽ ويو ۽ چيائينس تہ ماٺهو سخت بيمار

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

آهي ۽ هيڏئين جو هيئنئر هلو. ڊاڪٽر چيس تہ ڏيڍهن جو آءٌ اٺ گني وٺندو آهيان ۽ رات جو سڄي. هـن چيو، "قبول"؛ ڊاڪٽر پنهنجي گاڏي تيار ڪرائي ۽ سائيس گڏجي ويو. جڏهن گهر وٽ پهتا تڏهن انهيءَ شخص گني ڪيسي مان ڪڍي ڏنيس. ڊاڪٽر پڇيو تہ مريض ڪٿي؟ چيائين مريض آءٌ آهيان. ڊاڪٽر وائڙو ٿي ويو. تڏهن هن چيس تہ آءٌ سئينما تان ٿي موٽيس تہ گاڏيءَ واري ٢ گنيون ٿي گهريون سي ڏيڻ ٿيم مشڪل، لنهڪري اوهانجي گاڏيءَ تي چڙهي گني بچائي اٿم.

(٥٧)

اُستاد - سياڻو ماڻهو جيترن سوالن جا جواب ڏيئي ٿو سگهي تنهن کان وڌيڪ سوال بيوقوف پڇندو آهي.

شاگرد - برابر. انهيءَ ۾ عجب ڪونهي جو هيترا جڻا امتحان ۾ ناپاس ٿا ٿيون.

(٥٨)

ڪي ڪي تار وارا پريان ٽڪ ٽڪ مان پيغام سهي ڪري وٺندا آهن. ڪو انسپيڪٽر تار آفيس تپاسڻ ويو. تار ماسٽر ويٺي دفتر وغيره ڏيکاريس تہ ايتري ۾ ٽڪ ٽڪ ٿي. ماسٽر پيغام وٺڻ لڳو جنهن ۾ هي حرف هئا، چي انسپيڪٽر ڊوڙي ٿي آهي ۽ ولي ٿو نوس ڏُوس ڪندو؛ خبردار رهجِ. انسپيڪٽر تہ سچو پيغام

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

سمجهي ورتو. تنهن موٽي مرڪليندڙ کي هيءُ جواب ڏنو، پيغام آيو ڪملو، انسپيڪٽر اچي سهڙيو آهي ۽ توُس توُس لائي ڏني اٿس.

(٥٩)

دوست - جيڪڏهن هن دوا کان توکي ڪو به فائدو نٿو ٿئي ته انجو استعمال ترڪ ڇو نه ٿو ڪرين؟

خيال - ڇا! مان اهڙو بيوقوف آهيان جو جنهن دوا تي سوا ٻي روپيه خرچ ٿيا آهن اها ائين ئي ڦٽي ڪريان.

(٦٠)

پيءُ - پٽ! تون چڱو ڇوڪر ٿي رهندين ته توکي هڪ آڪاٽين جو ڪتاب انعام ڏيندس.

پٽ - بابا! ته پلا بائيسڪل حاصل ڪرڻ لاءِ مونکي ڪيترو عرصو چڱو ٿي رهڻو پوندو؟

(٦١)

ڪنهن ڇوڪر سڪول ۾ وڃڻ مهل ڇيو ته امان مونکي پيٽ ۾ سور آهي. ماڻس کي ڏاڍو خيال ٿيو ۽ اسڪول کان وهاري ڇڏيائينس. پر جيڪي اٿي وينا هئا تنمان ڪن ڇيو ته رائيءَ جو بسترو هٿوس، سگهيون لڳايوس؛ ڪنهن ڇيو ته ڦودني جو جوهر پتاشي ۾ وجهي ڏيوس. پر اتي هڪ سياڻي مائي ويٺي هئي تنهن سهي ڪيو ته هنکي ٻئي قسم جو سور آهي سو ڇپائين ته حلوي جي چڪي کارايوس. تڏهن

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڇوڪري واڪو ڪري چيو ته هن اشراف جي ٻه ته ڳالهه ٻڌو.

(٦٢)

ماءُ - ڪشنا، جي چار سؤ انب اوهان ڇهني ڪي ورهي ڏجن ته جڻي جڻي کي ڇا ملندو؟
ڪشنو - سوري ۽ پيچ!

(٦٣)

دلال هڪڙو صبوح جو ويو ٿي پنهنجي ڌنڌي تي ته منهن ۾ گڏيس حجم، تڏهن ڇوڪ لڳو ته ٻيلي، هيءُ ته بدسوڻ ٿيو، ڪرت لڳندي ڪين. پوء ته موٽي گهر ويو. ماڻس پڇيس ته موٽي ڇو آئين؟ ڇي ويندي شرط منهن ۾ گڏيم حجم. تڏهن ماڻس چيس ته تنهنجو ڇا؟ مٿو ڪوڙيو ته يا ڏيندڙ جو يا ونندڙ جو!

(٦٤)

فيزگل ناليءِ هڪڙو پروفيسر ڪٿي ليڪچر ڏني جنهن ۾ رستو ٻڌايائين ته جيڪڏهن ڪنهنجي يادگيري گهٽ هجي ته هن ريت اُنکي سڌاري سگهيٿو. پوء ويو ڪنهن هوٽيل ۾ ماني کائڻ. اُتان موٽيو ته اُتري ۾ هوٽيل جو نوڪر هٿ ۽ اکيون مٿي کڻي اندر اچي سڌي ڇوڪ لڳو ته اهو حافظي سڌارڻ وارو پروفيسر صاحب پنهنجي ڏوپ ڇتي وساري ويو آهي!!

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٦٥)

ڪنهن بادشاه ظلم جو قاعدو رکيو ڇـــي سڀ ڪاروبار راست جو نئي، ڏينهن جو ڪو به ٻاهر نـــه نڪري. ڪن ٻن وانهڙن تي، ائين ڪرڻ سبب قاسيءَ جو حڪم نڪتو. قاسيءَ ڏينهن بادشاه کي چيائون ته حج تان اسين نوراني پوشاڪ ٺاهڻ سکي آيا آهيون. جيڪو پائي سو اٺهين بهشت ۾. بادشاه اُنهڪي اهـا ٺاهڻ لاءِ چيو. پوشاڪ جڏهن تيار ٿـــي تڏهن بادشاه کي چوائي موڪليائون ته وزير موڪليو ڏسي وڃي پر اُها پوشاڪ ڏسڻ ۾ اُنهيءَ کي ايندي جـــو حلال جو جاول هوندو- وزير آيو پر ڏسڻ ۾ ڪي ڪين آيس مگر انديشو ٿيس ته متان منهنجي نسل ۾ خرابي هجي سو هنن ٻن ڄڻن کي جيڪا تعريف ڪندي ٻڌائين سا اچي بادشاه اڳيان ڪيائين. وري ٻيو جيڪو وزيـــر وڃي تنهنکي به ڏسڻ ۾ ڪين اچي ته ٻاهران ساک پيو ڪري. آخر حج جو ڏينهن آيو ۽ بادشاه کـــي چوائي موڪليائون ته اها نوراني پوشاڪ هتي اچـــي پهريو. بادشاه آيـــو ۽ سندس متيان ڪپڙا لاهي باقي ڪو هڪڙو اڌ ڪپڙو بدن تي ڇڏيائونس، ۽ آيتون پيا پڙهن ۽ شلوار دستار مبارڪ جا نالا وٺندا ائين پيا ڪن جو ڄڻ بادشاه کي پهرائين پيا. بادشاه ڏسي ته بدن تي اگهڙ ته ڪي به ڪين پر لاچار زبان مان ڪجهي ڪڇن؟

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

پوء ڌ، گهوڙي تي سوار ٿـي سرڪس ڪري نڪتو. ماڻهو پيا پاڻ ۾ سر ۾ ڪن ته بادشاه ننگو ٿي ننگو ٻـــر چوڪر ٻاڪر وڏي سڏ پيا چون ته بادشاه ڪـــي رڳو ڪانچ تڪر پيل آهـــي. نماز پڙهي جڏهن بادشاه پنهنجي ماڻ ڪي سلام ڪرڻ ويو ته انهيءَ پونڊ وڌيئي چيس ته اجا ٻه ظلمن جا قاعدا ڪيا ته ٻـــي نوراني پوشاڪ پهرائيندين!

(٦٦)

هڪڙو خان صاحب مري ويو. سندس لاش سان گهڻا ماڻهو همسايه ۽ دوست وغيره مـوجود هئا. جڏهن پوري آيس ته سندس زال روئي پيئي. ڪـو اولاد ڪو نه هئس. سندس ويجهو عزيز هو ڪمو خان، زال هن سان روئي چيو-

عورت- منهنجي خاوند جا ٥ هزار روپيه ٻاهر آهن سي ڪير وصول ڪندو؟

ڪمو خان- مان ڪندس، ٻيو ڪير ڪندو؟

عورت- هڪ هزار وارو گهوڙو ٻڌو پيو آهي، ان تي ڪير چڙهندو؟

ڪمو خان- مان چڙهندس، ٻيو ڪير چڙهندو؟

عورت- هي جايون زمينون ڪير سنڀاليندو؟

ڪمو خان- مان سنڀاليندس ٻيو ڪير سنڀاليندو؟

عورت- ٻي هزار رپيا قرض آهي سـو ڪير ادا

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڪندو؟

ڪمو خان - (سيني ڏانهن منهن ڪري) ياڻي، واري سان جواب ڏيو، سڀ جواب نه مان نه ڏيندس.

(٦٧)

ڪنهن مائيءَ ننهن کي ڇيو لـ مڙس لاءِ سگهي ماني پچاءِ؛ ويچارو هر ڪاهڻ ويو آهي؛ هر ڪاهڻ وارن کي بک گهڻي لڳندي آهي. نهن تي ننهن لي موڙا ڏيئي چوي، "هان، هر ته ڪو ڪم آهي، رڳو پنيءَ لڳو وڃ"؛ ڪم لـ اسانجو آهي. پٽ ڀلهاوڻ، سڀي جان هلائڻ" يعني چانورن ڪي ڏوئيءَ سان گهمائي ٺارڻ. خير، سسڙس ڪٽي ماني ڪئي. هڪ ڏيهاڙي چياٿينس نه "ڇوڪرو ويو آهي ڪنهن ڪم لي، تون نه هر ڪاهه." نهڙس چيو نه بيشڪ، اها ڪهڙي ڳالهه آهي؟ سا ويئي ۽ وڃي ڪم کي لڳي. سسڙس ڪاساين ڪان گهڻي ڄڃي کل وٺي اُنکي ٽوٽا ٽڪر ڪري ڪٽي ڀوڙ ڀڏو؛ منجهس مرچ مصالح وجهي شرويدار ڪري گهرون ناهي ڪٽي ويئي، ڀر ڀيءَ لي دير ڪري ويئي نه پل نهڙم کي بک ڇتي لڳي. جڏهن اُلي ڀرسي نه ڏاڍو پيار ڏيکارڻ لڳس ڇي "شاباس، ڌيئڙي، توکي بک لڳي هوندي تولاءِ سنو ڀوڙ ناهي آئي آهيان لـ، پياري ننهن ڪائي." ڇوڪريءَ اُنهيءَ ساعت هر جهلي بسم الله چئي هٿ

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڏوئي ڪاڻڻ ويٺي ۽ جهٽ وٽو اُگهي آئـــي. تڏهن سسٽس ٿي چوي ته "اها، هاريءَ جي خبر هاري جاڻي، پي جاڻي اُنهي مائي، اَن سوڌو ڪلرڪا ڏوئي خبر نـــ لڌءِ ڪائي."

چٽيءَ نس ته اچ نه سيان! (٦٨)

مينگهواڙ ڪي ڪنهن ڏني جتي جوڙڻ. پٽ ڪـان پڇيائين ته فلاڻو ته جتيءَ لاءِ ايندو هوندو! پٽس چيو ته هائو بابا، دلاسن تي رکندو اچانس. چوانس پيو ته جڏهن چيچڪا ڦٽندا ۽ منجهائڻ پير چمندا تڏهـن اَن جي چوڏيءَ مان اَڏوڙ (ڪـل) رگـــي لنهجي جتي ناهيندس. ميان، دلجاءِ ڪر. تڏهن تـو پٽس چويس اِها ڳالهه ته ڪجي. پير ته نه نيٺ چمي پوندا. تنهن ڪان اصل ائين چو نه چٽيءَنس نـــ اچ سيان ته وٺي پيرا ڪندو.

(٦٩)

هڪ بزرگ سفيد ريش جنهنجي عمر ٩٠ ورهيه ڪن هئي تنهنکي هڪڙي چوڪري چيو تـــ ميان بزرگ، آءٌ سمجهي ويٺو هوس ته اوهين ڪڏهن جـــو مري چڪا هوندا. پر ٿي مڙس چيس پٽ ٿورو هري ڳالهاءِ متان موت بڌي وٺي، چو ته آءٌ ڪائٽس ڪڏهن جـو وسري ويل آهيان!

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٧٠)

ڪو شخص درياءَ جي اورئين پر ڪپ تي ويٺي ماني کولي کائڻ ويٺو ته ٻيو هڪ شخص جو پرئين پر ويٺل هو تنهن کي صلاح ڪياءِ. هو جهٽ ۾ درياءَ ٽري هن پر آيو ۽ ماڻهوءَ کان پڇيائين ته وهان ڪٿي؟ هن چيس ته منهنجيءَ ڪڇيءَ زبان تي ويٺه جو مون توکي اهڙين ڪٺي سڏ ڪيو.

(٧١)

پيءُ - نارو، ايترو چٽو نه ڪر. اهو ڪي ڪجهي جو ميٺهن وسندي ڪم اچي.

پٽ - بابا، هڪ ڏوهڙي گهڻي رکي اتم چٽو ته ٻي نه گهڻان؟

(٧٢)

ڪنهن شاهوڪار هڪ پڙهيل طوطو خريد ڪيو. طوطي گهڻن ملڪن جو سفر ڪيو هو ۽ ڪيترين ٻولين چاڻندو هو. شاهوڪار اهو، گهر موڪلي ڏنو. سندس زال بازار مان لنڊ سيڙڻ لاءِ گهرائيو هو ۽ نوڪر ياڻيءَ کي چيائين ته آءُ ٻاڙي مان ٽي ٽي اچانءُ پکي ايندو سو ڪٺي صاحب لاءِ حلال ڪري چاڙهج. اتفاقا طوطو اول اچي سهڙيو. جڏهن صاحب ڪاڻ پهچي آيو ۽ خبر پيس ته طوطو آهي ته زال کي چيائين ته توهي ڇا ڪيو؟ طوطو سڀيون سٺ ٻوليون چاڻندو

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

هئو. زالس چيو تہ مئو گھٽيو چو هئو؛ ڪيپائين چئو نہ ٿي؟

(٧٣)

انگريزي وڏو وزير مسٽر لائڊ جارج حاضر جواب هوندو هئو. هڪ ڀيري هڪ پيرسن زال ڪنهن ملڪي مسئلي تي سندس تقرير ٻڌي ڏاڍي ڪاوڙ ۾ اٿي کڙي ٿي ۽ وڏي سڏ چيائين تہ ”جي آءٌ تنهنجي زال هجان ها تہ توکي زهر ڏيان ها.“

تنهن تي لائڊ جارج وراڻيس تہ ”جي آءٌ تنهنجو مڙس هجان ها تہ اهو وٺي ٻي وڃان ها.“

(٧٤)

ڪنهن مسخري هڪ پيرمرد کان پڇيو تہ ميان ڇا ٿيا ڳوليو؟ ڇي جواني. مسخرو ـ ڇو تا ڪوڙ ڳالهايو! صاف نٿا چئو تہ قبر لاءِ زمين ٿو ڳوليان.

(٧٥)

ماجسٽريٽ ـ (جوابدار کي) توتي ديگڙي چورائڻ جي تهمت آهي ـ وڪيل آئڻي؟

جوابدار ـ حضور، ديگڙيءَ جي قيمت مان وڪيل جو خرچ ڪٿان نڪري سگهندو؟

(٧٦)

اوُلن چيو تہ اسين ٿا وڃون هيج. ڪاٺن چيو تہ اسين مري ويا آهيون ڇا؟

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

وڏيري جي جاء کي لڳي ٻاھ - اڄان پيو سنيري سھي ۽ ھري ھري ھلي. ڪنھن چيس تہ سائين، ھيءَ ڇا ٿا ڪريو؟ جي ابا، خانداني نُور ڪا ڇڏبي!

(٧٧)

ڪو شخص ١١٠ قلم ھيٺ ماجسٽريٽ وٽ رجوع ٿيو. ٻچاءَ ۾ چيائين تہ اول تہ وڏي ٺاھتي آھي اھا. حضُور وٽ ھيترا وڪيل آھن. ٻيي ڏسون تہ مونکي ڪو سڃاڻي.

(٧٨)

ٻيڊي جيجل- ڊاڪٽر، تو مونکي ٺڳو جيارڻو آھي. ڊاڪٽر - نہ نہ! جيجل ٻائي، مالڪ جا ھٿ رسيا ائٿي.

ٻيڊي- ٻراٻر ٻر لون تہ في وٺي ڇڏيندين!

(٧٩)

ڪنھن ڇوڪر ماءُ کان پڇيو تہ آمان، مان ڪھڙو لھان؟ ماءُ کي پرڻي سنسار ۾ ھوئي اھو ڇوُڙو، تنھن چيس تہ ٻچا، تون لڪہ لھين.

ڇوڪر - امان! لڪہ جو وياج ڪھڙو؟ ماءُ- لڪہ جو وياج ٻہ ڪي سو ٿيندا آھن.

ڇوڪر- امان منھنجو وياج ئي سو ٻوءِ تہ تون مونکي روز خرچي ڏين رڳو ھڪ پئسو!

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٨٠)

كنهن ڳوٺ ۾ هڪ موچي ۽ سندس زال جنجي پاڻ ۾ ڏاڍي دل هوندي هئي سي اچي كنهن ڳالهه تان جهڳڙيا ۽ هڪ ٻئي سان ڳالهائين ئي نه. رسي وينا. سياڻو آيو ته موچيءَ كي پنهنجي كرت كار تي وڃڻو پيو، پر آر رنبي ليپس ئي نه. گهڻوئي ڳولي پيتو. شڪ پيس ته نچاڻا زال كٿي لكائي آهي پر كائنس پڇي كئن جو نازو قسم كائي وينو هئو ته ساڻس بلكل كين ڳالهائيندس نكي وري كرت كانسواءِ سرڪس ٿي. تڏهن وڏهي وٺي ٿو چري، رنا آهيون، كين ڳالهايون، آر رنبي كاٿي؛ تنهنتي زالس چيو، رنا آهيون رنا آهيون، كين ڳالهايون، آر رنبي چلهه پٺيان، مونكي خبر كاٿي.

(٨١)

آئرلينڊ جي ڊبلن شهر ۾ كو انگريز ڊير سان گهر پئي موٽيو. وات تي كو چور گڏيس جنهن تماچو ڏيكاري چيس ته يا پئسا ڏي يا سر. انگريز چيو ته هيءَ آئرلينڊ جو ماڻهو كهڙي چيز آهي سو خوشيءَ ۾ هٿ مٿي كري چوڻ لڳس ته اچو ته مٽا سٽا كريون تون پنهنجو تماچو ڏيم ته آءٌ سڀ پئسا توكي ڏيان. چور آنهيءَ دم تماچو ڏنس تنهنتي انگريز كي عجب لڳو. جڏهن دين لين ٻُوري ٿي ته فرنگيءَ چور

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڏي ٿاچو سچي چيائينس ته هاڻي منهنجو وارو آهي، يا تنهنجو سر يا پئسا. جهٽ ڪر. جهٽ ڪر. آئرلنڊ واري چيس ته برابر صاحب پر ٿاچو پريل ني ڪونهي!

(٨٢)

ڊاڪٽر جو امتحان وٺندڙ:- جي چماٽ هڻان ته منهن جي ڪهڙي رڳ چريئي؟

شاگرد- چماٽ هڻو ته لت واري نبض چري!

(٨٣)

ڪنهن جو نڪ هڻو منو. سندس واقفڪار چيس ته منهنجي هردم دعا آهي ته شل تنهنجي اکين جي جوت هميشه قائم هجي ۽ ڪڏهن گهٽجي نه. پڇيائينس ته ڇو منهنجي نظر جي لوڪي اينري ڳڻتي لڳي آهي. جواب پڇيائينس ته جي نظر گهٽجي ويئي ته پوءِ عينڪ ڪٿن پائي سگهندين.

(٨٤)

ماستر نئين شاگرد کان پڇيو ته الف بي اچيئي ٿي. ڇوڪري جواب ڏنو ته هائو سائين. تڏهن پڇيس ته پوءِ ڪهڙو اکر آهي. جواب ڏنائين ته ٻيا سڀ اکر.

(٨٥)

جج ديوان ڪئي ٻراڊروي جي مائي. ڪائي رهيا ته جي ونڊط وراهط کي بينا هئا ته چيو ته هاڻي پاڻي ڏيو ته پيار يرن. تڏهن ديوان چيو ته هون! ڪاڏو اٿرو

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

هوندائون جو پاڻيءَ جي ضرورت ئي ڪانہ ٿيندين!

(٨٦)

موذي ٽڪو هٿ ۾ ڪري ويو ماني ڳنهڻ. ڏينهن هئو گرم ۽ لوءِ پئي سانڙيو. ٽڪو ڪڏي نهاريائين تہ ڀڳهر ۾ پسيو پيو آهي. تڏهن چيائينس تہ پيارا سڄڻ روءُ نہ. مان ڀلي مرندس پر تنهنجو وڇوڙو نہ سهندس. ائين چئي ٽڪو هڙ ۾ وجهي دور ويو ٽڪر پٽيندو!

(٨٧)

مير علي مراد خيرپور وارو حاڪم هوندو هئو. شڪار جو شوقين هوندو هئو. گرميءَ جسي موسم ۾ لٽيءَ جي لاڪڙ جي لانڍي جوڙائي اُن ۾ رهندو هئو. ٻاهرون پنين تي ڇٽڪار پيو ٿيندو هئو. جنهنڪري اندر لانڍي ٿڌي رهندي هئي. سندس ڪٽ پيئي هوندي هئي. ٻيا سڀ پٽ تي ويهندا هئا. هڪڙي ڏينهن ڪو مير آيو ملاقات لاءِ ۽ مير علي مراد سان ڪٽ تي اچي ويٺو. ٿوريءَ ويرم ڪانپوءِ پاڻي گهريائين. نوڪر سمجهو تہ وڏو ماڻهو آهي سو پيئندو ئي، ايترو پاڻي. تڏهن هڪ وڏو وٽو پاڻيءَ سان ڀري هٿ ۾ ڪري ۽ دلو ڪلهي تي ڪري اچي بيٺس تہ تہ مير وٽي منهن ۾ نهاريس. تڏهن ٿو نوڪر چويس تہ "ايڪ ڏوگهہ تہ ڏُجهان ڏيوانءِ!"

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٨٨)

واپاريءَ خط ڪنهن شهر ۾ ٽپال ماستر معرفت موڪليا. مٿان سرنامو هئو ”ڪنهن ٻئي معتبر وڪيل ڏي.“ ٽپال ماستر واپس ڪري ڇڏيا ته هتي هڪڙو به ڪونهي!

(٨٩)

ڪو پير پٽ کي مجلس ۾ وٺي ويو. ڇوڪر وچ ڪانڻ لئي پاڻي پيتو. پيٽس شوڪي نهاريس. جڏهن ٻاهر آيا ته پير ڪري چماٽ لڳائي ڪيائينس. ڇوڪر پڇيو ته ڇو بابا! مون ڇا ڪيو؟ چيائينس ته ڇورا پرائي گهر ڪانڻ هلجي ته گهٽو ڪائجي؛ تو پاڻي ٻه پيٽ ڀري ڇڏيو. ڇوڪر چيو ته وڃي پاڻي پيئڻ ڪري ڀهر ٻون ڪاڏو هيٺ ٿيو؛ پاڻ نٿون سنگهون ٻيو ڪاڏم. تڏهن ٿهڪائي ٻي لپاٽ هڻيائينس ڇي مونکي نٿي ٻڌايئه ته مان ٻه ائين ڪريان ها!

(٩٠)

ڪنهن بيمار شخص نوڪر کي چيو ته وڃي ڊاڪٽر کان دوا وٺي اچ. نوڪر چيو ته ڊاڪٽر هڪڙو هجيئي نه ته پوءِ؟ ڇي وڃي ڏس. ڇي وڃان ٿو، دوا ڏيئي نه؟ منهنجو پرزو کڻي وڃ. ڇي ملي ته سهي پر فائدو ڪريئي نه ته پوءِ؟ ڪمبخت ويد ين ڪين رڳا ٻهانا پيو ڪندين؟ تڏهن ٿو وري نوڪر چويس ته ساءِ،

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڇگود وا فائدو ڪري نہ ، حاصل ڇا ؟ آخر نہ هڪڙي ڏينهن تہ مرڻو آهي سو جهڙو هاڻي مرڻو تهڙو پوءِ .

(٩١)

هڪ جوان سخت بيمار ٿيو ۽ اناسرنيءَ ۾ هئو. وٽي ٿي دفن ڪيائونس ۾ سجاڳ ٿي پيو. هڪڙي جڻي چيس تہ مري جيئرو آهين ۽ بدڌاءِ تہ ماڻهو مري ٿو نہ ڇا ٿو ٿئيس؟ جواب ڏنائين تہ مري ويس ! آءٌ مئو ئي ڪونہ هوس، پلا پير منهنجا نہ ٺڌا هئا ۽ بہ ڪہ ڏاڍي هيم. لنهنتي انهيءَ پڇيس تہ انهيءَ جي پڪ ڪئن ٿيئي تہ مئو ڪين آهيان ؟ چيائين تہ سرڳ ۾ هجان ها تہ بکہ ڪين لڳيم ها ۽ جي هن بڻي هند هجان ها تہ پير ٺڌا ڪين هجنم ها .

(٩٢)

سچو هفتو رامون بلڪل چڱيءَ طرح هليو هئو. حرڪت يا ڏنگائي ڪانہ ڪئي هئائين ؛ ماءُ ڪي چيائين تہ هاڻي، امان، مان ڏاڍو چڱو ٿي هليو آهيان نہ ؟ ماڻس چيو تہ بابلا برابر، تون ڏاڍو چڱو ئي هليو آهين .

ڇوڪر :- ٺڌهن لوڪي مونتي اعتبار آهي ؟

ماءُ :- ماءُ جو پنهنجي ننڍي پٽ تي ضرور اعتبار هوندو .

پر ڇوڪر کي تسلي نہ ئي. ٺڌهن وري پڇڻ لڳو

ته پڌاءِ ته سچ پچ تنهنجو مون تي اعتبار آهي؟

ماءُ:- هائو- هائو، منهنجو سچ پچ تو تي اعتبار آهي. پر پڇين ڇو ٿو؟

ڇوڪر:- ڀلا! جڏهن ڇئين ٿي ته تو تي اعتبار اٿم پوءِ ته لڏون لڪائي ڇو رکيا اٿئي.

(٩٣)

ڪنهن ڳوٺ ۾ هڪ پائيبند آن آڻي گهر ۾ رکيو. چورن کي ڪڙڪ پئجي ويئي سي رات جو ڪتا ڪٽي اچي سندس گهر ۾ پيا ۽ مات ڪري آن ڪڍڻ لڳا. مالڪ ڀڄڻ جي واهه نه ڏسي اِلي حرفت وڙهائي. چورن کي چوڻ لڳو ته ڪٽو بيشڪ پر آن رکيو ويا آهن هاري تنڪي مٽي ڏيڻو اٿم سو مون کي ماپ ڪرڻ ڏيو، پوءِ ڀلي ڪتا ڀڏي وڃو. پائيبند پاڻي ڪٽي وينو مٽڻ ڇي برڪت نڪو داد نڪو فرياد، پيچو نڪو راجا نڪو پرجا! ٽيڇو، نڪو سائين نڪو گسائين! هيڏو جو گوڙ ڪيائين تنهن تي پاڙيسري جاڳي پيا ۽ ڪن ڏيڻ لڳا ته هن وري ڇيو، هي ڇو ٿو؟ لاشڪ ائين هوندو، ته ماڻهو اچي سهڙيا. چور اچي ڊنا سي ماڳهين پنهنجا ڪتا ڦٽا ڪري اٿي ڀڳا.

(٩٤)

ڪنهن گهوڙ ٿي مارڪيٽ وٽ صوفي پير ڳنهي پٽ ۾ وٺي هوڪو ڏنو. شام ٿي ويئي ته ڪو ونيئي

نہ، تڏهن ساهميءَ ۾ وجهي ڇوڙڻ لڳو ”ڳاڙها پير! ڪارو منهن، نيرا پير.“

(٩٥)

گراهڪ - جي اِهي واچون گهاٽي تي ٿا وڪڻين تڏهن وري ڪئيو ڪئن ڪرين؟

وڪڻندڙ - اُنهنجي مرمت مان نفعو ڪبو آهي.

(٩٦)

پُر فلاڻا، ڳالهہ تہ ٻڌ، منهنجي ڇوڪري کي نہ ڪا سرڪاري ماستري ٿي يا ٻي ڪا اِهڙي مشغولي ٿي، وٺي ڏي. ڇوڪرو سٺو پڙهيو آهي نہ؟ ”جي سٺو پڙهجي ها تہ نوڪي ڇو ڇوان ها تہ سرڪاري نوڪري وٺي ڏينس نہ تہ آءٌ پنهنجي ڪارخاني ۾ ڪين لڳائي ڇڏيانس ها؟“

(٩٧)

ڪو لومڙ سمنڊ جي ڪناري وٽ رهندو هئو. هڪ بگهڙ گڏيس جنهن ڪڏهن سمنڊ ڪونہ ڏٺو هئو. تنهنکي لهرون ڏيکاري چيائين تہ هي منهنجي حڪم ۾ آهن. لومڙ لهرن کي چيو منهنجو دوست آيو آهي اوهانجي زيارت لاءِ. جيسين آءٌ ٻهڪ جو حڪم نہ ڏيانو ليسين پيئون اچجو وڃجو. بگهڙ ٿورس ۾ پنهنجي پڇيس تہ تڏهن آءٌ سمنڊ ۾ وڃان؟ لومڙ چيس تہ ٻچ نہ، جيترو پري وڃين سگهين اوترو بيشڪ وڃ. ڏسين

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڪين تو تہ سمنڊ ڪئن منهنجي چئي ۾ آهي؟ بگهڙ سندس ڳالهہ وسهي ٻري ٻري هليو ويو. آئي جا ڳري لهر تنهن ٻوڙي ڇڏيس ۽ جلد سندس لاش اڇي ڪناري تي اُڇلايائين. لومڙ ڪائي ڏٺو ڪيو ۽ چوڻ لڳو تہ مورڪ جو ڪن نهيوئي آهي توڳيءَ جي زبان لاءِ."

(٩٨)

ڪنهن باندر ڪي ٻيلي مان آرسي هٿ آئي تنهن چا ڪيو جو ويو جٺي ڪي ڏيکارڻ. اول ڏيکاريائين رڇ کي سو ڏسي ارمانو تہ هي ڇا؟ اهڙو ڪوجهو آهيان! وري ڪٺي ويو بگهڙ وٽ سو چوڻ لڳو تہ هرڻ جهڙو، منهن هجيم ها تہ ڪهڙو نہ خاصو! سندس سنگ ڪهڙا نہ ٺاهوڪا آهن. مطلب تہ جيڪو آرسي اڳيان جهلي تہ، ارمان ڪائي ٻيو چوي تہ، منهنجو منهن فلاڻي جهڙو ڇو نہ ٿيو؟ ٻڪاڙيءَ ۾ وارو هئو چٻري جو. اُنهيءَ سمورو رنگ ڏٺو هئو، تنهن ڏسڻ ڪان نابري واري، ڇي ڏسي اُلٽو ئي پڇ پرائيو؛ ڏس ٻين جو ڪهڙو حال ٿيو آهي. هرڪو پيو افسوس ڪري. تڏهن ٻين مڙني چيو تہ ڀائي چٻرا! تو لڪ جهڙي ڳالهہ ڪئي آهي. ائين چئي ڪٺي آرسي ڇيهون ڇيهون ڪري ڇڏيائون ڇي اَٽيءُ مانيءَ ۾ ڪيترو نہ سک چئبو!

(٩٩)

ڏاهر ٻن جي ٽولي نڪتي سفر تي. واٽ تي چوڻ

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

لڳا ته ڏسو مٿان ڪو مشڪل اچي پوي. ڪو اهڙو نه پاڻ منجهان چوندي جو مهل سر ڪتب اچي. پوءِ ٻچهن نالي پير مرد کي ڪٺي وڏيرو ٿاڦيائون ۽ چيائون ته مٿان ڳالهائيندي عقل ڇٽي پريس تنهنڪري لاهي پٽڪو ٻوٽ ڪٺي ٻڌائونس ته مر عقل پيو ڪنو ٿئي. هڪ لڳا ڪنهن وار ياسي پٽ مان اچي لنگهيا ته ڪو پيرو ڏسڻ ۾ آين. منجهي ٻينا ته هيءُ پيرو ڪنهنجو، ڪنهنکي ۽ سماءُ نه پيو. تڏهن چيائون ته ڪوليو منهن وڏيري جو. هاڻ منجهس عقل جهجهو ٿيو هوندو. جڏهن ڪوليائون تڏهن ٿو وڏيرو چوي ڇي ٻچهن ٻچهيو هيڪڙي ٻچهيو تان نه، ٻين ۽ اکريون وجهي پيرن ۾ چنو آهن سهن. مونکان سواءِ ٻئي ڪنهن نه، سمجهيو آهي. سها پيرن ۾ اکريون ٻڌي چرندا وتا آهن، لڏيا پيرا آهن. واه ٻچهن واه! خوشيءَ کان ڏاهرين ڪٺي کلهي تي کنيس ۽ پيرو هٿو اٿ جو. ٻرابر اکريءَ جو لو و اٿ جي پير جهڙو ڪين ٿيندو آهي؟

(۱۰۰)

نواب نوڙهي پنهنجي ديوان سان هڪ پيري چرچو ڪيو. سندس طبيلي ۾ هرڻي ٻيٺل هئي. نواب چيس، ڏيکه وي ديوان تيڏي ناني ڪٽري هيءَ. ديوان چيو، غريب پرور، هيءَ برابر ميري ناني ۾ نوڙهي هيءَ.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

نواب کلي ڏنو ۽ اھڙي جواب تان ديوان کي لونگي ڏناءِ.

(١٠١)

افلاطون مشهور فيلسوف جي ڪمري ۾ ڏاڍا خاصا غاليچا ۽ فرش پيل ھئا. سندس دوست اندر اچي دڙا ھڻڻ ۽ پيرن سان ٺاپ ٺاپ ڪرڻ لڳو ۽ چوڻ لڳس ته ھيءَ سڀ ھٺ ۽ وڏائيءَ جي نيشاني آھي. تڏھن فيلسوف چيس ته تون اھو، جيڪي ڪرين ٿو تنھن مان ئي ته ھٺ جي بانس پيئي اچي.

(١٠٢)

جڏھن پيغوان پيا سڀ ميوا ڏاھي رھيو تڏھن پيارڙيءَ ۾ خلقياءِ سندن سرتاج "انب". ھن انب جو پيدا ٿيڻ ۽ سيني ميون جي منهن جو پنو ئي لھي ويو ۽ مُرڪيئي اندر و ڪامڻ پچڻ پوسرڻ ۽ ڏجھڻ لڳا چي ھي ڪير؟ ترنج، نارنگي ليمي پڻس جو جگر جلي ڦاڪون ڦاڪون ٿي پيو ڏاڙھون انجير صوف زيتون داڻا داڻا ٿي پيا، ڪيلي جو ڪليجو ڪڙھي ڪڙھي ڪنو ٿي گجي پيو، ناريل پنو ئي پاڻي، جمون ويچارو ڪارو ئي ڪارو ٿي، بادام ۽ ھليان ۾ ۾ ڳِڙ ڀون پڇي ويون. مطلب ته ذات ميوي سان ھڪڙي نه بي ويڙن لڳي ويئي. سڀ لڳين ڪوڪون رھيو. سندن لاءِ انب ڪين پيدا ٿيو جڻ ڪال پيدا ٿيو.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(١٠٣)

پيءُ - پٽ، توکي مون ڪسيءَ مان لڌو هئو.

پٽ - سو ورِي ڪيئن؟

پيءُ - ڇي ڪارو آهين تنهنڪري.

پٽ - اوهين جي ڪارا آهيو. تڏهن اوهانکي بہ ڪسيءَ مان لڌو هوندائون؟

(١٠٤)

ڪنهن چور کي پڪڙي ڦاسي ڏيــي ڏنائون تڏهن جيلر کي چيو تہ مونکي هڪ اسرار ياد آهي جنهنجو پيڙ هوند مرڻ کان اڳہ پادشاہ کي ٻڌايان تہ ڏاڍو چڱو ٿئي. پادشاہ ٻڌڻ سان چور کي حاضر ڪرڻ لاءِ حڪم ڪيو. چور ظاهر ڪيو تــہ مونکي اهڙن وڻن پوکڻ جي تجويز ياد آهي جو انهنمان سون جا ميوا پيدا ٿيندا. پادشاہ چيو تہ اها تہ ڏاڍي سوکي ڳالهہ ٿي ڏسجي؛ چو نہ آزمائجي؟ پوءِ چور سان گڏجي شهر جــي عالم پناہ وٽ ڪڪڙ و هنڌ پسند ڪيائون. وزير ۽ قلعدار ۽ ٻيا ڪجهہ جيترا درٻاري پڻ حاضر هئا. چور وٺــي منتر پڙهيو ۽ سون جو هڪ ٽڪر ڪڍي ڇپائين تہ جڳتيءَ سان هنکي پوکبو تہ وڻ نڪرندو جنهنجي هڪ هڪ ٽاري ٽکو سون جهليندي پر شرط آهي تہ سون ٽڪر پوکي اهو جنهنجي هٿان ڪهڙو بہ ٻـي ايمانيءَ جهڙو ڪم ٿيل نہ هجي. منهنجو هٿ تہ ميرو آهــي. جيئندا

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

قبلا، اوهين وٽــي پوڪيو. بادشاه ورتو تہ سڀئين ٻـــر ٿي مڪجي بيٺو. آخر چورڻ لڳو تہ جوانيءَ جي ڳالھ ياد اٿم تہ بابي جي ٽجوڙيءَ مان پئسا چورايا هئم. اگرچ، پوءِ توبهہ ڪيم تہ بہ منهنجو هٿ صاف نہ چئبو. تنهن ڪري وزير کي ٿو ڏيان پوڪڻ لاءِ. وزير عرض ڪيو ھھڙو اسرار هٿان وڃي هليو تنهنڪري اهو بہ ڪين پوکيندس. منهنجو ڪم آهي رعيت کان ڍلون وصول ڪرڻ. انسان تـــي گهٽيئي لالچون ســوار آهـــن. مونکي ڪهڙي پڪ تہ منهنجا هٿ هميشهہ صاف رهيا آهن. اهو قلعدار کي ٿو ڏيان. جنهن چيو تہ منهنجو ڪم آهي سپاهين کي پگهار ڏيڻ ۽ رسد رسائڻ جو. ڪير چاٽي تہ مونکان بہ ڪي خطائون ٿيون هجن؟ بيو ڪو پوکي.

تنهنتي چور چيو تہ جيئندا قبلا، عام خلقت لاءِ چگو ٿيندو جي اسان چئني کي ڦاسي ملي؛ جو اسان چئني مان هڪڙو بہ ايماندار نہ آهي. مگر بادشاهہ سلامت اوهانجو وري بہ ايترو قصور نہ آهي. بادشاهہ چــور جي حرفت تي اهڙو تہ راضي ٿيو جـــو معافي ڏيئي آزاد ڪيائينس پر ايترو سو تاڪيد ڪيائينس تہ وري پرائي شيءِ کي هٿ نہ لائج.

(١٠٥)

ڪنهن زال پنهنجي مرد جو نالو ڪهڙن تـــي پئي

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

سڀيئو نہ مٿان ڪٿي مٿي نــہ اچي. ٽالو هڻو گنگارام، هن لکيو ڀنگارام. ڪنهن ڙال ڏسي ورتس تنهن ڇيس نہ سمجهون سڌو نٿي لکين؛ تنهنڪي وراڻيائين نہ گنگارام وري ڪٿي لکنديس!

(١٠٦)

گهر ڌياڻي - مائي، جي ائين غفلت ڪندينءَ نــہ مان ٻي نوڪرياڻي ٻيهاريندس.

نوڪرياڻي - مان ڏاڍي خوش ٿينديس. سچي! ڪم هڪڙيءَ جو نہ پر ٻن جو آهي.

(١٠٧)

وڏي داديءَ پنهنجي ڀاءُ جي ٽن ٻارن ڪــي ٽي سهڻا چٽيل ٽولڻا ڪراچيءَ مان موڪليا. ماءُ جي مرضي هئي تہ ٽيئي ڀچائن، ٻار ڪائين نہ. ٻارن جر ٽيسناءِ پيو واٽ پاڻي ٿئي. ماڻهن ڇيو تہ مٿان هي ٽولڻا ڪاڏا آڻيو. آهن ڏاڍا سهڻا پر مونکي شڪ آهي تہ رنگ جــو لڳل اٿن تنهنبر ضرور ڪا خرابي هجي. پوءِ گهيبر ٽي آواز ڀرو ڪري ڇيائين تہ مون ٻڌو آهي تہ ڪي ٻار چٽيل ٽولڻن ڪائڻ ڪري مري بہ ويا آهن. هن ڀانيو تــہ ٻار وسهي ويا، ڪين ڪائيندا. پر صبوح پيرڪي جــو نڙڪو ٻڌائين؛ ڇي ڪير هڙو سوير اٿيو آهي؟ ڏسي تہ رڪي آهي. ڀچائينس تہ ٻلي ڪاڏي ٿي وڃين؛ اڃا سوير آهي. هن ٨ ورهين جي ڪڪيءَ ڇيو تــہ

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڏسڻ ٿي وڃان ته مولو ۾ رهوو ته ڪين مٺا آهن. آءُ ته مٺي ٿي ڪين آهيان. ماڻس اُٿي ڏسي ته ٿولڻا ٽيڪي ڪاڇي ويا آهن.

(١٠٨)

مريدار

ڪوريءَ سڪي ٢٥ روپيه ميڙيا هئا. سو پنج هڪڙي هنڌ ٧ ٻئي هنڌ ۽ ١٣ منيءَ هيٺ پوري ڇڏيائين. پوءِ جنهن مهل نڙو وينو هٽندو هئو ته هي اکر جهونگاريندو هئو، " ٥ هيڏانهن، ٧ هوڏانهن، ١٣ منيءَ ۾." نڇاٽا ڪنهن چور جـي ڪن تـي هـي حرف وڃي پيا سو رات جو وجهه وٺي آڏاٽي جي جاءِ کوٽي ۽ مني اُکوڙي رقم ٿي چورائي ويو. صبوح جو ڪوريءَ هيءُ حال ڏسي منهن مٿو پٽڻ ۽ ڪـرم ڪٽڻ لڳو ۽ ٻئي ڏيهن ماني ڪين کاڌائين پر وڏو ارمان اهـو هوس تـه هاڻي ڪـم مهل بيت ڪهڙو چوندس؟ آخر هي اکـر تاهي ٻيو جهونگاريندو هئو چي " سڄ هيڏانهن، پينگ هوڏانهن، بغداد منيءَ ۾!"

(١٠٩)

ڄڄمان – مهراج! هيءُ ٿو چوي ته هيءَ آهي منبڙي آءُ ٿو چوان ته آهي ٽنبڙي. اُسانجو نبيرو ڪريو.

پنڊت – (سوچيائين ته ٻئي آهن ڄڄمان. راضي ٿي وڃن. سوچيائين) آها، منبڙي به برابر ته ٽنبڙي به برابر آهي پر شاسترن ۾ هڪو ناو آهي گهنبڙي جو ڏسو تـه ور ۾ گهنبڙ اٿس نه؟

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ٻئي يجمان خوش ٿي پنهنجي جاءِ تي موٽي آيا. چرن چمي هليا ويا.

(۱۱۰)

هڪڙي مسخري دم هنيو ته مان ۽ منهنجي ماءُ ٻئي علم نجوم ۾ پڙهيل آهيون. ماڻهن پڇيس ته تنهنجي ڳالهه ڪا لڳي ٿي آهي؟ چيائين، آسمان ۾ جڏهن ڪڪر ۽ هوا پرجهي اچن ته مان چوان ته اڪري ۾ ڪڪر مينهن آيو ڪڙو! ته منهنجي ماءُ چوي ته واچ آئي اڪري، مينهن وٺو وڃي. پوءِ ڪلاڪ اڌ ۾ ڳالهه مڙيائي اٿين ٿي جهڙي آءٌ چوان يا منهنجي ماءُ چوي، ڳالهه مڙيائي ساڳي. نجوم جا ٻئي پاسا ”آن“ ”وڙي ته“ اسانجي گهر ۾ آهن.

(۱۱۱)

ٻه جڻا سفر تي نڪتا. وات تي اڪ لڳين. چوزو هٿ آين سو ڪباب ڪيائون، پر چوزي مان ڏيڍ نيڻ جو ته هئو تنهنڪري ٽوڪري هيٺان رکي ڇڏيائون ته سمهي ٿا رهون جيڪو سٺو سپنو لهندو چوزو انهيءَ ملندو. ٻئي ڪپڙو تاڻي سمهي رهيا پر هڪڙي اڌ رات جو اٿي چوزو کائي ڇڏيو.

صبوح جو هڪ ٻئي کان حال وٺڻ لڳا. هڪڙي چيو ته مون خواب لڌو ته رات جو بهشت ۾ ويو آهيان. تنهنتي ٻئي چيو ته سچي، مون پڻ خواب ۾ ڏٺو ته

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ٽوڪي مٿي ڪٽي پيا وڃن ۽ تنهنجي مونکي جو آسرو ڪونهي. تڏهن چوزو ٽوش جان ڪري ڇڏيم.

(١١٢)

روزو رکبو آهي ته سج اڀرڻ کان اڳ کائجي. ڪنهن شخص ماه رمضان جو روزو ٿي رکيو. صبوح جو اُسر ڪرڻ لڳو ته در جو کڙڪو ٿيو. در کوليائين ته سج جو ٽڪڙو پيو تڏهن آيل ماڻهوءَ کي چيائين در ڏي ته روزو ته رکي وٺان!!

(١١٣)

ڪنهن شاهد کان ماجسٽريٽ پڇيو ته تو بندوق ڇڙندي ڏٺي؟ جواب- نه. سائين مون فقط ٻڌي. ماجسٽريٽ شوخيءَ مان چيو ته اِها شاهدي تسليءَ جهڙي نه آهي. هيٺ ٿي ويهه. شاهد پٺيري مان نڪتو ٿي ته هٿي ورانڻي ٻيس ۽ جڏهن منهن ٻئي پاسي ٿيس ته وٺي ٽهه ٽهه ڪرڻ لڳو. ماجسٽريٽ ڪاوڙ ۾ چيس ته تون ڪورٽ جي بي ادبي ٿو ڪرين؛ سنڀال تون ڪلين ٿو. شاهد چيو ته حضور، اوهان مون کي کلندو ڏٺو. ماجسٽريٽ ڇڙ مان چيو ته نه. مون کل ٻڌي. شاهد چيو ته تڏهن اِها شاهدي به تسلي جهڙي نه ٿي. اِتي ڪورٽ ۾ ماجسٽريٽ کانسواءِ ٻيا سڀ اچي کل ۾ ڇٽڪيا.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(١١٤)

ڳالهه ٿا ڪن ته ڪو مير هوندو هئو سو جڏهن دربار لائيندو هئو تڏهن سندس وزير درٻارين کي پروليون ڏيندو هو؛ جيڪي ٻجهندا هئا تنکي انعام ملندا هئا.

هڪ ڏينهن مير اُنهيءَ وزير کي خلاصو ٿـي چيو ته سياڻي پرولي هڪ مونکي به ڏجانءِ پر هجي سليس جئن جلد سليان. جيڪڏهن اوکي هوندي ۽ نـه سليم ته پگهار هلندڙ مهيني جو ضبط ڪندوسانءِ. ٻيو سياڻو. درٻار ويني. مير چيو وزير کـي ته اڄ هڪ پرولي اسانکي به ڏي. وزير کي جو هو پگهار جـو ڀؤ تنهن چيو ته ڪا خسيس ڏيانس. چيانس "چلهانون ڦردي هيءَ، ميانون ڪردي هيءَ" درٻاري تـه سمجهي ويا ته جواب آهي "ٻلي". ويچارو مير وٺـو منجهي. نيٺ خيال ڪري چياءِ "مـتـان ڪٽڙ ڏيکي هيءَ" وزير کيو خيال ته جي چوانئو تـه غلط آهـي ته پگهار ٿو وڃايان سو ٻڌانس ڪا قلبندي.؛

وزير ٿو چويس "جئندا قبلا، اڳ دي سدي هيءَ؟ سچ آڪه" يعني اِها ته توکي اڳيئي ايندي هئي سچ چؤ، ته مير ڦوندي ٻر پرجي ٿو جواب ڏئيس، "نه يار! خدادي قسم. عقل دي دؤر ڪيتي هيءَ."

(١١٥)

هڪ سپاهيءَ جو ڪرت ديوار تـي لٽڪي رهيو

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

هئو. پٽي جٽي اُن تي چاڪ سان گڏھ جي شڪل
ڪڍي ڇڏي. ڪوٽ وارو سپاهي گڏھ جي مورت
ڏسي حيران ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو هيءَ ڪڏهن منهنجي
ڪوٽ سان پنهنجو منهن اُگهيو ٿو ڏسجي.

(١١٦)

رام:- تون هن گڏھ کان وڏو آهين يا ننڍو؟
منهنجي خيال ۾ تون وڏو آهين.
وشنو:- (ماپ ڪري) نه تنهنجو خيال غلط آهي،
ڏس! مان هن گڏھ جي برابر آهيان.

(١١٧)

مالڪ:- (ڪاوڙ مان) بداءِ نه تو ۾ ۽ گڏھ ۾ ڪهڙو
فرق آهي؟
نوڪر:- هن وقت جيڪو فرق مون ۾ ۽ توهان
۾ آهي.

(١١٨)

هڪ ٿلهو ماڻهو ريل ۾ سفر ڪري رهيو هئو. هڪ
آدمي هنجي گاڏي جي پرسان آيو ۽ چيائينس، صاحب
ڇا هيءَ ريل هاٿيءَ جي ٻچن لاءِ ٺهائي ويئي آهي؟
هن جواب ڏنو. "نه صاحب هن ۾ گڏھ، بيل، لومڙ
سڀ ويهي سگهنٿا. اچو، اوهين پڻ اچي وهو.

(١١٩)

عملدار:- ڏس! هن وقت توکي ٤٠ رپيا ماهوار

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

پگهار ملندو.

اُميدوار نوڪر - ڇا اِن کان زياده نه ملندو؟

عملدار - ڇو نه، اسان وٽ ٽن مهينن بعد پگهار وڌايو ويندو آهي.

اُميدوار نوڪر - ته پوءِ ڀلي ٽن مهينن کانپوءِ اچي نوڪري ڪندس.

چالاڪ ڪيڪڙو (١٢٠)

هڪڙو هو لومڙ. بکيو ٿي ويو هو. اِنڪري کاڌي لاءِ شڪار هٿ ڪونه ڪري سگهندو هو. ڏينهن جا ڏينهن گذري ويا پر ڪجهه به کاڌو نصيب ڪونه ٿيس. بک ۾ هڏن جو پڃرو وڃي بچيو هو. هڪ ڏينهن سوچ ويچار ڪندي هڪ رٿ سجهي آيس خيال ڪيائين ته هن وقت سورج متان چڙهي آيو آهي. تپت ڪري سڀ پکي ۽ پسون وڻن جي ڇانوَ ۾ آرامي هوندا. ڪيڪڙا به پنهنجي ٻرن جي ٿڌڪار ۾ لڪل هوندا. آهستي آهستي ٻرسان واريءَ ۽ ندي ڏانهن هليو ۽ هڪ وڏي ٻر جي ٻرسان وڃي ويٺو. ڪلاڪن جا ڪلاڪ اُتي ويٺو رهيو. ٻر ۾ پنهنجو لنبو پڇ وجهي ڇڏيائين. پر هڪ به ڪيڪڙي سندس پڇ کي چڪ ڪونه پاتو. نيٺ آخر پنهنجي پڇ ۾ چڪ محسوس ڪيائين. ڏٺائين ته هڪ وڏو ڪيڪڙو هو جو سندس پڇ کي چڪ پائي رهيو هو.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

لومڙ ڪيڪڙي کي جهلي ڪيس وات ۾ وجهي رکيو هئو جو ڪيڪڙي همٿ ڪري کيس چيو "اڙي بيوقوف، مونکي هن حالت ۾ وات ۾ وجهندين ته مان نڙيءَ ۾ چنبڙي پوندوسانءِ ۽ توکي ڏاڍي تڪليف ٿيندي. ندي ڀرسان مونکي وٺي هل. ٿورو پاڻي کڻي پنهنجي نڙي آلي ڪر جنهن مان سولائيءَ سان تنهنجي پيٽ ۾ لنگهي وڃان."

لومڙ ويچار ڪيو ته ڪيڪڙي جي صلاح سٺي آهي ۽ ڪيڪڙي کي کڻي ندي وٽ آيو ۽ جئن ٿي پاڻي پيئڻ لاءِ پنهنجو وات کوليائين. اڃا وات کوليائين مس ته ڪيڪڙو سندس وات مان ٽپ ڏيئي پاڻيءَ ۾ تري ڀڄي ويو ۽ لومڙ ساڳيو ئي بک ۾ رهجي ويو.

(١٢١)

مزيدار

هڪ هئو غريب برهمڻ جو ڇوڪر. ديويءَ جي مندر ۾ ويو پوڄا ڪرڻ. ديويءَ پرسن ٿي درشن ڏنس ۽ چيائينس "گهر جيڪي گهرڻو هجيئي" ننڍڙو ڇوڪر ديويءَ جو هزار سرن وارو سروپ ڏسي دهلجي ويو. پر دل جهلي ديويءَ کي چيائين "هي ديوي، توکي آهن هزار سر ۽ ٻه هٿ. مونکي فقط هڪ سر ۽ ٻه هٿ پر تڏهن به جڏهن مونکي ليس ٿيندو آهي ته مان ٻن هٿن سان هڪڙو نڪ صاف ڪري ڪري مان ٿڪجي پوندو آهيان. پوءِ توکي جو ليس ٿئي ته ٻـن

هٿن ســان هزار نڪ ڪٽن صفا ڪري سگهندي هوندين ء.

ديويءَ کي ڏاڍي کل اچي ويئي. چپائينس تـه تون ڏاڍو چرچائي ڇوڪر آهين. توکي ور ٿـي ڏيان تہ تون ڏاڍو شاهوڪار ٿيندين وڏي عهدي تي رسندين توکان ڪير بہ چرچن ۽ مذاقي گفتگو ۾ کٽي ڪــونہ سگهندو. اهــو ننڍڙو غريب ڇوڪر وڏي هوندي اڪبر بادشاه جو وزير ٿيو ۽ سندس نالو بيربل هئو.

—०ᵹ०ᵹ०ᵹ०ᵹ०ᵹ०ᵹ०—

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڀاڳو ٿيون

ڪل خوشي جا ڇڻڪا

ڏار ڏار رسالن مان چونڊيل

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

بخيل سيٺ (١)

هڪڙو سيٺ ڏاڍو ڪنجوس هوندو هئو. پاڻي وات ۾ وجهي ست مڪون هڻيندس ته کين کيڏندو هئو. هڪ لڱا ڪارتڪن جا ڏينهن هئا. سندس زال تلسيون ۽ ايڪم رکيا هئا سو چيائين تہ ڪو برهمڻ ڪارائي پوءِ ورت ڇوڙيان. مڙس کي چيائين ته "هونءَ تہ ڪڏهن ٻانڀڻ سروڻ ڪونہ ٿا ڪارايون، دان پنج ڪونہ ٿا ڪريون پر هاڻي هڙي وقت لئي ضرور ڪارائينديس." سيٺ گهڻوئي ٽنائڻ جي ڪئي پر مائي ہ اِت هٽي ايئنس چي نہ نہ مان ورت ڪونہ ڇوڙينديس. مڙس لاچار ٿيو سو ويو ٻانڀڻ جي ڳولا ۾. دل ۾ خيال ڪيائين ٻانڀڻ اهڙو هٿ ڪريان جو کائي ٿورو ۽ ڏکڻا جي ڏاجهہ نہ هجيس. پنهنجي پاڙي واري ٻانڀڻ وٽ وڃي پڇيائينس "برهمڻ مهراج! تون ڏامي تي وڃين قوت گهڻو کائين؟"

برهمڻ جواب ڏنو ته "گهر ۾ رواجي کاڌو کائبو آهي پر ڏامي تي سير ڪن مٺائي کائبي، سير اڌ پيو مال کائبو آهي."

سيٺ چيو، "ڀلا گهر ۾ کي ڪٽي ويهدو هوندين؟"

برهمڻ چيو، "سو تہ ٿيو پيو آهي، گهر ۾ وري

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

چلھو ڪير ٽپائيندو. ڏامو ڪائبو، ھند اُن گھر ڪٽي اچبي، وڳو بدن تي پائبو، ڏڪڙا ڪيسي جي ڪرڇي ڪبي." سيٺ جون ڏندين آڱريون لڳي ويون. ڪڇيائين ڪين، ماٺ ڪري ھليو ويو. وري ٻيو ٻراھمڻ ڏٺائين، اُنکان پڇيائين، تنھن کان پڇيائين ٻـه ٻہ ٽي روپيه خرچ سيکو ٻيو ٻڌائيس. پھريون ٻراھمڻ اُستاد ھئو تنھن اک ٽيٽ رکي ۽ سھي ڪيائين ته ھن بخيل سيٺ کي سستو ٻراھمڻ گھر جي سو ھڪ اٽڪل پڪيڙيائين. وٺس مٿائي ھڪ اپياگت ٻـراھمڻ ٻنھجي وڃي درياه جي ڪپ تي ٽلڪ چاڙھي ويھي رھيو. اڳيان ھڪ صندليءَ تي ٺاڪر ڪڍي رکيائين ۽ اُنجي اڳيان ٿلن جي مٺ رکي پاٺ مالھا ڦيرڻ ۾ لڳي ويو. سيٺ کي ٻه نيم ھوندو ھئو جو درياھ تي ڏاٽ وٺڻ ويندو ھئو. ھن ٻراھمڻ کي ڏسي پڇيائينس مھراج. توھين ڏامو ڪائيندا؟"

" ٻراھمڻ. سيٺ جي، منھنجو قوت کھڙو آھي. مان ڪٿي ڏامو ڪائيندس. ھيءَ ٿلن مٺ جيڪا ٺاڪر جي پوڄ لاءِ ڏسو ٿا سا آھي منھنجي سڄي ڏينھن جو ڪاڌو". سيٺ دل ۾ چيو ته ھيءُ ته ٻراھمڻ منھنجي ڪم جو آھي سو چيائينس "مھراج، اوھين جيڪي چوندا سو ٽي اوھانکي ڪارائبو. منھنجي گھر واريءَ کي ورت چوڙيو آھي. ديا پاڻي سڀاڻي منھنجي گھر

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڪرڻا ڪجو."

براهمڻ- توهانجي شرتا آهي ته مان اينديس پر شرط آهي ته توهين گهر ڇڏي ڇڏيندا ته جيڪي مان گهران سو مونکي ڏيندا، وڌيڪ اصل زور نه ڪندا.

سيٺ- (دل ۾ خوش ٿي) توهين دلجاء ڪريو. جيڪي گهرندا سوئي اوهانکي ملندو.

براهمڻ کي گهر جو ڏس ڏيئي سيٺ گهر آيو ۽ زال کي تاڪيد ڏيئي ڇڏيائين ته جيڪي براهمڻ گهري سو ڏجانس. پنهنجي مرضيءَ تي ٻيو ڪي به نه ڏجانس.

ٻئي ڏينهن صبوح جو سيٺ وري به زال کي تاڪيد ڪيو ۽ پوءِ هميشه جي نيم وانگر ڪونيءَ تي ويو جتي هو سڄو ڏينهن گذاريندو هئو. براهمڻ کي به اها خبر هئي سو هنجي وئي ڪانپوءِ سندس گهر آيو. سيٺياڻيءَ براهمڻ کي آشيرواد ڪري چيو، "براهمڻ ديوتا، هاڻي جيڪي چئو سو توهانکي گهرائي ڏيان. براهمڻ جهٽ هڪ وڏو چٺو تيار ڪيو جنهن ۾ لکيائين، ۱۵ مڻ اٽو، ۱۵ مڻ چانور ۲ مڻ چڻن جو اٽو ۲۵ مڻ گيهه ۱۵ سير کنڊ ۽ ٻيا مال مصالحا اڪيچار ڪڍي لکيائين ۽ چيائين جهٽ پٽ اهو سڀ مال گهرائي وٺ ۽ جيڪي سنا رسويا شهر جا آهن تنکي به گهراءِ ۽ سيڏي شهر جي براهمڻن کي ٻارنهن ڏينهن ڏامر چرائي

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

موڪل.“

سينياٽيءَ جهٽ پنهنجي سيدي واري ڏانهن ڇنو ڏياري موڪليو ۽ شهر مان رسويا گهرائي ورتائين- براهمڻ پاڻ اُٿيو سو سڀئي شهر جي براهمڻن کي ڏامو ڇڏي آيو- سينياٽيءَ دل ۾ ڇيو تہ اڄ الاجي ڪيئن سيٺ ڪاٺوءَ مانيءَ تان ڪل لاٿي آهي جو مونکي وڏي واڳ ڏيئي ويو آهي تہ جيڪي ٻانڀڻ گهريئي سو گهرائي ڏجانس.“ خير، شام تائين طعام تيار ٿي ويا ۽ سڀ شهر جا براهمڻ ڪائي ڀؤ ڪري سڏيي ڏڪڻا وني ويا- سنڄها جو جڏهين سيٺ گهر موٽيو تہ پنهنجي در جي ٻاهران گهڻيءَ ۾ ڀاتلون جوتيون ۽ رام پياليون ۽ ڪاڏي پيتي جي هار وير ۽ اوبر ڏٺائين- پانياڻين تہ پاڙي ۾ ڪنهن مجلس ڪئي آهي- زال وٽ آيو ۽ اڇـي پڇيائينس تہ، ”اڄ ڪنهن اسانجي پاڙي ۾ ههڙي مجلس ڪئي آهي؟“

زال- مجلس وري ڪنهن ڪئي آهي؟ مون براهمڻ ڪارايا آهن- مڙس- تو هڪ اپياڳت براهمڻ ڪارايو جنهن جو ڪاڏو هو ڦلن مٿ- هتي تہ ڪي طعام تيار اُـي ويا آهن.

زال- سو تنهنجي ٻانڀڻ طعام تيار ڪرايا- سيرا پوريون متايون مال ديگيون ڪٽي لهرايائين- شهر جا ٻانيڻ ٻارين ٻچين ڪٽي گهرايائين.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

سيٺ جو منهن ئي ڪارنجي ويو ۽ اچي مٺيو، چيائين ”ههڙي ڏهڙي تون پنهنجي هڙ ڦوري ويهي رهي آهين. مون توکي ڇيو ڪين هئو ته، ٻانڀڻ جيڪي گهر ايندي سو ڏجانس، وڌيڪ نه ڏجانس.“

زال - مون وري سندس گهرڻ کان وڌيڪ ڏنو مانس ڇا؟ ڇنو لکي ڏنائين سو موديءَ کي موڪليم جيئن ٻارڻ چيائين تيئن ڪيم.

سيٺ - چور! هي ٻراهمڻ تڏهن ڪو مڪريل هئو. ٻيهه نه ڇگي هن جي چمڙي ته لاهيان.

ائين چئي لٺ کڻي هليو انهيءَ ٻراهمڻ جو ڏس پڇڻ. وڃي نيٺ سندس گهر ڳولي لڌائين. ٻراهمڻ به اڳيئي سمجهيو ٿي ته هن ڪنجوس سيٺ کي جو هيئن گهوٺو پياريو اٿم سو مات ڪري ڪين وهندو ۽ ضرور مات ڪري ڪين وهندو. ۽ ضرور مون کان حساب وٺڻ ايندو. تنهن پنهنجي زال کي ڪجهه سمجهائي ڇڏيو ۽ ٻارڻ چادر مٿان وجهي مردو ٿي سمهي پيو. زال سيٺ کي ايندو ڏسي وار ڇوڙي ويهي پار ڪڍي روئڻ لڳي. سيٺ به ڏاڍي جوش مان آيو، پانيائين نه ڇگا ته هاڻي چوڏا لاهيانس. پر ٻانڀڻ جي گهر واريءَ کي هيئن روئندو ڏسي مات ٿي اچي ويو. مائي پار ڪڍي چوڻ لڳي، ”الاجي ڪهڙي ناڳ ٻي پير پيو سين جو هچاري سيٺ جو ڏامو ڪاڻي آيو جو مڙس گهر اڄ

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڪري مٿو جهڳاٽو وٺي هليو ويو. هن واڳهوءَ سيٺ کي ڪو ڦاسائي آڻي ڏنيم ته سوريءَ تي ٽنگايانس تڏهن لهيم جل جان مان." سيٺ هيءَ ٻڌي ٻاڦي ٿي حيران ٿي ويو ۽ پڇيائين "مائي، ڇا آهي! ٻانهڻ ڪٿي آهي؟" مائي وري ٿي ڀار ڪڍي ڇوڙڻ لڳي "تو کي ٻانهڻ ٻانهڻ ڪري ڌڪارين ٿو ڪي ڪير جواب ڏيندو، ڪير پڇماڻ جو سڌ اونائيندو، منهنجو ٻچڙو لٽي در تي ٻوڙي وڌين منهنجا شير...... اون هون هون! تو سان ٻوهه ڪري ڏامو ڪارائي زهر پياري، مون نياڳيءَ سان وٺل ڪيائون." ڀار وچ تي ٿي ٻڌ ڪري اکيون مٿي ڪٽي سيٺ ڏانهن نهاري اوڇنگارن جي وچمان چيائين، "تون آهين نه، مٿا ناس ٿيا، تو منهنجو ڪونڌر مارايو آهي. پيهه مٿا تو کي جيل ڏي وجهايان." ائي، واڪو ڪرڻ لڳي. سيٺ ڦلهڙو ٿي پيرن تي ڪري پيس، "مائي گرياڻي، ههڙو گوڙ نه ڪر. جيڪا ڳالهه ڪرڻي هجيئي سا آهستي ڪر."

براهمڻي - آهستي وري ڇا ڪريان. ڏامي جي ٻهاني ماڻهن کي گهرائي زهر تو ڪارائين. هاڻي مون ايلا جو کهڙو حال ٿيندو. مان تو کي ڳچيون ٿي وجهايان.

بس پوءِ ته گرياڻيءَ جون هيون ڏمڪيون ۽ ٻخيل سيٺ جي هڏي نيزاري نيٺ براهمڻيءَ چيس ته جيڪڏهن پنج سؤ مهرون مونکي ڏين ته مان ماٺ

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڪري سؤر پي ويندي هئي. سيٺ پنهنجي جند ڇڏائڻ لاءِ اها ڳالهه قبول ڪئي ۽ هنڪي ٥ پنج سؤ مهرون پهچائي ڏنائين ۽ گرياٽيءَ کي لکي ڏنائين ته مان وري براهمڻ جي ڳالهه زبان تي نه ڪانديس. آٽيندس. اکيون تڏهن ڦاٽيس جڏهن پئي ڏٺائين براهمڻ جيڏو جاڳندو منهن ۾ گڏيس. ٻڙ ڇا تي ڪري سگهيو.

(٢)

بهادر نائي

ڳوٺ ۾ ڪنهن جي هئي شادي؛ سو شادي ته ٿي گذري. پئي ڏينهن مجلس تي گهوٽ کي ملي دعوت سندس سالو آيو ڪوٺڻ. ميان سڻهي سنهري مڇ ڪي مروٽيو ڏاڙهيءَ کي ڦٽوڻو ڏيئي هليو. واٽ تي آيو ته ڏنائين هڪ ڪرڙي، مڙس هو ٻوڏ ۾ سو لٺ کڻي ٺڪاءُ ڪيائينس ته ڪرڙي مري ويئي. تڏهن ته کنڪيءَ مان چوي سالي کي، "ڏٺئه ڪيڏي نه بلا هئي." سالو چوڻ لڳو "بلا ڇا جي؟ هيءَ ته ڪرڙي هئي." گهوٽ کي گهمنڊ پنجي ويو ۽ چپ هڻي پٽ تي ويهي رهيو. چي "بلا نه هئي ته ٻيو ڇا هئو؟" سالو چوي ڙي بلا ڪٿان آئي؟ هيءَ ته ڪرڙي آهي- بس مڙس اٿي هڻي ويهي رهيو ۽ چوي ته هاڻي وڃي ماڻهن کي دانهن ڏي، مان ڪونه هلندس، اليئي وينو آهيان. سالو موٽي ويو، تڏهن سهري چيو ته مان وڃي منٿ ڪري وٺي اچانس. گهوٽ اُنکي به ڪرڙي

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڏيکاري چيو ته چاچا ڏس ته سهڻن، ڪيڏي نه ٻلا ماري آڻم. پر سهرس ٻه چوي ته هيءَ ڪرڙي آهي. تڏهن گهوٽ پٽ ۾ سمهي پيو ڇو ته مان توهان وٽ نه هلندس. گهڙيءَ هيٺيون مٿيون ڏٺيس پر جوان چوي ته اِنهيءَ ٽريءَ ٽيل ٿي نه پيو آهي. پوءِ سسٽس آئي، اُنکي ٻه چوي ته مون ٻلا ماري آهي. پر ٻلا هجي نه، هوءَ ٻه بلا چوي. اُنکي ٻه موٽائي ڪڍيائين. تڏهن سندس ٻيڙي وڏيءَ سس چيو ته مان ٿي وڃانس سا آئي ۽ اچي پڇيائينس "اها ڇا آهي! هيئنءَ پٽ ۾ سمهڻ ٽنهنجا ويري. اٿي مون سان هل."

جوان چيو، "چاچي هيءَ ٽـ ٻلا ڏس." تڏهن چاچي جا ڏاهي هٿي تنهن واٽڙن وانگر نهاري چيس، "اڙي هيءَ ڪنهن ٻلا ماري جنهن جا چاريئي ڇنبا ٻاري؟"

تڏهن جوان خوش ٿيو ۽ ڪچون ٽوڪي چيائين، "عيسي پٽ خميسي پوٽي ڪمڙ چوٽ چلائي، چاچي، اسين هونداسين چاچي اسين هونداسون." سو مـڙس ٽري ته منهنجي بهادريءَ جو نيٺ قدر ٿيو ۽ هاڻي وڏيون وکون وجهندو وڃي ساهري پهتو.

ڪوڙ ڳالهائبو ئي ڪين! (۳)

هڪڙو ڪروڙ پتي شاهوڪار هو، جنهنکي هڪڙو ئي سڪيلڌو پٽ هو. پر هو اکين کان انڌو يعني موتيا

چڙهيل هئس، هٿن کان پنگلو هئو، پير گوڏن تائين سڪل هئس ۽ مرگهيءَ جو به اثر هوس. شاهوڪار جي دل هئي ته اُنجي شادي ڪريان پر اهڙي جڏي سرير کي ٻانهن ملي ڪٿان؟ ڪوڙ نه ڳالهائبو ٿي ڪونه! اڳئين سمي ۾ گهر ۽ ور نه ڏسندا ٿي ڪونه هئا، ڪو پنڊت يا ٻراهمڻ موڙو چٽي ڪٽي نڪرندو ۽ ڪٿي وڃي سڱ ڪري ايندو هئو. سو شاهوڪار به ڪنهن نيوڳيءَ (مانٽي ڪندڙ) کي گهرائي چيو ته جٿن وٽيئي لڌن منهنجي ڇوڪر جو سڱ ڪري اچ. نيوڳيءَ گڻيش مهراج جو نالو وٺي نڪتو ۽ هڪ شهر ۾ آيو ۽ هڪ مهاجن جي گهر اچي اٿو. اُن مهاجن کي هڪ ڇوڪري ڪنواري هئي. رات جي وقت نيوڳيءَ سان بات چيت هلي ۽ ڪروڙ پتيءَ جي ڳالهه نڪتي، تڏهن ڇوڪريءَ جي پيءُ پڇيو ته ڇوڪري جي عمر گهڻي آهي؟ نيوڳيءَ چيو ١٨ ورهيه. تڏهن نيوڳيءَ وري ڇوڪريءَ جي عمر پڇي تڏهن مهاجن نيوڳيءَ کي ڇوڪري اکئين ڏيکاري. پوءِ ڇوڪريءَ جي پتا چيو، ” نيوڳي تاڪر، مون ته ڇوڪرو ڏٺو به ڪونهي، اوهان جي زبان تي لڳي تو ڪريان.“

نيوڳي - ڪوڙ نه ڳالهائبو ني ڪين - هو امير جو ٻالڪ آهي ۽ سموري ملڪيت جو مالڪ آهي. هنجي هلت چلت سياءُ پر ڪرتي اهڙي ٿي آهي جهڙي مان

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ٻڌايان ٿو. توهين پلي ڪاغذ تي لکي ڇڏيو. هڪڙو نه هو پيرن سان هلي ئي ڪونه.

ڇوڪريءَ جو پيءُ - مطلب پالڪين جي هن وٽ کوٽ ڪانهي.

نيوڳي - پيو ته هو پنهنجي هٿ سان ڪاڏو به ڪونه کائي.

ڇوڪريءَ جو پيءُ - مطلب ته هزار نوڪر چاڪر هنکي کارائڻ لاءِ حاضر آهن.

نيوڳي - ٿيون ته هو مٿي به هيٺ نظر ڦيرائي ڪنهن ڏانهن نهاري به ڪين.

ڇوڪريءَ جو پيءُ - اهو شيلوان پرش جو ڌرم آهي.

نيوڳي - ڪنهن سان ڪنهنجي ٻڌي ڪانه.

ڇوڪريءَ جو پيءُ - اهو دانا ماڻهوءَ جو ڪرم آهي.

نيوڳي - پنهنجي مرضيءَ سمهي رهي ٿو ۽ پنهنجي مرضيءَ اٿي ٿو.

ڇوڪريءَ جو پيءُ اهي ڳالهيون پاڻ وٽ لکي ڇڏيون ۽ وهانءُ قبول ڪيو. نيت شاديءَ جو ڏينهن ٿيو. ڇڄ اچي پهتي پر ڇا ڏسن ته هٿيالي ڏيڻ وقت هٿ ثابت ڪونه هئا تڏهن نيوڳيءَ کي ڪنوار پيءُ ڇيو ته تو ڪوڙ ڳالهايو هئو. نيوڳيءَ چيو ته توهين ڪاغذ کولي ڏسو ته مون لکايو هئو ته "پنهنجي هٿ

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

سان ڪائي ٻہ ڪوڻہ” هٿ پنهنجا هڄنس ها تہ ڪائي ها- پنهنجي پيرن سان هلي ڪونہ پير هڄنس تہ هلي. اکين سان ڏسي ڪونہ جو موتيا چڙهيل اٿس ۽ ڪنن سان ٻڌي ڪونہ جو بلڪل ٻوڙو آهي- شاهوڪار کي تہ لڪاوٽ سان ڳالهہ سموري ٺهڪي آئي- باقي سمجهڻ جو رولو هئو- اُن مهل ڇوڪري کي مرگهي ٿي ٿڌهن وري نيوڳيءَ کي ڇپائين تہ اِها ڳالهہ تو ڪانہ لڪائي. نيوڳيءَ جواب ڏنو ”مهاجن! پنهنجي مرضيءَ سمهي رهي ٿو ۽ پنهنجي مرضيءَ اُٿي ٿو، اِهي لفظ تہ مون لڪايا آهن- شاهوڪار لاجواب ٿي ويو ۽ پنهنجي تقدير پٽڻ لڳو.

(٤)

ماستر ڪلاس ۾ لمبو شاهي ليڪچر ڏيئي وديارٿين کان پڇيو، ”چڱو هاڻي ٻڌايو تہ ڀڳوان کان پنهنجا گناهہ بخشائڻ لاءِ اول اسانکي ڇا ڪرڻ کپي؟“

هڪ وديارٿي- سائين اول اسانکي گناهہ ڪرڻ گهرجي.

(٥)

پيءُ- پٽ ڪالهہ ماستر سنو پاڙهيندو آئو؟

پٽ- بابا ڇا جو! سڀ سوال اسانکان پڇندو آهي- ڪيس ڪجهہ بہ نہ ايندو آهي.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٦)

ڊاڪٽر (مريض کي) - اڙي وري ڇــو بيمار ٿيو آهين؟

مريض - سائين! گهٽي ڪائڻ سبب.

ڊاڪٽر - ٻوءِ گهٽو ڇو ٿو کائين؟

مريض - سائين پنهنجو ٿو ڪان، اُن ۾ اوهانجو ڇا وڃي!

(٧)

سائنس ماستر - موهن هيءَ ٻياني تيزاب ۾ وجهان ته ڳرندي ڪين نه؟

موهن - نه.

ماستر - ٺيڪ. ڀلا ٻڌاءِ ته ڇو؟

موهن - جي ٻياني ڳري ها تــه توهين وجهو ئي ڪو نه ها.

(٨)

چيلو يا چيلاٽو

مان ۴ ورهين جو هوس. مائٽن سڪول ۾ موڪليم. بابو پئسو خرچي ڏيئي ڇٽ ڪري اسڪول ۾ ڇڏي آيم. جڏهن موڪل ملي تڏهن ڊوڙندو ٻاهر نڪتس اسڪول جو هڪڙو وڏو ڇوڪرو هئو جنهنجو نالو هئو چيلو. اِهو گهڻو وڃائيندو هئو. ٻاهر مرنکي رستي تي اهو گڏيو ۽ چيائين ته پئسو ڏي ته ڳالهه ٻڌايانءِ - مون ناڪار ڪئي - ڌمڪايائين چپ ڪر ۽ چماٽ هڻيائين

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ته ٻه ڳوڙها ٽِين سٽڪ ڳاڙيم پر هوُ ته مونکي ڇڏي پيسو ڪٺي پڇي ويو. ٻاڪار ٻڌو پئي رستي تان ويس ته هڪڙي ماڻهوءَ ويٺي جاءِ جوڙائي تنهنکي مونتي قياس آيو. ڳراٽڙي پائي پرياپائين ۽ پڇيائين ته ڇو ٿو روئين؟ مون رُنڌي ڳلي سان هٿ رکي ڇيو، ”چيلي ......“ وڌيڪ اڪر روئڻ ۾ ڪو نه اُڪليم. هن شخص ڏٺو ته منهنجو ڳلو ڳاڙهو ٿيو پيو آهي سو چيلي بدران سمجهيائين ته هنکي چيلائي شايد چڪ پاتو آهي سو ڳاري مان لپ ڀري ڪٺي منهنجو ڳل ٽڪيائين!

(٩)

ڪنهن براهمڻ جي گهران صبوح ساڻ پاڙيوارين ايندين هيون چيٽو ڪٺڻ. براهمڻ ڏاڍو بيزار اچي ٿيو جو هنجي ليپي واسطي ٻه ڪجهه ڪين رهندو هئو. پلا پڇمانن سان پاڙي ۾ ڪوڙو ٻه نه پوي سو هڪ ڏينهن وتي تو ڪتا ڪندي ارت ۾ چوي، ته ”براهمڻ ڪسي گڏو دان ڪجي ٿي پوءِ اُنجو ڪير اٿوا چيٽو جيڪو ٻه منڪه ورتائي ٿو سو پاڻ ٿي وڏو پاپ چاڙهي ٿو.“ بس اُهو ڏينهن، اچ ڏينهن ڏينهن، ڪتي ڪن ويايا، پانهنجي گهوڙيءَ مان چٽي ٿيو.

(١٠)

ماءُ - ماريا ڪو ڏاهري آهين. مرهو ۽ انبڙي گڏي گرهه ۾ وجهي ٿو ڪائين. يا هو ڪاءُ يا هو ڪاءُ.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

پٽ - پر امان، مان نہ ڪفايت ٿو ڪريان.
ماءُ - سو ڪيئن؟
پٽ - هيئن جو ساڳيءَ مانيءَ ٽڪر سان ٻئي ڏو
ڪپايان نہ تہ جيڪر ٻيٽي ماني کان.

اُستاد ڪيئن بيمار ٿيو؟ (١١)

مجلس محفل ۾ مزو ٿئي ڪر موجي ماڻهو ملي وڃي تہ ميڙو مچي پوي. اسانجي پاڙيءَ ۾ هڪڙو يار مورجمل وڏي ونڊر آهي ۽ چڱي چهر لڳائيندو آهي. ڳالهين تان ڳالهيون نڪرن ٿن ٿي پيا ٽوٽڪا هلن هڪڙي دفعي مزي واري مذاق ٻڌايائين؛ چي هڪڙو هوندو هو آخوند جنهن وٽ شهر جا ڇوڪر گهڻيئي پڙهندا هئا. آخوند سنجهہ صبح لٺيءَ ٿڌيءَ مڪتب لڳايو ويٺو هوندو هو؛ نہ ڪڏهن پاڻ گسائيندو هو ۽ نہ ڪڏهن ڇوڪرن کي ٿي گسائڻ ڏيندو هو. هڪ لڳا شاگردن جي دل تي تہ پيا پيا رانديون رونديون ڪن شهر بازارين گهمن ڪڏهن تہ اسين بہ اهو شغل ڪريون. سو پاڻ ۾ ٺيڪر ٿاهي آخوند اڳيان ويا. هڪڙي چيو، "سائين، اڄ اوهانجي طبيعت ڪجهہ قدر سست پيئي لڳي." ٻئي چيو، "آخوند صاحب اڄ اوهانجي اکين ۾ لالائي آهي، تپ جو جوش ٿو ڏسجي، ٽئين وري آخوند جي ٻانهن کي هٿ لائي چيو، "اڄ آخوند صاحب جا لڱ ته گرم پيا لڳن، ضرور

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

تپ ٿيو آهي." جو ٿين پڇين اهڙيءَ طرح پنهنجي پنهنجي نموني ۾ ساڳيو سر آلاپيو تڏهن هڪڙي چيو، "اُستاد صاحب، توهين ڇو ٿا تڪليف ڪريو، توهين ڀلي ڏينهن اٺ آرام ڪريو، اسين پاڻيهي پيا مڪتب جو ڪم هلائيندا سون." وري ٻن ٽن ٻين به اهڙي خاطري ڏني ۽ چيائون، "آخوند صاحب، خدا سائين ڪندو ته توهين سدائين نوَ ٻنا هوندا. ڏينهن اٺ ٻلاشڪ وڃي ساهه پٽيو، اسانجو اونو نه رکو، اسين اوهانکي ڪم پيٽو ڪري ڏيکاريندا سين."

اُستاد ته حقيقت ۾ خوش خورم ۽ نوَ ٻنو هئو پر هينئر جڏهن جو ڪيس ساڳي ڳالهه مٿن ۾ ڏٺي وائي ورتو سو سمجهيائين ته شايد سچ مچ اچ بيمار ٿي پيو آهيان، جان ۾ مڙيوئي ڪجهه خلل آهي سو اِنهيءَ ڪري اُنهن کي تاڪيد ڪري وڃي گهر ۾ رلي تاڻي سمهي پيو. شاگرد به مڪتب کي تالو لڳائي هليا شيل شڪار تي. سارو ڏينهن پڙ تي ملهايائون ۽ ٻئي ڏينهن به اهوئي شوق هون سو وري به آخوند جي گهر ۾ ويا ۽ وڃي ساڳيو سر ملايائون جي آخوند صاحب جي طبيعت اڃا عليل آهي. ڏينهن اٺ ٻيو به آرام ڪهي. ٽن ڏينهن کانپوءِ جڏهن رلي پٽي ٽڪا تڏهن وري موٽيا آخوند وٽ.

هڪڙي چيو، اچ آخوند صاحب سرهو ٿو ڏسجي."

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ٻئي وري سندس ٻانهن کي جهلي چيو، هينئر نہ لڳہ ٻہ سنا پيا لڳن." ٽئين وري چيو، "سائين، ٽي ڏينهن اوهان کان سواءِ الاجي ڪيئن گذريا آهن. پر هاڻي خدا ڪيو تہ وري اچ ڏٺڪا ٿيندا سين. اوهين ڀلي هلو هلي مڪتب ڪــي مڃايو. اسين اوهانکي گهڻي تڪليف ڪانہ ڏيندا سين آهستي ڪري ٻسترو ڇڏيو؛ جلد ٿي وري سڪول ۾ موٽي آيو. ٻيمار ٻہ شاگردن ڪيس تہ چاڪ ٻہ شاگردن ڪيس. اهڙو آهــي خلق رائي جو اثر جو خيال ٿي ڦيريو ڇڏي تہ طبيعت ٻــہ ٻگاڙيو ڇڏي.

(١٢)

زال جي تار تو پڙهي!

ماجسٽريٽ - اڙي تو تار واري منشيءَ ڪــي ڇو ٻاد ر هنيو؟

ڏوهي - سائين! مون چيو مانس تہ هيءَ خانگي تار آهي منهنجيءَ زال ڏانهن موڪل ءِ. ويهي پڙهڻ وينو لڏهن مونکي ڪاوڙ ڪين لڳندي؟

(١٣)

هيڊ ڪلارڪ - موٽومل، هاڻي وري پوري وقت تي آفيس ۾ اچڻ لڳا آهيو؟

منشي - هائو سائين! مون طوطو ٻڌو اهي.

هيڊ ڪلارڪ - طوطو! طوطو ڪهڙي ڪــم جو؟

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

مون ڇيو ماڻو نہ گھنٽيءَ وارو گھڙيال ڪٿي وٺو.

منشي - سائين! گھنٽيءَ وارو گھڙيال ۽ ورتم پر ڏينهن ٻن ٽن جي آواز تي اهڙو هري ويس جو ننڊ ڦٽندي ڪانہ هئي. تڏهن وري طوطو ورتم؛ هاڻي گھڙيال جي گھنٽي ٺاهي ستري اڳيان رکي ڇڏيان تنهن جي مٿان وري طوطي جو پڃرو رکان. جڏهن گھنٽي صبوح جو شروع ٿئي وڄڻ تڏهن ڇٽون اهڙي هوءِ هوءِ تو مچائي جو ڪنيڪرڻ نہ جاڳي پوي.

ڏوهہ ڪنهنجو؟ (١٤)

ڪنهن بدمعاش کي ماجسٽريٽ ٣ مهينا جيل جي سزا ڏني. ٻڌڻ سان هن لفنگي کي اهڙي چڙ آئي جو پڃري مان نڪري ٻاهر هٿ ڪڍي وڪيلن جي ميز تان مس ڪڙي کڻي ڏاڍي ذور سان ڪٿي ماجسٽريٽ ڏي اُڇلايائين.

ماجسٽريٽ ڪنڌ ڪٿي هيٺ ڪيو ۽ مس ڪڙي وڃي سامهون ڌريءَ جي شيشي کي لڳي. شيشو ٽڪر ٽڪر ٿي پيو ۽ ڪڙي ٻاهر هلي وئي. اُتي ڪڙيءَ جي مس وڃي هڪ زال جي اڇيءَ ڊريس مٿان پيئي ۽ اُنجي سڄي پوشاڪ ڪاري ٿي پيئي. مائيءَ وٺي واڪا ڪيا ۽ اينري هاڻي ڌوس مچايائين جو پرسان بيٺل گاڏيءَ جو گھوڙو اچي ٽهيو ۽ اٿي ڀڳو ۽ سڌو ڏوڪي وڃي هڪ شيشي جي سامان واري شاپ ۾

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

پيو. گاڏيءَ ۾ وينل ٻه ڄڻا رتورت ٿي پيا ۽ شيشي جو سامان هزارن جو ڀڄي پيو. هاٽي شاپ جي مالڪ ٻن زخميلن مسافرن، گاڏيءَ واري ۽ اُن سڪر عورت جنهنجا ڪپڙا خراب ٿيا هئا، اُنهن مڙني ماجسٽريٽ تي دعويٰ ڪئي ته، چوهن مٿو ڦيرايو جنهنڪري مس ڪپڙيءَ اهڙا ڪلور ڪيا! ڏوهه ڪنهنجو هئو؟

(١٥)

چمڙيءَ چوس نالي هڪ اُليت ڪي ٻئي ڪنجوس ٻائيءَ ٻڪي خان ۾ اچي ڪم پيو. سو رات جي واڳڙي ونس ويو. ٻائيءَ ٻڪو خان پنهنجي گهر ۾ اوندهه ۾ وينو هئو ۽ گروي نامو جوڏسڻو هوس سو ٻني ٻاريائين ٻني ۾ کهڙي؟ موم ٻنيءَ جي ڀيڙي جا ماٿهو ڦٽي ڪري ڇڏيندا آهن، اهڙيون ٻه چار گڏي انچ ڪن جيڏي ٿاهي هئائين. پر گروي نامو پڙهي پورو ڪيائين ۽ ٻني وسائي ڇڏيائين.

چمڙيءَ چوس ڪي اچي ٻپ ڪميو ته اونده ڪري تو مونکي ڦري سو هڪڙو هٿ وڌائين واچ ۾ ۽ ٻئي سان جهليائين ڪيسو جنهنم آنو ٻه پيا هئس ۽ پڇائيس ته "چو ٻني وسايءِ؟" ٻائي ٻڪي جواب ڏنو ته، چو اجائي ٻني پيئي ڪهي. اونده ۾ ڳالهائي نٿا سگهون ڇا؟ ائين چئي اُٿيو ۽ ڳالهائين ٻه ٻئي ۽ ڪجهه ڪيائين ٻه ٻئي، تڏهن چمڙي چوس پڇيس ته "يلا ڪرين ڇا

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ويٺو“؟ جواب ۾ چيائين، ”پاڻ-ي صاحب ڪمرا ويٺو لاهيان.“ اوندهه ۾ ڪير ٿو ڪمرا ڏسي، اجايا پيا گسن ۽ ڪسن !!

(١٦)

هڪڙي ننڍڙي ڇوڪري ”چُوُ چُوُ“ ڪري ويٺي ريل گاڏيءَ راند ڪئي؛ ڇو نه وڃي هڪڙيءَ پوڙهيءَ مائيءَ سان اٽڪي. ۾ ڪڪيءَ راند جي حرص ۾ اُن جو ذرو به خيال ڪو نه ڪيو وري ڪجهه وقت ڪانپوءِ پير پيرو اُن مائيءَ کي ٽيلهو ڏنائين. تنهن تي مائي چيس، ”ڪڪي، ڪنهنکي ايذاءُ ڏجي نه چوڻ گهرجي، معاف ڪجانءِ.“ تنهنتي ڪڪيءَ جواب ڏنو ”هان بس، ريل گـاڏي وري ”معاف ڪجانءِ“ ڪيئن چوندي؟“

(١٧)

هڪڙي مائيءَ کي ٣ ٻار هئا. نانا ٺي گهران اُنهن کي ڪي زيتون ڪاڻڻ لاءِ مليا سي ڪٽي اچي ماءُ کي ڏيکاريائون. ماڻهن چيو ته هيٺئن مٿان ڪاڻو زيتون راتِ جو ڪائيجن ته ماڻهو مري وڃي. سو اُنهن کان وٺي ڪٽي اُهي مٿي تختي تي رکيائين ۽ ٻارن جي دل چو رهي. اُمان ڏنو پاسو ته ٽيئي جڻا زيتون ڪائي ويا. صبوح جو سويل هڪڙو ٻار اٿي ڪڙو ٿيو. تڏهن ماڻس پڇيو ته ”چو! سويلئي اُٿيو آهين؟ اڃا ته اوندهه پيئي آهي.“

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

تڏهن ڪڪي جواب ڏنو، ته "رات ڄڻن ڪاڌا هئاسين مان ته ڪونه مري ويو آهيان هاڻي اُتيس ڏسڻ ته هيرو ۽ رامو ته ڪين مري ويا."

(١٨)

اِسحاق وڃڻي واهه ۾ مڇيون ماريون. سندس دوست اُن مهل اچي اُتان لنگهيو.

جمال - اسحاق اڄ مڇين جو ڪهڙو حال آهي؟

اسحاق - خبر ٿي ڪانهي تار موڪلي اٿي مان ۾ اچا ته جواب ڪونه آيو آهي.

(١٩)

ڪو جيلر قيدين سان ڏاڍي سختي ڪندو هئو. ويچارا پيا سهندا هئا. هڪ ڀيرو ڪنهن قيديءَ ڏوراپو ڏيئي چيس، "چڱا مڙس اهڙي ڪر جو وري ڪو جيل ۾ اچيئي."

(جيل ناناڻو گهر سمجهيو هئائين ڇا)

(٢٠)

ڪنهن ڀاڳئي زميندار جي زال هوندي هئي چندي جڏهن مئي تڏهن سولو ساهه کنيائين. هن کي هڪ ننڍو پٽ هئو. زميندار قسم کنيو ته هن ڇوڪري کي زال ذات جو منهن نه ڏيکاريندس. هن اهڙو بندوبست رکيو جو ايڪيهن ورهين تائين سندس پٽ کا ڇوڪري خواهه زال اکين ڪانه ڏٺي. هو جوان مڙس

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ٿيو ۽ پڙهي اڪابر ٿيو. تڏهن پيءُ هڪ ڏينهن هن کي ساڻ وٺي شهر ڏانهن هليو ته وڃي ڌنڌي واپار ۾ لڳايائينس. جڏهن ٻئي شهر ۾ گهڙيا ته هڪڙي جوان ڇوڪري اچي اڳيان لنگهي جنهنجو اکيون ڪاريون ۽ ڳل گلابي هئا. پٽ ههڙي سهڻي صورت ڏسي وائڙو ٿيو ۽ پيءُ کان پڇيائين ته ”بابا! هيءَ ڪير آهي؟“ پٽس چيو، ”هيءَ هڪ قسم جي بدڪ آهي.“ رستي ۾ ٻيون ٻه ڪيتريون ئي سهڻيون ڇوڪريون ڏٺائون ته پيءُ پٽ کي چيو، ”پٽ اهي مڙيئي بدڪون اٿئي، نهار ته ٻيون گهڻيئي سٺيون شيون ڏسندين اهي ڏسي دل خوش ڪر.“

شهر ڏسي پورو ڪيائون تڏهن پيءُ چيو ته ڪا پٽ کي ٻه سوکڙي وٺي ڏيان. چيائينس، ”پٽ، اڄ تنهنجي حياتيءَ ۾ نئون ورق وريو آهي تنهنڪري جيڪي دل گهريئي سو وٺي ڏيانءِ. رڳو تنهنجي گهرڻ جي دير آهي.“ جوان پڇيو، جيڪي گهران. بابا تڏهن ته اوهانجي مهرباني! ته پلا مونکي هڪ بدڪ وٺي ڏيو!“

(٢١)

هڪ مائيءَ پنهنجي نوڪرياڻيءَ کي خط ڏنو ۽ ٥ روپيه ٻه ڏنائينس ته ٽڪليون وٺي لفافي تي هڻي ڪٽي ٽپال ۾ وجهجانءِ. جڏهن موٽي تڏهن مائيءَ پڇيس،

”خط وٺي آئينءَ؟“

نوڪرياڻي - ها، مائي وٺي آيس.

مائي - پوءِ پلا پئسا ڇو موٽائي ڪٽي آئي آهين؟

نوڪرياڻي - هيڏانهن هوڏانهن نهار ۾ ڪنهن ڪونه ڏٺو تڏهن لڪي ڪٽي خط نهال جــي دٻي ۾ وڌم ۽ ٽڪلين جو ناڻو ٻهائي ڇڏيم.

(۲۲)

ماءُ - پٽ، توکي اڄ مار ڇو ملي؟

پٽ - ماستر چيو ته سستيءَ جي نتيجن تي مضمون لکو. مون ڇا ڪيو جو خالي ڪاغذ ڪٽي ڏنم ۽ سمجهيم ته مونکي ٿي گهٽي ۾ گهٽيون مار ڪون ملندو.

(۲۳)

ڪنهن سيٺياڻيءَ نئين نوڪرياڻي رکي، سو هن کي سمجهايائين ته وڏن گهرن ۾ ڪئن سڌ ڏي اچبو آهي. ڪنهن ڏينهن چيائينس ته کير جو ڪوپ ڪٽي آءِ. نوڪرياڻي اُمالڪ هٿ ۾ ڪوپ ڪٽي آئي. مائيءَ چيس، ”اڙي بيعقل! اڳتي هميشه ٿالهيءَ ۾ رکي ڪٽي اچجانءِ. هفتو کن پوءِ مائيءَ وري کير جو ڪوپ گهريس تڏهن ٿالهيءَ ۾ کير ليٽائي، ٿالهي آڻي اڳيان جهليائينس. مائي نوڪرياڻيءَ جو اُهڙو عقل ڏسي وائڙي ٿي ويئي، تڏهن نوڪرياڻيءَ چيس ته، ”مائي ڇمڇو ڪٽي اچان ڪين سر کيرون پي پيندينءَ!“

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

پنهنجي دير تہ ڏسو (٢٤)

يورپ جي مهاڀاري لڙائي ۾ امريڪا وارا ٻہ سال جنگ ۾ ٻين ملڪن کان دير سان گهڙيا. هڪ لڳا جنگ جي ميدان ۾ هڪ امريڪا جي جنگي عملدار پنهنجي موٽر هلائيندڙ کي ٻہ منٽ دير سان اچڻ ڪري ڇنڊ ڪڍي. ٿنهنجي موٽر هلائيندڙ جا هڪ ڳال هئي تنهن جواب ۾ چيس تہ جلدي چڙهو، وقت نہ وڃايو. اوهان کي وسري ويو آهي تہ توهان ٻہ سال دير ڪئي آهي. منهنجي ٻن منٽن لئي پيا ڪيٻايو!

(٢٥)

ڪنهن وڏور ڇوڪريءَ کان سندس ساهيڙيءَ پڇيو تہ "ڇو توکي ايترا واري ڇڏيو اٿن؟ ٻڌهن لڳائي چيائينس تہ بابو ٿو چوي تہ مڙس کجي تہ اهو تيز فهم، آزمودگار تندرست ۽ سليڇڻو هجي. امان ٿي چوي تہ ناتي ڪنديس تہ اهو جو ڪفايتي، محنتي ۽ خيال وارو هجي ۽ مان چوانتي تہ هجي سهڻو ڪڙو لڙو پڙهيل ۽ شاهوڪار، سو جڏهن اهڙو ڪو ملي.

(٢٦)

پٽ - امان، اڄ ماستر هڪڙو سوال پڇيو جنهنجو جواب ٻن ڄڻن ڏنو.

ماءُ - منڙا، تون انهن ٻن ۾ ضرور هوندين؟

پٽ - سو تہ نهيو پيو آهي.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ماءُ - پلا ! سوال ڪهڙو هئو ؟

پٽ - سوال هئو تہ ڪلاس جي دريءَ جو شيشو ڪنهن ڀڳو. سو مون ڀڳو هئو تہ چوڻ آئي ڀيهندس !

(٢٧)

ڪنهن سراء ۾ ڪي فقير اچيئي لٿا پيا هئا. هڪ مسافر بہ رات جي وقت گهوڙي تي چڙهي آيو ۽ اچي اُتي ڏاڍو ڪيائين. فقير بہ ڪي ڏينهن رليا پيا هئا ۽ گهڻو ڏينهن ٽڪر ڪونہ مليو هون، سو ڏاڍا عاجز هئا ۽ مسافر کي ڏسي پاڻ ۾ ٽيڪر ڪيائون تہ هيترا لنگهڻ ڪڍيا اٿئون. پر چوٽي آهي، سنئين لنگهڻين ڪنو بہ حلال سو مسافر جو گهوڙو ڪٽي بازار ۾ وڪٽي ٿا اچون ۽ پوءِ اچي ٿا مزيدار محفل ملهايون سو پنهنجي ڪم ڪي لڳي ويا ۽ مال ڪٽي مٺو ڪيائون. مسافر کي بہ دعوت ڏنائون. مسافر بہ، خوب اُنهن فقيرن سان رنگ ۾ سنگ ڪيو. کائي پي وينا گائي لئي. فقير جلد ئي مستيءَ ۾ مدو ٿي ويا ۽ راڳ غزل ڳائيندي مسافر کي بہ ڪٽي پاڻ سان شريڪ ڪيائون، "گهوڙو ويو، هاء گهوڙو ويو!" "گهوڙو ويو، هاء گهوڙو ويو."

صبوح سان فقير تہ سو پلٽي پنهنجون گودڙيون بڌي راهي ٿي ويا.

مسافر بہ نہر بڌي گهوڙي لاء هڪل ڪئي. نوڪر چوي تہ "سائين گهوڙو ڪٿان آيو؟ گهوڙو تہ راتِ

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

فقير مونکان زوريءَ ڦري ويا."

مسافر حيران ٿي چيو، ته "ڦري وري ڪٿي ويا؟ تون جو ويٺو هئين؟

نوڪر وراڻيو، سائين مان هڪڙو، هو گهڻا، مان پهچان ڪٿي؟

مسافر چيو - مونکي ٻڌاءِ ته چو ڪين؟

نوڪر چيو سائين، ٻڌائڻ لاءِ آيس ته سهڻن پر ڏنم ته توهين پاڻ ۾ وٺنا چئو ته "گهوڙو ويو، هاءِ گهوڙو ويو!" تڏهن چيم ته توهانکي اڳيئي سڌ آهي، وڌيڪ مان ڇا ٻڌايانو.

مسافر پاڻ کي چيو ته هيءَ رڳو اهل ڪرڻ جو نتيجو نڪتو. ويچارو مٿهن مٿو پٽي هلندو رهيو.

(٢٨)

ڪنهن تعلقي جو ڪاردار هوندو هئو ڪاٺو. هن وٽ هڪ منشي هو جو اصل حجام هئو ۽ پر پڙهي پيو هئو ۽ چڱيءَ آبرو سان پئي هليو. هڪ ڀيري آفيس ۾ ويٺي منشيءَ ڪان ڪا ڀل ٿي وئي تنهن تي ڪاردار اچي ڪاوڙيو ۽ کي لفظ ٻه پٽيائيس. چيائينس، "اڙي منشي حجام آهين؟" منشي جهٽ ادب سان چيو، "سائين! ٻراٻر ڪاٺي کي ڪو ڪاٺو چئبو." ڪاردار اشارو سمجهي ويو ۽ منشيءَ جي مٿهن ۾ نهاري ڪٽي ماٺ ڪيائين.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٢٩)

هڪڙي ڏينهن ڪنهن ٻار ماستر کي چيو ته ”سائين، اڄ مونکي ياد ڇمندو.

ماستر - سو ڪيئن؟

ٻار - سائين، امان کي پيٽ ۾ سور پيو تڏهن مون کي پيڻ جائي، اڄ بابا کي پيٽ ۾ سور پيو آهي ته ضرور مونکي ياءُ ڄمندو.

(٣٠)

ڪنهن ٻار پٽي رنو - سندس هڪ مائٽ اُن مهل آيو ۽ پڇيائينس، ”پٽ لون روئين ڇو ٿو؟ ٻار جواب ڏنو، ”ڪاڪا، ياڻوءَ کي هوليءَ جي موڪل ملي آهي، مونکي ڪانه ملي آهي، تڏهن ٿو رئان.“

مائٽ - توکي ڇو ڪين ملي؟

ٻار:- ڇاڪاڻ ته مان اِسڪول ۾ ڪونه ويندو آهيان.

(٣١)

ٻار- ڇاڪاڻ ته مان سڪول ۾ ڪونه ويندو آهيان. ٻه ننڍڙا ڇوڪرا پاڻ ۾ ٻٽي وڙهيا. هڪڙو بزرگ اچي لنگهيو ۽ چيائين، ”ٻچڙا، توهانکي ائين وڙهڻ ڪين گهرجي، توهان پنهنجي ڪتاب ۾ ڪونه پڙهيو آهي ڇا ته دشمن کي ٻ پيار ڪجي.

هڪڙو ڇوڪرو- سو هيءُ منهنجو دشمن آهي ڇا جو پيار ڪريانس؟ هيءُ منهنجو ياءُ آهي نه؟

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٣٢)

هڪ انسپيڪٽر ڇوڪرن جو گرامر ۾ امتحان وٺي ورتو؛ سؤ کن مثالن سان، صفت اسم سان ڪيئن ٿو لڳي، سو سمجهائڻ لڳو. سوال پڇيائين ته، مثلاً، آءٌ ڇا آهيان؟ اهو ته سوال سؤکو هو. سڄي ڪلاس جواب ڏنو ته سائين ”ماڻهو“. سوال - برابر، ڀلا ٻيو ڇا آهيان؟ اهو البت اؤکو هئو پر ٿوري دير ۾ هڪڙي نينگر همٿ ساري چيو ته سائين ”بدرو ماڻهو“. انسپيڪٽر چيو برابر، پر اڃا به ڪجهه وڌيڪ. ڇوڪر مُنجهي پيا ته ايتري ۾ هڪ ٻار خيال ڪري چئي ڏنو سائين! مونکي اچيئو. ”ڪوجهو بدرو ماڻهو“.

(٣٣)

”ٽائيمس آف انڊيا“ اخبار کي بمبئي ۾ ڪنهن مڙس خط موڪليو جنهن ۾ هيٺين شڪايت ڪيائين:-
”اوهين هميشه ٽپال وارن تي دانهن ڪندا آهيو ته مٿن ڪو ڀروسو ڪونهي؛ ڪيئن گهڻا خطن ۾ دير ٿا ڪن يا هڪ جا ٻين کي وجهيو ڏين؛ اهڙي دانهون پڙهي آءٌ چوندي آهيان ته ڳالهه برابر آهي پر تازو ٽپال وارن کان مونکي اهڙي حرڪت پهتي آهي جو اوهانکي لکڻ کان رهي نٿي سگهان. چار ڏينهن ٿيا جو مون پنهنجي مرد کي ١٥ خط ٽپال ۾ وجهڻ لاءِ ڏنا جن ۾ ڪالهه جي نالي ١٥ چٺن کي ڪوٽ ڏنيم ته

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

چاهہ پيرڻ اچجو. جنهن چٺي کي ڇپر نہ ورندڙ ٽپال ۾ جواب ڏجو نہ اچو ٿا يا نہ. عجيب نہ ڏسو مهتمر صاحب جو هڪڙي چٺي جو ڪٺي جواب اچي سو بہ نہ. ائين چئبو تہ ٽپال وارن هڪ خط بہ نہ پهچايو. ٽپال آفيس جي ڳري غفلت باٻت اوهين ڇا ٿا سمجهو؟"

ٽائيمس واري کي اِنهيءَ ڳالهہ تان ڏاڍو خيال ٿيو ۽ ڇپرڻ ٿي هئو تہ ايتري ۾ ساڳيءَ مهل ۾ نوڪر هٿان هڪ ضروري پرزو موڪليس جنهن ۾ لکيائينس تہ اڳيون خط رد سمجهجو. پندرهن ئي خط منهنجي مرد جي ڪوٽ جي کيسي مان لڌا آهن."

(٣٤)

نوڪر هڪڙي جي ڳالهہ مشهور آهي تہ پنهنجي ڌڻيءَ کي چيائين تہ ڪم جيڪو منهنجي ذميواريءَ جو آهي سو لکي ڏيو. پوءِ ڪاغذ پٽڪي ۾ اٽڪائي ڇڏيائين. هڪ لنگا سندس ڌڻي گهوڙي تي سوار ٿي ويو ۽ نوڪر ڪنڌڪ لڳو هوس. لڪڻ ڪري پيس. نوڪر کي چيائين، ڪڍ. هن اماڻڪ ڪاغذ ڪڍي ڏنس ڇي اِڪڻ لکيل هجي نہ ڪٽان نہ تہ اوهين پاڻ لهي ڪٽو.

(٣٥)

ڪنهن عجائب خانہ ۾ نئون دربان مقرر ٿيو ۽ نوڪريءَ تي چڙهڻ کان اڳ سڀ قانون ڪنت ڪٺي

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

کيا هوائين. هڪڙو شخص هئو جو سڌو اندر ڌوڪيندو ٿي ويو ننهڪي هڪل کيائين ته ڌوپ ڇني ڏروٽ ڇڏي پوءِ اندر گهڙو. هن چيو ته مون کي ڇني آهيئي ڪانه. تڏهن شوخ ڳالهائي چيائينس ته وڃي وٺي آءُ ۽ اها ٻاهر رکي پوءِ اندر وڃ؛ ڇو ته قانون صاف ٿو چوي ته جيسين ڇني دروازي وٽ ڪو ڇڏي نه وڃي تيسين اندر وڃڻ نه ڏجيس.

(٣٦)

ريل مسافر- ادا ڪيولرام، فلاڻو تنهنجو عزيز ٿئي ڇا؟

ڪيولرام- عزيز آهي پر مائٽي ڏوريءَ جي آهي.

مسافر- تڏهن به ڪهڙي؟

ڪيولرام- وڏو ڀاءُ ٿئيم.

مسافر- سا ته ڀله ويجهي ٿي- ڏوراهين ڪئن ٿي؟

ڪيولرام- هـن ۽ منهنجي وچ ۾ ٻيا ست ڀائر ڀيڻرون آهن.

(٣٧)

هارٽ ڊبريز صاحب سنڌ ۾ گهڻا سال تعليم کاتي جو وڏو ۽ ڪنل ڪاٽي جو مئنيجر هوندو هئو. هڪ لڳا ڪوئيٽا مان سيوهڻ تي ويو. ڪتو، ساڻ هوس پر اُن لاءِ ٽڪيٽ وٺڻ کان اڳ، گاڏي ڇُٽي ويئي جنهن تي سيوهڻ تار ڪرايائين ته پاڙو آڻي وٺڻ ۾ اچي.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

جڏهن گاڏي سيوهڻ پهتي تہ، هڪ سنڌي ريلوي ڪلارڪ صاحب جي گاڏي وٽ بيهي انگريزيءَ ۾ پڇڻ لڳس تہ Sir, Are you dog? (ساءِ اوهين ڪتا آهيو؟)، صاحب سمجهيو تہ هن اُوزان کي انگريزي ۾ ڳالهائڻ نٿي اچي تڏهن ڪڇيائين ڪين ۽ انگريزيءَ ۾ جواب ڏنائينس تہ برابر ڪتو منهنجو آهي ۽ پاڙو پري ڏنائين پر ڪلارڪ جي جٽپائيءَ تي تپرس کائي ريلوي جي مئنيجر کي لکيائين تہ هيڙا اڻ پڙهيل ڪلارڪ ڇو ٿا رکو، مونکي ڇڏيو تہ، آءٌ پنهنجي تعليم ڪاٿي مان اوهانکي انگريزي دان هوشيار ڪلارڪ ڏيان. مئنيجر جواب ۾ لکيو تہ اوهانجي مهرباني ۽ برابر اسانجا ڪلارڪ پڙهيل ڪين آهن پر اسانجي ڏاتو جا آهن جو راٽ ڏينهن ڍڳي وانگر پيا وهن.

(٣٨)

ڪو ڪاليج جو پروفيسر ڪلاس ۾ گهڙيو تہ ڏسي تہ بورڊ تي هي اکر لکيل آهن:- ”اسانجو پروفيسر گڏهہ آهي.“ پروفيسر حوصلو جاءِ ڪري چاڪ کڻي ”گڏهہ“ پنيان لکيو ”هڪلينڊڙ“ تہ، ٿي پيو تہ، ”اسانجو پروفيسر گڏهہ هڪلينڊڙ آهي.“ شاگرد ڏاڍا ڪڪا وڪا ٿيا. (جئسي ڪو تئسي ملا)

(٣٩)

ڪو پينشن بردار ٢ مهينا پينشن وٺڻ ويو ئي ڪين.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ٽئين مهيني جي ٣ تاريخ خزاني ۾ ويو ۽ سيني مهينن جي پينشن گڏ گهر ياڻين. خزاني واري چيس ته جيسين تون ڪنهن معتبر جو سرٽيفڪيٽ پيش نه ڪندين ته تون گذريل ٢ مهينا حياتي هئين ليسين انهيءَ مدت جي پينشن نه ملندءِ.

(٤٠)

ڪنهن ساڌوءَ کي ملڪ ۾ هوئي فقط هڪ ڌوتي ٽڪر تنهن کي رات جو ڪوئا ٽڪيندا هئا. لاچار ٿي ڪوئن لاءِ رکيائين ٻلي. ٻليءَ کي کير ڏيڻ لاءِ رکيائين ڳانءِ. وري ڳان جي چاڪريءَ ۽ گاهه ڪٽڻ لاءِ رکڻو پيس هڪ نوڪر. وري گهر سنڀالڻ لاءِ پرڻجڻو پيس زال. مطلب ته هڪ ڌوتيءَ ٽڪر جي سنڀال لاءِ هيڏو ڪترائي ڪيائين ۽ پنهنجو ساڌو پڻو ڪڍي ويٺو.

(٤١)

ڏاڍرين جون ڪهڙيون ڳالهيون ڪجن. ڳوٺ ۾ جوڙايائون مسيت. ڪنهن ذات واري چرچو ڪري چين ته مسيت جي محراب پوري ڪعبي ڏانهن نه آهي، الهندي کان ٿورو ڦريل آهي. تنهنتي ڪرت ڪٽي اچي پتين کي چيرڻ لڳا ۽ جهڙوئي ڏاڍين سان جاءِ کي ڦيرڻ لڳا ته مسيت اچي هيٺ پيئي ۽ ماڻهو ڏٻجي مري ويا. پوءِ جنهن ساڻن مسخري ڪئي تنهن سان وڙهڻ لڳا.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٤٢)

هڪڙي پيري ڪنهنجي مينهن ڪي اچي پيٽ ۾ سور پيو ته ڏاهن ڏس ڏنس ته مکڻ کارايو. وڏو چاڙهو ڪٽي مينهن کي دوسڻ لڳا چي گهڻو ڏيس ته، جلد چڱندي. مينهن کائيڻي ته لنهنڌي ڏانداڻ جي مڏي پاسي سان مکڻ اندر وجهڻ لڳس ته، پيٽ ۾ گهڙي ويس. مينهن لنگون ٽيڙي ڪري پيئي. همن ليکي ته آرام ۾ آهي. ڏاهي ڏسي چيو ته پوڪ آهيو، مينهن ته ماري وڌي اٿو!

(٤٣)

اُت پٽي هرلي ۾ وهيو. ڪڙ جو ماٺو اُتي رکيو هٿو سو اُت کي چوڙيائون ته اُمالڪ وڃي ماٺي ۾ منهن وڌائين. ماٺو هٿو سوڙهو سو پيس اٽڪي. وگهامل اچي منجهيو ته ڪهڙو علاج ڪجي جو ماٺو ڇڏائجي. آخر عقل وڙهايائين. اُت جي سسي ڪپي ماٺو سلامت ڪڍيائين!

(٤٤)

ڊاڪٽر - توں ته وڏو هٺين گمگ. ٻيءِ حياتي ملي اٿئي. ٻنٽ جي ڪاني ڏڪي اٿئي تڏهن ٻچي پئين.

مريض- ڀلائي ڪري ٻل ڪيو ته اِنهيءَ ڳالهه جي ۾ نظر رکجو.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٤٥)

ڪو ٺڪاڻيدار پلنگ تي هريل هو، پلنگ ٻه ٽيليءَ ٻوڙ. پڻس ڪانپوءِ جان تان ننڊ جو خمار چڙهندو آهي. ڪنهن ٽما شام جو ٻاڻو پلنگ جو ڪٽورو چاڙهي ليٽي پيو. لسوڏوڪڙ، انڌو نينگر، ٻئي ٺڪاڻي جي ارداس. ڪو سورداس به ٻاڻي وٽ هوندو هو تنهنکي زورن ڏيڻ لاءِ سڏ پائين. سورداس زور ڏيڻ وينو. ٿوريءَ مهل ڪانپوءِ سمجهائين ته هاڻي ٻاڻي کي ننڊ هوندي. پاسي کان ڪٽاهه جو دابلو رکيو هئو. ويچاري کي بکڙي به لڳي هئي سو هري هري دابلو پٽي ڪٽاهه کي وارو ڪيائين. منڊي شيءِ وات ۾ وڌي ته دل چوندي ته ٺ چڏ. سورداس دابلي کي چگو پاسو ڏنو پر جنهن مهل ٻڙ ڏيئي پورڻ تي لڳو ته البت ٺڙڪو ٿيو. اٺي وٺي، هش ٻلي هش ٻلي! ڪرڻ لڳو. ٻاڻي کي ننڊ خير ڪا هئي تنهن چيس ته ٻلي اِها تون آهين. هش ٻلي چا جي لاءِ ٿي ائين؟

(٤٦)

ڪنهن شخص کي قاضيءَ وٽ وٺي آيا جو ڪنهن ڏوهه ۾ گرفتار ٿيل هو. قاضيءَ فتوا ڏني ته منهن ڪارو ڪري بازار ۾ لنگهايوس. نچاٽا قاضي پاڻ به ڪارو هو تنهنتي ٽهمتيءَ چيو ته حضور منهنجو اڌ منهن ڪارو ڪريو ڇا ته ماٺهو پائيندا قاضي آهي.

(۴۷)

هڪڙو آفيمي ويو پنهنجي دوست جي گهر، دروازي تي بيهي ٻاهران سڏ ڪيائين ته نوڪر اندران جواب ڏنو ته حاضر نه آهي اگرچ هئو اندر. آفيميءَ دل ۾ چيو ته ڪنهن ڏينهن منهنجي گهر اچي! هڪڙي ڏينهن اتفاق سان گهمندي سندس دوست اچي ڪونيس. جواب ڏنائين ته گهر ۾ ڪونهي. دوست وراڻي ورايس ته مون آواز سڃاتو آهي. اِنهيءَ تي آفيمي ڪاوڙجي جواب ڏنس ته تنهنجي نوڪر تي اعتبار ڪري موٽي آيس. باقي تون منهنجي چوڻ تي به ويساهه نٿو ڪرين.

(۴۸)

ڪشمور اسٽيشن تي بروچ ٽڪيٽ وٺي آيو ۽ اچي ڪنهن ڪاموري کي ڏيکاريائين. ڪاموري کي هٿ انٽر ڪلاس جي ٽڪيٽ سو چرچو ڪري چيائينس ته اِها زناني ٽڪيٽ آهي. هيءَ منهنجي ڳاڙهي آهي مرداني ۽ اِها ڦڪي آهي زناني. بروچ اچي ڪاوڙيو ۽ بابوءَ وٽ ويو ۽ ٽڪيٽ ڪڍي ڦٽي ڪيائين ته مٿي ڏي ته ته مان چڙهي نو وهان مرداني گاڏي. جو گاڏي وچي تي ساڱائتي پيئي.

(۴۹)

مشهور جج جيفري هڪ شخص جنهنتي ڪيس

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ٽي هليو تنهن ڏي لکڻ سان اشارو ڪري چيائين ته منهنجي لکڻ جي چيڙي ۾ هڪ ڳرو اڄ بيٺو آهي تڏهن اُنهيءَ ماڻهوءَ جڏهن ڏانهن اشارو ڪيو هئائين تنهن ڏانهس نهاري ترت جواب ڏنو ته حضور! ڪهڙي چيڙي ۾؟

(٥٠)

هڪڙو ٻانيڻ، ٻيو لنگهو، ٻنهي ٻنارو پاڻ ۾ گڏجي هڪڙي هندو هاريءَ جي ڪمند پوک ۾ وڃي ڏاڍي سان ڪمند ڀڃي کائڻ لڳا. هاريءَ ويچاري گهڻو ڪري جهلين پر نه رهيا. هاري جيتوڻيڪ ڏاڍو مڙس هئو پر ٽن جڻن سان ڀڄي نه سگهيو. جهڙو ڏاها چوندا آهن ته ٻن پاڻن سان ته هڪڙو شينهن نه پڄي. تڏهن هاريءَ حرفت ڪري هوريان هوريان ٻانيڻ کي چيو ته تون اسان هندن جو مشر آهين، تنهنجو ڪاڏو اسان پترن کي ملندو ۽ ٻيو پڻ ٽيندو تنهنڪري تون ڪمند ڀلي کاءُ ۽ لنگهو کائيندو ته ۽ وڃي جاٽي ڪاٽي واڪاڻ ڪندو، اِهو ٺيڪ. کائي؛ مگر ٻناري ڪان چو ٽا قرابوم؟ اِهـا ڳالهه ٻڌي ٻانيڻ ۽ لنگهي چيس، ته ٻناري کي لوڏي ڪڍ. تڏهن ٻناري کي ڏاڙهيءَ کان جهلي ٻڌي وهار پائين ۽ وري ٻانيڻ کي چيائين ته آءٌ غريب ماڻهو، لنگهي جي ساراه جو فڪر ڪون ڪريانئو مگر تون ٻراهمڻ ڀلي کاءُ، ٺيڪ کاءُ. حاصل ڳالهه جو ته ٻانيڻ جي آکيا وٽي لنگهي سان ته ٻناري

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

واري ڪار ڪيائين. دلجاءِ ڪري ٻانهن کـي چوڻ لڳو ته مٿو پاڻ ته ڦريو ٻه ٻين ڪان ٻه تي ڦرايو. نيٺ ننهي کي ٻڌي سرڪار ۾ پهچايائين. ڏسو تـه جيسين هو ٽينئي پاڻ ۾ هڪ مت ٿيا تيسين هاري جوهي نٿي سگهين. جڏهن ڇڙ ڇڙ ٿيا تڏهن موچڙا کاڌائون.
(گل شڪر مان)

(٥١)

ڪنهن نوجوان کي ريل جو ڪو ٻه گاڏو خالـي نظر نه آيو. گوڙ نٿي وٺيس سو پهچاڙيءَ واري گاڏي وٽ ٻيهي وڏي سڏ چيائين ته اوهين مڙيئي لهي وڃي ٻئي هنڌ وهو جـو هيءَ گاڏو ڪاٽيو، ڪين ويندو. هنن ليکي کـو عملدار آهـي سو ويچارا ڪرڪندا سامان کڻي وڃي ٻين هنڌ وينا. پوءِ نوجوان ٿالو تي وچـي اُتي وينو. دل ۾ خوش ته جمند يئي چالاڪ ۽ هوشيار تيڻ ۾ ڪيڏو نه مزو چئبو؛ ڪيڏانهن گاڏي جلد ڇڏي ته چگو ته اينري ۾ سٽيشن ماستر اچي سهڙيو چي تون آهين اهو هوشيار نوجوان جنهن چيو ته هيءَ گاڏو ڪين ويندو. جوان مشڪي چيو تـه هائو. ماستر چيس گاڏو ويندو ٻه ڪين جو پورنز لوکي وڏو عملدار سمجهي ۽ ڪانڻ جو حرف ٻڌي گاڏو سچ پچ ڪاٽي ڇڏيو آهي.

(٥٢)

ڪنهن سيٺ ڄـري ناٽي واري منڊي جوڙائي

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

پاڻي پر ڪو ڪونه چويس ته لوڪا منڊي پاڻي آهي. ڏاڍو خيال تي بيٺس. آخر ڇا ڪيائين جو پنهنجي هڪ ڪپڙي جاءِ کي ڦوڪي ڏنائين باهه. ماڻهو وسائڻ لاءِ اچي مڙيا ته پاڻ جو هٿ مٿي پٽي ڪيائين ته ماڻهو منڊي ڏسن ته هڪڙي چيس ته سيٺ هيءَ منڊي ته عجائب آهي. ڪڏهن پاڻي اٿو؟ جي عشق جوراور اڳي ته چئين ها ته جاءِ کي باهه نه ڏيان ها!

(۵۳)

ڪنهن گجرات جي براهمڻ لاءِ سنڌس استري الڏون ڻاهي آئي. هئي ڏاڍي گهٽ ۽ گرمي. ڙالس وات ۾ الڏون ئي پيئي وجهيس ۽ وچڙي جي ڻوار ۽ پيئي ڪريس ته ۽ مهراج کي پگهر پئي وهيو. تڏهن تي زال چويس ته الڏون اوهانجي وات ۾ پيئي وجهان وچڙو ۽ وڃني هٽان ته به پگهر پيو وهي. تنهنتي مهراج چيس ته اي ڳهيلي ڇا پيئي ڪڇين؟ ڻارو ٻاپ؟ (جي ڳهيلي ڇبي ڪير وينو پٽهي ته ڪونه وينو ڇبي؟) شايد مطلب هوس ته ڇبي ۽ منهنجي ٻڍران منهنجي زال.

(۵۴)

راجا پنهنجي ڪچهريءَ ۾ وينو هو ته هڪڙي چور کي وٺي آيا. دريافت بعد فتوا ڏنائين ته سؤ ڦٽڪن جو هٽوس ۾ ايتري ۾ هڪ ڀاڳو ٻاد آيس ته

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

هـن جنم ۾ جيڪي ڪنهن سان ڪبو سو ٻئي جنم ۾ اسان سان ڪندو تهن تي پنهنجي وزير کي چيائين ته منهنجي مرضي آهي ته چور کي ڇڏي ڏجي ته ته ٻئي جنم ۾ مونکي ساڳيا سؤ ٽڪا ڏئي. هٽي! وزير چيس، قبلا پهاڪو بلڪل پورو آهي پر اوهان کي سمجهڻ گهرجي ته اڳئين جنم ۾ اوهانکي جيڪي ٽڪا هنيا اٿس سي اوهين هاڻي موٽائي ٿا ڏيوس. راجا ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ وزير کي انعام ڏنائين.

(٥٥)

ڪو سيتلاڻي يا ٻيو ديوان ويو ڪليڪٽر کان مير جي پينشن وٺڻ چيـي هجور، ٣ هجار ٢ سؤ ۽ کي روپيه ڏيو. ڪليڪٽر چيس ته هجور نه حضور، هجار نه هزار چئو. ديوان چيو ته هي ڌاريو ماڻهو ٿو مون مان چڪ ڪڍي. خير، پينشن وٺي گهر آيو ته پٽ کي چيائين ته حزام کي سڏي آءُ ته سنوارت جوڙائي. پٽسا پهچائي تنهنجي زني زوراب وٺي اچان! ديوان ڀانيو هو ته اڳتي "ج" کي "ز" ڪري چوڻ کپي.

(٥٦)

ڪو ٻهراڙيءَ جو زميندار سيڪنڊ ڪلاس ۾ چڙهيل هو. ريل ۾ ڪولٻ ٻه رنگ واري کي لمليت جو حڪم ڏنائين. هن ٻرف ڏرو وجهي گلاس ۾ املمت آڻي ڏنس. پيئڻ سان چوڻ لڳو ته هـن ٻرف جـي

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڏاڙهيءَ ۾ ٿي ڪينهي. ٻرف نہ حيدرآباد جي!

(٥٧)

چار يار هئا، هڪڙو ٻوڙو، ٻيو انڌو، ٽيون اگهاڙو؛ چوٿون ڀنگلو ويا ٿي ڪنهن سفر تي تہ ٻوڙو ٿو چوي يارو، ڪجهہ آواز پيو اچي شايد ڪي چور نہ هجن تہ مٿان انڌو ٿو وراڻي وراڻي تہ يار چئين سچ ٿو، اوهن وٽ پنيان پاچو ٿو اچي، شايد اُتي لڪل آهن. تہ اگهاڙو ٿو جواب ڏئي تہ توهانکي ڇا آهي؟ ڦرجي تہ آءٌ ويندس تہ مٿان ڀنگلو ٿو چئي تہ پوءِ ٿوسيا ڇو ويٺا آهيو هلو تہ ڊوڙ پايون. واه جي چؤ ياري!

(٥٨)

هڪ جهنگلي ويو بازار مان روٽي جو ريزه ٻہ لائيٽ. سو گهر ۾ وينو ڳٽڻ تہ پيو پلي. جهٽ زالس چيس تہ ٻس روٽي جو ريزه ٻہ ڳٽڻ نٿو اچيئي، مونکي ڏي تہ مان ڳٽيان. مگر اتفاق سان ڳٽيندي اُها ٻہ پلجي پيئي تہ جهٽ ٿو اُهو جهنگلي ڪلي چئيس تہ ٻس تون ٻـــ منهنجي پيٽ آهين.

(٥٩)

وڏيرو آيو پائيءَ وٽ ١٢ من ڪٽڪ جا خريد ڪرڻ. پائيءَ چيس تہ پنجين روپئي في من ملندء. پارهون پنجان پنجهتر. هاڻي ٧ ڇڏ يٺس سي ٿيا ٩٢. پوءِ چوڪر کي چيائين تہ اُت چورا، وچـي دستاويز

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

لکائي اڇ. ڇوڪر پيو ڪرڪي ته يڪدم ٧ روپيا ڪٽي ڇڏي ڏنئه. تڏهن پاڻيءَ چيس ته ڇورا جڻ تنهنجا مائٽ مري ويا آهن. ٧ ڇڏيا مون، سو ٿيو توکي. سياڻي وڏيرو دڪي گيهه، جي آڻيندو، گاهه پڻ ڪٽي ايندو ته مات ڪري لنگهائي رکندين اندر ۽ هينئر تو ٿئيئي سور، وڃ هاڻي وڃ.

وري ڪٺيءَ جو فصل لٿو ته ميان ٢٢ مڻ باجهريءَ جا ڪٽي آيو. ۴ روپيه مڻ جا گهر پائين. پاڻيءَ چيو ته ڳرو آهي. ميان چيو ته گهٽ نه ڏبا. پاڻيءَ چيو، ڇڱو، تون اسان جو ڪندئي آهين، توسان ڪو رستو ڏيڙبو! ڇوڪري کي سڏ ڪري چيائين ته ٢٢ مڻ باجهريءَ ۴ روپيا في مڻ جي حساب وڏيري جــي نالي جمع ڪر. ڇوڪر ٻيهي گهوتا ڪائڻ لڳو جڻ حساب ئي نٿو اچيس. پاويهه چونڪ ٦٩. ست روپيا وڏيري ڪــي لونگيءَ جا ڏي. باقي ٥٢ روپيا وڃي سندس کاتي جمع ڪر. اڳي اڳي ٻهراريءَ پر اڄهو اهو حال پڌبو هٿو!

(٦٠)

هڪڙي ڪاٺي شرط ٻڌي سڄي سان ته ڏسون ته گهڻو ڪير ٿو ڏسي. شرط هڻڻ سانئي چيائينس ته مون ڪئي. سڄي پڇيس ته سو وري کهڙي ليکي؟ ڪاٺي وراڻي ڏني ته آءٌ تنهنجون ٢ اکيون ٿو ڏسان ۽ تون رڳو منهنجي هڪ اک ٿو ڏسين تنهنڪري مون توکان گهڻو

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڏنو، واھ اڪ واھ تنھنجي چالاڪي.

(٦١)

سند مان ھڪڙو مولوي ويو پٺاڻن جي ملڪ ۾؛ وڃي ڪنھن ڳوٺ ۾ لٿو. پٺاڻن ڇيس تہ اسانجو مولوي ڏاڍو قابل آھي، ساڻس بحث مباحثو ڪر تہ خبر پوي تہ قابل وڌيڪ ڪير. ٻئي مولوي اچي حاضر ٿيا. پٺاڻن جي مؤلوي قران شريف ڪڍي پڙھيو. ھاغا الف جي (ھي آھي الف). پٺاڻن وٺي ھل ۽ گوڙ ڪيو، ھو ھو! ھا ھا! اسانجو مولوي ڏاڍو عالم ۽ ھوشيار آھي. سند جي مولويءَ ڏنو تہ ڪم پيو اٿم جاھلن سان سو پٺاڻن کي چوڻ لڳو تہ مولوي اوھانجو تہ رڳو علم جو دريائُ آھي پر ولي اللھ آھي. ھنجي پاڪ ريش جو وار مبارڪ جنھن وٽ ھوندو سو دوزخ جي باه ڪان ڇٽندو. ھن جو ائين چوڻ ۽ پٺاڻن نہ ڇڏيو ھنجي ڏاڙھيءَ ۾ ھڪ وار!

(٦٢)

ولايت جي لارڊ جسٽس جيفريءَ اڳيان ھڪ پيرسن جنھنجي ڏاڙھي وڏي ھئي تنھن پنھنجي شاھدي ڏني. جج کي شاھدي نہ آئڙي سو چوڻ لڳس تہ جي تنھن جو وويڪ تنھنجي ڏاڙھيءَ جيڏو وڏو آھي تہ تون نہ ڪھڙو ھہ قسم کڻي ويندين. تنھنتي ڏوسي ورندي ڏنيس تہ حضور، جي وويڪ جي مٿب ڏاڙھين سان

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ٿا ڪريو ته، تڏهن ڇٽبو ته اوهانکي ته، وويڪ نپٽ
آهيئي ڪونه!

(٦٣)

هڪڙا ٻه سنگتي هڪ شهر جا ڪمائڻ ڪاڻ ديس ڇڏي پرديس نڪتا؛ هڪڙو هندو هيو جنهنجو نالو هو موتي سونارو. ٻيو هو مسلمان آندل ڏاهري. ٻئي پاڻ ۾ گهرا سنگتي هئا جنهنڪري رهندا ڪندا ئي گڏ هئا. جڏهن ٻنهي وٽ سؤ سؤ روپيه جمع ٿيا ته هليا ڳوٺ مائٽن ڏي. پاڻ ۾ صلاح ڪيائون ته شام جو هلون؛ رستي ۾ رات پيئي ته رهجي پونداسون. اچا ٢-٣ ڪوهه پنڌ جا ڪيائون ته رات ٿي ويئي. آندل چوي رستي تي سمهي پئون، موتي چوي، اوٺائتو ٿي ٻوڙن ۾ لڪي سمهون. آخر پاڻ ۾ رد بدل ڪندي موتي وڃي ٻوڙن ۾ سمهيو ۽ آندل وچ رستي تي ليٽي پيو. ڪجهه وقت گذريو ته چار چور آيا ۽ آندل کي لت هڻي اُٿاريائون. چي جيڪي اٿئي سو ڏي نه، ته ماريندا سون؛ تڏهن آندل ڏاهريءَ سؤ روپيه ڇيله مان ڇوڙي اڳيان رکين جي پاڻ ۾ وراهي ڪيائون. انهن مان هڪڙو روپيو کوٽو هيو جو ڪنهن ٻه نٿي ڪيو. هو هن ڏانهن پيو اُڇلي، هو هن ڏانهن. آخر ڪار ڪنهن نه ڪيو ۽ پاڻ ۾ وڙهڻ لڳا تنهن تي آندل ڏاهري چوي يار وڙهو ڇو ٿا، هو ڏانهن ٻوُڙن ۾ منهنجو سنگتي موتي

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

سونارو ستل آتو، اُنکان بدلائي وٺو. چور ويا، ويچاري مونن سوناري جا ٻه سؤ روپيه ڦري آيا. بيوقوف جي دوستيءَ جو نتيجو اِجهو اِهو آهي.

(٦٤)

هڪڙي وڪيل جو ڪتو ڪاسائي جي دوڪان تان گوشت جي ران کڻي نظر کان غائب ٿي ويو. ڪاسائي وڪيل وٽ ويو ته جي ڪنهن ماڻهوءَ جو ڪتو منهنجي دوڪان تان گوشت کڻي وڃي ته پوءِ مونکي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ وڪيل جواب ڏنو ته سندس مالڪ کان قيمت وصول ڪرڻ گهرجي. ڪاسائيءَ چيو ته سائين تڏهن روپيه عنايت ڪريو جو اوهان جي ئي ڪتي کنيو آهي. تنهنتي وڪيل چيس ته سرسري قانون پڌائڻ جي في ٢ روپيا آهي. هاڻي روپيو گوشت جو لاهه ۽ روپيو ڇوڙي ڏي ته حساب پورو ٿئي نه ته سپاڻي نوٽيس ڪڍندوسانءِ. ڪاسائي پنهنجو پائي وٺي ڀڳو.

(٦٥)

جاءِ جو خريدار - ادا، جاءِ چڱي آهي پر ڇوٽا نه گري آهي.

وڪڻندڙ - سائين! جي آهي ته ٻه اوهانکي ڪي ڪين ڪندو. اهو منهنجو پاڙهيل آهي. جڏهن مسواڙ نه ڏيندو آهي تڏهن اهو جن ظاهر ٿيندو آهي ته چڱو ڇوڪرو

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

نه ته منهن ڏيکاري .

(٦٦)

هڪڙو هو ڏاهري ٺهڪي زال ۽ ڌيءُ هئس. رات جو ڌيءُ خواب لڌو ۽ صبوح جو روئي اٿي. ماڻس پڇيو ته ڇوري! روئين ڇو ٿي؟ "ڇي رات جو خواب لڌو اٿم ته هيل پرڀس، ضرور چڙهندي يس پٽڙو، ٺهڪو نالو رکنديس ڇنڙو، جي ٿيندو ناناڻن ڌي تڪڙو ته ڪري پوندو کور ۾."

اهڙو ٻڌي ماڻس به اچي روئڻ ۾ پيئي. ڏاهري جو ٻاهر ويو هئو سو ٿوري دير بعد آيو. زال کان پڇيائين ته رئو ڇو ٿيون؟ ڇي ڌيئم هيءُ خواب لڌو آهي، ٻڌي مڙس اچي سڏڪن ۾ ڇٽڪيو. پاڙي وارا اچي مڙيا. آخر ڪنهن سياڻي ڳالهه ٻڌي، ڏاهريءَ جو ڻس ۽ ڌيڻس کي سمجهائي ماٺ ڪرائي.

(٦٧)

هڪڙي شخص کي هئي ڪاڻي ڌيءُ سا اگهاميئي نه. آخر مٽا مونا هٽي مڱاڻين پرڻايائين. ڇوڪري ساهري وڃي ڏسي ته مڙس به ڪاڻو، سس به ڪاڻي، سهرو به ڪاڻو، ننڻان به ڪاڻي ۽ مرڳوئي ڍڳي به ڪاڻي، ۽ ڏاند به ڪاڻو. ماڻس کي اُلڪو ته ڪکي ڪاڻي، اللجي ساهرا ساڻس ڪيئن هلندا هوندا. سو پٽ کي ڏياري موڪليائين ته وڃي پيڻ جو ساءُ سماءُ

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ٿون شاهوڪار- پائيٽو ٿ، ڇاڪاڻ تہ هاڻي پئسا
جام ٿيا اٿم تنهنڪري مان پنهنجا اڳيان خيال بدلائي
ڇڏيندس!

(١٧٣)

رامو- پرتاپ! تنهنجو گهر ڪٿي آهي؟
پرتاپ- اُنهي هنڌ جتي مان رهندو آهيان.
رامو- تون ڪٿي رهندو آهين؟
پرتاپ- اُنهي هنڌ جتي منهنجو گهر آهي.

(١٧٤)

گراهڪ- (چڙ ۾) صاحب جي چڪي جا مون ڪالهہ
ڳڌي هئي ڪنهين نہ ڪم جي آهي.
دوڪاندار- مائي تون نصيب واري آهين جو ڇڙو
هڪ ڇڪي ڳڌءِ. مون تہ سڄيون ساريون پنجاهہ
پيتيون وٺي رکيون آهن.

(١٧٥)

مهربان ٻڍي مائي- ڪڪا اجا تہ ساءِ وڃايل پئسا
وينو ڳولين؟
ڪڪو- نہ پئسا نہ منهنجي نيڊي پاءُ لڌا.
مائي- تہ پوءِ تڏهن ڇا تو ڳولين؟
ڪڪو- پنهنجو نيڊو پاءُ.

(١٧٦)

ماءُ- (ڪاوڙ ۾)- ڪوشش ڪري ڇگو ڇوڪرو

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

چو نہ ٿو ٿين ؟

جاني (چوڪرو) - پر امين مان ڪوشش ڏاڍي ڪندو آهيان نہ سٺو ٿيان.

ماءُ - پر تون ڪوشش ۾ سوڀارو ڪونہ ٿو ٿين.

جاني - پر سمجهہ نہ سهين امين! جي اصل ڪوشش نہ ڪندو هجان ها تہ هاڻي ڪانئي وڏيڪ خراب چوڪرو هجان ها.

(١٧٧)

ماستر - چوڪرا! ١٨٤٧ ۾ ڇا ٿيو ؟

چوڪر - ڊاڪٽر انئي بيسنٽ جائـي هئي انهي سال ۾.

ماستر - نيڪ. هاڻي ٻڌاءِ تہ ١٨٥٧ سال ۾ ڇا ٿيو هئو؟

چوڪر - (ڪجهہ سوچي) ڊاڪٽر انـي بيسنٽ ١١ ورهين جي اڃي ٿي.

(١٧٨)

هڪڙو - جنهن ڊاڪٽر لاءِ تو سفارش ڪئي هئي تنهنکي مان گڏ يس.

ٻيو - تو چيس تہ مون ٿي توکي موڪليو.

پهريون - هائو! تنهنجو نالو ٻڌايومانس.

ٻيو - پوءِ ڊاڪٽر ڇا چيو؟

پهريون - ڊاڪٽر چيو تہ پئسا اڳواٽ وٺندس.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(١٧٩)

پاڙيسري - پنهنجي ٻار کي اهڙي اوچيءَ کٽ تي ڇو سمهاريو اٿوَ ؟

مغرور مائٽ - انهي لاءِ ته ڪڪي جي راس ڪري ته سندس ڪرڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي.

(١٨٠)

ننڍڙو نينگر (ڪتاب پڙهندي) - بابا ! بدن جي کهڙي انگ کي جهيڙو چوندا آهن.

پيءُ - جهيڙو؟ تنهنجو مطلب کهڙو آهي؟

ننڍڙو نينگر - بابا ڪتاب ۾ لکيل آهي ته فلاڻو سوروير جهيڙي ۾ زخمي ٿيو؟

(١٨١)

هڪڙو ماڻهو واهه جي ڪناري تان پئي ويو ته پاڻيءَ ۾ ڪو ڇوڪر ٻڏندو ڏٺائين سو ٽهه ڏيه واهه ۾ لهي ڇوڪر کي بچايائين.

ماڻهو - ڇوڪر ڪئن ڪريئين؟

ڇوڪر - مان ڪو واهه ۾ ڪرڻ ٿورو ٿي آيو هوس. مان آيو هوس مڇي ڦاسائڻ.

(١٨٢)

مسافر - سائين معاف ڪجو پر ٻڌايو ته وڏيءَ اسپتال ڏانهن کهڙو رستو ٿو وڃي ؟

جواب - تکي ايندڙ موٽر هيٺان اچي وڃ ته سڌو

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

وڏيءَ اسپتال ڏانهن پهچي ويندا.

(١٨٣)

استري - (ٽيليفون تي تڪڙ ۾) مهرباني ڪري منهنجي مڙد کي سڏ ڪندا؟

ٽيليفون ڪلارڪ- نمبر ڪهڙو؟

استري (ڪاوڙ جي) - اڙي نادان! گهڻا مڙد پالنيٺو ته انهن جو انهنجو نمبر (تعداد) تو ڏيان؟

(١٨٤)

هلندڙ صديءَ جي شروعاتي ڏينهن جي ڳالهه آهي ته، هڪڙو انگريز مشينري عيسائين جو پرچار ڪندي ڪندي هندوستان ۾ اچي پهتو ۽ بنگال جي هڪڙي هندوءَ کي عيسائي بنائڻ جي خيال کان ڳالهيون ڪرڻ لڳو. هن کي چوڻ لڳو "هاڻي اسانجي ڌرم ۾ هليو اچ. اهو آسمان ڏانهن وٺي ٿو وڃي. ڇا تون مرڻ بعد آسمان ڏانهن وڃڻ نٿو چاهين؟"

هندوءَ تنهن تي جواب ڏنس- "منهنجي خيال ۾ آسمان انسانن جي رهڻ لاءِ ڪا چڱي جاءِ ناهي. جيڪڏهن ائين هجي ها ته هيل تائين انگريز اتي پنهنجي حڪومت قائم ڪري ڇڏين ها.

(١٨٥)

هڪ مريض اسپتال ۾ رهيل هو ساڻس نرسن جي ڪافي همدردي هئي. هڪڙي رات هو ڪانئس نرس

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

پڇيو ته منهنجي لاءِ ڪار خدمت هجي ته ٻڌايو.

مريض - مان ائين ٿو چاهيان ته تون منهنجي پاسي ۾ ڪٽ ۾ ليٽي رهه.

نرس - منهنجي ته ڊيوٽي هيئنر ختم ٿي آهي باقي ڊاڪٽر کي موڪلي ٿي ڏيان.

(١٨٦)

ماستر - راما! ڪهڙي جو مطلب ڇا آهي؟

رامو - سائين معاف ڪجو مون کي اهو سوال سمجهه ۾ آيو ئي ڪونه.

ماستر - ڀلا ٻڌاءِ ته تنهنجو ڪوٽ ڇا جو ٺهيل آهي؟

رامو - سائين! منهنجو ڪوٽ منهنجي پيءُ جي ڪوٽ مان ٺهيو آهي.

(١٨٧)

عادتي ڪلاس ۾ ايندڙ ڇوڪري ٻارهين بجي آيو.

ماستر - اڄ دير سان ڇو آئين؟

ڇوڪر - سائين! بسين جي هڙتال ڪري.

ماستر - توهان ڪهڙي ٽائيم ۾ ماهر ٿو ڏسجين.

(١٨٨)

مالڪياڻي - توهان ايترا پيالا ٿو ڀڃين جو انهنجي رقم تنهنجي پگهار جي رقم ڪاٽڻ وڏ يڪ ٿيو وڃي.

نوڪر - مائي! هـن معاملي کي منهن ڏيڻ جو هڪڙوئي رستو آهي. منهنجي پگهار وڌاءِ تـه سـب

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

نيڪ تي ويندو.

(١٨٩)

ماستر- عمر گھٽي ائٽي ؟

ننڍو ڇوڪر - ساءِ پنو ڪونهي.

ماستر- تون ڪڏهن ڄائو هئين ؟

ننڍو ڇوڪر- ساءِ. ڄائس ڪونه. مونکي مائيجي ماءُ آهي.

(١٩٠)

ماستر- توکي هڪڙو انب هئو جو تو ڪائي ڇڏيو. باقي ڇا بچيو؟

ڇوڪر- ساءِ! باقي ڪل ۽ ڪوڙي بچي.

ماستر- نه نه! توکي روپيو کيسي ۾ هئو. رستي تي کيسي ۾ ٽنگ تي پيو ۽ روپيو ٽنگ مان ڪٽي ڪري پيو. باقي ڇا بچيو؟

ڇوڪر- ساءِ! باقي کيسي وارو ٽنگ بچيو پيو ڇا بچيو!

(١٩١)

انسپيڪٽر- (ڪلاس ۾) اڙي اڳئين بينچ وارا ڇوڪرا اوهين ٻڌايو ته اورنگزيب جي مرڻ ڪانپو ڇا ٿيو؟

ڇوڪرا سڀ سانت ۾ رهيا.

بچو- (وچين بينچ تان)- ساءِ! ٻيو هنجا مائٽ

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

هنکي دفن ڪرڻ لاءِ ڪڍي ويا.

(١٦٢)

موتي - ياتو! صبوح جو ڪيڏي مهل اُٿندو آهين؟
نندو - جڏهن سورج جا ترورا دريءَ منجهان منهنجي ڪوٺيءَ ۾ پهرين داخل ٿيندا آهن.
موتي - تڏهن ڇٻو ته تون سويل ئي ٿو اُٿين!
نندو - مان پڪ سان چئي ٿو سگهان ڇاڪاڻ ته منهنجي دري اولهه جي سامهون آهي.

(١٩٣)

ماستر - دويڪر "اسم ذات" جو ڪو مثال ڏي.
دويڪر - "بمبئي" ساءِ.
ماستر - (ڪاوڙجي) اهو ڪين. غلط.
دويڪر - اُنهي ڏينهن اوهان ٻڌايو ته جيڪي شيون اسين نٿا ڏسون سي "اسم ذات" آهن. مون اسم ذات اِن ڪري چيو جو مون ڪڏهن بمبئي ڪانه ڏٺي آهي.

(١٩٤)

هڪڙو - ڇو اوهانجي گهڙي گندي آهي؟
ٻيو - ڇاڪاڻ ته هن گهڙيءَ جو ڪو به رهاڪو ميمبر ڪونهي.

(١٩٥)

ڪنهن سکر ماڻهوءَ جنهن افريڪا ۾ سفر ڪيو

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

هئو، پنهنجي دوستن کي پٺي ٻڌايو ته ڪئن هڪڙي پيري هن ۽ سنڌس نوڪر پنجاهه جهنگلي عربن کي ڊوڙايو هئو.

ڪنهن سوال پڇيو، "سو ڪئن؟"

سفير (سفر ڪري آيل ماڻهو) چوڻ لڳو، "آڙي، عجب جي ڪهڙي ڳالهه آهي! اسين وٺي ڀڳاسين پوءِ ته هو به اسانجي پٺيان ڊوڙيا."

مائي واڻري ٿي ويئي، چي، "ڊاڪٽر گهوڙو ڪيئن ڪارائيندا پسائنس."

ڊاڪٽر چوي ته، تون الي ٿي وڃين. مان ليسين دوا ٿي ڪونه ڪندس، جيسين تون قبول نه ڪندين. مائي وري به چوي ته، چرٿي ڊاڪٽر کي لڳي ڪاوڙ، آيو ڊوڙندو وڏي ڊاڪٽر وٽ. چي سائين انڌير ته ڏسو، مائيءَ مريض کي گهوڙو ڪارايو آهي، وري هاسي به نٿي.

ڊاڪٽر- ڪيئن ٿو چوين؟

شاگرد- کٽ هيٺ گهوڙي جي زين ۽ واڳ پيئي هئي. توهين مڇيءَ جي ڪنڊڻ مان سهي ٿا ڪري سگهو ته مان واڳ ۽ زين مان به ڪين سهي ڪري سگهندس ڇا؟

ڊاڪٽر کلي ڪلي اوندو ٿيو. شاگرد جي ليکي ته ڊاڪٽر منهنجي هوشياريءَ تي ايترو خوش ٿيو آهي سو يڪدم وڃي ماءُ سان ڳالهه ڪيائين ۽ هڪ وڏي پٽي هٽائي اسپتال ڪيڏي ويهي رهيو. پٽيءَ تي نالو لکيائين ڊاڪٽر واڳ - زين ۽ پٽيان ڪٽيڻ الف - بي جا اکر هٽي وڏو ويچ ٿي پيو. مريض ونس خير ڪو ويندو هو. باقي ڪيترا ماڻهو مسخريءَ لاءِ هن کي گهر ۾ گهرائيندا هئا، پر ڪم فيءَ سان. سو جلد ئي شاهوڪار ٿي پيو.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

مريض جي گهرواريءَ کي چيو، ”توهين ظلم ٿا ڪريو.
هٿ وٺي ٿا هڻڪي وڃايو. ڀلا اڄ مهڙي ڇو ڪاڏي اٿس!
مون بلڪل منع ڪئي هئي.“ مائي واڙڙي ٿي ويئي
۽ ڊاڪٽر کي خبر ڪين پيئي، سو چيائينس،

”توهين ته ڄاڻي ڄاڻهار آهيو. مهڙي گهر ۾ رڌي،
سو دل ڪاڻ رهيس، ڪٿي ذري ڪاڏائين.“

ڊاڪٽر چيو، ”چڱو، هينئر هيءَ دوا ڏيانثو. ڪاڏي
جي پرهيز ڪجوس سڀان وري هي نيڊو ڊاڪٽر نظر
ڪرڻ ايندو. جيڪو حال احوال هجي سو ساڻس ڪجو.“

ڊاڪٽر ڇٽي لکي في وٺي هليو ڀاهر. تڏهن ٿنو
سندس شاگرد پڇي، ڊاڪٽر صاحب پيو ٿـ سڀ مان
سگي ويس پر اهو ته قصو مان سمجهي نٿو سگهان تـ
توهان ڪيئن سهي ڪيو ته هن مهڙي ڪاڏي آهي.

ڊاڪٽر چيس ته، ”اها ڳالهه ته بلڪل سولي آهي.
جڏهن مون هيٺ مٿي نهاريو، تڏهن مون مريض جي
کٽ هيٺ مهڙيءَ جا ڪڻا ۽ ڇلر ڏٺا. شاگرد پنهنجي
چالاڪيءَ سان ڪنڌ لوڏيو ۽ ڳالهه دل سان هنڊايائين.
ٻئي ڏينهن هيءُ ڇوڪو ڊاڪٽر وري ساڳئي مريض کي
ڏسڻ ويو. جيئن ڊاڪٽر کي ڏٺو هئائين. ليئن هـورو
انجو نقل ڪيائين، پر پڄاڻيءَ ۾ چيائين مائي اوهين ظلم
ٿا ڪريو. هٿ وٺي ٿا هن کي وڃايو. ڇو اڄ هن کي
گهوڙو ڪارايو اٿو؟

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

سڪندو هو. دوائون درملون ماڻهن کي ڏينــدو هو،
توري گهڻي ملم پٽي به ڪندو هو. پر ماڻس جي مرضي
هئي ته جلد منهنجو پٽ اهڙو اڪابر ٿئي جو پنهنجي
اسپتال کڻي وهي، ۽ ڊاڪٽر صاحب سڏجي پوي.
سو هڪ ڏينهن پٽ کي چيائين، "اها! ڊاڪٽر ڪــي
وڃي چئو ته هاڻي اسپتال جو ڪم تــه اچيو اٿو، هاڻي
مونکي پاڻ سان مريضن وٽ وٺي هلندو ڪر تــه ڪجهه
ڏسان وائسان."

پٽ ڏينهن وڃي ڊاڪٽر سان اها ڳالهه ڪيائين ۽
تنهن چيس چڱو، سڀان کان وٺي مونسان هلجانءِ. پر
ڪپڙا سٺا پائي اچجانءِ.

صبح سان هي يار، وهنجي سهنجي چڱا ڪپــڙا
پائي وڃي اسپتال پر پهتو. ڊاڪٽر به باهر نڪتو مريض
ڏسڻ، هن کي وٺي هليو اول هڪ سلهه واري جي گهر.
اتي گهرڙي سان ڊاڪٽر گنڀير ٿي ويـــو ۽ مريض وٽ
ويهي ڏاڍي قرب مان سندس حال احوال ورتائين. پوءِ
نبض ڏٺائينس، چاڙهيءَ تي پنهنجو اوزار رکــي ڪنن
سان هنجي پرکه ورتائين، وري جيڀ ڏٺائينس. ڪجهه
پر ٿوماميٽر وڌائينس.

پوءِ هيڏانهن هوڏانهن هيٺ مٿي نهارڻ لڳو. سندس
شاگرد سڄو وقت ٻليءَ وانگر اکيون ڦاڙي ويٺــو هو.
سڀ چڱيءَ طرح پٽي دل تي وهاريائين. پوءِ ڊاڪٽر

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

بس پوءِ ته اٺي ڪڙو ٿيو. اهي سڀ ويچار رستي تان ڪندو ٻوڙو نائي ساهري وٽ پهتو.

سهري جي کٽ اڳيان ويهي ٿو چوي:

نائي- هينئر سرير ۾ ڪيئن آهيو؟

سهرو- آهيان وري ڪيئن مرڻ حوالي پيو آهيان. باقي ڪو دم هوندس

ٻوڙو نائي- شڪر، شڪر، ٻيو ڇا کپي. اٺي سهري کي ڇڙ لڳي. پر نائيءَ وري پڇيس، "ڀلا دوا ڪنهن جي پيا ڪريو؟"

سهري ڇڙ مان جواب ڏنس، "ملڪ الموت جي، ٻيو ڪنهن جي ڪبي."

نائيءَ ٻڌو ڪونه سو پنهنجي چوندو رهيو، "اهو ڊاڪٽر سڀ کان وڌيڪ هوشيار آهي. ڀلا ڪاڏو کڙو پيا کائو؟"

سهرو- (وڌيڪ غصي مان) نڪر ۽ پتر.

نائي- اهو کاڌو کائيندا اچو. اوهانجي بگڙيل طبيعت لاءِ چڱو آهي.

بس اٺي سهرو ڪاوڙ سانڍي نه سگهيو. نائي ته اٺي ڪڙو ٿيو هو. سهري ته ٻانهن ڊگهي ڪري چلمچي پريل کڻي نائيءَ جي مٿان اڇلائي.

(٤٦١)

ڪنهن انگريزي ڊاڪٽر وٽ هڪڙو ڇوڪرو ڪم

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٤٥٩)

اڪبر بادشاهه هڪ ڏڌهه کي هينگ ڏيندو ڏٺي بيربل کي چرچو ڪري چيو ته هي اوڏانهن منهن ڪري توکي ڳالهه ٿو ٻڌائي، تنهنجي برادريءَ جو آهي ڇا؟ تڏهن بيربل جواب ڏنو ته، ”هن جي ٻولي ته حضورجن ئي سمجهن ٿا.“

(٤٦٧)

هڪڙو ٻڍڙو جوان ويو پنهنجي بيمار سهري جي نگاهه ڪرڻ. دل ۾ خيال ڪيائين ته هاڻي اهڙو نمونو وٺان جو منهنجي ساهرن کي منهنجي ٻوڙاڻ جي خبر نه پوي.

سو سوال جواب اڳيئي سٽي ڇڏيائين ۽ چيائين ته، چوندو سانس، ”هينئر سر ۾ ڪيئن آهيو؟“ بيمار سهرو جواب ڏيندو، ”البت ٺيڪ آهيان پر ڪجهه فائدو اٿم.“ مان چوندس، شڪر، شڪر، ٺيڪ ٿي ويندا. گهرجي. وري سوال ڪندس ته دوا ڪنهنجي ڪندا آهيو؟ تنهن تي ڪنهن حڪيم يا ڊاڪٽر جو نالو ٻڌائيندو مان چوندس، ”اهو ڊاڪٽر سڀ کان وڌيڪ هوشيار آهي.“ وري سوال ڪندو سانس ته ”کاڌو ڪهڙو پيا کائو؟“ ته ضرور ڪجهه رب، پٽ يا ٻيو ڪجهه ٻڌائيندو ۽ مان جواب ۾ چوندس ته اهو کاڌو وڻندا اڇو. اوهان جي اڳڙيل طبيعت لاءِ چڱو آهي.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڏ پاڻي نه پيتالي تي ويٺي ۽ ٻنهي ڀيڻس تي نهارڻ لڳي؛
نه ايتري ۾ ميان ليمون خان به ان ٽنگن ۽ ٽيسن لٿ
جي آڏو ري تي انبون ۽ ملڪ هٽي اچي ماڳين پهتو. هن
کي ڏسي سڀ واڙيون ٽيڙون، روڏن بند ٿيو! ۽
تحقيقات ڪرڻ مان حقيقت جي خبر پيــن! ٽڪڙ جا
اڇهي اهي انگور آهن!

(٤٥٨)

ڪو ڏاهري چانڊوڪيءَ رات جو کوهه تان پاڻي
ڀرڻ ويو. پاڻي ڀريندي سندس نظر وڃي اندر پاڻي
۾ پيئي جنهن ۾ چنڊ جو پاڇو پئي پيو.

ڏاهريءَ سمجهيو ته چنڊ ڪري پيو آهي سو ٻوڙندو
ويو هڪ وڏي شاهي ڪنڊي ڪڻي آيو ۽ نوڙيءَ ۾
ٻڌي کوهه ۾ اڇلايائين. ڪنڊي وڃي ڪنهن شيءَ ۾
هيٺ ڦاٿي سو ڏاهري ڇڪ ڏيئي بيٺو. سمجهيائين
چنڊ ڏاڍو ڳورو آهي پر ڪيڏو ساڻس ضرور نه ضرور.
سو ٻئي پير ٻٽ تي جمائي ٻنهي هٿن سان سڌي ڇڪ
ڏنائين ته ڪنڊي هيٺان ڇڏائجي پيئي ۽ ڏاهري وڃي
چوٽيءَ پر ٻٽ ڪريو. اکيون ڦاٽي ويس ڏسي ته چنڊ
مٿانس آسمان ۾ بيٺو آهي. ڏکوسري ويس ٽپ ڏيئي
اٿيو ۽ چيائين واهه ٻيلي! ڏکو ته واهه جو ڪاڻم پر چنڊ
ته نيٺ به ڪيڏي ٻاهر ڪيم!

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

جي پاڻيءَ جو پري ڪيو، تڏهين سنڌ ـ ڊس سنگتيءَ
پڇيس، ”پاڻي ڇو نٿو ڪڍين؟“
ج – امان سمنڊ ڏنوئي ڪونهي لنهنڪي شيشي ۾
سمنڊ ڏيکاريندس.
س – پوءِ سچو شيشو ڇو نه پرڻ؟
ج – نه ڙي نه، پانءِ نه اهڙو بيعقل آهيان جو وڏر
چڙهي ۽ شيشو پڇي پوي نه پوءِ ڪيئن ڪريان؟

(٤٥٧)

ڪنهن زال ويني ليمون وڪيو ته پاڻي انمان ڦوهاري
وانگر اڏامي وڃي سنڌس اکين ۾ پيو. پلا ليمي جو
پاڻي جهڙو تيزاب سو ويچاري نازڪ جي نيڻن منجهان
ڳوڙها ڳڙڻ لڳا. اڃا اهي اگهيائين ئي ته، مٿان هڪ
پاڙيواري آئي تنهن پڇيس، ”ادي آهي ته خير اکيون
ڇو سڄايون اٿئي؟“ هن جواب ڏنو، ”اهو ليمون
مئو...“ پاڙيواريءَ وچ ۾ ئي چيس، ”هان، ليمو!“
ائين چئي ڊوڙندي سڄي پاڙي ۾ وئي؛ ڇو چاچو
ليمون گذر ڪري ويو!!!
هاڻي ڳالهه هيئن آهي ته ميان ليمون هوندو هو ڏير،
انهيءَ مائيءَ جو. سو سڀني پاڙيوارين ميڙ ڪري آيون
انهيءَ مصيبت ۾ همدردي ڪرڻ. بس بدا وڏيڪ
سوال جواب جي اچي بيٺون روئڻ ۽ پٽڻ ۾. ڪن ته
جنسي پاڻ کي ڪٽي لعل ڪري ڇڏيو. ويچاري گهر

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ماستر - ڀلا ڇو؟

ڇوڪر - ڇو جو مونکي ٽرڻ سکڻو آهي.

(٤٥٤)

پنجاب جي هڪ ڳوٺ ۾ لالا هرگنداس جي ماءُ کي پٽ وٽان ولايت مان تار آئي ته هاڻي جنگ پوري ٿي آهي ۽ آئون اچان پيو. سو تار وٺي ويئي پاڙيواريءَ کي ڏيکارڻ.

پاڙي واري - آئي، هيءَ تار ته عجب آهي. صبوح جو اٺان نڪتي سا اڄ ئي تڪ هتي.

هرگنداس جي ماءُ - اڄ جي ڪهڙي ڳالهه ٿي ڪرين. ٻڙي ڏس سهين، اڃا لفافي تي ڪنور ئي نه سڪو آهي ته مونکي اچي پهتي آهي.

(٤٥٥)

هڪڙي ڏينهن اڪبر بادشاهه دربار ۾ پڇيو تـه ته سڀني پنن ۾ وڏو پن ڪهڙي وڻ جـو آهي. سڀ ڪنهن پنهنجي عقل آهر جواب ڏنو. جڏهين بيربل جو وارو آيو تڏهن هن چيو ته، "حضور، سڀ ۾ وڏو پن ته ناگر بيل (پان) جو آهي جو اوهانجي وات تائين ته پهچي ٿو."

(٤٥٦)

ٻه ڇوڪرا ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ڪراچيءَ ۾ منهوڙي ڏي ويا. واپس موٽندي منجهانئن هڪڙي اهو شيشو سمنڊ

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

تڏهن تہ چويس ”اي صاحب هاڻي تون بہ لڳ ڀڳ
ڪر، منهنجو مٿو نہ کاءُ“ پر گهڙيال ٽڪ ٽڪ تہ نهي
پر اڃا بہ هلندو رهيو، تڏهين جا آيس ڪاوڙ سو ٿو
چوي ”اڙي منحوس جي اڃا بہ نٿو سمجهين تہ چپلهہ
پڇندو سانءِ.“ پر گهڙيال ڇو ٿو ٻڌي؟ ڏاهـ ـريءَ کي
اچي ويٺي ڳجي سو کلـ ـي دريءَ کان ٻاهر ڦٽو
ڪيائينس.

دريءَ کان ٻاهر ڪو سپاهي پئي لنگهيو تنهن کي
وڃي پنيءَ پر لڳو، تڏهن سپاهـ ـيءَ درد مان دانهن
ڪري چيو ”اڙي ڏاهري، منهنجي تہ چپلهہ ٿي پڃي
چڏ پئي. ڏاهريءَ ليکي گهڙيال ٿو ڪنجهي سو چيائين،
”تڏهن پائن تہ ڪوڙو ٿي ڏمڪايو ماڻءِ ڪيئن وري
ٽان ٽان ڪجاڻءِ.“

سپاهي واڻڙو ٿي ويو تہ کهڙي قصور هي مون تي
ڦوڪيو آهي. پر جڏهن ڳالهہ سڄي سمجهيائين تڏهن
کلي کلي سور ئي وسري ويس.

(٤٥٣)

ماستر- هاڻي جيڪڏهن ڪجهہ بہ توکي چڱيءَ
طرح سکڻو آهي تہ ڪوشش ڪري انهيءَ ڪم جي
تري تائين وڃجي.

ڇوڪر- پر سائين اهو اوهان جو قاعدو مون لاڳو
ڪونہ ٿيندو.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ماءُ- ڇو؟ ڇوڪر- ڇو جو مون سوال جو جواب
ڏنو ۽ ڏنم ٻه صحيح جواب. ماءُ- ٻيلا سوال ڪهڙو هو؟
ڇوڪر- پڇيائين ته منهنجي خاني ۾ انب جو ڪوڙيون
ڪنهن وڌيون؟ مون جواب ڏنو ته "مون."

(٤٥١)

ڪنهن فقير ڪو قصور ڪيو، سپاهي هنکي پڪڙي ڪوٽوال وٽ وٺي آيا جنهنجي شڪل ڪاري هئي.

ڪوٽوال حڪم ڏنو ته هن فقير جو منهن ڪارو ڪري شهر ۾ گهمايوس. اهو ٻڌي فقير چيو حضور اهڙو حڪم نه ڪريو ۽ انهيءَ مان غلط فهمي پيدا ٿيندي. فقط اڄ منهن ڪارو ڪريوم، نه ته ماڻهو سمجهندا ته هيءُ ڪوٽوال آهي. سپاهين سان گڏجي شهر گهمڻ نڪتو آهي.

ڪوٽوال کي ڪل اچي ويئي ۽ فقير جو قصور معاف ڪري ڇڏيائين.

(٤٥٢)

ڪنهن ڏاهيءَ کي شهري دوست وٽان هڪ گهڙيال سوکڙيءَ طور مليو. ڏاهي جو ٻارهون ٿي وقت جاچيندو هو سج جي ٻاچي ٿي، سو هي "ٽڪ ٽڪ" ڪندڙ چيز ڏسي پيو سمجهي ته ڪو انسان آهي جو دم پيو کڻي. سو ڏينهن جو ان کي ڏسيو پيو ٿري. رات جو سمهڻ وقت ٻه ڏسي ته ٽان ٽان لڳايو ويٺو آهي.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

اچي ٿي هڪ ساهيڙيءَ سان ڳالهه ڪري ”اڙي ادي، ڪهڙي ٿي ڳالهه ٻڌيئن ٽڪر ٽڙڪيو ڪن ڪري پيو، پوءِ هڪ ڪاري ڪٽي ڪيڪون ڪندي اَڏ وٺندي آئي. پوءِ ته مان به مٿس چڙهي پيس. آئيءَ پوءِ ٽـ ڇوڙ ڇان ڇوڙ ڇون - ڇوڙ ڇان ڇوڙ ڇون ... ٺيٺ اٽڪي اچڙيءَ جي اسٽيشن تي ڪيائين.“

(٤٤٩)

موچيءَ جا گهڙيا موچيءَ جي منهن ۾.

ٻه دلال ساڌوءَ شيوڪ پاڻ ۾ گهرا دوست هئا، رهندا لڳولڳ هئا. هڪ لڳا ساڌو ڪو سودو سجهايو پر پوءِ جو شيوڪ سو اڳيئي اهو سودو ڪٽي ويو. ساڌو کي ساڙ لڳا سو ويو وٺڻ لاءِ ٻي واجها پائين. هڪ لڳا ڏنائين شيوڪ جي درو ت سنا ڪپڙا پيا سڪن سو کن ڇوڪرن کي چيڙ پائين ته ڏامر جا داغ ڪري ڇڏيوس. ٿوريءَ مهل کانپوءِ گهر اچي ته جو ٽس و پئي روئي. تڏهن ساڌو پڇيس، ”ڇو ٿي روئين؟“ چي ”شيوڪ جي درو ت اس جي ٽڙڪي ۾ ڪپڙا سڪڻ وجهي آيس الانجي ڪنهن ڏامر هٽي ڪارا ڪري ڇڏيا.“

ساڌو پنهنجي ڪئي تي ڏاڍ و پڇتايو.

(٤٥٠)

ناحق مار!

ماءُ - پٽ ڇو ٿو روئين؟ ڇوڪر - ماستر ماريو.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٤٤٦)

هڪ ڪڪڙيءَ تي ڪورٽ ۾ ڪيس هليو. صاحب
پڇيس تہ پٽي جو نالو ڇا آهي. پلا ڪڪڙي جا پيدائش
گهڻن جي سا ڪهڙو نالو ڏني. چوڻ لڳي تہ سائين
هڪڙو نہ بيو نڪي لکو. الي صاحب ڏاڍو ڪاوڙجي
چوڻ لڳو تہ جلد ٻڌاءِ اهي ڪهڙا هٿ ڪورٽ اندر نہ
ڪر. ويچاري ويتر گهٻرائجي ويئي ۽ ابهرائيءَ مان
چئي ڏنائين حضور ڪاوڙ نہ ڪريو ڪٽي پنهنجوئي
نالو لکو.

(٤٤٧)

هڪ ايڊيٽر ويچاري ڪا نڪتہ چيني ڪنهن ڳالهہ
تي ڪئي جا سرڪاري عملدار کي نہ وڻي انڪري
ايڊيٽر کي ڪاري پاڻيءَ جي سزا جو دڙڪو ڏنائين.
ايڊيٽر چيو تہ صاحب ان ۾ منهنجو ڏوهہ نہ آهي هن
قلم جو ڏوهہ آهي سو آئون تہ ڪيس ڪاري پاڻيءَ جي
سزا ڏيان. ائين چئي قلم ڪٽي مس ۾ ٻوڙيائين.

(٤٤٨)

سنڌ ۾ جڏهن پهرين ڪوٽڙيءَ کان روهڙيءَ تائين
ريل نئين هئي تڏهن هڪڙي وڏڙي مائي جنهن ڪڏهن
اڳي ريل ڪانہ ڏٺي هئي سا ڪنياڙ اسٽيشن تان چڙهي
روهڙيءَ جي سٽيشن تائين نوابشاهہ جي پريان ويئي.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٤٤٤)

پهلاج پنهنجي زال کي چيو تہ آئينده اٺ آنا کفايت
سان هلندس خرچ هوندو رهندي جو تہ آنو کندس.
اهو ٻڌي پهلاج جو پيءُ چوڻ لڳو تہ بابا ٺيڪ ٿو، ائين
گهرجي اڄ کان وٺي اٺ آنا اسڪول پڙهڻ لاءِ ڏيندس.
پهلاج چيو سو ڇو؟ پيءُ چيو تہ بابا اوهان کي فيءَ
ڪتابن جو خرچ ڪونہ ٿيندو.

(٤٤٥)

درويش اديب

شيخ سعدي هڪ ڀيري خچر تي چڙهي اصفهان
جي ڳوٺ ۾ ويو. ٻاڻ سان گڏ هڪ ڪڪڙ بہ هيس.
دل ۾ چيائين تہ اگر هڪ ٽڪو ۽ ڇٽا ڪاٺڻ وارا آهيون
تہ هاڻي ڪهڙي انڪل ڪريان جو ٽيئي ان ٽڪي
مان ڪائون. ماڻهو چوندا آهن تہ اصفهان جو ڳوٺ عقل
سان ڀرپور آهي. سو اچ آزمودو تہ وٺي ڏسان تہ ڪهڙن
ڏس جو ٽڪي مان ٽيئي جيو ڪائون. ڇوڪر چيس تہ
ان ڳالهہ ۾ ڪجهہ ڪين آهي ٽڪي جو گدرو وٺ جو
تمام وڏو ملندءِ، ڳر کاءُ لون، کلون ڏي خچر کي ۽
ٻج ڪڪڙ کي.
شيخ سعدي اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٤٤١)

موهن – (ناني کي) ناني! ڏند گهڻا اٿيئي؟
ناني – هڪ به نه.
موهن – چڱو، هيءَ باداميون رک مان پيوءِ ونڊ وسائي.

(هند واسي هفتيوار)

(٤٤٢)

هڪڙو ملو دعوت کائڻ ويو جڏهن دعوت کائي موٽيو ته پيٽ ۾ اچي ڏاڍو سور پيس. سندس زال چيس ته توري جاڻ کڻي کاءُ ته پيٽ مان سور لهي وڃيئي. انهي چيائينس ته چري جيڪڏهين منهنجي پيٽ ۾ جاڻ جيتري به جاءِ هجي ها ته پلاءُ جا ٻه ٽي گره جيڪر وڌيڪ کين کائي اچان ها.

(٤٤٣)

هڪڙو آفيمي پنڪيءَ ۾ اهي خبر ٿيو ويٺو هو سندس اکيان ڪتي اچي بيٺي. ان جي منهن تي هٿ گهمائي چوڻ لڳو ”نه موسي جي ماءُ! اڄ ڪڏن ۾ پنڙا نه پاتا اٿيئي.“ سندس زال موسي ماءُ ٻري ويئي ڪم ڪيو تنهن چيو ماريا چرين ڇاٿو. اُهو هن جو چوڻ ٻڌي خوشيءَ ۾ پرچي چوڻ لڳو ته قربان (صدقي) وڃان تنهنجي چالاڪيءَ تان؛ هينئر هٿ ٻيڻي هٿينءَ وري جهٽ پٽ الي ٻه وڃي نڪتينءَ.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(۴٣٧)

جميل - تو ڪڏهن ڏينهن جا تارا ڏٺا آهن؟

احمد - هائو.

جميل - ڪڏهن مونکي به ڏيکار.

احمد - ڪنهن ڏينهن تون اسڪول ۾ دير سان وڃ ته ماستر صاحب پاڻيهي ڏيکاري ڇڏيندءِ.

(۴٣٧)

استاد - حساب ڇاجي لاءِ سيکاريا ويندا آهن؟

شاگرد - ان لاءِ ته قيامت ڏينهن خدا کي حساب ڏيڻ ۾ ڦلجي نه وڃون.

(گلستان - پاڪستان)

(۴٣٩)

گوبند - (ڪشن کي) پرنسپال مونکي جيڪي لفظ چيا آهن سي جيڪڏهن واپس نه وٺندو ته مان اسڪول ڇڏي ويندس.

ڪشن - پرنسپال ڇا چيو؟

گوبند - چيائين ته "اسڪول ڇڏي وڃ."

(۴۴٠)

مالهي - (ڇوڪر کي وڻ تي انب هٿ ۾ ڏسي) تون هتي ڇا ڪري رهيو آهين؟

ڇوڪر - هڪ انب پٽ ۾ ڪري پيو هئو انکي لڳائي رهيو آهيان.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

جڏهن ڪائي لاٿائين تڏهن ماڻس خوش ٿي پڇيس ته
ابا مکڻ سڀ ڪاڏهن. پٽس جواب ڏنو، ”مکڻ ته سڀ
ڪاڌم ۽ ٻر انهيءَ ۾ پيل پٿر جهڙي شيءِ اڇلائي ڇڏيم.
امان چڱو ڪيم نه؟“

(٤٣٣)

استاد- حميد، پاڪستان جي گاديءَ جو هنڌ
ڪهڙو آهي؟

حميد- واهه سائين واهه!- توهان هيڏا امتحان پاس
ڪيا آهن ايتري به خبر ڪانه اٿوَ!

(٤٣٤)

پٽ- (ماءُ کي) امان پيٽ ۾ ڪوئا پيا ڊوڙن.
ماءُ- پٽ ٻلي جهلي کائي ڇڏ.

(٤٣٥)

ڏاڏو- (پوٽي کي) ابا دري ته بند ڪر، سيءُ
ٿو ٿئي.

پوٽو- ڏاڏا اڇي ڏاڙهي ٿي اٿيئي ته به، اڃا پيو
سيءَ کان ٿو ڏڪين!

(٤٣٦)

مئجسٽريٽ- (چور کي) تو ڊاڪٽر جي واچ ڇو
چورائي؟

چور- سائين ڊاڪٽر چيو ته دوا ان ئي ڪلاڪن
پڄاڻا پيئجانءِ، سو وقت ڏسڻ لاءِ مون کي واچ کپندي
هئي.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(۴۲۹)

احمد - چا! ڊاڪٽر تنهنجي تڪليف کي ڪجهه هلڪو ڪيو؟

حسن - تڪليف ته هلڪي ڪانه ڪئي اٿس. البت کيسو هلڪو ڪيو اٿس.

(۴۳۰)

هڪڙي ماڻهوءَ پنهنجي دوست کي ٽپا ڏيندو ڏسي ان کان پڇيو ته تون ٽپڪي ڇو ايترو نچائي رهيو آهين؟ هن جواب ڏنو ته مون جيڪا دوا پيتي آهي تنهنجي پيڻ کان اڳه شيشي کي لوڏڻ وسري ويم. ان ڪري آءٌ ٽپڪي لوڏي رهيو آهيان انهيءَ لاءِ ته پيٽ ۾ دوا چڱيءَ طرح ملي وڃي.

(۴۳۱)

سليم - (مسافر کي) افسوس جو گاڏي چڙهي ويئي ۽ اوهانجا ٻه دوست ان ۾ هليا ويا ۽ اوهان هت رهجي ويا آهيو.

مسافر - افسوس ته اهو آهي جو اهي ٻئي مون کي اماڻڻ آيا هئا ۽ خود هليا ويا ۽ آءٌ رهجي ويس.

لنڪا چنڪا - سنڪا ڦنڪا

(۴۳۲)

هڪ ٻار دوا جي ڪڙي گولي ڳهڻ کان نٽائي رهيو هئو تنهن تي ماڻس مکڻ ۾ اها گولي وجهي ڏنيس.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

۽ هڪ صوف پنهنجي دوست کي کائڻ لاءِ آڇيو- ايتري ۾ گاڏيءَ جو گذر هڪ سڙنگهه مان ٿيو ۽ هر طرف اوندهه انڌوڪار ٿي ويو- تنهن تي ٻئي دوست اُچل کائي پنهنجي ساٿيءَ کي چيو ته "صوف نه کائجانءِ مان ته کائڻ شرط انڌو ٿي پيو آهيان."

(٤٢٧)

ٿلهي عورت- (گاڏيءَ واري کي) گهر تائين پهچائڻ جو ڀاڙو ڇا وٺندين؟

گاڏيءَ وارو- اٺ آنه.

ٿلهي عورت- اهو تمام گهڻو آهي. آءٌ فقط چار آنه ڏيئي سگهنديس.

گاڏيءَ وارو- ڇگو جلدي چڙهه! متان گهوڙو نه ٽوڪي ڏسي وٺي!!

(٤٢٨)

هڪڙو- جيڪڏهن ڪو به شخص توهانجي پاڻڻ واري ٽوپيءَ (جا هن لاهي ڪٽ تي رکي هئي) تي چڙهي ويهي ته توهان انکي ڇا چوندا؟

ٻيو- آءٌ انکي بي ادب ۽ گڏهه چوندس.

ٻهريون- مون ته توهانکي اهو چوڻ ٿي گهريو جو توهان منهنجي ٽوپيءَ تي چڙهي ويٺا آهيو.

(گلستان - پاڪستان)

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٤٢٣)

بيمار پوڙهو- (ڇوڪر کي) ڀلا هيءُ رستو اسپتال ڏانهن ويندو نه؟

ڇوڪر- هائو چاچا! اسپتال ۽ قبرستان ڏانهن هيءُ ساڳيو رستو ويندو.

(٤٢٤)

اُستاد- ٻارو! هميشه ياد رکو ته بيوقوف جانورن کي سڱ، ٿيندا آهن ۽ عقلمند جانورن کي ڪن، ٿيندا آهن.

هڪ ٻار- تڏهن سائين گڏهه به عقلمند چئبو.

(٤٢٥)

ٻه جاڙا ٻار رات جي وقت ڄاوا- ٻئي ڏينهن صبوح جو ٻيءُ پٽ کي چيو ته پٽ اڄ سڪول نه وڃ سياڻي ماستر کي چئج ته مونکي ٻه ڀائر ڄاوا هئا تنهنڪري اسڪول نه اچي سگهيس.

ڇوڪر هتو سياڻو تنهن ٻيءُ کي چيو ته بابا سياڻي ماستر صاحب کي هڪ جي نالي چوندس- وري پرهينءَ ٻئي ٻار جي جمڻ بابت چوندس نه جئن هڪ ڏينهن بيو نه موڪل ملي.

(٤٢٦)

هڪڙا ٻه دوست ريل گاڏيءَ ۾ سفر ڪري رهيا هئا- هڪ دوست پنهنجي ٽڪر مان ٻه صوف ڪڍيا

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

پٽ - امان، اڄ ماستر صاحب جا ڏند ڀڳا ته
ڪاٺا آهن.

(٤١٩)

هڪ پاڙيسري - (ٻئي کي) منهنجي پٽ کي سمجهائي ڇڏ، اڄ مونکي ٽي اڇلائي هنيائين ته شڪر آهي جو گسي ويو نه ته مٿو ڦاٽي پوي ها.

ٻيو - ادا تون ڀليو آهين، اهو منهنجو پٽ نه هوندو جو نه منهنجو پٽ جنهنکي ٽي هڻندو آهي انجو مٿو ضرور ڦاٽندو آهي.

(٤٢٠)

محمود - رات مون خواب ۾ ڏٺو ته هڪ ماڻهوءَ مونکي ڏهه هزار روپيا ڏنا.

احمد - آهستي ڳالهاءِ، ڪو چور نه ٻڌي وٺي؟

(٤٢١)

ڊاڪٽر - (بيمار کي) وٽ هي ٻه گوليون کائي ڇڏ.

بيمار - ڊاڪٽر صاحب! گوليون کائيون هجن ها ته فوج ۾ وڃي ڀرتي ٿيان ها. توهان وٽ ڇو آيس؟

(٤٢٢)

پٽ - امان! رنڌڻي ۾ کير جي ديگڙيءَ ۾ ڪوئو ڪري پيو.

ماءُ - پوءِ تو ڇا ڪيو؟

پٽ - مون وري ٻلي جهلي کير ۾ وڌي ته هن ڪوئي کي ماري ڇڏيو.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ته پاڻ مونکي ڪجهه ڏيئي رهيو آهي نه؟

(٤١٥)

حڪيم مريض کي چيو، ”تون شايد مونکي گڏه ٿو سمجهين؟“

مريض جواب ڏنو، ”توهين پهريون شخص آهيو جو منهنجي دل جي ڳالهه سمجهي ويا.“

(٤١٦)

منير - (پيءُ کي) بابا! رات مون خواب ۾ ڏٺو ته توهان مونکي چار آنا ڏنا ۽ امان پنج روپيا.

پيءُ - پٽ، خواب جون ڳالهيون اُبتيون ٿينديون آهن.

منير - تڏهن توهين مونکي پنج روپيا ڏيو ۽ امان چار آنا.

(٤١٧)

هڪ ماڻهو هر روز باهه ٻارڻ کان اچي تنگ ٿيو. هڪ ڏينهن هن کي ماچيس نه مليو سو ڪاوڙ ۾ چوڻ لڳو، ”يا الله مونکي اهڙي جڳهه تي پهچاءِ جتي روز باهه ٻارڻ کان ڇٽان.“

اِتي سندس پيءُ ماءُ ٻڌي چيو ته تنهنجا اعمال ئي اهڙا آهن جو توکي سداءِ ٻريل باهه موجود ملندي.

(٤١٨)

ماءُ - پٽ، ڇو اڄ ماني ٿوري کائي اسڪول وڃي رهيو آهين؟

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(۴١١)

ڄڄ - تو ھنکي خون ڇو ڪيو؟
خوني - سائين ھنجا ڏينھن اچي ڪٽا ھئا.

(۴١٢)

ڪاڻي جي ڀڪائي

ھڪڙو ڪاڻو کيل ڏسڻ ويو- ويھڻ شرط اڌ ٽڪيٽ گھرڻ لڳو تنھن تي مئنيجر چيو ته اڌ ٽڪيٽ نه ملندي، سڄي وٺ. ڪاڻي وراڻي ڏني- مان ھڪ اک سان کيل ڏسندس، ٻيا ماڻھو ٻن اکين سان ڏسندا آھن. آھي ڀلي سڄي ٽڪيٽ وٺن نه ته ٻين ماڻھن جي ھڪ اک بند ڪرايو ته پوءِ مان به سڄي وٺان.

(۴١٣)

پيءُ - لطيف، منھنجي پينسل ڇو ڪٽي ويو آھين؟
لطيف - انھيءَ لاءِ ته توھين مونکي مار ڏيو.
پيءُ - مار مان توکي مزو ٿو اچي ڇا؟
لطيف - مار ملڻ وقت ته مزو ڪونه ٿو اچي پر ان کانپوءِ سو امان چار آنه ڏيندي اٿم.

(۴١۴)

ڪو ماڻھو ھڪ واڻيءَ کي گاريون ڏيئي رھيو ھئو پر ھن ماٺ ڪري ويٺي ٻڌيو- تنھن تي سندس ھڪ دوست شرمائيس ته اڙي! بي غيرت! توکي گاريون ڏيئي رھيو آھي، تون ڪجھ نٿو چوينس؟ واڻيءَ وراڻيو

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٤٠٦)

ڀيڻ – پٽ، تنهنجي فيس ۽ مهنجو پگهار ٻئي ختم ڪري ڇڏيو!

پٽ – بابا انهيءَ ڪري ته مان ٿورو پڙهان ٿو ته توهانجو خرچ گهٽ ٿئي.　　(گلستان – پاڪستان)

(٤٠٧)

شمو – بابا، مان واهه ۾ وهنجڻ ٿو وڃان.

پيءُ – وڃ پٽ پر جيڪڏهن ٻڏي مئو آهين ته ماري ساهه ڪڍندو سانءِ.

(٤٠٨)

استاد – ڪتاب صاف ڪنهن رکيو؟

شاگرد – جيڪو پنهنجو ميرو ٿئي سو ڦاڙي ڇڏجي.

(٤٠٩)

ممتحن – اڄ ڪالهه موسم ڪهڙي آهي؟

شاگرد – لغڙن اڏائڻ جي.

(٤١٠)

پيءُ – لطيف! تنهنجو نئون ماستر ڪهڙو آهي؟

لطيف – ڦرندڙ گهرندڙ آهي.

پيءُ – سو ڪيئن؟

لطيف – ڪالهه چيائين ته ٤ ۽ ٥ سي نيا ٺهن، اڄ وري چوي ٿو ته هڪ ۽ اٺ سي نيا ٿو.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٤٠٣)

اُستاد – قاسم، زمين مان وڻ ڪئن ٿو پيدا ٿئي؟
قاسم – سائين! زمين اندر وڻن جون پاڙون وينديون آهن سي پيڙون انهيءَ کي جهلين.

(گلستان – پاڪستان)

(٤٠٤)

پيءُ – پٽ! آخر سڄو ڏينهن لوفرن جي پٺن سان ڇو ٿو گهمين؟
پٽ – بابا، اشراف ته پنهنجن پٽن کي مون سان ڇڏين ئي نٿا.

(٤٠٥)

ڪنهن وڏيري کي سندس دوست هڪ گرم شال سوکڙيءَ طور ڏياري موڪلي. شام جو وڏيرو اها شال پائي ٻاهر ميدان تي نڪري ويو ۽ پنهنجي نوڪر کي چرچي طور چيائين ته هاڻي سرديءَ کي چئي اچ ته مون کي پنهنجي ڪا به پرواه نه آهي، ڀلي پنهنجو زور آزماءِ.
نوڪر ٿورو پري ويو ۽ اچي جواب ڏنو ته سائين، سردي چوي ٿي ته وڏيري کي اڄ ڪجهه نٿي ڪري سگهان. باقي سندس نوڪرن جي چڱيءَ طرح خبر وٺنديس. وڏيرو هيءَ عقلمنديءَ جو جواب ٻڌي خوش ٿيو ۽ پنهنجن نوڪرن کي به گرم ڪپڙا وٺي ڏنائين.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڇبل - مونکي پنهنجو انجام ياد آهي. مان ممبئي کو نه ويو آهيان، ۽ نکو وڃڻ جو ارادو اٿم.

(٣٩٩)

ماستر - جيڪڏهن سج رات جو نڪري ته ڪهڙو نقصان آهي؟

شاگرد - سائين نقصان ڪين آهي جو رات جو به پڙهڻو پوندو؟

(٤٠٠)

گوپال - ڇو مدو! تنهنجي ڪپڙن مان پيٽرول جي بانس ٿي اچي؟

مدو - مان پنهنجن ڪپڙن تي زور ڪري پيٽرول هاريندو آهيان جئن ماڻهو سمجهن ته مون وٽ به موٽر آهي.

(٤٠١)

پيءُ - (ٻار کي) - ڪيئن ڙي! نيٺ روئي روئي ماٺ ڪري ويهي رهين نه؟

ٻار - نه اڃا ٿڪ ٿو ڀڃان.

(٤٠٢)

دادا - پٽ ڏس هتي اسٽيشن ماستر آهي.

ٻالڪ - (عجب ۾) دادا! دنيا ۾ اهڙو ڪو به هنڌ ڪونهي ڇا جتي ماستر نه هجي.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

۽ ھر ڪو ماڻھو پنھنجو پنھنجو سودو ڪري ٿو. ڪو وڪڻي ٿو ته ڪو وٺي ٿو. جنھنکي جيڪو سودو خريد ڪرڻو ھوندو آھي سوئي اُنجو آواز ٻڌندو آھي. جنھن صورت ۾ اسانکي ھنجو سودو ڪونه ڪرڻو آھي تنھن صورت ۾ اسين ھنجو آواز ڇو ٻڌون؟

سنت جا اِھي وچن ٻڌي چيلو چپ چاپ ھلندو رھيو. ڪميا نه اِھڙي!

(٣٩٦)

ڊاڪٽر! ڊاڪٽر! ڊاڪٽر وڙھن تي ننڊ مان اُٿيو ۽ اندران جواب ٿو ڏئي ته ”توکي خبر نه آھي ته مان ٥ بجي دوڪان بند ڪندو آھيان.

مريض - معاف ڪجو. ڪٿي ڪي اُن جي خبر نه ھئي نه نه جيڪر ٥ بجي کان اڳ۾ چڪ پائيم ھا.

(٣٩٧)

مدو- مان سڄي دنيا ڏسي چڪو آھيان!

متو- ڇو ٿو ڪوڙ ڳالھائين، جڏھن تون شھر کان ٻاھر ڪڏھن به نڪتو ڪونه آھين.

مدو- مان ڪئين دفع نقشي ڪي ڏسي چڪو آھيان.

(٣٩٨)۱

ڪمل- تو انجام ڪيو ھئو ته بمبئي مان واپس اچي منھنجا پئسا واپس ڪندين.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ماستر - رام هفتي کن ڪان اسڪول ۾ ڇو نہ آيو اچي.
رام (ہاڻ ٽيليفون جو رسيور کڻي) - رام هفتي
کن ڪان بيمار آهي ۽ هيءُ هفتو بہ اسڪول ۾ ڪين ايندو.
ماستر - توهين ڪير ڳالهائي رهيا آهيو؟
رام - سائين! منهنجو پيءُ.

(٣٩١)

پٽ (ماءُ کي ڏيئي ۾ خط وجهندو ڏسي) - ممي!
ڏيئي ۾ خط وڌءِ.
ماءُ - پٽ اهو خط وڃي تنهنجي دادا کي ملندو.
پٽ - پوءِ پلا مونکي بہ ڇو نہ ٿي کڻي ڏيئي ۾
وجهين تہ مان بہ دادا کي وڃي ملان.

(٣٩٢)

جج (ڏوهيءَ کي) - اڙي بيشرم! شرم نہ ٿو اچيئي
هڪ نہ ٻئي ڏينهن پڳو بيٺو آهين.
ڏوهي - وڏا بيشرم تہ اوهين ڇٽبا جو روز روز
پڳا بيٺا آهيو!
جج - اڙي نامراد - مان تہ ڊيوٽي ڏيڻ ٿو اچان.
ڏوهي - تہ مان بہ خبر لهڻ ايندو آهيان تہ حضور
جن ڪم ڪن ٿا يا نہ.

(٣٩٣)

دلچسپ

هڪڙا ٽي نشئي ٻيڙيءَ ۾ سير ڪرڻ نڪتا. جڏهن
ٻيڙي وچ سير تي پهتي تڏهن هڪڙو نشئي ٻين کان

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

پيءُ – واٽ ڪول ته ڏسان ته ڊاڪٽر ڪيترا ڏند ڪڍيا اٿئي.

پٽ – هڪ به نه. ڊاڪٽر اسپتال ۾ هوئي ڪو نه.

(٣٨٧)

ڊمينتي – دادا – دادا! اوهين ياڳين وارا آهيو!

دادا – ڇو ڏيءُ؟

ڊمينتي – دادا! توهانکي هن مهيني ۾ اسڪول جي في ڀرڻي ڪا نه پوندي. ڇاڪاڻ ته ٽيچر مونکي اسڪول مان ڪڍي ڇڏيو آهي.

(٣٨٨)

نول – رام! اڄ تون اهڙو اداس ڇو آهين؟

رام – مون دادا کي لکيو ته دوا لاءِ رپيا موڪليو پر هن دوا موڪلي ڏني آهي.

(٣٨٩)

هڪ انبن واري کان ڪنهن خريدار پڇيو ته ڇا هي انب لنگڙا آهن.

انبن واري جواب ڏنو، جناب جيڪڏهن لنگڙا نه هجن ها ته مان ڇو هنن کي پنهنجي مٿي تي رکي پيو ڦران ها!

(٣٩٠)

رام، هفتو کن سستيءَ سبب اسڪول ڪين ويو سو ماستر هن جي گهر ۾ ٽيليفون ڪيو.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٣٨٣)

ماستر:- توهين پنهنجا ڪپڙا هميشه اڇا رکو.
بالڪ:- پوءِ ڌوٻي ويچارا ته بک مرندا.

(٣٨٤)

گوپال- رام، ڊڪشنري ڪٿي ڪيڏانهن تو وڃين؟
رام- موهن جي جنم جو ڏينهن آهي تنهنڪري سوکڙي ڏيندس.
گوپال- سو ڊڪشنري؟ ......
رام- اڳئين سال واچ ڏنيمانس ته چيائين ته مونکي اڪر ڪين آهن جن سان مان تنهنجي شڪرادائي ڪريان.

(٣٨٥)

هڪ ڏينهن پروفيسر هڪ ماڻهوءَ سان اچي ڇڳڙيو ۽ جوش مان چيائينس، مون توهانکي هڪ شريف ماڻهو ٿي سمجهيو.
ماڻهو غصي وچان چيو ته مون ب اوهانکي شريف سمجهيو هئو.
پروفيسر- ته توهان ٺي ٺيڪ سمجهيو هئو، پر ڀل مونکان ٿي ٿي.

(٣٨٦)

پٽ - دادا! مان ڊاڪٽر وٽ ڪونه ويندس.
پيءُ - شاباس پٽ! ڏاڍو بهادر آهين.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

چيائين تہ اڳتي اوهانجو ڇوڪر شرط ڪا نہ هڻندو ڇاڪاڻ تہ مون سان پنجاهہ روپيہ شرط هنيائين جا هارائي اٿس.

ڇوڪر جي پيءُ ماستر کي چيو تہ واهہ ماسترصاحب اوهانکي ڪهڙي خبر! اِني اڄڻ ڪان اڳ، منهنجو پٽ مون سان هڪ سؤ روپين جي شرط هڻي ويو هئو تہ مان وڃڻ شرط ماستر جي قميص لهرائيندس.

(٣٨١)

هڪ دفع جي ڳالهہ آهي تہ بيربل ماڻهن کي چيو تہ جن کي پئسا اُڌارا کپن سي سرڪاري خزاني مان وٺي وڃن. ڪيترن ماڻهن پئسا ورتا ۽ پڇيائون تہ ڪڏهن ڏيڻا آهن. بيربل چيو تہ جڏهن اڪبر بادشاهہ مري وڃي تڏهن ڏجو. جڏهن بادشاهہ کي خبر پيئي تہ بيربل کان پڇيائين تہ هيءُ ڪهڙو اعلان ڪيو اٿئي. بيربل چيو تہ جهان پناهہ! نيڪ ڪم ڪيو اٿم. بادشاهہ چيو تہ سو وري ڪيئن!

چيائين تہ جهان پناهہ ماڻهو اوهان لاءِ دعا پِنندا تہ بادشاهہ جي عمر وڌي ٿئي جئن پئسا ڏيڻا نہ پون.

(٣٨٢)

ماستر (شاگردن کي) – سڀاڻي جيڪو فسي تہ اٿيندو تنهنکي اندر ڪلاس ۾ ويهڻ ڪو نہ ڏيندس.

هڪ شاگرد – سائين مان ڪلاس ۾ ائين رهندس.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڄوابدار - سائين! ڇاڪاڻ تہ ٽيبل ڪٽي نٿي سگھيس.

(٣٧٩)

گراهڪ - ڀائي هڪ سير ڪٻ ڏجانءِ.
(دوڪاندار لوڻ جو ليبل لڳل دٻو ڪڍي تورڻ لڳو)
گراهڪ - اڙي ڀائي! مون تہ ڪٻ گھري هئي. ليڪن اوهان تہ لوڻ ٿا ڏيو!
دوڪاندار - ڇ...... ڇ ذرا آهستي ڳالهاءِ ڀائي! مان ڪٻ ئي ڏيئي رهيو آهيانءِ مگر ڪولين ۽ ماڪوڙين کي دوکو ڏيڻ لاءِ دٻي تي لوڻ جو ليبل هڻيو اٿم.

(٣٨٠)

هڪ چالاڪ ڇوڪر کي شرطن هڻڻ جي ڏاڍي عادت هئي. انهيڪري هنجي پيءُ جي مرضي ٿي تہ هنجي اها عادت مٽايان. سو هنکي اُستاد وٽ موڪليائين تہ، هنجي اها عادت ڇڏائي. جڏهن ڇوڪرو اُستاد وٽ ويو تہ هنکي چيائين تہ توهانجي پٺيءَ تي هڪڙو ٽر آهي. اُستاد چيس تہ اهو بلڪل غلط آهي. ڇوڪر چيس تہ لڳايو پنجاهہ روپئي جي شرط. ماستر هڪدم ڪٽي شرط لڳائي. شرط لڳائڻ کانپوءِ شاگرد ماستر جي قميص لهرائي. ڏسن تہ ٽر هوئي ڪونہ. ماستر شرط کٽي ۽ پوءِ ڇوڪر کان ٥٠ روپيہ ورتي، هنجي ماءُ کي فون ڪيائين ۽

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٣٧٦)

شام (هڪ خالي ڪاغذ هٿ ۾ جهلي) - بابا! مون هڪ مورت ڪڍي آهي ڏسندا؟

پيءُ - شام! ڇا جي مورت ڪڍي اٿيئي؟

شام - مورت ۾ ڪڍيو اٿم ته شينهن هڪ جهنگل ۾ هرڻ جي پٺيان پيو ڊوڙي.

پيءُ - (ڪاغذ وٺي) - اڙي شام! هن ۾ هرڻ ڪٿي آهي؟

شام - بابا! جڏهن هرڻ پٺيان شينهن پيو تڏهن هرڻ ڀڄي ويو ته پوءِ وري ڪٿان ايندو.

پيءُ - چڱو ڀلا شينهن ڪٿي آهي؟

شام - اهو ته هرڻ کي وري پڪڙڻ لاءِ ڪٿي لڪو ويٺو آهي.

(٣٧٧)

ماستر - (شاگرد کان) Astronomy جي معنيٰ ڇا؟

شاگرد - معنيٰ ته ......

ماستر - ڇو؟ سوال ڏکيو آهي ڇا؟

شاگرد - (يڪدم) سوال ته ڏکيو نه آهي پر جواب ڏکيو آهي.

(٣٧٨)

جج - (جوابدار کي) تو فريادي‌ءَ کي ڪرسي ڇو هنئين؟

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

آهن.

موهن - چاڪاڻ تہ اُنھنجي آڪيرن ۾ ڪوسيون ۽ ميزون ڪونهن.

(٣٧٤)

هڪ ڀيري ڪنهن شاهوڪار جي گهران ڪي چور اُها پيتي کڻي ويا جنهن ۾ شاهوڪار جو سون، چاندي ميڙي چونڊي ۽ سڀ ناڻو هئو.

صبوح جو جڏهن شاهوڪار جي زال کي اِها خبر پيئي تڏهن هن وچاريءَ ڏاڍو رنو.

تنهنتي شاهوڪار چيس تہ چري! رئين ڇو ٿي. پيتي کڻي ويا تہ ڇا ٿيو. پيتيءَ جي ڪنجي تہ مون وٽ سلامت آهي.

(٣٧٥)

پرڪاش - گوپال! ڇو هن سال ساليانيءَ امتحان ۾ ناپاس ٿي پئين سو ڇو؟ هونئن تہ پاس ٿيندو آهين.

گوپال - يار، ڪهڙيون ٿو ڳالهيون پڇين، هر سال امتحان ۾ منهنجي پرسان ڪو هوشيار ڇوڪرو ويٺو هوندو آهي جنهنڪري اڪ ٽيت ۾ پاس ٿيندو آهيان هن سال اِهڙي ڪا بدقسمتي هئي جو جيڪو ڇوڪر منهنجي پرسان ويٺو هو سو اصل ڏڏن جو ڏاڏار هو ۽ ڪجهہ بہ نٿي آيس.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٣٧٠)

پٽ - امان! ڪاريون ڪڪڙيون ته وري ٻه اڇين ڪڪڙين کان هوشيار آهن.

ماءُ - اِهو وري ڪيئن پٽ! ڇاڪاڻ ته ڪاريون ڪڪڙيون اڇا بيدا لاهي سگهن ٿيون پر اڇيون ڪڪڙيون ڪڏهن ٻه ڪارا بيدا لاهي نٿيون سگهن.

(٣٧١)

گراهڪ - (نارنگين واري کــي) ڪيئن نارنگيون تازيون آهن؟

نارنگين وارو - اڄڪين هفتي واريون ڪيئن هيون؟

گراهڪ - اُهي ته تازيون هيون.

نارنگين وارو - ته بس! هي ٻه اُنهن مان ئي بچيل آهن.

(٣٧٢)

پيءُ - پٽ! سمجهين ٿو ته ڊاڪٽر جي دوا مان توکي فائدو پوندو؟

پٽ - فائدو تڏهن ٿيندو جڏهن سندس هدايت تي عمل ڪندس.

پيءُ - ڊاڪٽر ڪهڙي هدايت ڪئي اٿئي؟

پٽ - ته دوا جي ٻاٽليءَ جو ٻوڃ سداءِ بند هجي.

(٣٧٣)

اُستاد - موهن! ٻکي ڀيهجي آن متان چو وهندا

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٣٦٧)

هڪ ڏينهن هڪ ڇوڪرو اسڪول ۾ ويو ۽ ماستر چيس ته ڇوڪرا "ڪو لنبو ڏيکار"

ڇوڪري ويچاري کي خبر ڪانه هئي ته ڪو لنبو ڪٿي آهي سو هن پنهنجي ڪلاس ۾ نهاريو. ڇوڪري کي سڄي ڪلاس ۾ هڪ لنبو ڏسڻ ۾ آيو. سو اُنتي هٿ رکي چيائين ته سائين "اِجهو ڪو لنبو"

ماستر چيس، ڇوڪرا هي ڪو لنبو آهي؟

ڇوڪري وراڻيو ته توهان چيو ته ڪو لنبو ڏيکار سو مون اوهانکي ڏيکاريو.

(٣٦٨)

ماستر - گوپال! تون حسابن ۾ ڏاڍو ڪچو آهين، جارج واشنگٽن ته حسابن ۾ تمام هوشيار هئو. هو جڏهن تو جيڏو هئو تڏهن اميريڪا ۾ انجنير هئو.

گوپال - سائين! ليڪن جڏهن جارج واشنگٽن اوهان جيڏو هئو تڏهن آميريڪا جو پريزيڊنٽ هئو.

(٣٦٩)

گراهڪ - توهين چئو ٿا ته هيءَ ڪپڙو ريشمي آهي. پر ليبل تي ته سوٽي لکيل آهي.

دوڪاندار - جي. اهو صرف اُنهيءَ لاءِ ته جيئن ڪي نه وٺن.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٣٦٤)

پيءُ - استري ڪرڻ سان سڀ گهنج نڪري ويندا آهن.

پٽ - ته پوءِ بابا، پنهنجي مٿي جا گهنج چو نٿا ڪڍو!

(٣٦٥)

دادي (مس ڊيوڪي هڪ ڇوڪري کي) :- بس اڄ کان وٺي تنهنجو نالو ڪنس آهي.

ڇوڪرو:- (يڪدم) دادي، "ڊيوڪي لــ ڪنس" جي پيءُ جو نالو هئو.

(٣٦٦)

وڪيل - (ماجسٽريٽ) سائين منهنجي اصيل جو ڏوهه بلڪل ڪونهي، هن صرف ٻانهن وجهي دريءَ جي اندران ڪجهه ڪڍي ورتو. پر ڏوهه مڙهيو ٿو وڃي ته هن چوري ڪئي آهي. چوري ته سندس ٻانهن ڪئي.

ماجسٽريٽ - تنهنجو دليل اسين قبول ٿا ڪريون. سندس ٻانهون ته هيل تائين بند رکيون وييون آهن؛ هينئر به سندس ٻانهن کي ٽي ٣ مهينا جيل جي سزا ڏيون ٿا. پوءِ ڀلي ٻانهن کي جيل ۾ موڪلي ڀلا پاڻ به ساڻن گڏجي وڃي.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ماستر – سچ پچ ؟ ڪٿي؟

موهن – اوڏانهن ئي، عجائب گهر ۾!

(٣٦٣)

اُستاد – پريم! ٻڌاءِ، راند ڪرڻ سان ڪهڙو فائدو ٿو ٿئي؟

پريم – اوترو ديرپڙهڻو ڪونه ٿو پوي.

(٣٦٤)

مالڪ – (نوڪر کي) خالي ٽانگو وٺي اچ. مهمان ويندا. گاڏيءَ جو وقت ٿي ويو آهي.

ڪلاڪ ڪانپوءِ نوڪر موٽي آيو پر ٽانگو ڪونه آندائين. گاڏي ڇٽي ويئي. مالڪ سخت ناراض ٿيو. ڇيائين ته هيڏي ساري شهر ۾ توکي خالي ٽانگو ئي ڪونه مليو؟

نوڪر جواب ڏنو، ”سائين مون گهڻا ئي ڏايي ڪٿي پر خالي ٽانگو ڪونه مليو. گهٽ ۾ گهٽ هڪڙو ماڻهو ته هر ٽانگي ۾ ويٺو ئي هئو!

—o8o8o8o—

ڪارخاني جو مئنيجر – (مزدورن کي) صاحب جو حڪم آهي ته اوهان مان ڪو به ٻاهر نه وڃي.

هڪ مزدور – سائين ڇو؟

مئنيجر – صاحب چوٿو ته سندس موٽر چورائجي ويئي آهي. هو اوهانجو جهاڙو وٺندو!

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

اخبار ۾ پاڻيهي ڇپجي ويندا.

(٣٥٩)

پٽني (پٽيءَ کي) - اگر مان مري وڃان ته توهان منهنجو ماتم ملائيندا؟

پٽي - هائو ضرور ملائيندس.

پٽني - شايد منهنجي قبر تي به روز درشن ڪرڻ ويندا.

پٽي - ها، ضرور ويندس ڇاڪاڻ ته سئنيما وڃڻ وقت قبرستان رستي ۾ ايندو آهي.

(٣٦٠)

لوڪل ٽرين ۾ هڪ مارواڙيءَ پاسي واري کان ماچيس گهريو. پاسي واري وٽ ماچيس ڪونه هئو. آهستي آهستي گاڏيءَ ۾ ويٺل سيني انڪاري جواب ڏنس تڏهن پنهنجي منهن پاڻ کي چوڻ لڳو، "اُف آخر پنهنجو ئي ماچيس ڪڍڻو پوندو.

(٣٦١)

جج - (چور کي) تنهنجو ڪو شاهد آهي؟

چور - حضور مان ڪنهنجي به حاضريءَ ۾ چوري نه ڪندو آهيان.

(٣٦٢)

موهن - ماستر صاحب، اڄ اسانجي سامهون شيطان اچي ڪڙو ٿيو.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ٽئون ماڻهو - شريمان جي! مان اجازت وٺي ته اندر آيو آهيان!

(٣٥٢)

پٽ - امان آءٌ آگيا وٺڻ آيو آهيان ته غريب کي هڪ آنو ڏيان؟

ماءُ - ضرور. پر اهو آهي ڪٿي؟

پٽ - راوت واڙي ۾ آئيس ڪريم وڪڻي رهيو آهي.

(٣٥٣)

جج - تو مڙو ڇو چورائي؟

چور - مڙو قبرستان ۾ بيٺي هئي. سمجهيم ته انجو مالڪ مري ويو آهي ۽ هيئنر ٻيا مالڪ بيٺل آهي تنهنڪري انکي کاهي ويس.

(٣٥٤)

پيءُ - پٽ، سياڻي تنهنجو امتحان آهي تنهنڪري سويل سنان ڪري وڃج.

پٽ - بابا، جيڪي منهنجي مغز ۾ هوندو سو سنان ڪرڻ سان ڌوپي ويندو.

(٣٥٥)

هڪ چور ٻئي چور کي - اڄ گهڻن روپين جي چوري ڪئي اٿئي؟

ٻيو چور - گهڻن جي ڪير تڪليف ڪري. سياڻي

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

[illegible]

(٣٤٦)

رميش - منهنجو چاچو ٻُڌ ڙ ٻر آهي تہ، پنهنجي ڪيتيءَ لاءِ ڳئون وٺي يا سائيڪل.

سريش - جي ڳئون وٺي تنهنتي چڙهي گهمندو تہ ماڻهو کلندس.

شيرڻ - ٺيڪ ٻر جي سائيڪل وٺي چوندو تہ، تنهنکي ڏهان ۽ کير ڪيان تہ ماڻهو تهانئي وڏو احمق چوندس.

(٣٤٧)

سينياڻي - او ٻَنيا تيرا مغز جاءِ آهي؟

ٻنيان - هان ماني! ميري ڪم جڳهہ هيءِ کيت هيءِ اور سيڪچ هيءِ ليڪن ميرا مغز رهني ڪي جڳهہ نهين هيءِ.

(٣٤٨)

هڪ پناڻ گڏهن تي ڪنب ڪٽي جهنگلن مان وڃي رهيو هئو تہ آسمان ٻر ٻادل مڙي آيا. هن هٿ کٽي خدا کي عرض ڪيو تہ ٻارش نہ ٻرسي. مگر ڪنهن منتن ڪانهوءِ اهڙي تہ، ٻرسات پيئي جو سڄي ڪنب شربت ٿڃي پيئي. خانصاحب کي ڏاڍو غصو آيو ۽ آسمان طرف منهن ڪري چيائين "اي خدا! هيترا سال توکي خدائي ڪندي گذري ويا آهن ليڪن عقل اڄ تاءِ نہ آيو اٿئي!

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

صبر ته ههڙو! (٣٤٤)

سقراط فيلسوف جي زال ڏاڍي ڪروڌڻ ۽ لڙاڪو هئي ۽ مڙس جي نڪ ۾ دم آڻيندي هئي. سقراط دوستن سان بحث ڪري رهيو هئو ۽ هڪ دفع سندس استري لعل اکيون ڪري اُتي آئي ۽ چيائينس ”اڙي نڪما، آلسي ۽ ڪمچور! گهر ۾ کائڻ لاءِ ڪجهه ڪونهي ۽ تون هتي ويٺو ويٺو گهولا ماري رهيو آهين.“ سقراط جواب ڏني جهڙي پٽ. هوءَ هلي ويئي ۽ ٿوري دير ۾ مٿهن باٽيءَ سان ڀري موٽي آئي ۽ اچي سارو پاڻي سميت سقراط جي مٿان هاري ڇڏيائين. تڏهن سقراط دوستن کي مخاطب ٿي چيو، ”بادل گجي گجي نيٺ وسندا آهن.“ سڀ ٽهڪ مارڻ لڳا.

(٣٤٥)

گوبند - اُتم! ڏس ته ڪيترا وڳا آهن؟

اُتم - گوبند هڪ بت تي اٿم. ٻه ٽنگ ۾ ٻـــ ڏوپيءَ وٽ جملي ٥ وڳا آهن.

گوبند - نه يار - مون پڇيو ماڻهءَ تــــ هينئر وقت ڪهڙو آهي؟

اُتم - ها دوست! هينئر وقت اهڙو لڳو آهي جو نه پيءُ پٽ جو ۽ نه مڙس زال جو. تنهن سواءِ ڀاءُ ڀاءُ جو دشمن.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(۳۴۱)

انگلنڊ جو مشهور ليکڪ برنارڊشا، ماس نه کائيندو هو ۽ اُنکي انسان جو کاڌو ئي نه ڪري مڃيندو هئو. هڪ دفعي هو هڪ پارٽيءَ ۾ کائڻ ويو. هميشهه جيان اُن ۾ ويشنو کاڌي بندوبست ٿيل ڪونه هئو. جڏهن کاڌو پرچجي ميز تي آيو ته سڀ مهمان کائڻ کي جنبي ويا. فقط برنارڊشا چپ ڪري سيني کي ڏسندو رهيو. ميزبان ويجهو اچي کانئس پڇيو ته اوهين چپ ڪري ڇو ويٺا آهيو؟ کائو ڇو نٿا؟ اُنجي جواب ۾ شا وراڻيو ته مونکي پڳوان پيٽ ڏنو آهي ۽ نه قبرستان. اُن ۾ ساڳ سبزي ۽ اَن وغيره کاڌي جي چيزن جي جاءِ آهي ۽ نه مڙدن لاءِ.

(۳۴۲)

سيٺ - (نوڪر ٻاڻي کي) تنهنجو قد ننڍو آهي اِنڪري مونکي تنهنجي درڪار ڪانه آهي!

نوڪر ٻاڻي - ننڍو قد ته وري ٻه چڱو آهي. اگر ٻالڪ منهنجي هنج مان ڪري پوندو ته ايذاءُ نه گهٽ ايندس نه.

(۳۴۳)

ممي - ڪمليش! ڪتي جو ٻچ نه پٽ، چڪ نه پائي ڪڍ ٿئي؟

ڪمليش - ممي. ٻچ ۾ ڏنگ ٿوروئي اٿس جو چڪ پائيندو؟

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ماستر - سو وري ڪيئن؟

شاگرد - ڇاڪاڻ ته ٻئي گرامر ۾ اسم آهن.

جيستائين شرم نه لڳندو (٣٣٩)

يونان جو مشهور فيلسوف افلاطون کان هڪ ڏينهن سندس دوست پڇيو "ادا، تو وٽ دنيا جا وڏي ۾ وڏا فيلسوف ۽ ودوان ڪجهه نه ڪجهه سکڻ اچن ٿا. مگر مونکي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي اچي ته تون پاڻ ايڏو وڏو فيلسوف ۽ ودوان ٿي ڪري بـ ٻين کان ڪجهه سکڻ لاءِ هميشه تيار رهين ٿو ۽ سو بہ، وڏي اتساهه ۽ امنگ سان ڀلا اهو ته ٻڌاءِ ته اهو سکڻ جو سلسلو ڪيستائين جاري رهندو؟"

فيلسوف افلاطون وراڻيو "جيستائين ٻين کان ڪجهه به سکڻ ۾ نه لڳندو، تيستائين!"

ڪيڏو وڏو ڀڳوان؟ (٣٤٠)

برٽين جي مشهور حساب دان هينري نارس رسيل آڪاش گنگا تي پنهنجو وياکيان پورو ڪري بس ڪئي ته هڪ عورت کانئس پڇيو، تہ جيڪڏهن اسانجي ڌرتي ايڏي ننڍي ۽ برهمانڊ ايڏو وڏو آهي ته ايشور اسانجو ڌيان ڪيئن رکندو هوندو. ڊاڪٽر رسيل ترت جواب ڏنو، ديوي جي، اهو انتي مدار رکي ٿو ته تون ڪيڏي وڏي ڀڳوان تي وشواس رکين ٿي؟

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

مئنيجر - مو جو توکي چيو هو تہ آفيس جي ٽائيم ۾ نہ پڙهندو ڪر.

ڪلارڪ - سائين توهان چيو هو تہ اخبار نہ پڙهندو ڪر. ڪتاب جي ڳالهہ تہ توهان ڪونہ چيو هو!

(٣٣٥)

هڪ ماڻهو پنهنجي واقفڪار دوست کي. "دوست جيترا ڏينهن تون ولايت هئين، مون توکي هڪ ڏينهن بہ ڪونہ ڀلايو آهي." روز اخبار پڙهندو هوس تہ پنهنجي موت جي خبر تہ شايع ڪانہ ٿي آهي.

(٣٣٦)

هڪ ڏينهن اڪبر بيربل کي چيو، "بيربل منهنجي خيال ۾ جن ڳالهہ جي پٺيان " ها " اچي اهي بيوقوف ٿيندا آهن."

بيربل نرميءَ سان جواب ڏنو " ها مهربان."

(٣٣٧)

دوست - (ٻئي دوست کي) ادا هت ۾ فرش جي سر ڇو لڳ کڻي گهمين ؟

دوست - ادا بنگلو نيڪال ڪرڻو آهي، ان ڪري سر سنڀال طور کڻيئين اٿم.

(٣٣٨)

ماستر - (شاگرد کي) شاعر ۽ شعر ڇا آهن ؟

شاگرد - ٻئي هڪ ئي جنس آهن،

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٣٣٣)

هڪ ڏينهن اڪبر پري سڀا ۾ پڇيو :- ”پڌايو ته هٿن تي وار ڇو نه ٿا ڄمن؟“

سڀ درٻاري چپ ٿي ويا.

اهو سوال بيربل کان نه پڇيو ويو. هن يڪدم جواب ڏنو ”حضور توهان انهن ئي هٿن سان دان ڪريو ٿا، تنهنڪري توهان جي هٿن تي وار ڪونه ٿا ڄمن.“

انهيءَ تي اڪبر پڇيو- ”تڏهن تنهنجي هٿن تي پلا وار ڇو نه ٿا ڄمن؟“

بيربل جواب ڏنو- ”مان انهن ئي هٿن سان توهان جو ڏنل دان وٺان ٿو.“

”پلا هنن درٻارين جي هٿن تي وار ڇو نه آهن؟“ اڪبر وري سوال پڇيو.

بيربل جواب ڏنو- ”جڏهن مان توهانجو ڏنل دان وٺان ٿو تڏهن هي سڀ حسد وچان پنهنجا هٿ مهٽڻ شروع ڪن ٿا، تنهنڪري ئي انهن جي هٿن تي وار ڪونه ٿا ڄمن.“

اهو ٻڌي سڀ درٻاري منهن ڪٽي ويهي رهيا.

(٣٣٤)

آفيس جو مئنيجر- (ڪلارڪ کي) اهو ڇا ٿو پڙهين؟

ڪلارڪ سائين ڪتاب!

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

"حضرت! تو اُنکي کو جواب نہ ڏنو!" مرزا وراڻيو. "جيڪڏهن ڪو گڏهہ توکي لت هڻي تہ ڇا تون بہ انکي لت هڻندين؟"

(٣٣٠)

مرزا صاحب جڏهن جيل مان ڇٽي آيو تہ ميان ڪالي خان جي جاء ۾ رهڻ لڳو هڪ دفعي ڪالي صاحب وٽ وينو هو. ڪنهن ماڻهوءَ قيد مان ڇٽي اچڻ جي مبارڪ ڏنس. مرزا چيو، "ڪهڙو ٻڙوو جيل مان ڇٽي آيو آهي. اڳ گوري جي قيد ۾ هوس، هينئر ڪالي جي قيد ۾ آهيان."

(٣٣١)

خاطريءَ سان تو ڇئين تہ هڪ ٻوتل مان مونجي جگر جي تڪليف دور ٿي ويندي؟

"مان ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي نہ ڏٺو آهي جو ٻي ٻوتل وٺڻ آيو هجي."

(٣٣٢)

لنڊن جي هڪ ميڊيڪل ڪاليج جي پروفيسر کي بادشاه جو ڊاڪٽر مقرر ڪيو ويو. صبح جو پروفيسر اها خوشخبري پنهنجن شاگردن کي ٻڌائي. رسيس بعد جڏهين پروفيسر ڪلاس ۾ گهڙيو تہ بورڊ تي لکيل هو، "ايشور! اسان جي بادشاه کي بچاءِ."

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ئي برابر هوندي چاڪاڻ ته مان روز ڪڏهن مخمور ڪندو آهيان."

(٣٤٧)

سپارٽا جو بادشاه ليونيداس، جڏهن يوناني لشڪر سان ٿرماپلي جي بچاءَ لاءِ لڙي رهيو هو، تڏهين هڪ سولجر اچي کيس ٻڌايو ته، "دشمن جي طرف کان ايترا ته تير اچي رهيا آهن جو سج جي روشني کي ڍڪي ڇڏيو اٿن."

"تون ڪو خيال نه ڪر" ليونداس چيس، "تڏهن ته اسان لڙي ٻه آهيون ڇاڪاڻ جو هيئنر اسانکي ڇانوَ ۾ ئي لڙائي ڪرڻي پوندي."

(٣٤٨)

هڪ دفعي ڪرنل براؤن، مرزا غالب (اردوءَ جي مشهور شاعر) سان مليو. هن جي پوشاڪ ڏسي مرزا کان پڇيائين، "ويل، تون مسلمان!" مرزا وراڻيو، "اڌ." ڪرنل پڇيس، "انجو مطلب؟" مرزا جواب ۾ چيس "شراب پيئندو آهيان، سوئر نه کائيندو آهيان." ڪرنل اهو ٻڌي ٽهڪ ڏيڻ لڳو.

(٣٤٩)

مولوي امين الدين، مرزا غالب جي برخلاف هڪ چوپڙي ڇپائي، مگر مرزا صاحب انکي ڪو به جواب نه ڏنو. ڪنهن ماڻهوءَ مرزا جو ڌيان ڇڪائيندي چيو،

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

پيڻاءُ ئي پيڻاءُ (٣٢٤)

سقراط کان هڪ شاگرد پڇيو، ”مونکي شادي ڪرڻ گهرجي يا نه؟“

هن وراڻيو، ”تون شادي ڪرين، يا نه ڪرين پر ٻنهي حالتن ۾ توکي پڇتاءُ ئي پوندو.“

(٣٢٥)

جيمس ٻيو، جڏهن ڊيوڪ آو يارڪ هو، هڪ دفعي شاعر ملٽن سان گڏجي ويو. هن جيمس ته ”ملٽن! تون ائين نٿو سمجهين ته اکين جي ديد وڃائڻ سان ايشور توکي سزا ڏني آهي ڇاڪاڻ ته تون منهنجي پيءُ چارلس پهرئين جي برخلاف ليک لکيا هوا؟“

ملٽن وراڻيو، ”حضور جن جيڪڏهن ائين سمجهن ٿا ته منهنجي نابينائي مونکي سزا طور ملي آهي تہ جهان پناه! اهو ٻڌايو ته توهانجي والد صاحب جو سر وڃايو سو ڪهڙي گناه سبب؟“

حاضر جوابي (٣٢٦)

ملٽن، انگلنڊ جي مشهور شاعر، نابين هجڻ جي حالت ۾ هڪ شوخ طبيعت عورت سان شادي ڪئي هڪ دوست، شاعر جي چونڊ کي ساراهيندي چيو ”تنهنجي گهر واري گلاب جو گل آهي. مان رنگ جو ته فيصلو ڪري نٿو سگهان“

ملٽن هڪدم وراڻيو، ”جيئن تون چوين ٿو ليڪن

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ماڻهو سڀهو ڏسجي ۾ اچي پيو. جڏهن جڏهن پادشاهه ريگستان جا شيخ دعوت ڏيئي گهرائيندو هو ته محل ۾ انهيءَ دروازي کان آڻيندو هو جتي اهي آرسي رکي هئي جنهن ۾ هو سڀ سڀهڙا ۽ ڍگها ڏسبا هئا.

محل مان ڪاڻي پڇي جڏهن اماڻيندو هو تڏهن ٻئي دروازي مان لنگهائيندو هو جتان جي آرسيءَ ۾ ڦوڪيل ۽ ٿلها نظر ايندا هئا.

(٣٢٢)

هڪڙو پاڙيسري - تو ڇا چيو ته تنهنجي ڪتي جي ڀونڪ سندس ڇڪ پائڻ کان ئي خراب آهي؟

ٻيو پاڙيسري - هائو! اڃين برابر آهي.

ٽيون پاڙيسري - ته ٻگوان جي نالي پنهنجي ڪتي کي ڀونڪڻ کان روڪ ڇو ته اڃا اڳهون موڪي ڇڪ پاتو اٿس.

(٣٢٣)

سر والٽر سڪاٽ جڏهن هڪ گهٽيءَ مان لنگهي رهيو هو تڏهن هڪ فقير کانئس ڇهه پيسون گهريون. هن جي کيسي ۾ ڇهه پيسون مٽيل ڪونه هيون تنهنڪري ان کي هڪ شلنگ ڏنائين. سر والٽر سڪاٽ مشڪندي چيس، ”ياد رک! منهنجون تو ڏي ڇهه پيسون آهيون.“ ”ضرور، ضرور،“ فقير وراڻيو، ”شال ايشور اوهانکي ايڏي وڏي آورجا بخشي جيسين مان اهي موٽائي سگهان.“

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

نقاش - هڪ ڪتو چٽي رهيو آهيان جو هڏا کائي رهيو آهي.

نقط چين - اهو ته دلچسپ چٽ چٽيو! پر هڏا ڪٿي آهن؟

نقاش - هڏا ته سڀ ڪتو کائي ويو آهي نه!

نقط چين - پلا ڪتو ڪٿي آهي؟

نقاش - ڀائي! ڪتي سڀ هڏا کائي ختم ڪيا پوءِ ٻيهي ڇو رهندو. هلتو رهيو. تنهنجي لاءِ وهي ڇا؟

(٣٢٠)

ننڍڙو ڇوڪر - بابا! اڪيون بند ڪري توهين پنهنجو نالو لکي سگهندا آهيو؟

پيءُ - هائو! ڇو. پاڻ لکي سگهندس.

ننڍڙو ڇوڪر - وٺو بابا! هيءُ قلم اٿو. مهرباني ڪري اکيون بند ڪري منهنجو رپورٽ ڪارڊ صحيح ڪندا؟

بهرين ۽ پوءِ (٤٢١)

جارڊن جي اڳئين بادشاهه عبدالله جي مذاقي طبيعت بابت هڪڙي دلچسپ ڳالهه پڌي آهي. پنهنجي محل ۾ هڪڙي ڀيرو شاهي ماڻهوءَ جي قد جيڏيون آرسيون رکائي ڇڏيون هيائين. هڪڙيءَ ۾

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

پنهنجي ۽ هوشيار هو سو چيائين. جڏهن اوهان
مني آرڊر ڪندا آهيو ته روپيه ڏيندا آهيو ۽ پوءِ ڪي
پوءِ ۽ اهي پهچي ٿا وڃن.
مون چيو- انهن روپين جي رسيد ته ايندي آهي.
هن جي رسيد ڪٿي آهي؟

(٣١٨)

ڪافي سوچ ويچار پڄاڻا مون دوڪاندار کي چيو،
”چڱو تنهنجيءَ ڳالهه تي اعتبار ڪري مان توکي هن
چمپل جا ٥ روپيه ڏيان ٿو.
انهن چئي مون هنکي ٥ روپيه ڏناءِ ۽ چمپل کڻي
رمندو رهيس. پاسي واري دوڪان کان پڇڻ تي
معلوم ٿيو ته اهڙوئي چمپل ساڍي ۴ روپيه ۾ ملي ٿو.
مونکي ڏاڍو غصو آيو. مان انهيءَ دوڪان تي ويس
جتان مون چمپل ورتو هئو ۽ دوڪاندار کي چيم ته
پاسي وارو دوڪاندار اهڙوئي ساڳيو چمپل ساڍي ۴
روپئي ۾ ڏئي ٿو. تو ٥ روپئي ۾ ڏنو آهي اهو
آهي تنهنجو اعتبار؟ منهنجو اعتبار! دوڪاندار
ٺڏائيءَ سان چيو. ”مونتي توهان اعتبار ڪيو ڪٿي؟“
جيڪڏهن ڪيو هجيو ها ته پاسي واري کان پڇڻ جي
ضرورت ئي ڪهڙي هئي؟

(٣١٩)

نقط چين - ياڻي نقاش! ڪهڙو چٽ ٿو چٽين؟

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٣١٤)

شاگرد - سائين "I do not know" جي معنيٰ ؟

اُستاد - "مونکي خبر ناهي"

شاگرد - سائين "بي-اي" تڏهن وري ڪيئن پاس ڪئي اٿو.

(٣١٥)

پٽ - امان! تون ڪپڙن کي صابڻ هڻي مٿان ڌڪ ڇو هڻندي آهين؟

ماءُ - پٽ، اِنهيءَ لاءِ تہ وڌيڪ صاف ٿئي.

پٽ - امان! تڏهن تہ مونکي بہ صابڻ هڻي ڌڪ هڻ تہ مان بہ وڌيڪ صاف ٿيان.

(٣١٦)

موهن - اڙي! تون بوٽ کي پالش ڇو ٿيو ڪرين؟

رميش - جئن چمڪ اچي.

موهن - پوءِ تہ تون پنهنجي منهن تي بہ لڳاءِ تہ چمڪ اچي.

(٣١٧)

راماڻي جي ڪٿا ختم ٿيڻ تي پنڊتجيءَ سان سوالن تي چرچا ٿيڻ لڳي.

هڪ صاحب چيو:- پنڊتجي! اهو ڪئن ٿو ٿئي سگهي تہ پنڊتجي روئي کائي اسانجي سامهون ۽ اها پهچي وڃي اسانجي پترن کي؟

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٣١١)

دفتر جو هڪڙو انگريز عملدار هوندو هئو ۽ هندي ۾ ڄاڻندو هئو. هن وٽ ٻه چپراسي هوندا هئا جنکي شڪ هئو تہ صاحب هندي نٿو سمجهي. هڪڙي ڏينهن هڪڙي چپراسي جنهنجو نالو ماڌو هئو تنهنجو سهرو مري ويو سو ويو هليو موڪل وٺي. صاحب اچڻ شرط ٻئي چپراسيءَ ڪشني کان پڇيو تہ ماڌو ڪٿي آهي. ڪشني ٺٺوليءَ سان جواب ڏنو، حضور ماڌو جي ميم صاحب جو فادر مري ويو آهي.

(٣١٢)

مسافر (ٻگڙي) - مهاشيہ جي. اوهان تہ پنهنجي اشتهار ۾ ڄاڻايو آهي تہ اسٽيشن کان هوٽيل تائين فقط پندرهن منٽن جو رستو آهي. ۽ مونکي تہ ڀڄڻ ۾ سڄو ڪلاڪ لڳي ويو.

هوٽيل مئنيجر- جناب اوهين تہ ٻہ پير پري ڏسندا وائسندا آيا هوندا. اسان موٽر جي رفتار جو حساب ڪري اهڙيءَ طرح اشتهار ڇپايو آهي.

(٣١٣)

ماستر - ماڪ ڇو پوندي آهي.

موهن - سائين جڏهن ڌرتي سج جي چوگرد هلي ٿڪجي پوندي آهي تہ پگهر نڪرندو اٿس تڏهن ماڪ ٿي پوندي آهي.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

پيٽ لي چڙهيو، سياڻي ڪو هاڻي ۽ چڙهي سگهيتو.
هيڪر رستو نہ ڪلي ويو نہ!

(٣٠٨)

ماستر - اڙي موهن! تــون مونکي ٻيوقوف ٿو ٻڌائين مون هيترا سال حجامت ڪئي يا ماستري؟

موهن - سائين، مان رڳو توهان وٽ ٿــي ڪين پڙهيو آهيان پر مونکي ڪهڙي خبر تہ توهان ڪيترا سال ماستري ڪئي آهي ۽ ڪيترا سال حجامت.

(٣٠٩)

ماستر (ڪشن کي) - ڪشن! تون ڪٿي سمجهہ نہ ٿوڪي هڪ سال جو ڪم هڪ ڏينهن ۾ ڪرڻو هجي تہ تون ڇا ڪرين؟

ڪشن - سائين! ڪئليبڊر جــا سڀ پنا ڦــاڙي ڇڏيان!

(٣١٠)

موهن - مون ڪچو انب ڪٽڪ ۾ وڌو آهي گهڻن ڏينهن ۾ پچي ويندو؟

گلاب - ڪٽڪ ۾ ڏهہ سان پچندو. ٻــسان سياڻي أن مان ڪجهي ٻٽي هيڏ رکندس جئي تمام جلد پچي ويندو.

موهن - ڪٿي؟

گلاب - پنهنجي پيٽ ۾.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٣٠٥)

پٽ - (ماءُ کي) امان مون رات سپني ۾ ڏٺو
آهي تہ تو مونکي روپيو خرچي ڏنو آهي.
ماءُ - پٽ! تون سچو آهين هاڻي تون مونکان ۴
ڏينهن ساندهہ ڪجهہ نہ گهرجانءِ.

(٣٠٦)

گراهڪ - مون ننڍڙي پٽ کي موڪلي توکان
هڪ سير مٺائي گهرائي. گهر ۾ تورائيسين تہ فقط ٣ پاءُ
تور نڪتي.
حلوائي - مون تہ صحيح تور ڪئي هئي. غلطي
اوهانجي آهي. ننڍڙي کي بہ مٺائيءَ سان گڏ توريو
هو.

(٣٠٧)

هڪڙو سيٺ ڪاٽي پٺي ڏينهن جو ليٽيو پيو هئو ۽
اکہ لڳي ويئي هيس. ايتري ۾ هڪڙي ماڪوڙي
سندس پيٽ تي چڙهي آئي. سيٺ ڪئي رڙ جا
ٻڌي گهر ماڻهو ڊوڙي آيا ۽ پڇيائونس تہ ڇا ٿيو.
انهيءَ گوڙ تي حويليءَ جا ماڻهو بہ گڏ ٿي ويا ۽
سيٺ جي پريشانيءَ بابت پڇا ڪيائون. سيٺ چيو تہ
هڪڙي ماڪوڙي سا ڏسونٿا پيو ڇا آهي. سيٺ
وراڻيو واهہ ڀائي صاحبو! اوهان لاءِ اها ڪا ڪينهي
مونکي وڏو خوف ورائي ويو آهي تہ اڄ اها ماڪوڙي

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٣٠١)

ڏيڍر - ڀاڀي ڏس تہ گڏھ کي ويندو ڏسي ڪڪو اُنجي پٺيءَ تي چڙھڻ لاءِ ڪئن نہ ٿو ٿنڪي.

ڀاڀي - ڏيڍر م، اوھين ڪٿي ھڪي پٺيءَ تي وھاري دل پوري ڪريوس.

(٣٠٢)

ھڪڙو مٺارو زميندار ھاٿيءَ تي سوار ٿي سير ڪرڻ پئي ويو. ھڪڙي ڇوڪري لنگھندي پيءُ کان پڇيو تہ باباجي! ھيءُ ڪير آھي. پيس چيو تہ ھيءُ ھاٿي آھي. پٽس ٿو پڇيس پر باباجي ھاٿي ڪھڙو آھي مٿيون يا ھيٺيون ؟

(٣٠٣)

پيءُ - پٽ، رام ڪير ھئو؟

پٽ - الاجي. پتو ڪونھيم!

پيءُ - گڏھ ڪنھين جاءِ جو! اھو بہ نٿو اچيئي! مھاڀارت ڪٿي اچ تہ مان ٿو ڳولي ڏيانءِ.

(٣٠٤)

ماستر - اڙي ڪمبخت! ڪيڏانھن ٿو ڀڄندو وڃين؟ منھنجي ناس جي ڏٻليءَ ۾ مرچ وجھي ھاڻي ٿو ڀڄين!

وديارٿي - ماستر صاحب! اليئي آھيان. اوھان ئي چوندا آھيو تہ ڏنبي سان ھر چيز کي نيڪ ڪبو آھي. تہ پوءِ منھنجي ڇڪن کي ڇو ڪين ڏنبي سان نيڪ ڪيوَءِ

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٢٩٧)

ماستر (جاميٽري ڪلاس ۾) - ڪير گول (سرڪل) جي وصف ٻڌائيندو؟

هڪڙو ڇوڪرو - سائين سرڪل هڪ سڌي ليڪ آهي جنهنکي وچ ۾ ٽنگ ٿو ڏئي.

(٢٩٨)

ماءُ - پٽ، رئين ڇو ٿو؟

پٽ - امين، ڇاڪاڻ ته سانت ڪرڻ لاءِ تون هميشه ڪا نه ڪا مٺائي ڏيندي آهين.

(٢٩٩)

ماستر - رام، روز روز تون سڪندو ڏٻرو ٿيندو ٿو وڃين. ڇا سبب آهي؟ گهٽ ٿو کائين يا ڇا؟

رام - سائين! امين مونکي گوهي گوهي کارائيندي آهي!

ماستر - ڇو تنهنجي ٻين اسڪولي سنگتين کي مائر ڪينهن! گوهه! توکي ماءُ ڪين آهي؟

رام - هائو سائين! پر هنکي شايد مائٽي جي ماءُ آهي.

ڳوٺ جي پنچات (٣٠٠)

سنڌ جي ڳوٺ ۾ هڪ لنگا پنچايت مڙي. مکي ڦندومل مٿي گديءَ تي اچي ويٺو. پاسي ۾ ٽوپڻ مل ٽيڏڻ مل هيمن مل ٻمن مل، واڌو مرچو ۽ ٿڌو وغيره

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڪشن – سائين! جڏهن گهر ۾ ماءُ نہ هجي.

(٢٩٣)

ڀوڙو – دوستو، مان گاڏيءَ جي انجڻ جو آواز پيو ٻڌان.

انڌو – هائو يارو، مان پاڻ گاڏيءَ کي تمام تيزيءَ سان ايندو پيو ڏسان.

لنگڙو – نہ هاڻي اسانکي ڀڄڻ گهرجي نہ تہ ڀڄي نہ سگهنداسين.

(٢٩٤)

ماستر – رام! جيڪڏهن ٿڌ پوي تہ ڇا ٿيندو؟

رام – سائين! برف سستي ٿيندي.

(٢٩٥)

ڪشن – اڙي گوپال اُٺ کي پيرن کان ڇو وٺين؟

گوپال – مان پيري ٿو پوانس.

ڪشن – ڇو؟

گوپال – ماستر چيو تہ صبح صبح وڏن کي پيري پئجي.

(٢٩٦)

چاچي – سشيلا! پرارٿنا وقت اکيون کولڻ نہ کپن.

پائٽي – توکي ڪيئن خبر پيئي تہ مون اکيون کوليون، چاچي!

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

انهيءَ جو پنج سوَ روپيه عيوضو ڀري ڏي نه ته ڪورٽ ۾ ڪيس چالان ڪندس ويچاري ڇڳي مڙس پنهنجي عزت بچائڻ لاءِ پنج سوَ روپيا ڀري ڏنا! حق ۾ چوندا آهن ته ڪامورن جو مڙدو به نه لتاڙجي.

(٢٩٠)

ٻه آلسي هڪڙي انب جي وڻ هيٺ سمهيا پيا هئا. ايتري ۾ هڪڙي آلسيءَ جي ڇاتيءَ تي اچي انب ڪريو. هڪڙو گهوڙي سوار اچي اتاهون لنگهائو ٿيو جنهنکي اُن آلسيءَ سڏ ڪري چيو ته مهرباني ڪري اهو انب منهنجي وات ۾ نچوڙي وجهه.

سوار اُن ڏٺس ته تون ته ڪو وڏو آلسي آهين. تڏهن ٻئي آلسيءَ شامل ٿي چيو ته بيشڪ سچ ٿا چئو. هي برابر هڪ خوفناڪ آلسي آهي جو اڄين سڄي رات ڪنهن ڪتي منهنجو منهن پئي چٽيو ۽ مون هنکي چيو ته ڪتي کي هڪلي ڪڍ پر ڪو نه اٿيو.

(٢٩١)

ماستر - پڳوان، اٿي هن سٽ جو ترجمو ڪر.
"مان هر روز لسيءَ جو گلاس پيئندو آهيان"

پڳوان - سائين، لسي پيئو توهان ترجمو ڪريان مان!

(٢٩٢)

ماستر - (ڪشن کي) ڪشن لڏون ڪاٽڻ جو سٺو وقت ڪهڙو؟

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڪرشن - نه ٻلي جڏهن ٻونگڙا ڏيندي نه اُنهڪي سوئيٽر ٻيل هوندو.

(٢٨٨)

ماستر - (پاڙهيندي) اڄ ڪلهه پرديءَ جو رواج لهي ويو.

هڪ شاگرد - نه سائين! پرديءَ جو رواج تہ پاڻ وڌي ويو آهي. اسانجي گهر ۾ نہ ڏون ڏرين کي ٻه پردا لڳل آهن.

(٢٨٩)

ڪامورن جي رشوت ۽ پيسن ڪمائڻ جون ڳالهيون گهڻيئي ٻڌيون هونديون. هر هڪ ڳالهه ٻه ٻڌي وٺو.

هڪڙي ڪامورِي پنهنجي دوست کي چيو: "جنهن وقت مان هن فاني دنيا مان چالاڻو ڪريان تنهن وقت تون منهنجي پٺيءَ تي ٻه ڪلا ڪوڙج جو مون هن دنيا ۾ ڏاڍا پاپ ڪيا آهن." هوڏانهن وري پنهنجي زال کي سمجهايائين ته "جنهن وقت مان مرندس تنهن وقت منهنجو دوست لاش تي ٻه ڪلا ڪوڙيندو، جنهن وقت هو ڪلا هڻي تنهن وقت نڪو ڪڇج نڪو پڇج، پر پوءِ وٺي هاءِ گهوڙا ڪج."

جنهن وقت ڪامورو مئو، تنهن وقت سندس دوست هن جي پٺيءَ ۾ ٻه ڪلا ڪوڙيا. تُوري وقت ڪان پوءِ ڪاموري جي زال وٺي هاءِ گهوڙا مچائي تہ مونکي

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(۲۸۴)

ريڍار - ساءِ! اوهان منهنجي ڌڻ جــون مڙئي رڍون ڳڻي ورتيون ڪين نه؟

ڏاهيل ڪامورو - هائو بلڪل! جملي ۴۵۰ آهن.

ريڍار - نهايت حيرانيءَ جي ڳالهه آهــي! ســاءِ! ايترو جلدي ڪيئن ڳڻي سگهيؤ؟

ڪامورو - جوان بلڪل سولو ڪم آهي. پهرين تـه رڍن جون جمليون ٽنگون ڳڻي ويس ۽ اُن انگ کي چئن سان ڪري ونڊ ڪيم.

(۲۸۵)

سيٺ (نوڪر کي) ڏس، جي تون چڱيءَ طرح ڪم نه ڪندين ته لاچار مونکي ٻيو نوڪر رکڻو پوندو.

نوڪر - پوءِ تــه، ساءِ پاڻ چڱو. ٻئي ڄڻا گڏجي جلدي ڪم پورو ڪري ڇڏينداسين.

ٻه ٻوڙا

(۲۸۶)

پهرين - اڙي دوست بازار ٿو وڃين ڇا؟

ٻيو - نه، مان ته بازار وڃي رهيو آهيان.

پهرين - هان، مون سمجهيو تــه بازار وڃي رهيو آهين.

(۲۸۷)

رام - ڪلهه ٻلي سوئيٽر مڙهڻ جي پشم جــو ٻرو کائي ويئي.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

وانھرو- اڙي! تنھنجي تہ ھڪ اک سلامت آھي.
فقير- تہ سائين ٨ آنہ ئي ڪريو.

(٢٨١)

حساب وارو ماستر- ھيرا! تمام جڏي ۾ جڏو چوڪر ۾ پاس ٿي ويندو ۽ پڪ اٿم تہ تون ڪين ٿيندين.
ھيرو- ۽ سائين! ڪلاس ۾ جڏي ۾ جڏو تہ مان آھيان.

(٢٨٢)

ھڪڙو اڌ چريو ماڻھو ويو کوھہ تي سنان ڪرڻ. کوھہ جي ڀڳہ تي پنھنجي ڏوتي رکي ويٺو سنان ڪرڻ. ايو جو ھوا جو جھٽڪو سو ڏوتي وڃي کوھہ ۾ پيئي. ماڻھوءَ خوشيءَ ۾ رڙ ڪري چيو شڪر ۽ ماٺما جو، جو ڏوتي منھنجي ڪلھي تي نہ ھئي نہ تہ آءُ ۾ ھوند کوھہ ۾ وڃي پوان ھا."

(٢٨٣)

ھڪڙو سکر ماڻھو- ھفتي جا ڇھہ ڏينھن تون ڇا ڪندو آھين؟
ھڪڙو اڌ چريو- ساءِ! ڪريان ڇا. خالي ويٺو ھوندو آھيان.
سکر ماڻھو- ڀلا آرتوار ڏينھن ڇا ڪندو آھين؟
اڌ چريو- اھو ڏينھن موڪل ملھائيندو آھيان.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٢٧٦)

جج - پڪ اٿئي ته هي ئي ماڻهو آهي جنهن تنهنجي سائيڪل چورائي آهي؟

فريادي - هون! ته پڪ هيم پر هاڻي جڏهانڪر اوهان منهنجي آڏي پڇا ڪرائي آهي تڏهانڪر شڪ پيدا ٿيو اٿم ته مونکي به ڪا پنهنجي سائيڪل هئي يا نه.

(٢٧٧)

هڪ نوڪر:- منهنجو مالڪ تمام سٺو ماڻهو آهي؛ ڪيترو به ڪٺي ڪم جي پٺيان ڏينهن لڳايان تڏهن به ويچارو ڪجهه ڪونه چوي.

ٻيو نوڪر:- اڙي يار! منهنجو مالڪ ته تنهنجي مالڪ کان صد ڀار سٺو آهي. اڄ صبوح جو ونس ويس ته چوڻ لڳو، "مون وٽ هيٺئين ڪم ڪونهي. توکي هميشه لاءِ موڪل آهي، وڃي گهر ڦر...!"

(٢٧٨)

ماءُ - پٽ چئني ته پڙهي ٻڌاءِ؟

پٽ - اَمان اسان اسڪول ۾ ڪتاب پڙهندا آهيون ۽ نه چئني.

(٢٧٩)

فقير - سائين ايشور جي واسطي مونکي فقط هڪ روپيه ڏيو جو مان اندو آهيان ڪمائي نٿو سگهان.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

[illegible]

اهڙا ته بي شرما آهن جو پاڻ کپهه ته ڪاٽن پر پنهنجن
ڏاڙهين کي به ڪارائين."

مهاڻ کپهه جا چور، دعوت تي آيل هئا شڪ
پين نه متان اسان جي ڏاڙهين ۾ ڪپهه رهجي وئي
هجي سو وٺي ڏاڙهين کي ڇنڊ پائون. بس، زميندار
ٽپو ڏيئي ڪري کين گرفتار ڪيو.

(٢٧٢)

وڪيل - پر اها ڳالهه توکي ياد آهي ته ڪورٽ ۾
بلڪل گهٽ ڳالهائڻو آهي. هڪ سوال جو هڪ ئي
جواب ڏج.

اصيل - ها سائين، بلڪل چڱيءَ طرح ياد اٿم.

وڪيل - چڱو، وڪالت جي في، نڪلين جو خرچ
۽ گاڏيءَ جو ڀاڙو ڏي.

اصيل - ڀلا انهن ٽن سوالن جو هڪ جواب ڪيئن
ڏيندو؟

(٢٧٣)

ڊاڪٽر - جوتشي اڳئين زماني ۾ ماڻهو سؤ سؤ ورهيه
جو جيئندا هوا. هاڻي عمر ڇو ننڍي ٿيندي وئي آهي.

جوتشي - ڪارڻ جو اڳئين زماني ۾ ڊاڪٽر هوندا
ئي ڪين هئا.

(٢٧٤)

هڪ واهه تي موريءَ جو ڪم ٿيي هليو. ڪنهن

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٢٦٩)

ماستر - ڇوڪرا - ڪهڙا ٻـي لفظ گهڻو ڪري ڪم آڻيندا آهن؟

رام - مونکي خبر ڪانهي.

ماستر - بلڪل ٺيڪ!

(٢٧٠)

هڪڙو راڳيندڙ ڪنهن رئيس وٽ ڳائڻ ويو. جڏهن ڳائي چڪو تڏهن رئيس کان انعام گهريائين. رئيس ڏاڙهيءَ تي هٿ ڦيري چيو "ڳائي منهنجو اهو دستور آهي ته جيترا وار هٿ ۾ اچي وڃن اوترا روپيا انعام ڏيندو آهيان. مگر تون اهڙو بدنصيب آهين جو هڪ به وار هٿ ۾ ڪين آيو آهي." راڳيندڙ چيو ته ڏاڙهي حضور جي، هٿ به سندس ته، پوءِ منهنجو نصيب ڪٿي کلندو؟ پر جي هن بندي جو هٿ هجي ته پوءِ ڏسجي ته وار هٿ ۾ اچن ٿا يا نه ۽ منهنجو نصيب چڱو آهي يا خراب.

(٢٧١)

ڳوٺ جي زميندار جي فصل جي سڀ ڪڻڪ رات جو چور چورائي ويا. تلاش ڪئي ويئي ليڪن پتو ندارد. سياڻي زميندار چورن کي ڳولڻ جي ترتيب ڪري ساري ڳوٺ کي دعوت ڏني ۽ انهي منهنجي ڪڻڪ جي چوريءَ جي ڳالهه ڪندي چيو ته "چور

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

هڪ، ماڻهن جون شڪليون، ٻيو سندن نالا ۽
نيون ......

ڪشن - نيون ڇا؟

گوپال - نيون وسري ويون.

(٢٦٦)

دوڪاندار - توکي نوڪر رکي. چڱو ٻڌاءِ ته ڪوڙ ڳالهائيندو آهين؟

ڇوڪر - ڳالهائيندو ته ڪين آهيان پر سکي ويندس.

(٢٦٧)

ڊاڪٽر - تون مون کان اڳ ڪنهن ڊاڪٽر وٽ ويو هئين ڇا؟

مريض - نه سائين، مان ته پساريءَ وٽ دوا وٺڻ ويس.

ڊاڪٽر - پساريءَ وٽ! اهو تو ڏيکاري ٿو، ڪن ماڻهن ۾ ڪيترو نه ڪم عقل آهي!! ٻڌاءِ ڪر خبر هن ڪهڙو ڇريائپ جو ڏس ڏنو؟

مريض - سائين هن توهانجو ڏس ڏنو!

(٢٦٨)

ماستر - ڇوڪرا تون اڪثر ڪري بيوقوفن جي ڳالهه تي اعتبار ڪندو آهين.

ڇوڪر - سائين مان توهان کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي ڳالهه تي اعتبار ئي ڪونه ڪندو آهيان.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٢٦١)

ماستر- تهيو هاڻي وڃي رهه وڌيڪ مٿو نه کاءِ.

چوڪر- سائين مان نه وڃڻو آهيان!

(٢٦٢)

ماستريـاڻي - ڪملا، ڪلاس ۾ هميشهه شانتيءَ (صبر) سان وهندي ڪر.

ڪملا- دادي، مان شانتيءَ سان اصل نه وهندس. هوءَ مونکي هميشهه پيٽي ماري.

(٢٦٣)

استاد- اڄ هي ڪلاس آهي ڪين مڇي مارڪيٽ!

ٺاڪر- سائين مڇي مارڪيٽ ناهي ته- چوڪرن چوڪرين جو مارڪيٽ نه آهي.

(٢٦٤)

گهنشام- دادا، سڀاڻي منهنجي جنم جو ڏينهن آهي. اسڪول بند ٿيندو نه؟

دادا- تنهنجي جنم دن هجڻ تي اسڪول ڇو بند ٿئي؟

گهنشام- بادشاهه جي جنم ڏينهن سڪول بند ڪونه ٿيو هو.

(٢٦٥)

گوپال- مونکان ٿي ڳالهيون هميشهه وسريو وڃن.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

هلڻين ۽

ٻيءُ- تو ۾ ڏاڍي زور سان مستي ڪئي هوندي؟

پٽ - نہ بابا، مون تہ گوپ جي آهستي چوٽي پڪي هئي .

(٢٥٧)

ٻيءُ - پٽ، باغ مان گلاب جا گل ڇني آئين؟

پٽ- بابا، مونکي وڻ تي چڙهڻ ايندو ئي ڪونهي.

(٢٥٨)

ٻيءُ - تون رئين ٿو، توکان تہ هيري کي بخار سخت آيو هو.

پٽ - بابا، مونکي پلا ونڪيشن ۾ آيو آهي، هيري کي تہ آيو هو ننڍهن سڪول کليل هو تہ.

(٢٥٩)

رامو- منهنجو پيءُ تہ سپاهي آهي، پر تنهنجو پيءُ ڇا ڪندو آهي؟

شامون - جيڪي امان چوندي ائس.

(٢٦٠)

نانڪ - انسان لاء سڀ کان ڪمائتو جانور ڪهڙو آهي؟

رام - ڪڪڙ.

نانڪ - ڪڪڙ! اڙي سو ڪيئن؟

رام - ماڻهو ڪڪڙ کي سندس جمڻ کان بہ کائين ۽ مرڻ کان پوءِ بہ کائين!

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

لعل - ها. (الي پريم اچي ٿو).
پوپٽي - مونکي نه ڏسڻ ۾ ٿي ننڍو اچي.
لعل - او، هو اچي رهيو آهي.
پوپٽي - اڙي اهو نه. مان پريم يعني محبت، ميلاپ
ٿي پڇان.

(٢٥٣)

هڪڙي سپهه سالار پنهنجي فوج کي دعوت ڏني
۽ چيائين ته :-
"ڪاڏي ٿي اٿين ڪڙڪو جهٽڪ دشمن آهيوس.
رحم مٿان ڪريوس." مجلس پوري ٿيڻ وقت هڪڙو
سولجر شراب جون ٻه باٽليون کڻي هلڻ لڳو. ڪنهن
پڇيس ته "هي ڇا ٿو ڪرين؟" ته ٿو سولجر جواب ڏني
ته :- "مان دشمن کي قيد ڪري ٿو وڃان."

(٢٥٤)

گلاب - ڪيئن ڀائي، هي گلاب جا گل آهن نه؟
مالهي - نه ميونسپالٽيءَ جا آهن.

(٢٥٥)

مريض - سائين، مان توهانجو ٿورو ڪيئن لاهي
سگهندس.
ڊاڪٽر - روڪڙ سان، نوٽن سان يا چيڪ سان.

(٢٥٦)

پٽ - بابا، اڄ ماستر مونکي ڏاڍي زور سان چماٽ

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٢٤٩)

هر ڪشن- توکي خبر آهي تہ منهنجو سنگتي شاعر جيڪي چاهي سو لکي سگهي ٿو.

شيوڪ- تہ مهرباني ڪري هن کان هڪ سؤ روپين جو چيڪ تہ لکائي ڏي.

(٢٥٠)

هڪڙي ڪنجوس کي سندس دوست چيو، يار! اهڙا اليٽن جهڙا ڪپڙا ڇو ٿو پائين. تنهنجو پيءُ تہ تمام سنا ڪپڙا پائيندو هو. ڪنجوس تنهنجي خوش ٿي چيس تہ هيءُ ڪپڙا جيڪي مونکي ڏسين ٿو سي منهنجي پيءُ جا ئي تہ آهن!

(٢٥١)

ڪراچيءَ جي گاڏيءَ واري پنهنجي گاڏيءَ ۾ مٿل سهو ڏٺو. اجان ڪٿي قنو ڪرڻ ٿي هو تہ هڪ پوليس وارو اچي نڪتو.

گاڏيءَ وارو- جناب! هيءُ سهو ڪو ماڻهو منهنجي گاڏيءَ ۾ قنو ڪري ويو آهي.

پوليس وارو- هنکي مون سان گڏ ٿاڻي تي ڪٺي هل، جيڪڏهن ڇهن مهنن جي اندر مالڪ آيو تہ واهہ، نہ تہ هيءُ تنهنجو مال ٿيندو.

(٢٥٢)

پوپٽي- لعل لوهاڻي سڪول ۾ ٻرپر آهي ؟

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

گهٽو ڪم ايندي. پر هو ننڍڙو ٻڪڙ پڇر ڇو ٿو ڇڏي.
تڏهن پيٽس ڪيس رهڻ ڏيڻ لڳي. پاڻڙا، پـلا پنهنجي سليٽ تي لکندا سين. هڪڙي پاسي مان ۽ پنهنجي پاسي تون. بس اهو نه قبول اٿيئي؟ پر سليٽ رکندس مان پاڻ وٽ تون مٿان پڇي ڇڏ پن!

(٢٤٧)

ماستر - اڙي گوپال! ڪن کي هٿ ڇـو ڏيئي ويٺو آهين؟

گوپال - سائين، توهان ڪالهه ڪين چيو هـو ته "هڪڙي ڪن کان ڳالهه ٻڌي ٻئي ڪن کان ڪڍي ڇڏ پن." انهيءَ ڪري ٿي ته ڪن کـي هٿ ڏيئي ويٺو آهيان، جو جيئن جيڪا به ڳالهه ٻڌان تـه ٻئي ڪن کان نڪري نه وڃي.

(٢٤٨)

هڪ ڇوڪريءَ کـي ماستر پاڻيءَ چيو ته تـون انگريـزيءَ ۾ آهين ڇت گهر ۾ محنت ڪر. هيٺيون نڪر ڏنائيس تـه انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري اچ:
"مڙس ماڻهو ٿي. ڪڙي لهاءِ ته تنهنجو ڪم راس ٿئي."

ويچاريءَ ڇوڪريءَ ڪشمري ڪٽي ويٺي ترجمو ڪري لکيائين:-

Be Husband man! Heet your heal and your work will be cape!!

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

جي گتي ۾ ويندو ڏٺو. خيال ڪيائين ته اليٽي روڪي
سمجهايانس. پنڊت سڏ ڪيس ۽ منشي سڏ ٻڌندي
ئي گتي ۾ گهڙي ويو. پنڊت ٻاهر ترسي بيٺو. جڏهن
منشي شراب پي نڪتو تڏهن پنڊت چيس واه ڀائي واه
مون توکي سڏ ڪيو ته جواب ڪونه ڏنئه. منشي چيو ڇا
ڪريان پنڊت، مون وٽ ايترا پئسا هئا ئي ڪين جو
اوهان کي به شراب پياري سگهان. هي دفعو ته ڇڏيو ٻي
ٻئي دفعي ضرور توهان کي پياريندس.

(٢٤٤)

سهڻو - مولا ڏس تون آئين ته ڇوڪ پٽجي ويئي.
مولو - دلجاءِ ڪر. مڪو هندوستان ته لهي ويندءِ.

(٢٤٥)

ماستر - سندر ١ ڀاڳي ٢٠ جو مطلب ڇا آهي؟
سندر - سائين، نه ٿو اچي.
ماستر - چڱو ٻڌ. جيڪڏهن تو وٽ هڪ سير حلوو
هجي ۽ ويهه ستگتي اچن ته پوءِ جيڪر ڪئن ورهائين.
سندر - (ڪجهه وقت ويچار ڪري) جڏهن سڀ
ستگتي هليا ويندا تڏهن مزي ۾ ويهي کائيندس.

(٢٤٦)

سليٽ ته گهر ۾ آئي ۽ ٻار هئا ته سي اچي پاڻ ۾
وڙهيا. ڀاءُ چوي، مان ڇوڪرو آهيان، سو سليٽ مان
ڪٽان؛ ڀيڻ چوي تہ مان وڏي آهيان سليٽ مونکي

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

هيٺان ايندو هوندو ؟

(٢٤٠)

نانڪ - يار! تيل تمام ڪوڙو آهي .

رام - ته پوءِ ڇو ٿو ڪرين؟ ڪٿي ٿوري کنڊ وجهه نه مٺو ٿي پوي.

(٢٤١)

ڪشن - (گارڊ کي) سائين هيءَ گاڏي رستي تي ٽڪرندي ته ڪانه ؟

گارڊ - نه . پر توهين ڊڄو ڇو ٿا ؟

ڪشن - گاڏيءَ ۾ رکيا آهن منهنجا ڪڪڙ جا آنا، ته پوءِ اٿم ته متان گاڏي ٽڪرجي ڪري ڀڄي نه پون!

(٢٤٢)

هيڊ ماسٽر آفيس ۾ ويٺو هو . ڪنهن ٽيليفون تي چيو "منهنجو پٽ بيمار ٿي پيو آهي سو اڄ سڪول ۾ ڪونه ايندو."

هيڊ ماسٽر پڇيو ته ڪير ڳالهائي رهيو آهي ؟

جواب آيو:- "منهنجو پيءُ".

(٢٤٣)

منشي ميوارام بيحد شراب پيئندو هو. هن جي ڳالهه پنڊت کي ويتي ڪئي ته منشيءَ کي ڪو اهڙو اپديش ڏيو جو شراب جي علت ڇڏي ڏي پنڊت قبول ڪيو. هڪ ڏينهن پنڊت منشيءَ کي شراب

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

پٽ - بابا، ٧ آنا خرچيم ١٩٣٩ ۾، ٥ آنا ١٩٤٠ ۾ ۽ باقي ٤ آنا ١٩٤١ ۾.

(٢٣٦)

ڊاڪٽر - ڪيئن هينئر نه زبان ٺهي وئي نه؟ چڱو پلا ٽي دفعا نوانوي چئي ڏيکار.

بيمار - ٢٩٧.

(٢٣٧)

موٽر وارو - هيءَ ڏاڍي عجيب موٽر آهي. لوهاڻڪي ڇيڪر وٺهن منٽن ۾ ملير پهچائي.

خريدار - اها نه سٺي ڳالهه نه آهي.

موٽر وارو - ڇو؟

خريدار - مونکي ملير ۾ نه ڪير نه سڃاڻي.

(٢٣٨)

شاگرد - سائين، جنهن ڪم ڪيوئي نه هجي، ته انکي سزا ملڻ گهرجي؟

استاد - نه بلڪل نه.

شاگرد - ته مون سائين، الجبرا جا حساب نه ڪيا آهن.

(٢٣٩)

راماڻي سيکارڻ مهل پنڊت ڇوڪرن کي چيو: "برهما کي چار منهن هئا." هڪ ڇوڪري چيو ته، پوءِ سائين، سمهڻ مهل برهما جو هڪ نڪ ته ضرور

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

[illegible]

(٢٢٧)

ماستر - نانڪ، نقشي ۾ امريڪا ڏيکار. (نانڪ ڏيکاري ٿو)

ماستر - ڪشن، امريڪا ڪنهن ڳولي لڌي؟

ڪشن - نانڪ.

(٢٢٨)

نانڪ - سنڌ اسيمبليءَ جو ڪهڙو ميمبر وڏي ۾ وڏو پٽڪو پائيندو آهي؟

ٺاڪر - جنهنجو مٿو وڏي ۾ وڏو آهي.

(٢٢٩)

ماستر - نيلسن پنهنجي حياتي ڪهڙيءَ جنگ ۾ وڃائي؟

ليکراج - پوئينءَ جنگ ۾.

(٢٣٠)

ماستر - ناري، هاٿي ڪٿي لڀندو آهي؟

ناري - سائين، ايڏو وڏو جانور ڪيئن وڃائجي پوندو.

(٢٣١)

نارائڻ - لال، وقت ڏسي اچ ته گهڙيال ناهيون.

لال - (وقت ڏسي اچي ٿو) نون ۾ ڏهه منٽ.

نارائڻ - پنڌ جا پنج منٽ ليکيا اٿيئي؟

لال - تڏهن ٻوڪ سمجهيو اٿيئي ڇا؟ گهڙيال ۾

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٢٢٢)

گوپال - تنهنجو پيءُ ڪيڏانهن ويو آهي ؟

هيرو - آفيس.

گوپال - ڪهڙي آفيس ؟

هيرو - جتي نوڪري ڪندو آهي.

(٢٢٣)

پيءُ - ڪيئن ٻچا ، آرام ڪيئہ ؟

پٽ - بابا مونکي ڪهڙي خبر مان تہ ننڊ ۾ هوس.

(٢٢٤)

ماستر - اسين پنهنجي ٻوليءَ کي مادري ٻولي ڇو چوندا آهيون ؟

درگا - ڇاڪاڻ تہ پيئر اها ٻولي ورلي ڪم آڻيندا آهن ؟

(٢٢٥)

ماڻهو - ڪون پنهنجي مٽي تي ٻهي سگهند ين ؟

چوڪرو - نہ تمام مٽي آهي.

(٢٢٦)

چاچو - ٻچو ڳٽيءَ ۾ ڇو بيٺو آهين ؟

ننڍڙو پاڻيو - ڪالهہ سڪول ۾ سائينءَ چيو تہ ٻہ ءِ ٻہ ٿيا چار پر اڄ بابا تو چوي تہ ٽي ءِ هڪ ٿيا چار. هاڻي ڪنهن تي اعتبار ڪريان ؟

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٢١٩)

هري - اڳتي مان قسم اصل نہ کڻندس.

لال - ھل ڙي ھل، تنھنجي عادت نہ ويندي.

هري - گروءَ جو قسم، ھيٺئر پڪو فيصلو ڪيو اٿم.

(٢٢٠)

هڪڙا ٽي مورکہ دھليءَ ۾ قطب منار ڏسڻ ويا. هڪڙي ڏسي چيو تہ اڳئين زماني ضرور اھڙا لمبا ماڻھو ھوندا جن ھھڙو اُتاھون منارو ٺاھيو آھي. ٻئي چيو مورکہ ائين نہ ھوندو. پھرئين ھنکي ليٽائي جوڙي راس ڪيو ھوندائون ۽ پوءِ ٿي ڪڙو ڪيو ھوندائونس. ٽئين چيو تہ نہ نہ ائين بہ ڪينھي. پھرين ھيءَ کوھ ھوندو جنھنکي اُلٽائي وڌو اٿن."

(٢٢١)

رام گھران نڪتو تہ رستي تي نانڪ گڏيس. اُنھيءَ ٻنھي ڳالھين ۾ لڳي ويا. ڏھن منٽن کان پوءِ ٿو رام پڇيس:- نانڪ، مان گھر ڏانھن ويس ٿي ڪين اُتان آيس ٿي؟

نانڪ - اُتري ۾ وسري ويئہ. اُتان آئين ڪين ٿي؟

رام - نھيو، نھيو، تہ ڏھن مان ماني کائي آيو آھيان.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ماءُ، زال، ٻي پيءُ ۽ ٻار اٿم.

ديوان - ميان مون تي ته ساڳي مصيبت نازل آهي.

(۲۱۵)

نانڪ - رام ڇا وڃڻو ڪرين؟

رام - ڪجهه به نه.

نانڪ - ڀلا جيوت ڇا وڃڻو ڪري؟

رام - مونکي مدد تو ڪري.

(۲۱۶)

گهر ڌياڻي - اڙي مائي، ڪوٺيءَ ۾ نه ڏس نه ڇهن مهين جي گس لڳي پيئي آهي!

نوڪرياڻي - امين، مونکي نه هتي آئي اڃان ٻي مهنا مس ٿيا آهن.

(۲۱۷)

اندو - توهانجي ڪتي کي ايڏيون ڊگهيون ٽنگون ڇو آهن.

موهني - جئين سندس پير ڌرتيءَ تي پهچي سگهن!

(۲۱۸)

هڪڙو مسافر سمهيو پيو هو ته، ٽڪيٽ ڪليڪٽر کيس اُٿاري چوڻ لڳو، "ٽڪيٽ، ٽڪيٽ."

مسافر هو اڃان ننڊ جي خمار ۾، سو چيائيدس:

"هل ڙي هل. مون ٽڪيٽ پئسا ڏئي ورتي آهي؛ توکي ڪهڙي نه وڃي پاڻهءَ ڪان وٺي اچ. هت ڇو پيو پٽين؟"

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٢١٠)

مائي - ڪڪا، مولي ڪئين وڪندو آهي؟

ٻار - پئسو خرچي ڏيم ته ٻڌايان۔

مائي - وٺ پئسو، هاڻي ٻڌاءِ۔

ٻار - مولي ته مان آهيان۔

(٢١١)

مهمان - (هوٽل جي نوڪر کي) اڄ ڇا ڇا کٿو مون ڏي گهور ڪري ڇو پيو نهاري؟

نوڪر - سائين! اهــا پليٽ جنهن ۾ توهين ويٺا کائو، سا منهنجي آهي، مان اوهان کي پل ۾ ڏيئي ويندو آهيان۔

(٢١٢)

استاد - موهن تنهنجي زبان رڳو ٻڪي هلي، مات ڪري نٿو وهين؟

موهن - سائين، اوهان ڪالهه ڪين چيو هو ته ڪا ۾ شيء رکي ڇڏڻ سان ڪٽجي ويندي آهي۔

(٢١٣)

مريض - سائين، مونکي وسر جي بيماري آهي۔ ڪا دوا ڏيو.

ڊاڪٽر- پهريائين مونکي في ڏي ته پوءِ دوا ڏيان۔!

(٢١٤)

فقير - سائين خدا جي نالي خيرات ڏيو۔ گهر ۾

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ماستر - شاباس ٹاکو روئڻ بند ڪر. مان توکي
وري ڪونه ماريندس. هاڻي ٻڌاء ته اهو ڪهڙو مکيه
فائدو آهي.

ٹاکو - (روئندي) سائين جيڪڏهين اهي ڳوڙها
اکين مان نه ڳڙن ها ته اچا ته جيڪر توهين ماريندا رهو
ها! اهوئي هڪ مکيه فائدو آهي.

(٢٠٧)

ماستر - توهان ڇوڪرن جي گهرن ۾ سڀ کان
گهڻي شيء جيڪا ٻـ هجي سا مهنجي لاء ٹوري
ڪٽي اچجو.

ڇوڪر - سائين! اسان وٽ مکيون گهڻيون آهن.

(٢٠٨)

نوڪر - سيٺ صاحب، مان هن کان پوء نوڪري
ڪانه ڪندس.

سيٺ - ڇو ڀلا، ڪو نه ٿيو آهين؟

نوڪر - سپاڻي پرهيڻ پڪ ٿيندس.

(٢٠٩)

ماستر - هڪ گدري جا ٻه ٽڪر ڪريو. ٻن مان
وري چار چئن مان اٺ. هاڻي اهي ڪل گهڻا ٽڪر
ٿيا.

ڇوڪر - سائين! تمام گهڻا ٽڪرا، ڳوٿري پرجي
وڃي.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

چٽيو!! پوءِ اُن جي چوڌاري گول پاتم!!!

(٢٠٥)

هڪڙي ڇوڪري ڪي نرسريءَ ۾ گهگهائي ٿي پيئي، سو رات جو سمهڻ مهل ڪارن مرچن جا ڪجهه داڻا وات ۾ وجهي ڇڏيائين. رات جو لڏائين خواب ته هو مجلس ۾ خوب مال کائي رهيو آهي! لڳو وات مچڪائڻ انهن خوابي مانن مليدن ۽ مٺاين کائڻ لاءِ! پر وات ۾ مال ته هيس ئي ڪونه. پيا هيس سچ پچ ڪارا مرچ. سو اُهي چٻاڙڻ لڳو. هٽي پنهنجو وات ڪوڙو ڪري ڇڏيائين. تنهن مان ڇرڪ ڀري اُٿيو ۽ خوابي مٺائي ياد ڪري چوڻ لڳو ته:- واهه جو خوابي مٺائي! جنهن وات کي چش وتائي!!

(٢٠٦)

ماستر ڇوڪرن کي سائنس سيکارڻ بعد هڪ ڏينهن پڇيو: ڇوڪرو ڀوڙهن ڀرڻ مان ڪهڙا فائدا آهن؟

ٽاڪو - سائين، جي اهي ڀوڙها اکين مان نه ڀرن ته هوند اها ڪل ڪانه پوي ته برابر انسان کي ڪنهن مري ويل مائٽ لاءِ شوڪ ٿيو آهي يا نه.

ماستر - بيوقوف مان اهي ڇڙ پائيءَ جا جواب نٿو ٻڌڻ چاهيان. تون هڪ تمام ضروري جواب وساري ويو آهين. (ٽاڪوءَ کي لڪڻ سان ماري ٿو): ٽاڪو روئي ٿو.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٢٠٢)

رام هو ليچو، ماڻس ڪيڪ جا ۾ ٽڪرا ڪٽي آئي
۽ هيو ڪري يڪدم وڏو ٽڪر ڪٽي وڌائين وات ۾.
ويچاري نانڪ لاءِ ننڍو ٽڪر بچيو. تڏهن نانڪ
سمجهايس:- "مونکي جي پهريائين آڇ ڏني ها ته مان
فضيلت وچان ننڍو ٽڪر ڪڻان ها."
پر رام ڏرهي ڏيئي چيس. "سو ڇا ٿو ڪري هينئر
به ته ننڍو ٽڪر مليو، باقي ايترو گوڙ ڇو ڪٽي لاٿو
اٿيئي!"

(٢٠٣)

هڪ ماڻهوءَ ٻئي ماڻهوءَ تي ڪورٽ ۾ بدناموسيءَ
جو ڪيس ڪيو، ڇو ته پنج سال اڳ هن "گينڊو"
ڪوٺيو.
جج پڇيس، "اهو ته ٺيڪ، پر پنجن سالن کان پوءِ
ڪيس ڇو ڪيو اٿيئي؟"
"حضور، گانڌي باغ ۾ مان رڳو گذريل هفتي ويو
هوس."

(٢٠٤)

موتي - شترگهن تون تير چلائڻ ۾ ته ڏاڍو هوشيار
ٿو ڏسڄ ۾ اچين. اصل گول جي وچ ۾ تير هڻيو اٿيئي.
اهڙي تيراندازي ڪيئن سکئين؟
شترگهن - سولي ڳالهه آهي! مون ته پهريائين تير

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(١٩٨)

ماءُ - راڌا، ڇو تمام ڏهر سان اُٿين؟ سڪول ۾ ڪو نہ ويندين ڇا؟

راڌو - امان مان ننڊ ۾ ئي سڀ سبق ياد ڪندس.

(١٩٩)

مڙد - ڇگو جي روٽي اڃا تيار نہ آهي تہ اڄ مونکي ٻاهر ڪنهن ٻئي هنڌ ئي کائڻو پوندو.

استري - صرف ٻہ منٽ ترسو.

مڙد - ڇا ان منٽن ۾ روٽي تيار ٿي ويندي؟

استري - نہ مان ساڙهي ٻڌي ستيري ويندس اڳو پوءِ مان بہ هلي ٿي اوهان سان گڏ ٻاهر کان.

(٢٠٠)

ليلان - منهنجو پاءُ روز سئنيما ۾ ويندو آهي.

شيلا - ڇا ايڏي ڪمائي اٿس ڇا؟

ليلان - نہ هو سئنيما ۾ Door keeper آهي.

(٢٠١)

پيءُ - وسنت! تو حسابن ۾ گهٽيون مارڪون ڪيئون آهن؟

وسنت - بابا! مون جيتريون مارڪون ڪنهن ڪو نہ ڪيئون آهن.

پيءُ - ڏاڍو سنو. پلا تو گهٽيون مارڪون ڪيئون آهن؟

وسنت - بابا ٻڙي!

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

شاعر - ”هن بعد جلد ئي اوهانکي پتيءَ پتنيءَ جي جهيڙن تي شعر لکي ڏيندس جو ڪافي وڏو ٿيندو.“

(١٩٥)

گوپال سمجهيو ٿي ته بيت چاڪي چڱو آهي، سو پٽس ٽالهيءَ ۾ پاڻي وجهي وچ ۾ ٻه ٻل روئيءَ جو ٽڪر رکي ڏيکاريس.

ٻئي ڏينهن ڪلاس ۾ ماستر پڇيس ته ”گوپال، بيت چاڪي چڱو آهي؟“

گوپال - سائين، پاڻيءَ جي وچ ۾ ٻه ٻل روئي.

(١٩٦)

پدما - هي ڪهڙو ڇوڪر آهي؟ منهن انس جهڙو پاروٿو وانگر.

گوپي - اڙي اهو منهنجو ياءُ آئيمي.

پدما - معاف ڪج. مون مهانڊا ڪونه سڃاتا.

(١٩٧)

ماءُ - پٽ، هن ڪان پوءِ ماني متان کائين.

پٽ - امان ڇو؟ مانيءَ کان سواءِ مان ته مري ويندس.

ماءُ - پٽ، ماني کاءُ پر وقت کان وڌيڪ نه.

پٽ - چڱو، اڄمان منائي اڌ سير ڪن کائي پوءِ مانيءَ جو ڦلڪو ڪن ڪٽي گهٽ کائيندس.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ماستر - ڪيئن ٿو چوين. سبب ٻڌاءِ ؟
گوپال - چڱو سائين چورس. اجايو کھڙو وينو توهانجي سامهون ٻوان.

(۱۹۲)

ماءُ - ڪملا، هيترو وقت ڪٿي هئينءَ؟
ڪملا - ڪشن سان.
ماءُ - ڪشن، تون ڪٿي هئين ؟
ڪشن - ڪملا سان.
ماءُ - (ڪاوڙجي) اڙي ٻئي ڪٿي هئا ؟
ڪملا ۽ ڪشن ٻئي - گڏ.

(۱۹۳)

يــار! ڏي خبر. شاديءَ کانپوءِ وقت ڪيئن پيو گذري ٿي ؟
دوست! اصل ڳالهه ٿي نه پڇ. زندگي ٿــي بدلجي ويئي اٿم.
سو وري ڪيئن؟
دوست! شاديءَ کان اڳــ مان ڳالهائيندو هوس ۽ هوءَ ٻڌندي هئي. شاديءَ کانپوءِ ٻــن مهينن تائين هوءَ ڳالهائيندي هئي ۽ مان ٻڌندو هوس. هينئر اسين ٻئي ڳالهائيندا آهيون ۽ اوڙو پاڙو ٻڌندو آهي.

(۱۹۴)

ايڊيٽر - پنهنجي پتنيءَ جي پيار تي اوهان جو هيءُ شعر بلڪل نڪمو آهي. هن کي ذرا وڌايو."

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڪوجنا ڪريان جو ٻنهي جي د ٻائڻ سان اسڪول جا سڀ ڪم ٻاٽمرادو ٿي وڃن.

ماستر - تون ڏاڍو سست آهين. چڱو! ڪشن تون ٻڌاءِ جيڪر ڪهڙي ڪوجنا ڪرين؟

ڪشن - مان اهڙي مشين جي ڪوجنا ڪريان جنهن ذريعي اهڙا ٻه ٻاٽمرادو هيٺ ٿي وڃي.

(١٨٩)

مريض ڊاڪٽر! منهنجي بچڻ جي ڪا اميد آهي؟

ڊاڪٽر- ڪيس خاطري ڏيندي، چيو ضرور. سو رنهن ٿي آنا. ڊاڪٽري رڪارڊن مان ظاهر آهي ته هن مرض ۾ ١٠ مان ٩ ڄڻا مرندا آهن. تون اهو ڏهون مريض آهين جنهنجو مان علاج ڪري رهيو آهيان. هن کان اڳي ٩ ٿي ڄڻا مري ويا تنهن ڪري انگن اکرن موجب تون ضرور بچندين.

(١٩٠)

ٻه دوست رستي تان گڏ وڃي رهيا هئا ته هڪ ڳوناٺو ٻنهي جي وچمان لنگهڻ لڳو. تنهنتي هڪ دوست چيس "تون احمق آهين يا بيوقوف؟"

ڳوناٺو - مان انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهيان.

(١٩١)

ماستر- ڌرتيءَ جي شڪل ڪهڙي آهي؟

گوپال - سائين، گول.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ته ته ڪونه رنئي.

موتي- امان، مون سمجهيو ته تون گهر ۾ ڪونه آهين!

(١٨٥)

رام- اڄ ٽي ميل پنڌ ڪري گوپال کي مار ڏيڻ ويس.

سيتا- پوءِ ڀلا، تون موٽي ۾ به پنڌ آيو هوندين؟

رام- نه، ائمبولنس ڪار (ڦٽيلن جي موٽر) ۾.

(١٨٦)

دوارڪو- هو جيڪو وڻ ڏسين ٿو، سي منهنجي ڏاڏي پوکيا هئا جڏهن هو اڃان ٻار هئو.

ڪشن- چڱو مخول، ننڍڙو ٻار ڪيئن ايڏا وڻ پوکيندو.

(١٨٧)

حجام- (هڪ ماڻهوءَ کي) مونکي وارن لاهڻ جا ته پئسا ڏي.

ماڻهو- پيسا ڇو ڏيان؟ تو منهنجا وار ڪٽيا، مان تنهنجا پيسا تو ڪٽيان.

(١٨٨)

ماستر- ڪلاس ۾ سائنس پاڙهيندي هڪ وديارٿيءَ کان پڇيو، "رام! وڏي هوندي جيڪر تون ڪهڙي کوجنا ڪرين؟"

رام- (ويچار ڪري) مان جيڪر اهڙيءَ مشين جي

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ٿان ڇٽن ٿيون هڪڙي حيدرآباد کان ڪوٽڙيءَ لاءِ ۽ ٻي ڪوٽڙيءَ کان حيدرآباد لاءِ. ٻڌاءِ ته ٻئي انجڻ ڊرائيور ڪٿي اچي پاڻ ۾ گڏبا.

ٻيو - ڇو! ڪوٽڙيءَ واري درياهه ۾ ٻيو ڪٿي!

(١٨١)

اُستاد - (شاگردن کي) اڙي گوپال سامهون ٽنگيل نقشي تي جهان جو ملڪ ڏيکار.

گوپال - سائين ”ج“ اجهو، باقي رهيو پان، سو ٽڪو ڏيو ته وٺي اچان.

(١٨٢)

رام جڏهن نونند جي گهر ويو ته هن جو ڪتو ڀونڪڻ لڳو. رام ڊڄي بيهي رهيو. نونند سندي چيس:- ڊڄ نه، خبر اٿيئي ته ڀونڪندڙ ڪتا ڏاڙهيندا ڪونه آهن؟

رام - پر جي هيئنر تهنجو ڪتو ڀونڪڻ بند ڪري ته پوءِ؟

(١٨٣)

پشپا - سنان جي ڪونيءَ ۾ ڏس، ڪا ٻا ٽنگن جي ڊوڙندو پيو وڃي؟

دوارڪو چاهي؟ مونکي ته ڊپ ٿو لڳي.

پشپا - اڙي ڀاڄي! تون نل ڪليل ڇڏي آيو آهين.

(١٨٤)

ماءُ - اڙي موتي، گوڏي تي ايڏو ڌڪ لڳو اٿيئي

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

اسڪول ۾ قاعدو هو ته هر ڪو ڇوڪر ماستر کي انگريزيءَ ۾ جواب ڏئي نه ته ڪيس پائي ڏنڊ ڏيڻي پوندي. سو ويچارو ڇوڪر انگريزيءَ ۾ جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪيس ٻڳي لاءِ اکر ڪو نه سجهيو؛ سو چيائين:-

Soon Soon Coming, Soon Soon going! Cow-husband (ٻڳو) Came me running.

Thengla me Phengla (ٿوٽو هنيائين) fell me down! Then What Shall I do?

(١٧٨)

ڪلاڪار- ڇا توهانجي تصوير ڪڍڻ ٿاهيان. تيلن (روغن) ۾ تيار ڪريان؟

پيرمرد- تيل ۾ تيار ڪندؤ ڇا آءُ ڪا مڇي آهيان ڪڻ جو تيل ۾ تري تيار ڪندؤم.

(١٧٩)

چاچي- (وٽندڙ ٻار کي) ٻه آنا ڏيانءِ ته هڪ مٺي ڏينديم؟

ٻار- نه نه! اصل نه! ڇو!! مميءَ ته پنهنجي دوا ڊاڪٽر کان آٺي ڏيندو آهيانس ته سچا سارا ٨ آنه ڏيندي اٿم!

(١٨٠)

هڪڙو- هي ريل گاڏي ٻون ساڳئي وقت ساڳيءَ لائين

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ٻڌاءِ تہ جو انسان ١٨٩٨ع ۾ ڄائو آهي، انجي عمر ڪيتري هوندي؟

پٽ- بابا، مرد يا زال؟

(١٧٤)

ماستر- ڇانگا وڻ ڌرتيءَ مان ڪيئن ٿا ڦٽن؟

ڇانگو- سائين، ڌرتيءَ ۾ هيٺ انهن وڻن جون مائر وينيون آهن، جي انهن کي ٻيهون جهٽين.

(١٧٥)

ڏاهري- هيئنر طبيعت ڪيئن آهي؟

بيمار- بخار تہ لٿو آهي پر ڇيلهہ ۾ اڃان سور آهي.

ڏاهري- پڪوان ڪندو جئن بخار لٿو اٿو تئن ڇيلهہ ۾ جلد لٿندو.

(١٧٦)

ماءُ- گنگو، ڪالهہ ڇو تاريخ جو سبق ياد ڪونہ ڪيئہ؟

گنگو- امين تون ڪونہ چوندي آهين تہ گذريل کي ياد نہ ڪجي، سو گئي گذري ڪالهوڪي ڳالهہ ڪٽي ڇڏ.

(١٧٧)

هڪڙو ڇوڪر جيئن پنهنجي اسڪول ۾ ٿي ويو، واٽ تي هڪ ڍڳي هيبس ڏٺو. جنهن ڪري ٿت ۾ ڪري پيو. ماستر ڊپر سان اچڻ جو سبب پڇيس،

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(١٧٠)

مئجسٽريٽ - (چور کي) ڇا تو چوري ڪئي آهي ؟

چور - ڀلا تون ته مون ائين سمجهيو هو. پر هيئر پنهنجي وڪيل جا دليل ٻڌڻ کان پوءِ مونکي پڪ ٿي ويئي آهي ته مان بيگناهه آهيان. پوليس مونکي رستي تان پڪڙي آئي آهي.

(١٧١)

گهر ۾ آيو ٻـزاڙي، داديءَ ويٺي سئين چڪايس.
"هيڏو اگهه روپيا ست ٻارهن آنا!"
"سترهن روپيه، ٻـڙي ڪيڏو چيائين، تيرهن ڏيندي سانءِ."
"نه مائي خالي ست روپيه، ٻارهن آنا!"
وٺ ته سهين، ڇگو ڇهه روپيه قبول اٿيئي ؟

(١٧٢)

پيءُ - ڪشن توکي خبر آهي ته مان دنيا جي ڇئني ڪنڊن جو سفر ڪري آيو آهيان ؟

ڪشن - بابا توهان کهڙي نه عجب ڳالهه ٿا ڪريو. ڌرتي ته گول آهي، پوءِ انکي ڪنڊون وري ڪٿان آيون.

(١٧٣)

پيءُ - تون حساب ۾ ڀوريون نمبر آيو آهين؛ هاڻ

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(١٦٦)

"ڪيئن رلئا، تيار ٿيڻ ۾ ڪيئن اچان نه؟"
ايڏو ٽنگ ڇو ٿو ڪرين؟ اڌ ڪلاڪ کان چوندي
ڪو نه پيئي اچان ته بس چار هڪ منٽ ۾ تيار ٿيس!

(١٦٧)

گنگا - منهنجي نظر ايتري نه تکي آهي جو مان
اڍائي لک ميلن تائين ڏسي سگهان ٿي.
ڪملا - بلڪل ناممڪن.
گنگا - ڇا ٿو ڏهن، چنڊ ايترو پري ناهي؟

(١٦٨)

ماستر - بورڊ تي لکيو Man goes
رام کان پڇيائين ته هن جي معنيٰ ڇا آهي؟
رام - سائين، "انب"
ماستر - نانڪ تون ٻڌاء.
نانڪ - سائين، "ماڻهو وڃيٿو".
ماستر - شاباس! رام اصل بيوقوف آهي.

(١٦٩)

هڪڙي دفعي هڪڙي ڏاهريءَ کي پير ۾ ڪنڊو
چڀي ويو پر ڪو نه لڳو گوڏي وٽ. هڪڙي ماڻهوءَ
ڇيس ته ادا گوڏو ڇو ٿو ڪوڙين؟ چيائين ته، ادا پير
۾ ڪنڊو لڳو ائم سو گوڏي وٽ ٿو اچي وتانس.

ماڻھو برابر ڪوڙا ھئا. تنھنڪري ھو ٻاٽ نہ ڪوڙو ھو. سو جيڪي ھن چيو سو ضرور ڪوڙ ئي چيائين. تنھنڪري سڀيئي ماڻھو ڪوڙا نہ ھئا. تنھن ڪري ھن جو ڪجھہ چيو سو بلڪل سچ چيائين. تنھن ڪري دنيا جا سڀ ماڻھو ڪوڙا ھئا تنھن ڪري ٻاٽ نہ ڪوڙو ھو ......

(١٦٣)

پپو - ھيءُ آني وارين چار ڪارين جليبين جو وني آيو آھين؟ مون توکي چيو تہ ٻي آني وارين چار وني اچج.

پٽ - بابا، پئسي جو صابڻ نہ آندو اٿم، ان سان ڌوئي صفا ڪبيون تہ ٽن پئسن جي ڪسر ڪانہ ٿيندي؟

(١٦٤)

ھڪ ڪڙميءَ ٻئي کي چوائي موڪليو تہ مھرباني ڪري مونکي گڏھہ ڏياري موڪل. اگر ھئا گڏيل سڌيل. جڏھن گھڻي ڪوشش سان بہ پڙھي نہ سگھيو تڏھن چوائي موڪليائينس تہ "مان پاڻ ٿو اچان!"

(١٦٥)

ھري - ايڏو چار صفحا خط ڪنھن لکيو اٿيئي؟

موتي - رام لکيو آھي.

ھري - ڪھڙي خبر چار لکي اٿس.

موتي - لکي ٿو تہ خبرچار روانو ڏي.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

وڃري ويئي. تڏهن ته ماستر چوڻ لڳو ته ڇورا يڪدم نٿي ڇيڻو؟ جواب ڏنائين ته سائين توهانجو حڪم آهي ته ٻي دفعا خيال ڪري پوءِ ڳالهايان.

(١٦٠)

ناري - ڪشن، اُبتو پٺيءَ ڀر ڇو پيو هلين؟

ڪشن - ڊاڪٽر صلاح ڏني آهي ته هوا بدلاءِ. سو منهن سامهون هلڻ بدران اُبتو ٿو هلان ته ائين هوا بدلجي.

(١٦١)

ٻار - امان مينهن ڇو ٿو پوي؟

ماءُ - اَن، ڀاڄيون ۽ ميوا پيدا ڪرڻ لاءِ.

ٻار - پوءِ ڀلا رستن ۽ گهرن جي ڇتين تي ڇو ٿو پوي.

(١٦٢)

هڪڙي دفعي ڪنهن وڪيل چيو ته دنيا جا سڀيئي ماڻهو ڪوڙا آهن. هاڻي جي سڀيئي ماڻهو ڪوڙا ٿيا ته چئبو ته پاڻ به ضرور ڪوڙ هو ۽ جنهن صورت ۾ هن جيڪي چيو، سو ضرور ڪوڙ ٿي هوندو. تنهن ڪري دنيا جا ماڻهو سڀيئي ڪوڙا نه هئا. تنهن ڪري هو پاڻ به ڪوڙو نه هو ۽ جنهن صورت ۾ هو ڪوڙو نه هو، تنهن صورت ۾ هن جيڪي چيو سو ضرور سچ چيو هوندائين. تنهن ڪري دنيا جا سڀ

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڳاڙهي رنگ جو ۽ ٻيو سائي رنگ جو.

رام - ها، اهڙو ٻيو جوڙو گهر رکيو آهي.

(١٥٧)

ڪمار - لال خوشخبري ٻڌايانءِ؟

لال - امتحان ۾ پاس ٿئين؟

ڪمار - نه، پر جيڪي امتحان ۾ ناپاس ٿيا انهن ۾ ٻهريون نمبر آيس.

(١٥٨)

هڪ ڇوڪر ماءُ کي چيو تہ امان مونکي نديءَ ڪپڙي ڏي ته ڪٽي راند ڪرايانس. ماڻس چيس ته نه ابا، ڪيرائي وجهندءِ يس.

ڇوڪر چيو: امان ڪرندي ته پلا پوءِ ڇا ٿيندو؟ مٽيءَ جو راندڪو ته ڪونہ آهي جو ڀڄي پوندو!

(١٥٩)

ماستر ڇوڪرن کي بار بار هدايت پيو ڪندو هو ته جواب ڏيڻ کان اڳ ڀلي گهمرا خيال ڪريو. نينگر دل ۾ ڏجهندا هئا. هڪڙي ڏينهن ڪنهن ڇوڪر کو جواب ڏنو ٽڪڙو، پر اٿيو رو، تنهنڪي ويٺي سمجهايائين انهيءَ وقت ماستر کي واس ۾ ڇروت هو جو ٻيڄبرو ڪٽي ڪيسي ۾ وڌائين. ڇوڪر اهو ڏسي ٿو چوي ته سائين، آءُ هڪ دفعو خيال ٿو ڪريان، ٻيو دفعو خيال ٿو ڪريان، ٽيون دفعو خيال ٿو ڪريان ته اوهانجي ڪوٽ شريف کي باهه. اتري ۾ ڪوٽ ڪسي باهه

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

[illegible]

ويندي هئي. هڪ ڏينهن دير سان اٿيو. پڙهڻ سبب پڇيس. هن جواب ڏنو ته بابا مونکي اڄ ننڊ هئي ۽ اڄ جاڳيس پئي. خواب ۾ ڏٺم ته مڪتب ۾ ويٺو آهيان ۽ سبق ويٺو پڙهان. پوءِ خيال ڪيم جي اڄ سبق ۾ ٿو اٽڪان ته ماستر مار ڏيندو. جڏهن سبق پورو ٿيو تڏهن اٿيس ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهه.

(١٥١)

ننڍو ڇوڪر (ماءُ کي) امان مان هڪ ماٽيءَ کي گهوڙو ٺاهيندو ڏٺو.

ماءُ - پٽ تون ڀلو آهين.

ننڍو ڇوڪرو - نه امان نه. مان ڀلو آهيان. هن گهوڙو اڳيئي ٺاهيو. گهوڙي کي پيرن ۾ ڪوڪا هڻي رهيو هو جڏهن مون ڪيس ڏٺو.

(١٥٢)

ماءُ - اٿي سيتا، ميڙيءَ کي ڌوئي پوءِ ترج.

ڌيءُ - ميڙي رهي پاڻيءَ ۾ تنهن کي ڌوئڻ جو ڪهڙو ضرور آهي!

(١٥٣)

بابا! اوهين ڪٿي ڄاوا هئا؟

"پٽ مان بمبئي ۾ ڄائو هوس"

"ڀلا امان ڪٿي ڄائي هئي؟"

"انهي جو بنگال ۾ جنم ٿيو هئو."

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ٿو ڪٽان.

(١٤٨)

ڪنهن مسواڙيءَ ڪن مهينن جي مسواڙ ڪانه ڏني هئي. هن وقت پئسو ڀيڙو ڪونه هئو ۽ اڃ سيان پيو ڪندو هئو.

آخر مڪان جو مالڪ بيزار ٿي پيو ۽ چوڻ لڳس ته چڱو مڙس ٿـيءُ. مسواڙ ڏي. مان اڄ تائين مروت ڪندو ساڻءِ. جيڪي ٿوڪي ڏيڻو آهــي تنهنجي اڌ رقم ته مان وساري ٿو ڇڏيان.

واه ڏاڍو چڱو! مسواڙيءَ خوش ٿي چيو. اوهانجو اڄ تائين گڏ جـڻ منظور اٿم. مان بـ ، رقم جو بيو اڌ وساريان ٿو.

(١٤٩)

گراهڪ - مون پنهنجي گم ٿيل ڪتي جو اشتهار وڇايو آهي؟ ان بابت ڪجهه ٻڌو اٿو. مون پنجاهه روپئي جو انعام آڇيو آهي.

آفيس جو پٽيوالو - معاف ڪجو سائين! هتي هينئر ڪو به ڪونهي جو جواب ڏئي. سڀ ايڊيٽر ۽ رپورٽر ڪتي جي ڳولا ۾ ويا آهن.

(١٥٠)

هڪڙي ڇوڪر کي ڏيو سان اٿڻ جي عادت هئي ۽ ٧
وري سبب اهڙا ڏيندو هو جو سيڌي ڪان ڪل نڪري

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

مهمان – مونکي ياد آهي. مان تو موڪليان ٿو،
يڪدم هيڏانهن اچي مونسان رهن.

(١٤٤)

ساوتري – تون پنهنجي مڙس کــي گهر ڪيئن
رکندي آهين؟

سرلا – مان هن وٽ ٻار ڇڏيندي آهيان.

(١٤٥)

ڇوڪر – بابا، پکوان ڪٿي رهندو آهي؟
پيءُ – پٽ، تنهنجي اندر ۾.
ڇوڪر – بابا، منهنجي اندر ۾ ته هڏا ۽ رت آهي.

(١٤٦)

ڇوڪرو – امان! ماستر چيو ٿي ته انسان ٻاندر جي
نسل مان آهي.

ماءُ – ماستر آهي، ڪير آهي؟ منهنجي پٽ جــو
منهن شينهن جو، اکيون هرڻ جون، قد گهوڙي جو،
رنگ گڏه جو آهي. مٿي کي ائترو ا، سمجهه ۾ نٿو
اچي.

(١٤٧)

ننڍو ڇوڪرو – امان! مـان ننڍڙي ڀيڻ آهيان.
مونکي ڪٽي هل.

ماءُ – توکي ۽ ٻيڙل ڀيڻ کي ڪيئن ڪٽندس؟

ننڍو ڇوڪر – تون مونکي کڻ ۽ ٻيڙل مان ٻاٽيهي

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڪين جبل پاڙ - پاڙ نه مٽا گڏ ۾ گتا پيا آهن.

(١٤١)

هوءِ - ڏينهن ۾ گهڻا پيرا ڏاڙهي لاهيندا آهيو؟

هو - او! ٤٠ - ٥٠ پيرا.

هوءِ - ڇا! پاڳل آهين؟

هو - نه! مان نائي آهيان.

(١٤٢)

ڇرين جي اسپتال جي سپرنٽينڊنٽ کي ڪنهن استريءَ چيو، ”هوءَ مائي ڪير آهي جيڪا هتي ويٺي هئي. هينئر اچا وٽانئس لنگهياسين. ڪهڙو نه منحوس چهرو هئس. ڇا! هوءَ خوفناڪ آهي؟“

سپرنٽينڊنٽ ڪجهه نٺائي جواب ڏنو. هائو خبر! ڪڏهن ڪڏهن!“

”پر جي ائين آهي نه هنکي آزاد ڇو ٿا ڇڏيو؟“

”لاچار! ڇا ڪجي“ سپرنٽينڊنٽ وراڻيو.

”ڇا هوءَ هن اسپتال ۾ رهندڙ ۽ اوهانجي ظابطي هيٺ نه آهي ڇا؟“

”نه، هوءَ نه منهنجي ظابطي هيٺ آهي ۽ نه اسپتال جو پالي. هوءَ منهنجي ڌرمپتني آهي.“

(١٤٣)

ميزبان - توهان هتي گهڻو وقت ترسيا آهيو. مان سمجهانٿو ته اوهانجي ڄال ۽ ٻارن کي ڏايو خيال هوندو.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڪڙڪيدار هنڪار، سي ائيڻي جوانيءَ جا خمار، بدن جي سترائي، نرگهت جو چڙهائي رس جو نهڪار ۽ اهو سينگار خمار سي جملي ٿيا جوانيءَ جا ڏار.

ڪي ورهيه گذريا ته پيرسن ڪي وري اُن ساڳيو ڦڪڙ گڏيو. ڏٺائينس ته ڪلهي ڦاٽي صدري، مٿو اگهاڙو ۽ ٻار هنج ۾ ٿي رڙهندو پيو وڃي، پڇيائينس ته فلاڻا تنهنجا جوانيءَ جا ڏار ڪيڏانهن ويا؟ پنيان ڏالس ۽ ٻه ٻيا ٻار پٺيان آيا ته ڏي اشارو ڪري چيائين، سائين هيءَ جا پنيان جهڪ پيڻي اچي تنهن جوانيءَ جا ڏار ڪوڙي ڪيا.

سچ چيو آهي شاعر ته:-

جا وڃي وري نه اچي - سا آهي جواني
جا اچي ۽ وري نه وڃي سا آهي پيري

" قليچ بيگ "

(۱۴۰)

سس ۽ نُنهن پاڻ ۾ ٺهندڙ يون ئي ڪونه هيون. هوءَ ويندي هئي اُتر ته هوءِ ويندي هئي ڏکڻ. جي ننهن ڪٿي ٻني وسائي سمهندي هئي ته سس چوندي هيس ڏيکون ڏيئي ماريندي هم جا؟ ڪنهن سمي ٻئي ريل ۾ مسافر هيون. ننهن چيو سس! سس!! هو ڏس ته جبل ڪيڏو نه مٿي آهي! سس چڙ ۾ چيس ته جبل وري ڪيئن مٿي ٿيندا آهن؟ مٿي ٿيندڙ يون آهن چوٽيون

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

مس مس ڪوٽ جا ٻيڙا ٻائي مون مڪتو ساھ ٿي ڪيو
۽ ڪوٽ پٽ ڪان اُڏڙي پيو!!

درزي - شڪر الحمد الله، وري بہ اسان جي آبرو ۽ رھجي آئي جو ايتري ڪندي بہ ٻيڙا لہ نہ ٿيا.

(١٣٨)

ڪنھن مائيءَ ڪي ٽي ٻانيون ڏيئي ھيون جي ھڪڙي رات ٿي ٻرٽيون. سندن ماءُ جھلي ڇڏيو ۽ وھاڻو ۰ھل چپ نہ چورجو. جڏھن وھاڻو جي مھل آئي ۽ ڪير جي لونيءَ ٻ ٻليءَ منھن ٿي وڌو ۽ ھڪڙيءَ جٽيءَ ھڪل ڪري چيو، ھت ٻلي (ھش ٻلي) ٻيءَ چيو ھٽيندت ڏندو (ھٽيندس ڏنبو) ٽڏھـن ٽـي ٽين جٽي ماءُ ڪي چوي ۽ ڏٽ (ڏس) امان موڪو ڪتو (ڪچو)؟

(١٣٩)

ڪو مست قڪڙ وڃـو ڪنھن معزز عيالدار وٽ ۽ چيائيس جوانيءَ جا ڏار ڪھڙا ٿيندا آھـن؟ پيرسن ڪلي چيس، ابا! ھي جا تو ٻھراڻ جي ٻيڙي ڪلاٻاٽ سان مڙھائي آھـي ۽ ٻري مقيص ڳاڙھي سان پرائي آھي ۽ جتي چانديءَ سان گھڙائي آھي ۽ سائي لونگي ٻھري آھي، سي ائيئي جوانيءَ جا سينگار، تنھنجي ٽيلي رنگ ڏاڙھـي، وڻيل مڇون، اکين ۾ ڪاجل ۽

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(١٣٥)

ڪنهن سمي شينهن، گهڙو، ٻڪر ۽ رڍ پاڻ ۾
ٻولي ناهي هليا شڪار تي. ڪجهه جيترو شڪار هٿ
ڪري هڪڙي هنڌ اچي ڪٺو ڪيائون پوءِ منجهانئس
چار حصا ڪيائون. پوءِ شينهن تو چوي ته پهريون حصو
منهنجو آهي جو آءٌ جانورن جو بادشاهه آهيان، ٻيو حصو
ٻه منهنجو ڇو ته مون پوڙهيو ٻين کان سرس ڪيو آهي،
ٽين تي ٻه منهنجو حق لڳي جو منهنجي ٻڪ اوهان
ننڍن ۽ هيٺين جانورن کان ڇتي آهي. باقي رهيو
چوٿون حصو تنهنجي جيڪڏهن اوهان مان ڪنهن کي
جرئت ٿيندي ته خواه مخواه مون سان وڙهي پائيندو.
ائين چئي چارئي حصا لنگهائي پاڻ وٽ رکيائين.

(١٣٦)

هڪڙو پٺاڻ ويو ٿي حلوائيءَ وٽ ۽ چيائينس تــه
مونکي پاءُ حلوو ڏي سو هن پاءُ کان گهٽ ڏنس ته
پٺاڻ چيس ته گهٽ ڇو ٿو ڏين؟ چيائينس ته مٿان توکي
کڻڻ ۾ تڪليف ٿئي سو حلوو وٺي هــن ٻه پئسا ٿورا
ڏنس. حلوائيءَ چيس ته گهٽ پئسا ڇو ٿو ڏين ته پٺاڻ
چيس تــه مٿان توکي ڳڻڻ ۾ تڪليف ٿئي. سو پئسا
ٿورا ڏيئي هليو ويو.

(١٣٧)

پاڏو- هي ڇا، درزي! هي ڪوٽ سبيو اٿيئي؟

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ماجسٽريٽ - ڪو وڪيل اٿيئي ؟

جوابدار - سائين ديگڙيءَ جا پئسا عليم گهڻا جنهن مان وڪيل جي في ڀري سگهان ؟

(١٣١)

پيءُ - گووند! ڇو پيو ڏڪين ۽ لڪين ؟

گووند - بابا! امان اچي ڪاوڙي آهـــي ۽ وٺي سوٽي ڪٽڻ، اچي ٿون ۽ لڪ مٿان ٿوڪي ... نــ مار ڏئي .

(١٣٢)

هڪ ڇڳي ماڻهوءَ هڪ ڳنوار جي دڪان تان هڪ پئسي جو ڪير ورتو. ڪير مان هڪ مک نڪتي. انهيءَ ماڻهوءَ ڪاوڙ جي ڪير واري کي چيو ته "ڇو ڙي! ڪير ۾ مک ڇو پيئي آهي ؟" ڳنوار ڪڪ ئي جواب ڏنو ته ٽڏهن ڇا هڪ پئسي جي ڪير ۾ هاٿي پيل هجي؟

(١٣٤)

ڪنهن موذي دنيادار وٽ هڪ زماني جي ستايل وچي حال رنو. غريب جـــي کهاڻي اهڙي هيدياءَ ڏاريندڙ هئي جو هن موذيءَ جـي دل ڀرجي آئي. اکين ۾ پاڻي آڻي انهي مفلس کـــي ڳراٽڙي پائائين ۽ سڏڪن وچان نوڪر کي ڪوٺي چيائين، اي فـلاڻا، ويچاري هن ستم رسيده دلشڪست برادر کـي ٻاهر وٺي وڃي ڇڏ مٿان منهنجو هردو نه ڦاڙي ڇڏي.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڏوڪر پيسو ڪين واٽڻي ڪان اُڌاري وٺي اچان؟ لاجواب
ليڪچرار اُٿيو جمي ويو. نشاني ٺڻي پيس.

(١٦٨)

نٿو سنگهه ڪي ڪورٽ جو سمن آيو ته فلاڻي خون
جي مقدمي ۾ توکي اسيسر نمبر ٢ ٿي ڪم ڪرڻو آهي.
ويچارو هو صفا ابوجهه. سو هوشيار سنگهه سان صلاح
ڪيائين جڏهن ڪيس ٿئي، ڪورٽ ۾ مات ڪيو وينو
ڪيس ٻڌج. جڏهن جج راءِ پڇيئي تڏهن چئجانءِ.
حضور ٻين اسيسر سان شامل راءِ آهيان.
خير جڏهن ڪيس پورو ٿيو. تڏهن جج ٻئي
اسيسر کان پڇيو ته تنهنجي ڪهڙي راءِ آهي؟ چيائين
حضور! مونکي هٿي نٿي، مون ڪيس ٻڌوئي ڪونه.
تڏهن جج نٿو سنگهه کان پڇو ته تنهنجي ڪهڙي راءِ آهي؟
چيائين- حضور! ٻين اسيسر سان شامل راءِ آهيان.

(٢٩)

بيوقوف- (نهال ماسٽر کي) سائين منهنجي ڪا
چٺي آئي؟
نهال ماسٽر- نالو ڇا اٿيئي؟
بيوقوف- سائين نالي کي وجهو ڏوڙ. اِلي ڪارڊن
لفافن تي ڪٿي ڏسو. پڇو ڇا ٿا؟

(١٣٠)

ماجسٽريٽ- توتي ڊيگري چورائڻ جو فرياد آهي.
جوابدار- سائين! سڀ ڪوڙ آهي!

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(١٢٥)

گوبند- مون توکي چيو ته ڪڪڙ ڪي ان ڪاراءِ.
ڪين ٻليءَ کي ويٺو ان جي منهن ۾ وجهين.
نوڪر- سائين، ڪڪڙ ٻليءَ جي وات ۾ آهي.

(١٢٦)

شيرو ۽ عدلو هٽا ٻئي يائر، پر عدلو ٻين ڪوڙ ٻئي
نه چوته شيرو شڪل جو ٻيڙو هئو.
چاچُو- اي عدلو! شيرو ٿهنجو چا ٿئي؟
عدلو- (جهٽ ۾) ڪي ڪين ٿئي.
چاچُو- ڪوڙ ٿو ڪرين!
عدلو- ٿئيم مت ۾ ڏورانهي مائٽي آهي.
چاچُو- نياڳا! ياءَ ڪونه ٿئيئي؟
عدلو- ياءَ ڪٽي هوندو ۾ وڇوٽي وڏي آهي.
چاچُو- وڇوٽي ڪهڙي؟
عدلو- آءَ ابي امان جو ٻهريون پٽ. شيرو ٻويون.
چاچُو- واه استاد! مڙيئي گهٽا يائر آهيو؟
عدلو- ها.

(١٢)

مسٽر ليڪچرار ڏاڍي فصيح زبان ۾ تقرير ڏني.
آخر چيائين ڪنهن کي سوال پڇڻو هجي ته پڇي.
ڪوئي ڪونه اٿيو. نيٺ پٺيان هڪڙي زال اٿي ۽
چيائين ”فلاڻا! سيٺ ڪهي ويو اٿئي. ڏيڏين ڪو

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

جو ٻار نہ ڪيو تہ هلين ؟

مسخرو- خداوند ! ٻہ گڏهن جو.

ٻچن جو خطر گهر (١٢٣)

نئون ڊاڪٽر- (دل ۾) الله ميان ! ڪو بيمار لپائج.

ٻهڙوال- (دروت بيهي) ڊاڪٽر صاحب ! ڪيا لنب جي دوا ناٽي ڏيندا ؟

نئون ڊاڪٽر- اول احوال ڏي. ڇا ڪان ٿي لنهنجي لنب ڦٽي ؟ ميان ! مان هر درد جو بنياد ڳوليندو آهيان. پوء اهڙي دوا ڏيندو آهيان جو هڪدم خرابي جي ٻڙ کي پاڙون پٽي ڪڍي. ٻهڙوال اهو ٻڌي اٿي هليو. ويچارو ڊاڪٽر واڻڙو ٿيو نہ مون ڇيو ڇا ! هرو ڀرو تہ گراهڪ هٿان وڃي سو سڌي پڇيائينس.

ٻهڙوال- اي سائين! سڄي رات ٿا منهنجا ٻار رڙن. مان تہ وت آيس دوا لاء. ٻڙ پٽائڻ ڪونہ آيس.

(١٢٤)

ڊاڪٽر- وڪيل ڪيس بگاڙي تہ اصيل چڙهي ڦاهي تي.

وڪيل- ڊاڪٽر ڪيس بگاڙي تہ بيمار سڌو قبر ۾. ڦاهي بہ نصيب نہ ٿيس.

ٻئي گڏ جي- مردو نرگہ وڃي ڪي سرگہ ٻاڻ ڪي مطلب ڦيء سان.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(١١٩)

ٻه ماڻهو هڪ گاڏيءَ ۾ مسافري ڪري رهيا هئا. ٻنهي جون مڇون وڏيون هيون. هڪ پڇيو ٻئي کان "توهان ڪير آهيو." ٻئي اڪڙجي جواب ڏنو:- "جيڪي توهان آهيو سو مان آهيان." ته تو پهريون جواب ڏنو:- "اڙي ڀائي مان الوءَ جو پٽو آهيان. ڇا تون به اهو آهين؟"

(١٢٠)

سپاهي - او ڇوڪرا تون سائيڪل تمام تيزيءَ سان هلائي رهيو آهين، ڪٿي ڪنهن سان ٽڪر نه کائين.

ڇوڪرو - جناب سپاهي سائيڪلن جي شرط آهي انڪري اڄ پريڪٽس ڪري رهيو آهيان.

(١٢١)

پهريون آدمي - اڙي ڀائي تون پنهنجي گڏهه کي ايترو ڇو ماري رهيو آهين.

ٻيو آدمي - اڙي ڀائي معاف ڪجانءِ مونکي اها خبر ڪانه هئي ته تنهنجي گڏهه سان به ڪا مائٽي آهي.

(١٢٢)

گڏهه ڪير ٿيو

بادشاه پنهنجو اوني ڇوغو لاهي مسخري کي چيو ڪڇي هل. ٻئي وزير کي ريس، تنهن به لاهي ڇوغو رکيو مسخري جي ڪلهي تي.

تڏهن تہ بادشاه مسخري کي چيو، هڪڙي گڏهه

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(١١٥)

پيءُ - سڪرام، تو ڪالهه ڪانه مستي ڪانه ڪئي ۽ مون کي خوش ڪيئه، پر اڄ وري مون کي ناراض ڪيو اٿيئي.

سڪرام - بابا، مون سمجهيو ته اڄ منهنجي ٽيڪ جو وارو آهي.

(١١٦)

ڪشن - هربخش، وڻ تي متان چڙهين! پير ترڪي ويندءِ ته ڳاٽو ڀڄندءِ.

هربخش - پرواهه ناهي، بابو ڊاڪٽر آهي.

(١١٧)

ماءُ - پٽ، ڪمند نه ڦڪو آندو اٿيئي؟

پٽ - پرواهه ناهي ممي، توري کنڊ لڳائي کاءُ.

(١١٨)

ڪي ماڻهو هڪ جڳهه تي ويهي کاڌو کائي رهيا هوا. اتفاق سان هڪ مفت خور انسان اچي لنگهيو. هُن کي کائيندو ڏسي ڪانئن پڇيائين:-

"ڇا کائي رهيا آهيو؟"

هُن ورندي ڏني ته "زهر کائي رهيا آهيون."

مفت خور جواب ڏنو ته ياڻي توهان جي مري وڃڻ کان پوءِ مونکي جيئڻ حرام آهي سو تهي تڪي ساڻن گڏ ويهي کائڻ لڳو.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(١١١)

مائي - ڊاڪٽر، منهنجو مڙس سڄي رات ڊٻ ۾ ڳالهائي ٿو، انهيءَ لاءِ ڪا صلاح ڏيندا.

ڊاڪٽر - پنهنجي مڙس کي ڏينهن جو ڪجهه نه ڪجهه ڇوڻ جو موقعو ڏي.

(١١٢)

رام - مان سڄو ڏينهن گهر آهيان. جڏهن وٽيئي ٿڌهن اچج.

نانڪ - پر ٿا ٻاهر نڪرين ته ڪونه ٿا؟

رام - زوراور، پنجاهه روپيا ٿو مسواڙ ڀريان، تڏهن ته ٻاهر گهمندو وتان!

(١١٣)

مائي - اڙي هن فوٽي ڏسڻ سان ته سيڪو ائين سمجهندو ته مان اڄ کان ڏهه ورهيه ٻيئي آهيان.

فوٽوگرافر - ٻـاڻ چڱو. ڏهن ورهين ٿائين فوٽي ڪيائڻ کان ڇٽيئن.

(١١٤)

دادا - جيڪڏهن توهان ٿند وستيءَ جي قانون ٿي هلندا ته ڊاڪٽر جو منهن به نه ڏسندا.

شيوڪ - پر دادا، جي ڊاڪٽر رستي ٿي گڏ جي وڃي؟

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

رسيو.

ڊاڪٽر- (هن کي غور سان ڏسي) مون کي ته تنهنجي يادگيري ڪونهي. تون منهنجي مريض مان ته ڪونه آهين.

گوبند- مون کي خبر آهي پر منهنجو چاچو توهان جو مريض هو ۽ مان سندس وارث آهيان.

(١٠٩)

ڀڳوان - دوست رام، تنهنجي صلاح موجب ڪالهه مون پنهنجي زال کي سڏ وڃي چيو ته، اڳتي مان تنهنجو حڪم نه مڃيندس.

رام- شاباس دوست شاباس. چڱو ته هاڻي تو ۾ مردانگي آئي آهي. هاڻي تون فخر سان ڪنڌ مٿي ڪري هلي سگهين ٿو.

ڀڳوان - نه دوست اڃان نه، منهنجي ڪنڌ ۾ اڃان سور آهي!

(١١٠)

گوپي - مان سمجهان ٿي ته توکي جيڪو لاڪيٽ ڏنو آهي تنهن ۾ ڪنهن جي يادگيريءَ لاءِ ضرور ڪا شيءِ ورتي اٿيئي.

ڪملا- ها، منهنجي مڙس جا وار پيل آهن.

گوپي- پر تنهنجو مڙس ته جيئرو آهي.

ڪملا- ها، پر سندس وار ڪسي ويا آهن.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڊرائيور – سائين، موٽر کي بريڪ نه هڻڻ ڪري
لڪڙي موٽر هلايم جيئن جلد ئي گهر پهچان !!

(١٠٦)

گيٽ ڪيپر – مائي، توهان کي هن ڇوڪريءَ
جي سڄي ٽڪيٽ وٺڻي پوندي.

مائي – ڇو؟

گيٽ ڪيپر – هيءَ ڇوڪري ١٢ سالن کان وڏي
آهي.

مائي – ٻارهن سالن جي ڪيئن هوندي جڏهن
مون کي شادي ڪئي ڏهه سال ٿيا آهن؟

گيٽ ڪيپر – مائي، مان هتي ٽڪيٽون وٺڻ لاءِ
بيٺو آهين ۽ نه ڪي ڪي ڏوهه ٻاسائڻ لاءِ!

(١٠٧)

گوپال – تون جي پنهنجي پرينتما کي ٻڌائين ها ته
توکي هڪ ڪنوارو چاچو آهي جو تمام شاهوڪار آهي
ته هوءَ توسان شادي ڪرڻ کان ڪڏهن به انڪار نه
ڪري ها.

موتي – دوست تون انهي ڀليل آهين. مون ڪيس
اهو ٻڌايو ۽ هوءَ هاڻي منهنجي چاچي ٿيڻ واري آهي!

(١٠٨)

گوبند – گب مارنگ ڊاڪٽر – مان توهانجو ٿورائتو
آهيان، ڇو جو توهان جي دوا مون کي ڏاڍو فائدو

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ٺيڪ ٺيڪ! مان به انهيءَ جي پٺڀرائي ڪريان ٿو. پراڻي
زماني ۾ درياه کي هڪڙو ڪنارو هوندو هو ۽ نه ٻه."

(۱۰۲)

ماستر - ريگستان ڇا کي چئبو آهي؟
شاگرد - سائين اهو هنڌ جتي ڪجهه به نه ٿئي.
ماستر - ڀلا مثال ڏي.
شاگرد - جيئن توهانجو ڳنجو مٿو...!

(۱۰۳)

ماءُ - (پٽ کي) پٽ ڊاڪٽر کي چئجانءِ ته ڏيڍ لاءِ
هڪ لڳڻ واري دوا ڏئي.
پٽ - نه امان ڊيڊي ۾ اڳ ٿورو پيو آهي ۽ جي
ڪاڪو به چاڪ ٿي پيو ته اهو جلدي ڪهي ويندو.

(۱۰۴)

ٻهراڙيءَ جي پاڻيءَ چيو ته جالن کي جيسين جيور
نه ڏجن ته ماني جهڙ ڪيو ڏين. ڪنهن چيس ته زالون
چڱا، نه جالون زيور چڱا، نه جيور، زهر چڱا، نـ
جهر. ٺهڻي پڻي گهمري وٺي آيو ته پڇيائين تـ
سائين، ڏي اندر پائي اچان.

(۱۰۵)

جج - توکي اهو ڏوهه مڙهيو ٿو وڃي تـون ٻندر
روڊ تان تمام تڪڙي موٽر هلائي جنهن ڪري اتفاق
ٿيڻ جو هر ڪو امڪان هو. توکي ڪجهه چوڻو آهي؟

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

” تڏهن چئبو ته، توهان ۾ ريل گاڏيءَ جيان وقت
جي ڪا پابندي ڪانهي.“

(١٠٠)

سرحد پرانت جي هڪ ڳوٺ ۾ هڪڙو ليگي چونڊن جي پرچار لاءِ ويو تڏهن ماڻهن ڪانئس سوال ڪيو. ”توهين ليگ جي ٽڪيٽ تي اسيمبليءَ ۾ ميمبر بڻجي ملڪ جي ڪهڙي خدمت ڪندا؟

ليگيءَ جواب ڏنو - ”مان سرڪاري آفيسرن مان رشوت جي مرض ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندس.“ اهو جواب ٻڌي هڪڙي ڳوٺاڻي ڪانئس سوال ڪيو ته ”ڇا توهان، سردار اورنگزيب جي وزارت جي پيٽ جي ماپ وٺي ڇڏي آهي؟“ ٻئي هڪ ڳوٺاڻي حيرت ۾ پنهنجي ساٿيءَ کان پڇيو. ”ڇو، انهي ڪهڙي ضرورت آهي؟“ تڏهن پهرين ڳوٺاڻي چيو- ”ان لاءِ جو ليگي پيٽ جي ماپ مان اندازو لڳي سگهندو ته رشوت ڪيتري موٽي ٿي ٿئي!“

(١٠١)

هڪڙي عام جلسي ۾ هڪڙو ماڻهو پنهنجي مذهبي اوچائيءَ جو مظاهرو ڪري رهيو هو ته ”اسانجي مذهب ۾ ڏاڍي طاقت آهي، ايتري جو اسانجو مذهب پٿر کي به پاڻي بنائي سگهي ٿو. جهنگل ۾ ٻڙهيل ڳڙهيل ماڻهو به ڪو جلسي ۾ ويٺو هو. انهيءَ چيو- ”نيڪ،

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

جوابدار - جناب منهنجو ڪهڙو ڏوهہ آهي. اوهان
بہ تہ پڪڙائڻ کان باز نٿا اچو.

مئجسٽريٽ - (زور سان) چپ ڪر بدتميز. ٻڌاءِ
تنهنجي عمر گهڻي آهي؟

جوابدار - سائين ٢٥ سال.

مئجسٽريٽ - (ويچار ڪري) ڇا هميشہ تنهنجي
عمر ايتري ئي هوندي آهي.

جوابدار - حضور! شريف جي زبان هڪ ئي هوندي
آهي. مان انهن نہ آهيان جو اڄ هڪڙي ۽ سڀاڻي ٻي
چوان.

(٩٩)

هڪڙو ڳوٺاڻو ريل گاڏيءَ ۾ بنا ٽڪيٽ مسافري
ڪري رهيو هو. هن جا ٻيا ساٿي بہ ساڳئي گاڏي
۾ ويٺا هئا. ٽي ٽيءَ کي چڙهندو ڏسي ڳوٺاڻو اٿي ٿي
نماز پڙهڻ لڳو. ٽي ٽي ٽڪيٽون چيڪ ڪندي جڏهن
هن وٽ پهتو ۽ ڪانئس ٽڪيٽ جي گهر ڪيائين تڏهن
سيڌي جواب ڏنس تہ "اسانجون ٽڪيٽون هن نمازيءَ
وٽ آهن."

بابوءَ پڇيو - ڀلا هو هن وقت نماز ڇو پڙهي رهيو
آهي، هيءُ وقت تہ ڪو نماز پڙهڻ جو ڪونهي؟
تڏهن جواب مليس تہ "خدا جي عبادت آهي جڏهن
دل چاهي تڏهن ڪجي." بابو ائين چئي هليو ويو تہ

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

سيٺ - (ڪاوڙ مان) تون خوامخواهه وقت وڃائي رهيو آهين. هارن ڇو نه ٿو وڄائين ؟

(٩٦)

ھڪڙو ڇوڪرو - اڙي منھنجي ماءُ ته ڪالھ وئشياخاني ۾ ڪڙڪيءَ وٽ وڏي ٺاٺ سان ويٺل ھئي.

ٻيو ڇوڪرو - (وائڙو ٿي) اڙي ڇوڪري ڪيئن خبر پيئي.

پھريون ڇوڪرو - منھنجي پيءُ مونسان ڳالھ ڪئي.

(٩٧)

مسافر اڙي ڪولي گاڏي گھڻي بجي ايندي.

ڪولي - ”حضور ڏھين بجي“

مسافر - (واچ ڏسي) اڙي مان ليٽ ٿي ويس. ھيئنر سياٽي وڃڻو پوندو.

ڪولي - نه جناب نه، اڃا گاڏيءَ ۾ ڏھه منٽ پيا آھن.

مسافر - ھوندا، پر منھنجي واچ ۾ ته ڏھه وڄي چڪا آھن. منھنجي واسطي ته گاڏي وڃي چڪي آھي.

(٩٨)

مئجسٽريٽ (جوابدار کي) اڙي بي شرم تو اسان کي ڏاڍو تنگ ڪيو آھي. ڪيترا دفعا سزا کائي چڪو آھين. تڏھين باز نٿو اچين.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

جهاز هيٺ ڪريو تنهن وقت اسين سڀ گڏ ۾ ويهي سگهون ٿا!

(٩٣)

سيٺ- سو تو هڪڙو ڪتاب بہ لکيو آهي، انهيءَ جو نالو ڇا آهي؟

پسندر- انهيءَ جو نالو ”٢٥ نمونا ڪمائڻ جا“ آهي.

سيٺ- توکي جڏهن خبر بہ آهي تہ ڪيئن ڪمائجي تہ پوءِ بہ تون پنين ڇو ٿو؟

پسندر- ڇو جو اهو ٢٥ ڪمائڻ جي نمونن مان هڪڙو نمونو آهي.

(٩٤)

چندن ڪمار جڏهن وار لهرائي بيٺو تہ حجام آئينو ڏيکاري پڇيس تہ ڪيئن ڏيوان، تنهنجي مرضيءَ مطابق ٺيڪ آهن نہ؟ نہ تہ جئن چئين تئن ٺاهي ڏيان؟

چندن ڪمار- منهنجي مرضي آهي تہ وار ٿورا وڏا ڪر.

(٩٥)

سيٺ- (ڊرائيور کي) جلدي هل. بيهجي ڇو ونين.

ڊرائيور- حضور رستو ڪچو آهي ۽ سامهون هڪ وڏو کڏو آهي.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

لنون ۽ مڪون ه...

تڪليف ٿي."

"کهڙو وڏو ...

اهو ته رڳو ٻين سالن جو آهي."

"اڙي هو، جنهنجا وار گهڻا ڀدار آهن ۽ جو عينڪ پائيندو آهي."

"يا خدا! اهو ته منهنجو مڙس آهي!"

(٩٠)

مجلس ۾ هڪ ماڻهو بسڪوٽ کڻي سڀني کي آڇڻ لڳو. ننڍڙي پرتاپ جواب ڏنو "مهرباني، منهنجو پيٽ ڀريل آهي." چاچهس جا پرسان ويٺي هئي تنهن چيس، "اڙي، وٺي کڻي کيسي ۾ وجهه."

پرتاپ - نه چاچي، اهو به سچو ڀريل آهي.

(٩١)

موهن - اڄ ته جهنگل ۾ منگل لڳو پيو آهي.

رکي - اڄ منگل ڪٿي آهي، آرتوار ڪونهي.

(٩٢)

گوپال - (هوائي جهاز ڏي اشارو ڪري) بابا، اسين هن هوائي جهاز ۾ چڙهي مٿي سرڳ ۾ وڃي سگهون ٿا؟

پيءُ - پٽ، هوائي جهاز ڪيترو به مٿي وڃي تڏهن به اسين سرڳ ۾ نٿا پهچي سگهون، پر جنهن مهل هوائي

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

جهاز هيٺ ڪريو تنهن وقت اسين سڀ ڄڻا ٻڏي سگهون ٿا!

(٩٣)

سيٺ- سو تو هڪڙو ڪتاب به لکيو آهي، انهيءَ جو نالو ڇا آهي؟

پسندر- انهيءَ جو نالو "٢٥ نمونا ڪمائڻ جا" آهي.

سيٺ- توکي جڏهن خبر به آهي ته ڪيئن ڪمائجي ته پوءِ به تون پيين ڇو ٿو؟

پسندر- ڇو جو اهو ٢٥ ڪمائڻ جي نمونن مان هڪڙو نمونو آهي.

(٩٤)

چندن ڪمار جڏهن وار لهرائي بيٺو ته حجام آئينو ڏيکاري پڇيس تہ ڪيئن ڏيوان، تنهنجي مرضيءَ مطابق ٺيڪ آهن نه؟ نه ته جيئن چئين تيئن ٺاهي ڏيان؟

چندن ڪمار- منهنجي مرضي آهي تہ وار ٿورا وڏا ڪر.

(٩٥)

زال مڙس مرين ڊرائيو تان ڳالهائيندي پئي ويا ته اوچتو ڪنهن ڳالهه تان اچي جهڳڙو لڳن ۽ رستي تي بيهي زور سان ڳالهائڻ لڳا. هڪڙو پوليس وارو اچي لانگهائو ٿيو.
پوليس وارو – معاف ڪجو مان توهان کي ڪا مدد ڪري سگهان ٿو؟
زال – تون مهرباني ڪري اسانجي ڳالهين ۾ نه پئه. هيءُ منهنجو مڙس آهي ۽ اسانکي ڏهه سال شادي ڪئي ٿيا آهن.
پوليس وارو – باهر رستي تي جهڳڙو ڪرڻ ڪان پنهنجي گهر وڃي ڇو نٿا لڙو؟
زال – تنهنجي مرضي آهي ته گهر وڃي پنهنجو فرنيچر ڀڃون!!!

(٤٣)

ديال – يار ڏهه رپيا ڏجانءِ پنجن منٽن لاءِ کپن.
موتي – چڱو. پنج منٽ ترس پوءِ ڪونه کپندءِ.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(۴۴)

ماستر- اڄ ٻڌ نند، هي جيڪو مضمون "اسانجو ڪتو" تو لکيو آهي سو اکر به اکر تنهنجي ڀاءُ جهڙو آهي، سو ڇو؟

نند - سائين ڇو جو اهو ساڳيو ڪتو آهي.

(۴۵)

رام - منگها، توهان جي گهر ڊاڪٽر تمام گهڻا دفعا تو اچي سو ڇو؟ هو هر هڪ ڦيري اچڻ لاءِ توهان کان گهڻو وٺندو آهي.

منگهو - پنج روپيا.

رام - مون ڪيس توهانجي گهر گهٽ ۾ گهٽ ڏهه دفعا ويندو ڏٺو آهي؛ جنهن جي معنيٰ توهين هنکي پنجاه روپيا في ڏيندا؟

منگهو - نه رڳو پنج روپيا ڇو جو باقي ۹ دفعا هو رڳو بل اگاڙڻ لاءِ پئي آيو آهي.

(۴۶)

هڪڙو ماڻهو وڃي نگر کان قرول باغ ڏانهن بس ۾ ڏي ويو. بس ۾ جيتوڻيڪ گهڻي جڳهه خالي پيئي هئي تڏهن به هو مسافر بيٺو ئي رهيو. هڪڙي ماڻهوءَ پنهنجي پرسان خالي پيل جڳهه آڇي ته ان کي جواب ڏنائين "نه مهربان! مان تکڙو آهيان، ويهي نٿو سگهان!"

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٤٧)

هڪڙي مائي پنهنجي ننڍي ٻار کي ڪچ ۾ ڪٽي مارڪيٽ ۾ گوشت وٺڻ وئي. ڪاسائيءَ وٽ انگريزي نموني جي ٽورڻ جو ڪانٽو ڏسي دل ٿيس ته ٻار جي تور ڏسان ته ڪيتري آهي.

مائي - ڪاسائي، مهنجي ننڍي ٻار کــي انهيءَ ڪانٽي ۾ تور ڪندين؟

ڪاسائي - خوشيءَ سان، ٻر هڏن سان ڪين هڏن سان!

(٤٨)

آتمو - دوست گوپال، مان جڏهن بمبئيءَ کــان ڪراچيءَ جهاز ۾ آيس تڏهن وات تــي هڪ دلچسپ واقع ٿيو. منهنجي پاسي واريءَ ڪوٺيءَ ۾ ڪڪڙيون رکيون هيون. اتفاق سان ڪوٺيءَ جو در پيو کلي ۽ جنهن ڪري سڀ ڪڪڙيون ٻــاهر نڪري آيون ۽ جيئن انهن کي پڪڙڻ جي ڪوشش ٿي ڪيم، ليڪن هو سڀ پاڻيءَ ۾ وڃي پيون.

گوپال - پوء ...! توهان انهن کي بچائڻ لاء ضرور لائيف بيلٽ اڇلايا هوندا!!

(٤٩)

ڪشن - يار مون کي ”ڪدن جو فوٽو آهي.“

موهن - تڏهن توکي ننگن جو به فوٽو ضرور هوندو!

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

اهي اُڄ نه ٿي ڇوڪري ماءُ کي چوائي موڪلي "ڪانڌ به ڪاٺو، ڏاند به ڪاٺو، ڪاٺي اسانجي ڏيگي، سس اسانجي ڪاٺي سهرو به، ڪاٺو، ڪاٺي ننڻانم سڀئي، وڃي ڇڏيج امڙ کي آءُ به گهڻن ڳڏي!"

(٦٨)

هڪ اڳئين ڪو ڇوڪر ويو ٿي بمبئي فائينل امتحان ڏيڻ جو اڳي اهو امتحان اُتي ٿيندو هئو. پيءُ کان گهريائين پيسا ٿنهنکي اُنهن ڳالهين جي پوري سڌ نه هئي سو پٽ کي ونئي ويو پاڙي واري جي اوطاق ۾ ۽ هڪ پيرمرد سان حال ڪيائين ۽ چيائينس ته پڇي ڏسوس ته ڪي ڄاڻي ڪين پئسا ٿي پاڻيءَ ۾ وڃهي ايندم. پيرمرد پڇيس ته حساب ڄاڻين؟ چي اُنهن ۾ ته پهريون نمبر آهيان. پلا ٻڌاءِ اڍائي پيسي اڍائي اُنب ته پئسي جا گهڻا؟ جواب ڏنائين ته ايهو ته سليٽ ڪڍان!

(٦٩)

گهوٽ ماءُ - ماءِ ـ ماڻئي، ماڻئي ڪرين ته ڇوڪر ١٦ ورهين جي هئڻ کپي.

ماڻئيءَ واري - پلا جي، ١٦ ورهين جي هڪ نه هجي ته اٺن اٺن ورهين جون ٢ ننڍگريون چوايان ته به ٺهيو نه؟

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٧٠)

ماءُ - جمنا، وري جي تو ٻليءَ کي هٿ لاتو آهي ته آءٌ ٻــ، توسان ساڳي ڪار ڪنديس، جــو لپاٽ هڻنديئڙس ته، توکي هڻنديس. جي ڪن پٽيندئڙس ته تنهنجا پٽيندس. جي ڇهنبڙي پائيند يئڙس ته توکي پائيند يس.

جمنا (ٿورو خيال ڪري) - امــان! آءٌ پڇ پٽيند يسانس.

(٧١)

دڪاندار - توکي ڇا کپي؟!

عرضدار - اوهانکي اُنيءَ وينيءَ لاءِ ڪــو ماٺوءَ کپي؟

دوڪاندار - نه، آءٌ سڀ ڪجهه پاڻ ڪندو آهيان.

عرضدار - اهڙي نوڪري ته منهنجي ذاتو جــي آهي.

(٧٢)

موذي هڪڙو ٻيڙيءَ مــان ڪري پيو. ميربحر ڇيس ته، هٿ ڏي ته ڪيانءِ. پر هي موذي ڏيــڻ جو اکر ٻڌي هٿ ڪ ڳهيري ئي نه. جڏهن غوطا کائڻ لڳو، ميربحر ڏٺو ته هاڻي ٻڏي ٿو تڏهن ڇيائينس ته، نه منهنجو هٿ وٺ. تڏهن موذيءَ هٿ ڪ ڳهيريو، ٻيڙيءَ واري گهلي ورتس.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٧٣)

ماءُ - پٽ ڌارُو، هيءُ صوف وٺ، وڏيءَ ڏل
سان ونڊي کائج. ونڊ کاءُ سڪ پاءِ.

ڌارُو - وڏيءَ ڏل سان ڪيئن ونڊيان؟

ماءُ - اڳلي کي وڏو ٽڪر ڏجي، پاڻ ڪٽجي ننڍو.
ڌارو ٿوري مهل ويچار ۾ ٻيٺي رهيو، پوءِ چيائين
جو ننڍيءَ ڀيڻ کي صوف ڏيئي چيائين ته راڌي تون
ورهاءِ وڏيءَ ڏل سان!

(٧٤)

ماستر - ڏسو ٿا! ته جي گهيٽو چيٺوان هجي ها ۽
واڙي مان پڃي نه وڃي ها ته ٻگهڙ ڪو کائيس ها؟

شاگرد - نه، پر پوءِ جيڪر اسين پڪڙي رڌي
کائونس ها!

(٧٥)

ننڍهن ڏينهن هڪ دڪان تي ڏاڍو گوڙ مڙيو پيلو
هئو ته ننڍو نينگر واڙو تي پوليس جمعدار کان پڇڻ
لڳو ته سائين، اوهان هن گوڙ ۾ ڪا مائي ڏٺي؟
پوليس واري چيو ته هائو، مون ٻچار ڏٺيون آهن.

چوڪر - ڀلا ڪا ننڍي نينگر ڪانسواءِ ڏٺيوَ؟ پوليس
واري چيو هائو. چوڪر سرهو ٿيو جو ڀانيائين ته امان
لڌي سو پوليس واري چيائين ته، اهو ننڍو چوڪر
آءُ آهيان، ڀلا مائي ڪاٿي؟

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٧٦)

هڪ سئنيما جي ناٽڪيءَ مقاطعي جي انهرافيءَ
لاءِ ڪمپنيءَ تي دعويٰ ڪئي. ٻچا نونس ته هيڏيءَ
رقم لاءِ دعويٰ ڇو ٿو ڪرين؟ جواب ڏنائين ته دنيا
۾ مون جهڙو ڪو ٻـ هوشيار ڪونهي. تڏهنتان ڪنهن
چيس ته پنهنجي ساک ڪو ڪونه ڪندو پاڻ کي ميان
مٺو سڏائڻ نٿو ٺهي. جواب ڏنائين ته برابر، ٺهي نٿو؛
چوندا ته هيءُ ڪو خود پسند ماڻهو آهي ۽ قسم لي
هرس لنهنڪري لاچار هوس.

(٧٧)

ڪنهن مندم کي ڪاني جي ڪوٺيءَ مان چور جو
آواز ٻڌڻ ۾ آيو. هئي اڪيلي؛ همت نه ٿيس ته هيٺ
لهي وڃان؛ پستول ۽ ڪٺي نٿي سگهي ۽ دانهن ڪرڻ
کان ٻه ڊني پئي. اِتي اچي چڱو خيال پيس. ڪمپت
۾ هڪ جهوني تختي سجهي آيس سا مساڻ ڪري
دريءَ جي ٻاهران ڪٺي ٽنگيائين. ٻجلي ٻتيءَ جي
روشني ٻرڻ ۽ اُنهيءَ دم ماڻهو اچي مڙيا ۽ ٣ ڄڻا
در ڪواي اندر لنگهي آيا. مندم ماڻهن جي اچڻ جو
ڏاڪن تي آواز ٻڌو تڏهن ڪرسيءَ ۾ ڪري پيئي ڇڻ
ته ڏندڻ پيا اٿس. ٻوءِ ته چورن کان ٻچي پيئي. چڱو
عقل آيس.

(٧٨)

ڪو فقير ڪڻڪ جو اَٽو وٺي ڪنهن گهر ۾ پچائڻ ڏيئي آيو. اِنهيءَ گهر ۾ ڪائيندا هئا جوڳ، سو مائيءَ ڇا ڪيو جو ڪڻڪ جو اَٽو رکي فقير کي جَوَن جي ميري ماني ڏنائين. فقير دانهن ڪئي ته، ماني ميري ڇو آهي؟ جواب مليس ته پچايم ته به اڇي، لٽي تان لاٿم ته به اڇي، ڪٽي ٽي آيس ته به اڇي، توکي ڏنم ته ميري ٿي پيئي. فقير قصي کي سمجهي مات ڪري هليو ويو. ٻئي ڏينهاڙي ساڳئي گهر آيو ۽ مائيءَ کي چيائين ته ٽالهي ۾ ڪٽورو ڏئي ته اَٽو ۾ گيهه وٺي اچان. مائيءَ کي لالچ ٿيني هئي سو اُمالڪ ڪڍي ڏنائين. فقير ٻئي ٽانوَ وڪٽي نڪر جي پاٽ ۾ ڪٽورو ڳنڍي اَٽو وٺي مائيءَ کي آڻي ڏنو. مائيءَ دانهن ڪئي ڇي مون ڏني ٽالهي ڪٽورو، تون نڪر جا ٽانوَ ڪٽي آيو آهين. چي مائي! ڪٽي ٿي ويس ته به ٽالهي ڪٽورو، اَٽو ورتم تڏهن به ٽالهي ڪٽورو، هيڏانهن آيس ٿي ته به ٽالهي ڪٽورو، ڪا اهڙي هوا ٿي لڳي جو توکي ڏنم ته نڪر ٿي پيا. مائي ڪٽي مات ڪئي. ڪڇي ڪئن؟

(٧٩)

هڪڙا هئا ٻه آفيمي. اُنهمان هڪڙي وهاري کي مٿي تي وار نالي ڪي ڪو نه هئو. هڪ ڏينهن

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

سنڌن رهڻ ڪنهن رڻ پٽ ۾ ٿيو. البت حقي جي عادت هئي، هين سو آڌيءَ جو جاڳي ٿي هڪڙي ڪني (جو گنجو نه هو) تنهن اُٿي ڳولا ڪئي ٽانڊي جي. اُن وقت چنڊ جي روشنائيءَ ٿي گنجي جي ٽوڙهه پيئي چلڪي. هن يار جي ليکي ته ڪا ٻاهه جي ٽانڊي پيئي آهي. ڪٽي چنتو لڳو ٽانڊو لاهڻ، تنهنتي هن ويچاري کي جو رسيو درد سو اُٿي پڳو. هن يار جي ليکي ته، شايد ڪو ٽانڊي ڪنهو پيو وڃي. تنهنتي چيائينس ته، ڏار "ساري ٽانڊي ڇائي ويندا هين. مستين ڪوَن اِڪ ٽانڊا ڏوائي وڃ!" هاءِ ويچارا آملي!!!

(٨٠)

جهرڪي ڪا وڻ تي ويٺي هئي. اُڏرڻ مهل وڻ کي چيائين ته پاڻ سنڀالج جو مان اُڏامان ٿي. وڻ کلي چيس ته تو جهڙيون لکين آيون ۽ ويون. هنتي پرواهه ئي ڪانهي.

(٨١)

ڪي ڏاهري ٻهراڙيءَ ۾ پيئي ويا. وات ته دابو ڪيائون. سيڌو سامان جو پاڻ سان کنيو هئائون سو سڀ ڪڍي رڌڻ جي تياري ڪيائون پر لوڻ ڪٽڻ وسري ويو هون. تڏهن چيائون ته وڃهي ڳوٺ مان لوڻ وٺي اچجي. پر وڃڻ جي ڪو به ڪونه ڪري. آخر وڙهندي جهڙندي ٺهراءُ ڪيائون ته جيڪو هاڻ

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

وات مان حرف ڪڍندو تنهنکي اسوڻ آٺو پوندو. تڏهن دست دلائي چپ پئجي ويهي رهيا. مٿان کي ماڻهو اچي لنگهيا تن سلام ڪين پر ڏسن تہ سلام ورائين ٿي نٿا ڏو نداڙي ٻيئن تہ بہ خير، تڏهن شڪيا تہ پاڻ ۾ جن کي ڏاهري ذات جا ٿا، سو هڪ ويجهي ڪڏ ۾ ويا جتي ڪ-ي اُڇليندا. تڏهن سڀ کان هيٺيون جو هٿو تنهن وٽي رڙ ڪئي ۽ چيو "هؤن"! تڏهن ٻين ڏاهرين چيس تہ لوڻ بہ آٺيندين ڏون!"

لومڙ جي دل (مريدار) (٨٢)

خدا موت جي ملائڪ کي طاقت ڏني تہ ڪل ساهوارا تنهنجي هٿ ۾ آهن مگر شرط اِهو تہ هرهڪ قسم جو وڙو سمنڊ ۾ اُڇلائجانءِ. لومڙ سهي ڪيو تہ ملائڪ ڪهڙي ڪم لي سنيريو آهي سو ڪيڏ ٻاڙي پکيڙي پنهنجي زال ساڻ ڪري سمنڊ جي ڪناري تي وڃي ويٺو. ملائڪ ٻنهي جو ڏهو پاڻيءَ ۾ ڏسي پانيو تہ لومڙ جو جوڙو بہ درياه ۾ وڌو ويم تنهنڪري لومڙ جو نالو نہ ورتائين. جڏهن ٻارهان مهينا گذريا تہ وڏي مڇي، ڪاريءَ جي مڙيئي رهاڪن کي پاڻ وٽ سڏيو پر لومڙ ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو. تڏهن ڪن وڏين مڇين کي حڪم ڪيائين تہ وڃي ڪيئي وٺي اچوس. مڇيون حڪم جون ٻنديون سي حرفت وڙهائي لومڙ کي وٺي آيون سو هڪڙيءَ جي پٺيءَ تي چڙهي ويٺو.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

جڏهن لهرون لوڏڻ لڳس تڏهن لومڙ خان ڳي جاڳ پيا ته مون سان دولاب ٿيو آهي. مڇين کان پڇڻ لڳو ته پينرون سڀ کريو ته مونکي هتي ڇـو ڪاهي آيون آهيو؟ تن وراڻيس ته اسانجي ته سردار تمهجي حرفت بازيءَ جي جا هاڪ ٻڌي آهي سو نيت اٿس تمهجي دل کائڻ جـي ته ڪيس ٻه تـو جهڙو عقل اچي وڃي. لومڙ چيو ته اديون، اها ڳالهه تـه ٻريندي ئي کريو ها. اسان لومڙن جي ٻر آهـي جو مسافريءَ مهل دل گهر رکي ايندا آهيون. هاڻي موٽي ڪناري تي وٺي هلوم ته دل کڻي اچان. جڏهن اچي سڪيءَ تي لاٿائونس تڏهن ئو، چرچو ڪري چوڻ ته خود موت جـي ملائڪ کي سرمو پائي ويس اوهان جهڙيون چسيون ڪهڙي چيز آهن؟

(٨٣)

شينهن ٻيلي ۾ مڙيئي جانورن جـي مانـي ڪئي. جڏهن سب کائي ڍءـي رهيا تڏهن شينهن پڇين تـه ڪئن؟ چيتي بلنگ ٻگهڙ لومڙ ۽ ٻين ڏاڍي ساراه ڪئي. جڏهن سوئر جو وارو آيو ته اُنهيءَ چيو تـه خير چڱي ملوڪ هئي پر گوشت اچا برابر ڪيو نه ٿيو هو. اهـو بانس ڪري وڃي ها ته مزو ڪري هـا. اِنهي سوئر وانگي ڪيترا ماڻهو آهـن جنکي چڱيون شيون ۽ چڱا ڪتاب ڪين وڻن پر ڪدا ۽ خراب.

(٨٤)

هو شهر جو چڱو ناليرو شخص پر هئو اهڙو ڪنجوس
جو ڪاٺيءَ مائيءَ تائين ڪل نه لاهي. سندس ڪڏائي
جي ننڍي وڏي ڪي ست هئي. ڪنهن سندس منياٺيءَ
جي شادي تي. نڪ مرڪڻ لائي؟ سوڪڙي پاڪڙي
نه ضرور ڏيڻي پيس. ويو ڪنهن دوڪان تي ۽ هڪ
سهڻو پنلو ڳري ناڻي جو نظر چڙهيس پر هو پيگل پرزا
پرزا ٿيل. ڇياڻونس ته اهو خريد ڪندين ته پيتيءَ ۾
۾ بند ڪرڻ جو خرچ پوندءِ. هن چيو چڱو. بند ڪري
فلاڻي هنڌ منهنجي هن ڪارڊ سان روانو ڪريو.
پانياڻين ته ڪولڻ مهل ڙال سمجهندي ته وات لي پيگو
آهي. اتفاق اهڙو ٿيو جو جنهن مهل اها پيتي آئي
تنهن مهل پاڻ به انهيءَ گهر ۾ حاضر هئو. پيتي کلي
ته ڇا ڏسن جو ٽڪر ٽڪر جدا ڪاغذ ۾ ويڙهيل
ٽڪرو جو دڪاندار ائين ڪري موڪليا هئا.

(٨٥)

ڪيول - تنهنجي مرضي آهي ته آءٌ توکي هڪ
روپيو اُڌارو ڏيان جنهن تون سنيما تي وڃين اسگهين؟
ڇو، مان ته ڪڏهن سنيما تي ڪونه ويندو آهيان.

گوپال - تڏهن تون ٢ روپيه اُڌارا ڏي ته توکي
پڻ وٺي هلان.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٨٦)

ڪرتار- امان، مونکي ڪجهہ پيسا ڏينديون؟

ماءُ - ڇو، ڇا لاءِ؟

ڪرتار- مونکي متان هڪ ڦورو گڏجي وڃي ۽ چوي "پيسا ڏي يا جان ڏي" ۽ جيڪڏهن مون وٽ پئسي نہ هجن تہ پوءِ ڇا ٿيندو!

(٨٧)

ڪو نئون صاحب مسوريءَ ۾ اچي رهيو، تنهن پير واري صاحب نالي جيمس جي ڌوٻيءَ کي ڪپڙا ڌوئڻ لاءِ ڏنا. جيمس صاحب هيٺ ڪريءَ تي رهندو هئو. ڌوٻيءَ ڪپڙا ڌوئي گڏهہ تي رکي پهريائين جيمس صاحب کي ڪپڙا ڏنا. پوءِ اُتيئي گڏهہ ٻڌي نئي صاحب جا ڪپڙا مٿي تي کڻي مٿي چڙهي ويو. ڪپڙا ٿورا ميرا ٿي پيا تڏهن صاحب جو اڃان هندوستاني پئي سکيو تنهن ڌوٻيءَ کي چيو تہ جيمس صاحب گدا، هم نهين گدا؟ ڌوٻيءَ چيو تہ صاحب آپ گدا نهين. تنهنتي صاحب وڌيڪ ڪاوڙيو ۽ ٻہ ٽي ڦول ڪوڻ لڳس. تڏهن صاحب جي مستريءَ جنهن سڀي ڳالهہ سهي ڪئي هئي تنهن ڌوٻيءَ کي سمجهايو تہ صاحب چوي ٿو تہ جيمس صاحب جا ڪپڙا گڏهہ تي آندءِ، منهنجا ڇو نہ گڏهہ تي کڻي آئين!!

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٨٨)

هڪ مدبر اخبار ۾ هيءُ اشتهار وجهايو:- ”هڪ مدبر کي گهرجي هڪ سهيلي جا شراب کان اصل پرهيز ڪندڙ هجي، رهت ۾ سٺي پوشيدي، ٻار ننڍائڻ ۽ بيمار جي ٽهل ڪرڻ البت ڄاڻندڙ هجي، گهر ۾ سکيو گذران، پگهار ڪونه ملندس“. ٿورن ڏينهن ڪانپوءِ ريل ۾ هڪ نوڪري آيس جنهن ۾ ٻليءَ جو ٻلونگڙو هئو، جنهن جي ڳچيءَ ۾ هڪ چٺڪي لٽڪيل هئي ته اوهان جي اشتهار پڙهندڙ هن شامل ٿيل جي سفارش ٿي ڪريان. هيءَ شراب کي ٻڪ به ڪين ڇهي، سٺي پوشيدي جهڙيس ڪا ٻولي ليندي، ٻار ننڍائڻ وغيره مان پڻ گهڻو واقف آهي جو ڏو عيال نپائي وڏو ڪيو اٿس. آسودو گهر ته نعمت ڪري سمجهندي ۽ پگهار جي طلب ڪانه اٿس.“

(٨٩)

ڪو فقير حجام جي هٿ ٿي ويو ۽ چيائينس ته الله ڪارڻ منهنجي حجامت لاهه. حجام قبول ڪيو ۽ سعوارت لاهڻ لڳس ته ڪتو جو اُتي هئو تنهن ڏاڍي پوڙڪ ۽ ٻهور لائي ڏني. گهر واريءَ وڃي روڪيس ته وري به ٿوري دير رکي گوڙ مچائڻ لڳو، تنهنتي حجام پڇڻ لڳو ته ڪتو دانهون ڇو ڪري؟ فقير جواب ڏنو ته نهانا ڪو الله ڪارڻ حجامت وٺو لاهيس.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٩٠)

هيرو - گلاب، مان سياڻي ڪانوني هن شهر ۾ ڪليڪٽر ٿيو آهيان.

گلاب - (ڪلهي) بيوقوف! تون ڪليڪٽر!

هيرو - چريا، مان بجلي ڪمپنيءَ جو بل ڪليڪٽر ٿيو آهيان.

(٩١)

هڪ دفعي هڪ ماڻهو پنهنجي ننڍڙي پٽ سان حيدرآباد وڃي رهيو هو ته هڪ فقير اچي چيو "سائين جن جو ٻچو وڏي! هڪ پئسو ڏيو." ماڻهوءَ خفي ٿي چيو، "اڙي! چئين ڇا پيو. خبر اٿئي ته منهنجي پٽ جي وڏڻ سان مونکي ريلوي جي سڄي ٽڪيٽ خريد ڪرڻي پوندي.

(٩٢)

گهر جو مالڪ (ڪڙ ڪائي سڏ ٿيو) :- ٻانهي، ٻانهي!

ٻانهي - جيءُ سائين، هوسڙيءَ مان ڪم لاهي مونيا ۾ ؟

مالڪ - در ته کول متان چوَڙت گسي وڃي، اٿائين ٻڌ. اڄ وات تي ياد آيم ته ڏيئو وسائي ڪين آيو آهيان، تيل نه ٻري وڃي.

ٻانهي - ساءِ اوهين الڪو ڪين ڪريو. ڏيئو تہ مون وسائي ڇڏيو هو پر پڌ ۾ جتي ڪين گني هوندءِ؟

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

مالڪ - ڏاهي ٿانهي، اُنهيءَ جو خيال نہ ڪر. جتي ڪڇ ۾ اٿم.

(٩٣)

تماشبين - (ٽپي ٽپي ٻاهر ٿي) تماشي واري کي چوڻو ته هيءُ نہ ڏني وائنني نڳي آهي. تو اشتهار ۾ چيو تہ اهڙو جانور اچي ڏسو جهڙو ڪڏهن ڪين ڏٺو هوندو. هيءُ تہ سچا ۵ فوٽ ۽ ۵ انچ ڊگهو آهي.

تماشي وارو - سائين! برابر! اهائي تہ عجيب ڳالهہ آهي جو ڊگهي ۾ ڊگهو جانور آهي.

(٩٤)

ماءُ چيو ڏيءُ کي مون توکي ١٠٠ روپين جا ڪپڙا جوڙائي ڏنا آهن. پٺهي پهچڻ تہ چڱا نس ٥٠ روپيا خرچ آيو. پوءِ تہ ڇوڪري توڙي پيا ٻار سڀي ڪري ويا. ماءُ سيکارڻ ڪوڙ ڳالهائڻ سو پيءُ کي تہ نڳيندا هئا پر ڪو اهڙو وقت ايندو هئو تہ ماءُ سان بہ ڪوڙ ڳالهائي ويندا هئا. ماءُ جو ٻارهيل سبق چڱو ياد ڪري ڇڏيو هئائون.

(٩٥)

مئجسٽريٽ - (چور کي) تو چوري ڪئي آهي تنهن ڪري توکي هڪ سال جيل ٿو ڏيان.

چور - سائين! چوري مون ڪونہ ڪئي آهي پر منهنجي ساڄي هٿ ڪئي آهي.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

مئجسٽريٽ - چڱو تنهنجي ساڄي هٿ کي ڇا سزا آهي. تون ٻلي وڃ.

چــور ٿهه ٻهه ٻهڻجي کاٽ جـي نقلي ٻانهن مئجسٽريٽ اڳيان رکي هليو ويو.

(٩٦)

ماستر (شاگرد کان) - اڪبر وڏو يا ٻابر؟

شاگرد - سائين! ٻابي چيو اٿم ته ڪڏهن به ماستر صاحب سان بحث نه ڪجِ.

(٩٧)

دوائون وڪڻندڙ - (گراهڪ کي) گذريل ٢٥ سالن کان مان هي دوائون وڪڻي رهيو آهيان پر هڪ ماڻهوءَ به اُنجي دانهن نه ڪئي آهي. ڇاهو ڇا ٿو ثابت ڪري.

گراهڪ - ته مئل ماڻهو ڳالهائي نه سگهندا.

(٩٨)

بئريسٽر - (ٽڪڙو ٿي) تنهنجي عمر؟

شاهد - ٧٢ ورهيه.

بئريسٽر - هن ۾ شڪ نه آهي ته هــن وقت تنهنجو حافظو ايتري قدر تيز نه هوندو جهڙو هنکان ويهه ورهيه اڳ هئو.

شاهد - آءٌ نٿو سمجهان ته ڪا اِهڙي ڳالهه هوندي.

بئريسٽر - ڀلا هنکان ١٢ ورهيه اڳ جـي ڪا ڳالهه ٻڌاءِ.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

شاهد – ڀيرين توهين فلاڻي اسڪول ۾ پڙهندا هئا.

ٽريسنر – هائو.

شاهد – مونکي ياد آهي تہ اوهانجي والد هڪ دفعہ منهنجي دوڪان تي اچي تمام عاجزيءَ سان چيو هئو تہ، سياڻي منهنجي ڇوڪر جو امتحان آهي، مهرباني ڪري هڪ جوڙو ڪپڙن جو ڏيو تہ يڪي امتحان ۾ وڃي، جو مون ڏنو مگر هنجي قيمت اڃا تائين نہ ڏني اٿس. اِها ڳالهہ جڳڪ ڪالهوڪي آهي.

ٽريسنر- بس! بس! وڌيڪ ڳالهائڻ جي ضرورت نہ آهي.

(٩٩)

ڪوريا ڻيءَ ڪان ڪا ڪجهي ڦڪي ڳالهہ تي ويئي. گڏهہ جو اُنهيءَ ڻاڻي اڳيان بيٺو هئو سو اُٺي هلڻ لڳو ڪوريا ڻيءَ کي انديشو ٿيو تہ متان شهر ۾ وڃي ڳالهہ ڪري ۽ ڏنو ڪري يمر سو اُنهيءَ جي پهچڻ ڪان اڳہ شهر ۾ پڙهو ڏيار يائين تہ ڪوريا ڻيءَ فلاڻو ڪم ڪو نہ ڪيو آهي، گڏهہ جي ڳالهہ تي اعتبار نہ ڪجو.

(١٠٠)

هڪڙي بادشاه ٻئي بادشاه کي چوائي موڪليو تہ ”هڪ نقرو گهوڙو ڏياري موڪليم يوري پڇ سان نہ تہ ...“

تنهنتي هن چڙ ۾ اُبهر ۾ جواب ڏياري موڪليس تہ

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

”مون وٽ اِهڙو گهوڙو آهي ڪونه، پر هجين ها...“

پوءِ ته ٻنهي پاڻ ۾ جنگ ڪئي. جڏهن ٻنهي جا لشڪر ۽ پيسا پورا ڪري رهيا ۽ ٻنهي جا ملڪ تلف تاراج ڪري رهيا تڏهن پاڻ ۾ صلح جون ڳالهيون ڪرڻ لڳا پر صلحنامي تي صحيح ڪن تنهن کان اڳي ضرور هئو ته هڪٻئي ۾ جي چڙ جا پيغام موڪليا هئائون تن جي صفائي ٿئي؛ تڏهن ٻئي بادشاهه پهرئين کان پڇيو ته اوهان جو چوائي موڪليو ته، هڪڙو نقرو گهوڙو پوري پڇ سان ڏياري موڪليو نه، ته...... تنهنجو مطلب ڇا هئو؟ هن چيو ته منهنجو مطلب هئو ته جي نقرو گهوڙو پوري پڇ سان نه هجي ته، ڪنهن ٻئي رنگ وارو موڪلجو. پر ٻڌايو ته اوهان جو جواب ڏنو ته مون وٽ نه آهي پر جي هجي ها ته...... تنهنجي معنيٰ ڪهڙي هئي. جواب ڏنائين ته، مطلب هوم ته، جي هجي ها ته ڏياري موڪليان ها. سمجهاڻي ته-، پوري نڪتي تنهنڪري صلح ٿي ويو. ماڻهو جو پاڻ جهڳڙا ڪندا تنهن جو ڪارڻ هي، اِهڙو اڄايو ۽ مورڳائيءَ جو هوندو آهي جهڙو پوري پڇ واري نقري گهوڙو وارو هئو.

(١٠١)

ڪو نوجوان جو اڃا ڪنوارو هئو سو ٽيپ ٽاپ ۽ ٽيگر ويگر سان پاڻ ڇنڊ ڦنڊ ڪري ويو. واٽ تي ڪنهن

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

شخص پڇيس ته ادا، منهنجي ڪا ريءَ جهنگ ۾ رولو ڏنئه! نوجوان پڇيس ته ريءَ ڪيڏي ٿيندي آهي. هن جواب ڏنو ته گوڏي جيڏي. تنهن تي نوجوان چيس ته ادا گوڏي کان هيٺ ته اسانجي نظر ئي ڪانه پوي. سو توهان تو ريءَ جو پڇين. پر ملا اسانجو نهارڻ متي سو اسانکي ڏسڻ ۾ ڪٿان ايندي. خير اهو زمانو به گذريو. آخر اهو نوجوان پرٽيو ترٽيو ۽ ٻارن ٻچن وارو ٿيو هڪ لڳا زال ساڻ ڪري ڪو ٻار ڪلهي تي ڪو پٺيءَ پاڏو ڪري پئي ويو ته نه ڄاڻان اهو شخص گڏيس جنهن ريءَ بابت پڇيو هوس تنهن هن پيري وري وچايل اُٺ بابت پڇيس. چيائين ته اُٺ ڪيڏو ٿيندو آهي. جواب ڏنائيس ته مُڙس کان به گهڻو وڏو ٿو ٿئي. هن ورندي ڏني ته اسانجي نظر آهي ڌرتيءَ ۾، سو جي لنگهيو هوندو ته به ڪهڙو عجب آهي؛ پاڻکي سماءُ ڪونهي. تڏهين پڇيائينس ته اهي جوانيءَ وارا ڏار ڪيڏي ويا جو اڳي هيٺ نظر نه پوندي هئي. جواب ڏنائين ته، جهڪ پنيان نئو ڏسين جنهن جوانيءَ جا ڏار ٽوڙي ڇڏيا

(١٠٢)

ڪا زال مرد سان رني سا ڳالهائيس ئي نه پيئي. ڏهه ٻارنهن ڏينهن گذري ويا. آخر هڪ لڳا آڌيءَ رات اٿي ڪجهه ڳولڻ لڳو؛ جارا ٻيو نهاري، ميز جا

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

خانا پيو کولي، کبٽ پيو کواي ۽ نيٺ ڙال جو کبٽ
کولي اچي کپڙن کـــي اُنلائڻ پتلائڻ لڳو تنهنتي ڙال
پاڻ جهليئي ۽ سگهي ۽ اماڪ چڙ مان پڇڻ لڳس تـ
چا ٿو نهارين . ڇي تنهنجي واس لاء جو هيترا ڏينهن
بند رهيو آهي .

(۱۰۳)

مزو ڪينهي!

هڪڙي خالي دوا جـي شيشي هٿ ڪريو ۽ ميز
جي ڪناري تي رکو جئن ڳچي ڪناري جـــي مٿان
هجي. پوء ٿشو پيپر يعني پڙرو پنو ڪٽي اُنکي وڙهي
سيڙهي ننڍي ڳوڙهـي ڪريو. ٻاٽليء جـــي ڳچيء
اندرون اُهو ويڙهيل ڪاغذ رکو اُن جي اندر ٻـــر
ڪناري وٽ ۽ پوء وٺي زور سان ڦوڪيو. هاڻي اُهو
ويڙهيل ڪاغذ ٻاٽليء ۾ اندر وڃـــڻ بدران پيو ٻـاهر
نڪندو ۽ ڪيترو ٻه ڦوڪبس تـ اندر نـ ويندو. مزو
ڪينهي؟

(۱۰۴)

ميرن وٽ طهر يا شادي ٿيندي هئي تـ ڪامورن
مان هڪڙي هڪڙي کي ورهيـ تي مقرر ڪندا هئا.
ڪو چانورن تي، ڪو گيهه تـي، ڪو اٽي تـــي ڪو
مهمانن لاء تڏي تڏوريء تي . پوء هڪبئي ۾ صـلاح
ڪري مٿا سٿا ڪندي پنهنجا گهر ٻه وساريندا هئا .
هڪ لڳا جڏهن ڪارج پورو ٿيو تـ مير منشيء ڪـان

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

پڇيو ڪيترا خرچ گهٽيائي؟ چي ڏون هزار. تڏهن وري مير پڇيو ته اڳلي مير دي ٻيٽي دي طهر هوئي سي، اسدا ڪيترا خرچ آيا سي؟ چي سائين ٽره هزار. مير چيو ته تڏي تو ميري عزت گهٽ ڪر ڏتي. چي ساءِ خرچ ته گهٽ هيا ته پيڪا وڌا هيا. مير چيو تـــ يار پيڪا وڌا هئا! منشي تو قر حساب ڏيکه؛ تڏهي چڪ ته نهي گتي هيءِ. وري منشي چيو ته ساءِ ٽره هزار پنجاه. مير چيس ته ٽشڪون آفرين.

(١٠٥)

هڪڙ يائي اراد ريءِ جا ٣ ڄڻا هڪ لڳا اسپتال مان گڏ ٻڌي نڪتا ته هڪڙو سفيد ريش يهودي در وت گڏ ٿيا ۽ پهرئين کيڪاريس جيءُ جيءُ ڏاڏا ابرهيم، پٺي ڏاڏا جيڪب پڪاري خوش خيرعافيت ڪيس ته ٽئين وري ڏاڏا جوزف ڪري سڏيس.

"معاف ڪجوم" پيرمرد نهر سان وراڻيو، جڏهن ٽيئي آءٌ ياءُ ڪري چڪا هئا، "اوهين ته ڀلا آهيو، آءٌ نه ابراهيم، نه جيڪب ۽ نه وري جوزف آهيان. نه سال آهيان پٽ ڪش جو، جيڪو پيءُ جا گڏه وڃائي ويو هئو سي اڃهي ڳولي لڌا اٿم.

(١٠٦)

هڪڙو ڊاڪٽر ٽڪڙو ٽڪڙو مريض جي ڪمري مان ٻاهر نڪري رهيو هئو جو هڪڙي مزدور کيس

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڪيڪاري چيو، هلو ڊاڪٽر صاحب مان اوهانکي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان......

"مان ترسي نٿو سگهان." ائين چئي ٻاهر نڪرڻ لڳو. مزدور دانهن ڪئي، "پر سائين! ذرا پيهو ته، مونکي ڪجهه چوڻو آهي؛ اوهين نه. لائق قابل ماڻهو آهيو ۽ نالي جي پنيان ڪيڏن نه اڪرن واريون ڊگريون لڳل آهن."

"چؤ چؤ جلد چؤ. ڇڏ گستاخي!" ڊاڪٽر ڏمرجي چيو.

"پر سائين! اوهانکي سڌ آهي ته آءٌ ڪير آهيان، منهنجي زال اوهانجي گهر واريءَ کي چڱي طرح سڃاڻي ۽ ۽...... همراهه تيزيءَ سان چيو "۽ توهانجي گهر جا ڪپڙا به ڌوئندي آهي."

"واهياٽ! هل هل! مونکي وقت ڪونهي!" ڊاڪٽر چيو.

"پر ۽ ائين ڪرڻ نه جڳائيو. هڪڙي ڳالهه ضرور ٻڌائڻي اٿم. اوهانکي خبر ئي ڪانهي." چڱو! سگهو ٻڌاءِ! ڪهڙي ڳالهه آهي! ڊاڪٽر پڇيو. "جو اوهانجي قميص مونکي پيئي آهي، ڏسو نٿا! اوچتو اٿــر ڏنائينس.

(١٠٧)

هڪڙي ڪنير ٻاڻيءَ وٽ هڪ گڏهه هوندو هئو جو گڏهه ٣٠ ڪنگر ڪڻندو هئو ۽ هن گڏهه تي اها

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

زال چڙهي پيڪن ويندي هئي. ڪن ڏينهن کان پوءِ
اِهو گڏهه مري پيو ۽ هوءِ زال به سندرو ٻڌي اوسارڻ
لڳي. ٻيون به زالون آيون ۽ ڪنيرياٽيءَ چيو ته هيءَ
هيءَ جو هينگهه هئو. تنهنتي ٻين وراڻيو ته ”پيڪن جو
سڪ هئو ”ڪنيرياٽيءَ چيو ته ٣٠ ڪنگر ڪٽيندو هئو!”

(١٠٨)

ٻهراڙيءَ جو نيپالي ويو هڪ ڏوراهين ٻيءَ جي
نيپال ڏني ۾ خط وجهڻ، پر ڏسي ته طوفان ۾ ڏيو
ڇيهون ڇيهون ٿيو پيو آهي، سو ڇا ڪيائين جو ميل
کن پنڌ ڪري ڪڙميءَ کي گهر ۾ وڃي ڇنايائين ته
نيپال جو ڏيو هوا نڪر نڪر ڪري ڇڏيو آهي؛
تنهنجو خط ڏيوار ۾ هڪ ٽونگهه ۾ وجهي آيو آهي.

(١٠٩)

هڪ لڳا ٢ حبشي ويا جهنگهه مان ماکي لاهڻ.
کنهن اوچي وڻ جي چوٽي تي ماکيءَ جو مانارو
ڏٺائون جيڪو ٻنهي مان سگهو هئو سو چڙهي ويو وڻ
تي ۽ ٻئي جٽي مکين کان پي گيري کرڻ لاءِ ٻاري
ٻاهه ۾ اتفاق سان ٽاري جنهنتي ماکي لاهيندڙ بيٺو
هئو. سا پڇي پيئي ۽ مڙس مٿان تي اچي هيٺ پٿهنجي
سگتيءَ تي پيو سو اُتي مري ويو ۾ ڪرندڙ کي
فقط سخت چوٽ آئي. مائٽن اچي معاملو ميڙيو ڇي اسانجو
خون پري ڏيو، خونيءَ جو سر ڏيو. پنچاهت گڏ ٿي

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

۽ ڳوٺ جي چڱي مڙس کي منصف ڪري ٿاڦيائون ۽ تنهن ٻنهي طرفن جـو ڳالهيون ٻڌي سليمان بادشاهه جهڙو فيصلو ڏنو ته تهمتي، برابر خون ڪيو آهي تنهن ڪري فوتيءَ جي مائٽن کي حڪم ڪو ڏيان تـه وڻ تي چڙهي ٽولي هڪڙي پنيان مٿان تي ڪرن جيئن تون مرين. اِنهيءَ حڪم ٻڌائڻ تهمتي تـه وڻ هيٺان وڃي ويٺو پر فوتيءَ جي مائٽن مان ڪنهن کي بـه همت نه ٿي جو حڪم جي تعميل ڪري!

(١١٠)

ڪنهن اخبار ۾ پيو ته شام جو ليڪچر ٻڌڻي هئي ته ”هميشه تندرست ڪيئن رهجي“ سا نه ٻـڌي سگهندي جو ليڪچر ڏيندڙ سخت سنڌن جـي سور سبب بستري تي داخل آهي!

(١١١)

ايران جي شاه پاران شاهه جهان بادشاهه جي دربار ۾ ايلچي هوندا هئا. بادشاهه کي سلام ڪندا هئا سو ايراني نموني جو، سر زمين تي ڪين جهڪائيندا هئا. بادشاهه کي اهو نمونو پسند نه هئو. هڪڙي ڏينهن مهمانن هڪڙي جي هٿ پيچ لاءِ ڇا ڪيائين جـو ديوان خاص جو دروازو بند ڪرائي فقط ننڍي دري کليل رکيائين جتان لنگهڻ ڪري سر ضرور نمڙائڻو پوندو پر ايلچي چڱو سبق پڙهيل هئو. ڪيائين ڇا جو بادشاه

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڏي ٻئي ڪري اندر گهڙيو. شاهه جهان کي ڏاڍي
چڙ آئي چي ڪمبخت، تو ڇا سمجهيو تہ پاڻ جهڙن
گڏهن جي طبيلي ۾ تو گهڙڻ ڇا؟ تڏهن تي هن ترت
جواب ڏنو تہ برابر ائين ٿي سمجهيم. ههڙيءَ دريءَ
مدجهان لنگهڻ مهل ڪير پائيندو تہ گڏهن ٻنهي
ڪنهن جي ملاقات ڪرڻ تو وڃان؟

(١١٣)

ڪا زال مرد ڪي چوندي هئي تہ آءٌ ڪان ٿي
ڪين. هڪ لڳا مرد چيو تہ آءٌ ٻاهر نڪران تو ٻر سچ
مچ ويو ڪين. ڪنڌ تي چڙهي منگهہ ۾ لڪي ويهي
رهيو. زال پڻ پالهو ڏسي دروازو بند ڪري اٿو گيهہ
۽ کنڊ ملائي اسڙي پچائي. مڙسس تہ رنگہ ويني ڏنو.
جڏهن جڙي جڪي کائڻ ويٺي تہ هن بہ اڇي درلي
ڪڙڪو ڪيو. مڙس کي ڏسي زال دل ۾ چيو، تہ
ڏاڍي جت أي تہ ايتري ۾ اٿر پاسي کان شاديءَ
جي جڃ اچي لنگهي، دهل پئي وڳا تڏهن زال مڙس
کي چيو تہ اٿر پاسي پولڪ وڃن تون ڇو نہ جائين؟
تڏهنتي تو اٿر ڏٺيس چي اُسڙ ۾ جا بسڙ پڪي سا ڇو
نہ کائين؟

(١١٤)

پاڙيسريءَ جو ننڍڙو ڇوڪر - بابا تو ڇوي تہ اڄ
رات لاءِ توهين اسانکي پنهنجو فونو اُڌارو ڏيندا؟

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

فوني وارو:- ڇو مهمان آيا آڻو ڇا ؟
نعيڙو ڇوڪر :- مهمان ته ڪونهن، پر بابا کي ننڊ
ڪرڻي آهي.

(١١٥)

گوپال :- تنهنجي چاچي سان گڏجڻ جو ايا ته مون
کي شيءِ موقع ڪو نه ٿو ملي.
سندر- ڪهڙي پڪ اٿئي ته اهو موقع شيءِ موقع
ٿيندو.

(١١٦)

ماءُ (ڪاوڙجي) رضيه ! مان توکي جيڪا نصيحت
ٿي ڏيانءِ سا هڪ ڪن کان ٻڌي ٻئي مان ڪڍي
ٿي ڇڏين.
رضيه - اَمــا تڏهن الله ميان ٻــه ڪن ڇا لاءِ
ڏنا آهن ؟

(١١٧)

ماستر - (نقشي طرف اشارو ڪري چيو) ساجن !
ٻڌاءِ نقشي ۾ پاڻي ڪٿي آهي.
ساجن (غور سان نهاري)- سائين، مونکي ته اٽالي
ڪٿي به نظر نٿي اچي. پاڻي هجي ها ته الـو ڪين
ٿي پوي ها؟

(١١٨)

يوسف پنهنجي پيءُ کي چيو، اَبا، مونکي هڪ

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ننڍو ٻاجو آٽي ڏي.

ٻيءُ - پٽ! ٻاجو آٽي ڇو نہ ڏيان، پر ٻُڌ پُ اٿم تہ تون هروقت وڃائي منهنجي ڪم ۾ رنڊڪ پيو وجهندو آهين.

يوسف - نہ آبا، مان انجام ٿو ڪريان تہ فقط اُن وقت وڃائيندس جڏهن اوهين ننڊ ۾ هوندا.

(١١٩)

درگا (هڪ انگريز دوا وڪڻڻ واري ڪان) - مون کي هڪ خالي شيشي کپي.

دوڪاندار - خالي شيشي ٻـي آني ملندي مگر جيڪڏهن اُن ۾ ڪا چيز هن دڪان تان وٺي وڃڻ ٿي ويندا تہ شيشي مفت ۾.

درگا - چڱو، شيشي ۾ ٽيءَ سان ڀري ڏي.

(١٢٠)

پيءُ - ڇو، مراد! اِسڪول ۾ توکي ڇو ٽين نمبر ڪان وڌيڪ نٿو ملي؟ ڳالهہ ڪهڙي آهي؟

مراد - آبا، مان ڇا ڪريان. اِسڪول ۾ ڇوڪرا جام آهن. ٻہ ٽڪن کي اڳواٽ ئي موڪل ٿي ملي. باقي وڃي ٿا چار ٻہ ٻچن.

(١٢١)

شامون - بابا! اوهانکي ڪجهہ فرصت آهي؟

پيءُ - ڇو؟ ڪهڙو ڪم آهي؟

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

شامون - مونکي ٿورا ڳالهڙو ڏيو.

پيءُ - سو ڇو؟

شامون - اوهان مونکي درياهہ تي اشنان ڪرڻ کان منع ڪندا آهيو ۽ اڄ مان ضرور وهنجڻ چاهيان ٿو. ان ڪري اول ٿي ڳالهڙو ڏيوم تہ پوءِ جو فڪر نہ رهي اشنان تہ مزي سان ڪندس.

(١٢١)

استاد - ظفر! ڪالهہ تون اسڪول مان ڇو غير حاضر رهئين؟

ظفر - سائين، منهنجي ڏند ۾ سور هئو.

استاد - ڀلا هاڻي سور ڪٿن اٿئي؟

ظفر - سا تہ ڊاڪٽر کي سڌ. هن منهنجو ڏند ڪڍي پاڻ وٽ رکي ڇڏيو.

(١٢٢)

خورشيد - ناني! ڇا توکي منهنجيءَ عينڪ سان ننڍي چيز وڏي ڏسڻ ۾ ايندي آهي؟

ناني - هائو، ڌيءُ!

خورشيد - تڏهن مونکي ٽول وراهي ڏيڻ مهل عينڪ لاهي ڇڏيندي ڪر.

(١٢٣)

استاد - دائود! تنهنجي بدن ۾ ڪيتريون هڏيون آهن؟

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

دائود - هڪ سؤ اٺ،
اُستاد - نہ هڪ سؤ ستٽ.
دائود - ڪتاب ۾ ٻرابر هڪ سؤ ستٽ لکيل آهـن ٻر اڄ مان هڪ گوشت جو هڏو رڙڪي ويو آهيان.

(۱۲۴)

ڊاڪٽر - بيگم صاحب! توهانجو ڇـوڪرو هميشه ٻٽ ٻٽ ڪندو آهي.
بيگم - نہ ڊاڪٽر صاحب! رڳو ڳالهائڻ وقت.

(۱۲۵)

ٻہ ٻنا لوهار گڏ ڪم ڪري رهيا هئا. هڪ ڏينهن اُنهن مان هڪ گرم لوهہ اهرن تي رکي ٻئي کي چيو:- جہ جہ جہ جہ جلد ڪ ڪ ڪ ر هہ هہ هہ هہ ٺو ٺو ٺو ڙ وهہ هہ هڻ.
ٻيو- ڪ ڪ ڪ ڪ ٿي هہ هہ هہ هہ ڻان؟
پهريون - نہ نہ نہ نہ هيو نہ نہ ري وووڃو.

(۱۲۶)

هڪ ٻادشاهہ ڪنهن شاعر کي گهوڙو ڏنو ۽ هـو راتو رات مري ويو. صبوح جو ٻادشاهہ شاعر کان پڇيو تہ گهوڙو ڪئن هئو؟
شاعر - تمام تيز، هڪ ئي رات ۾ هـن جهان کان ٻئي جهان تائين وڃي پهتو.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(١٢٧)

ماستر - (اِسڪول ۾) ڇوڪرو! ٻانڊر ڇا کائيندو آهي؟

ٻڍن چند ر - ڪٽڪ ، ڇانور، انب، زيتون، روٽي، ڇٽا وغيرہ سڀ شيون کائيندو آهي.

نريند ر - نہ! سائين! ٻڍن چند ر ڪوڙ ٿــو ڳالهائي. اڇا ڪالهہ مون ٻاند ر کي ڏنبا کائيندو اکين سان ڏٺو.

(١٢٨)

هڪڙي مهاشيہ جي نوڪري ڇڏائجي ويئي سـو بيڪاريءَ کان اڇي تنگ ٿيو. پنهنجي هڪ مترکـي پئسي جي تنگيءَ ٻابت حال ڪيائين ۽ پڇيائيمس تہ مان بيڪاريءَ کان ڪهڙيءَ طرح ڇٽان؟ ڪو اُپاءُ تہ ڏس.

متر - تو وٽ ڪجھہ پئسا ٻچيل آهن؟

مهاشيہ - هائو! آهن.

متر- تہ اُنهن پئسن مان آفيم وٺي، ٿورو ٿورو کائيندو وڃ.

مهاشيہ - جناب! منهنجي زال ۽ منهنجن ننڍن ننڍن ٻارن جو ڪهڙو حال ٿيندو. اُنهجي رکشيا ڪير ڪندو؟

متر - تون اُنهجي ڇنتا ئي نہ ڪر. مان هيئنڙ جو هيئنڙ وڃي اُنهنکي اَناٿ آشرم ۾ داخل ڪرائي اُــو اچان.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(١٢٩)

هڪڙو وديارٿي پاٺشالا مان غير حاضر هئو. گروجي سوير سندس گهر ويو. ڇوڪر چالاڪ هئو. اُن گروجيءَ کي ڏسي ڪسڪي وڃڻ جو پهه پچايو. گروءَ پريائنئي ڏسي ورتس ۽ چيائينس ته اي ڇوڪر ايهه اٿي؛ ڇوڪر تهه پهه وراڻيو، ”جي هان گهران ڪرسي ڪٽي نـــر اچان“.

(١٣٠)

مالڪ (سندس نوڪري پوري ٿيڻ تي نوڪر کي ٿو چوي) - بندء! هاڻي تــه آمدنيءَ جــو ڪو ڪوئي وسيلو ڪونهي. اڄ بازار مان سٽوُ وٺي اچ.

نوڪر- (جو روز مالڪڙن ڪاڻڻ تـي هريل هئو) - سرڪار! مان ڇو سٽوُ (اٽو) کان؟ نوڪري ته اوهان جي ويئي آهي نه؟ منهنجي نوڪري تــه اچان قائم آهي نه!

(١٣١)

هڪڙو چور چوري ڪرڻ ويو. ڪمبختيءَ وچان جاء جو مالڪ جاڳي پيو ۽ چور کي پڪڙي ٿاڻي تي موڪلي ڏنائين. مئجسٽريٽ اڳيان چور کي آلدو ويو.

ماجسٽريٽ (چور کي)- توکي ٦ مهينا جيل جـــي سزا ٿو ڏيان.

چور- پلي! مگر هٽ ٿو جوڙيان ۽ ٻه مهينا سزا

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

معاف ڪجو نه ته مونکي سخت نقصان پوندو.

ماجسٽريٽ - گھاٽو؟

چور- هائو اهي به مهينا اسانجو ڪمائڻ جو وقت آهي.

(۱۳۲)

ماستر- تون ڏاڍو حرڪتي آهين. سياڻي پنهنجي پيءُ کي وٺي اچج.

ڇوڪر- پنج روپيه ڏيڻي پڌجو.

ماستر- ڇو؟

ڇوڪر- منهنجو پيءُ ڊاڪٽر آهي، هنا فيءَ جي ڪٽي ڪونه وٺندو آهي.

(۱۳۳)

مالڪياڻي (نوڪرياڻيءَ کي)- تون تنهنجي بدبختيءَ بابت ٻڌو آهي مونکي سچ پچ ڏاڍو ڏک آهي.

نوڪرياڻي - سچ ٿي چوين مائي! پر انهيءَ بدبختي سان منهنجو واسطو نه آهيئي ڪونه.

مالڪياڻي- پر تنهنجو مڙس ڪالهه گرفتار ڪين ٿيو؟

نوڪرياڻي- هائو مائي! بيشڪ ٿيو آهي پر اها نه هنجي بدبختي ڇئبي نه منهنجي!

(۱۳۴)

ڪشن جي ماءُ (پٽ کي ٻيڙي ڇڪيندو ڏسندي)- ڪشن توکي سڌ آهي ته ننڍڙن ڇوڪرن کي تماڪ

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

نہ ڇڪڻ کپي. اِها عادت وڏن کي ٺهندي آهي.
ڪشن - امين! ٻيڙي ڇڪڻ ۾ ڪهڙو هرج آهي.
تو ڪين ڏنو آهي تہ بابا ڪيترو ڪيترو وقت منهنجي
راند پڪڻ سان ويهي راند ڪندو آهي.

(١٣٥)

ڪنهن ڊاڪٽر ويٺي ٻڌاڪ هڻي تہ ڪو بہ سندس
گراهڪ سندس علاج ۽ دوا جي دانهن نہ ڪندو آهي.
ڪنهن نقطچين چيس جناب! جـــي هيڪر مئا ســي
وري ڪڏهن موٽيا جي اچي دانهن ڪندا.

(١٣٦)

ائين برابر آهي تـــہ منهنجي ہٿ پنج ورهيہ اڳـــہ
اوهانکان هڪ سوٽ ورتو هئو؟
"هائو سائين! برابر اُها رقم رهي پيئي آهي جا
هن اڄا نہ ڏني آهي. ڇا اوهين اُهـا رقم ادا ڪرڻ
آيا آهيو نہ؟!
" نہ بہ مان اُهڙو سوٽ پنهنجي لاء ساڳين شرطن
تي وٺڻ آيس."

(١٣٧)

ماستر - تون مونکي تنهنجو نوٽبڪ ڏيکار.
وديارٿي - اڄهو سائين! ڏسو.
ماستر - بيوقوف! ايڏا وڏا اکر ڇو لکيا اٿئي؟
وديارٿي- ساء اِنهي لاء اوهانکي عينڪ پائڻ جي

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

تڪليف نہ ڪرڻي پوي.

(١٣٨)

نجومي (همٿ ڏسي) - مان چئناءُ ٿو ڏيڻ لاءِ جلد ئي هڪ ڪارو ماڻهو توکي رستي تي اوڙانگهيندو موٽو وارو - ڇو نہ ٿا اُنهيءَ ڪاري ماڻهوءَ کي چئناءُ ڏيو.

(١٣٩)

"اي! اُلي مٽي صوف جي وڻ تي ڇالو ڪرين؟"
"ڏسو نٿا نہ هيٺ چئناٽي لڳي پيئي آهي تہ سائي ڇپر تي ڪوئي پير نہ ڌري سو آءُ مٿي وڻ تي چڙهي اچي ويٺس".

(١٤٠)

ٽيٽي (ريل ۾) - اڙي واڻيا! پنهنجي ٽڪيٽ ڏيکار.

پٽ - بابا! هي ڇو آيو آهي؟

پيءُ - ٽڪيٽ ڏسڻ آيو آهي.

پٽ - ڇو، هيڏو وڏو ٿي ويو آهي تہ ڪڏهن ٽڪيٽ ڪانہ ڏٺي اٿائين؟

(١٤١)

جج - تنهنجي عمر گهڻي آهي؟

شاهد - ١٦ ورهيہ سائين!

جج - ڪوڙ نہ ڳالهاءِ. ١٦ ورهين کان گهڻو وڏو

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڀيو لڳين!

شاهد - حضور سچ ٿو چوان. ڳالهه ڇا آهي جو مان ڄائو هوس ۲۹ فيبروري تي، سو منهنجو جنم وار هر چوٿين چوٿين سال ٿو ڦري اچي.

(۱۴۲)

حضرت موسيٰ کي هڪڙي ڏينهن سندس پوئلڳ چنبڙي پيو، چي قبلا! آءٌ به سائين جن سان گڏ سفر تي هلان. حضرت موسيٰ چيس قبول پر شرط هيءَ آهي ته مونکي ڪو به ڪم ڪندو ڏسين ته سوال نه پڇندين. مريد اهڙو واعدو ڪيو.

هڪڙي ڏينهن ٻئي ٿڪجي ٽٽي اچي ڪنهن شخص وٽ مهمان ٿيا. ان ويچاري هنن جي ڏاڍي خاطرداري ڪئي. رات جو اوچتو مريد جان ڪٽي اک کولي ته ڇا ڏسي ته حضرت موسيٰ ميزبان جي پٽ ويٺو پچي ۾ ڦاهي. حيران ٿيو ته هيءَ ڇا؟ ڇا ميزبان جي ڀلائي، ڇا اسانجي نمڪ حلالي؟ خير ڏنل قول ياد پيس سو ڪڇيائين ڪونه. رلي ٽاڻي سمهي پيو. صبوح جو ماڻهن سمهي حضرت موسيٰ ۽ سندس مريد اٿي روانا ٿيا.

ٻئي رات وري به ڪنهن هنڌ ٽڪيا پيا هئا ته رات جو مريد جي اک کلي. جان ڪٽي نهاري ته حضرت موسيٰ پنهنجي هٿن سان گارا هڻي پيو پٽ لٻي.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

حيرت ۾ پيو تہ هن ميزبان ڪئي بہ بدمزاجي ۽ ساڻس وري ڪڙهي بہ اهڙي مرچوٽ لاءِ ٿو.

ٿيءِ ڏهاڙي هڪڙي ڄڃ اِي ٻيڙيءَ ۾ لنگهي تہ حضرت موسيٰ بہ انهيءَ چڙهي پيو. پنيان هيءُ بہ. رات جو مريد ڏسي تہ، مار! جنهنجي ٻيڙيءَ ۾ چڙهجي تنهنجو خيرُ گهرجي پر حضرت موسيٰ تہ هٿ وٺي ٿو ٻيڙيءَ کي سنڌ ڪريس. جنهن سرائي ڪٽي وڃو آهي ٻيڙيءَ ۾ ٽنگ ڪرڻ. مريد وڏيڪ صبر ڪري نہ سگهيو سو حضرت موسيٰ کي هٿ ادب جا ٻڌي چيائين تہ، سائين! هي ڇا ٿا ڪريو؟

حضرت موسيٰ چيس - هائو ابا! ٻڌ تہ ٻڌايانءِ.

هاڻ تہ، هيءُ ٽنگ ڪيو اٿم سو اڄها ٿي ٻيڙي لڳي بيهي پر جي هلندا هلون ها تہ صبوح جو اڳيان هڪ ظالم ڌاڪو گڏجي ها جو ڄڃ کي ڦرڻ ۽ ٻانهن قبائڻ لاءِ هينئر بہ وات وڃو نهاري. مريد چيو سائين! تڏهن تہ غريبن جي لڄ رکي اٿو. پر قبلا! هي بہ تہ ٻڌايو تہ فلاڻي پٽ جو ڌاتوءَ ۽ فلاڻي هنڌ پراڻيءَ پٽ کي پشتي ڇو ڏنوَ؟ چيائين، ميان مريد انهيءَ ٻڌڻ جو تون حقدار آهين. ٻهريون ميزبان خدا ڪارڻ ٽڪر ڪارائي ٿو مگر صفا ڪنجي ويو آهي. اُنجي جيڪا پٽ ڌاتم تنهن هينان ناڻي جي ديگ هئي جنهنجي هن کي ڪا بہ خبر نہ هئي.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

هاڻي ظاهر ٿو ٿئي ته ٻر ٻڪ چاڙ ته ڪتب ۾ آندائين. وري ٻئي ميزبان جنهن تندمزاجي ڪئي، سو پاڻ مالڪ نه آهي. هو هڪ معصوم جو چاچو آهي جو يتيم جي ملڪيت دٻايو ويٺو آهي. اُنهيءَ جي پٽ هيٺان ٻه ديگ ناڻي جي پوريل آهي. لوڏي وهيڻي پٽ ڊهي پوي ها ته يتيم جي هٿان اِها ملڪيت ٻه هلي وڃي ها! تنهن ڪري ان پٽ کي ڏاڍو ڪيم ته، ليسين ديگ پـل پڪي رهي جيسين يتيم ساماڻجي. ائين چئي، حضرت موسىٰ مريد کي چيو ته ابا تو واعده شڪني ڪئي آهي ۽ ٻئي ليکي تو اسانجي نيت ۾ گمان آندو آهي تنهن ڪري پلي آئين. پوءِ خدا حافظ چئي هليو ويو. پنيان ويچارو مريد گهڻو پشيمان ٿيو ۽ چيائين ته "ساڌو ماري گن ڪري، دل ۾ رکي ترپاس."

(١٤٣)

هڪ ڇوڪري جو بوٽ وڃائجي ويو هو ٻههجي پيءُ جي انگريزي ڊڪشنريءَ ۾ ڏوڙندڙ لڳو.

پيءُ - تون ڊڪشنريءَ ۾ ڇا ٿو ڏسين؟

پٽ - بوٽ وڃائجي ويو آهي سو ڳولهيان ٿو.

پيءُ - ڪتاب ۾ بوٽ ڪيڏانهن آيو.

پٽ - توهانکي جا ڳالهه معلوم نه ٿيندي آهي سا اُنهي مان ڪين ڳولهي ڪڍندا آهيو؟

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(۱۴۴)

هڪ ڏينهن ماستر ڪنهن ڪان سوال پڇيو. تڏهن
اُن ڇوڪر جي پاسي واري ڇوڪر ٻهرين ڇوڪر کي
چيو ته ماستر ڪو گڏهه آهي. تڏهن ماستر سمجهو ته
ٻيو ڇوڪر ٻهرين ڇوڪر کي جواب ٿو ٻڌائي. تڏهن
ماستر چيو ته اهو نه ٻڌائينس. اهو هيڪي پاڻيهي اچڻ کپي.

(۱۴۵)

ڊرائينگ ماستر- (منوءَ جي خالي ڊرائنگ پيپر کي نهاري)-
تو هن پني تي ڇا ڪيو آهي؟
منوءَ- هوائي جهاز. سائين!
ڊرائينگ ماستر- ڪٿي. مان ته ڏسان ٿي ڪو نه
ٿو.
منو- سائين. ايڏو ته مٿي چڙهي ويو آهي جو
اوهين ته ڇا پر ڪو به ڪو نه ڏسي سگهندو.

(۱۴۶)

مريض- ڊاڪٽر منهنجي دل بلڪل ٺيڪ نه آهي.
ڊاڪٽر- ڇو! ڪهڙي خرابي آهي. ڪا ڌڪائيندڙ
خبر ٻڌي اٿئي ڪئن؟
مريض- هائو ڊاڪٽر اوهانجو بل جو مليم!

(۱۴۷)

گراهڪ- واه ڀائي واه جيڪا قميص وڃائي آيو
آهين تنهن جا ته پئسا ٿو وٺين!

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڌوٻي - سائين جو! قميص گلم ٽيڪ ڪان اڳ، ڌوتي هيم.

(١٤٨)

مولو (ٽانگي واري کي) - نئي سڙڪ تائين ڇا وٺندين؟

ٽانگي وارو - ٻه آنا سواري!

مولو - منهنجي سامان لاء ڇا وٺندين؟

ٽانگي وارو - ڪجهه نه.

مولو - چڱو تڏهن منهنجو سامان گاڏيءَ ۾ کڻي هل؛ مان تو سان گڏ پيرين پنڌ ٿو هلان.

(١٤٩)

مئجسٽريٽ (چور کي) - هيءَ ڏائون دفع آهي جو ڪورٽ ۾ آيو آهين.

چور - سائين! بيشڪ! منهنجي لاء ڏائون گهرو آهي پر اوهين نه لکها پيرا ڪورٽ ۾ آيا هوندا.

(١٥٠)

ڊاڪٽر - گول مول ڳالهه ڪرڻ واجب نه آهي، اوهانجي حالت تمام خراب آهي. جنهنکي به ڏسڻ چاهيو تنهنکي گهرائي وٺو.

مريض - (تمام جهيڻي آواز ۾) هائو.

ڊاڪٽر - ڪنهنکي گهرائيندؤ؟

مريض - ٻئي ڊاڪٽر کي.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(۱۵۱)

جج - اڳ ۾ ڪيترا ڀيرا سزا ڪاٽي اٿئي؟
ڏوهي - ۵ ڀيرا حضور!
جج - ته پوءِ توکي گهٽ ۾ گهٽ سزا ملڻ گهرجي.
ڏوهي - گهٽ ۾ گهٽ! سائين! هميشه جي گراهڪ سان رعايت ڪين ٿيندي آهي؟

(۱۵۲)

ٻار - مميءَ چوزا انڊو ڪوڙ ڇو ٿا ڪن؟
ماءُ - ٻڪارا آهن. ڪاٺ لاءِ ڪجهه ڪين منا!
ٻار (ابوجهائيءَ ۾) - هون! پوءِ جي ٻڪ ان ته پنهنجي لاءِ آنا ڇو نه ٿا لاهين.

(۱۵۳)

مووي ڊائريڪٽر - هاٿي هتي آهي: ڇهنو تيار ڪرڻو آهي جتي توکي ٽڪريءَ تان ٽپو ڏيڻو پوندو.
ڊڄڻو ائڪٽر - چڱو پر جي ٽپو ڏيندي مان زخمي پوان يا مري پوان ته؟
ڊائريڪٽر - او! پرواهه نه آهي، هيڪر جو پويون (سين) درشيه آهي.

(۱۵۴)

ڪاوڙيل مالڪ - ٻڌ! تو منهنجي سيڪريٽريءَ کي چيو ته، اون مونکي جيتڻ مرڻ بابت گڏ جڻ آيو آهين!

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

نوجوان - ھائو سائين. مان اوھائجو ويمو اُتارڻ آيس.

(١٥٥)

ماستر- دنيا اندر سڀ کان سچي جاءِ ڪھڙي آھي؟
شاگرد - منھنجي ڏاڏي جي نيڙ (مٿي جو مٿ) سائين!

(١٥٦)

پيءُ (غصي ۾)- سو تون ڪلاس جي اصل ڇڙي ۾ آھين!

پٽ - ٻـر ٻـابـا! منھنجو ڏوھ ڪھڙو! منھنجي ھيٺان جيڪو ڇوڪر ھئو تنھنجو نالو اسڪول مان ڪڍي ڇڏيائون.

(١٥٧)

ھڪڙو ڇوڪر ماءُ ڏي ڀوڙندو آيو ۽ کيس حيران ڪري ڇڏيائين جو ٻڌايائينس ته ريل گاڏي منھنجي مٿان لنگھي ويئي آھي پر مان اڃا جيئرو آھيان.
ماءُ - منا! ٻڌاءِ ته سھين سو ڪئن؟
ڇوڪر - مان پل ھيٺان بيٺل ھوس.

(١٥٨)

” اڙي گئوالا! اڄ تنھنجو کير نجو پاڻي!
ساءِ! ڇا چوان! سچي راتِ مينھن اُتو آھي ۽ ٻئون ٻدل ھئي ٻاھر مينھن ۾. سو کير پاڻياتو ٿي ويو ھوندو. ضرور ھوندو!

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(١٥٩)

ممتحن (امتحان وٺندڙ) - سوال توکي منجهائي ٿو ڇا؟

شاگرد - سائين! بلڪل نه. اهو جواب آهي جو منجهائيم ٿو.

(١٦٠)

ماستر - موهن! ڌرتي گول آهي ننهن جون گهٽ ۾ گهٽ ٣ ثابتيون ڏي.

موهن - جاگرافي جي ڪتاب ۾ ڇاپيل آهي. توهان به ٺهن ڏينهن ٻڌايو هئو ته، هيءَ دنيا گول آهي؛ مان به شامل راءِ ٿي ائين ٿو چوان.

(١٦١)

اَصيل (وڪيل جي آفيس ۾ گهڙندي) - اوهو هتي ته اهڙي گرمي آهي جهڙي ڄر ندڙ تنور لڳي ٿيندي آهي.

وڪيل - ضرور اهڙي گرمي ٿيندي ڇو ته هتي ته مان پنهنجي روٽي جوڙيندو آهيان.

(١٦٢)

ماءُ - ڌيئڙي. گهڻو نه رو.

ڌيءُ - امين! ڇو؟

ماءُ - ڇاڪاڻ ته جي گهڻو روئندين ته تنهنجو منهن بدزيبو ٿي ويندو.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ڏيءُ - ٺيڪ آهي پر مان پانيانٿي تہ تون ننڍي هوندي گهڻو رُئندي هوندينءَ ڇاڪاڻ تہ اهڙي ئي آهين.

(١٦٣)

ماڻهو (گهٽي ڪم جي خفي ۾)- سچ مچ مان توکي ڏسي نٿو سگهان.

ملاقاتي - ٺيڪ مان تہ عيدڪون ئي ٿو وڪڻان!

(١٦٤)

" اهڙو ڪو سڄهيڻي جو جتي (شوُ) پائي هند ۾ سمهندو هجي." "هائو! منهنجو گهوڙو ائين ڪندو آهي".

(١٦٥)

"هي (ريل) گاڏي هتان ڪڏهن ويندي"؟
"ساءِ! ١٢ بجي"
"جو هي ڪا گاڏي ٻارهن ڪلاڪن اڳ وڃڻي ڪانهي؟"
" نہ ساءِ!" هڪڙي وڃي ٻارهنڪان اڳ هي ڪانہ هلائيندا آهيون.

(١٦٦)

سنتري - چيا! تون وري اچي وئين؟
ڏوهي - هائو! ڀلا آهي ڪو پارسل يا چٺي چهاڻي مون لاءِ؟

(١٦٧)

جهاز بندر جي ٻاهران لنگر هنيو بيٺو هئو. اينتري

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

۽ هڪڙي ٻڍي استري ڪپتان کان پڇيو ”ڇا جي ڪري هتي ترسيا آهيو؟

ڪپتان - ڪوهيڙو ڏاڍو گهاٽو آهي. بندر صاف ڏسڻ ۾ نٿو اچي.

ٻڍي - پر ڪپتان صاحب، ڪوهيڙو اهڙو گهاٽو ڪٿي آهي. مان ته تارا به ڏسي سگهان ٿي.

ڪپتان - هائو مائي! پر اسين اهو رستو ڪو نه هلنداسين جيستائين ڪ انجڻ جهاز جي نه ڦاٽي پوي.

(١٦٨)

ماءُ - (سشيلا کي) وڃ وڃي پنهنجو منهن صاف ڪر. گندو اٿئي. هو ڏانهن ڏس گهڙيال ڏانهن. ڪئن نه هنجو منهن اڇو اُجرو ۽ صاف آهي. تون به هن جهڙو منهن صاف ۽ ٻهڪندڙ رک.

ٻار - امين پر ڏس نه سهين گهڙيال جا هٿ ڪهڙا نه ڪارا ۽ گندا آهن.

(١٦٩)

رشيد - شيام بابو! اهڙو تڪڙو ڇو ڊوڙي رهيو آهين.

شيام - سخت مصيبت اچي پيئي آهي. جادو بابو جو ٻن ورهين جو ڪڪو ”مالي مشڪلات“ ۾ اچي ويو آهي.

رشيد - ڇا تو چيو ٻن! مان سمجهائي نٿو.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

شيام - ڇوڪر راند ڪندي روپيو ڳيهي ويو آهي.

لطيفو
(١٧٠)

هڪڙي ڀيري سرڳ پـريءَ ۾ اندر ديوتا سيني ميون کـي ڪچهريءَ ۾ گهرايو ۽ کين چيائين، ”مان توهان سيني ميون مان هڪ کي راجا بڻائڻ ٿو چاهيان تنهن ڪري هڪ هڪ ميوي اُنـــي پنهنجي لياقت ٻڌائي.“

جمون - هي ڀڳوان! مان ٻارن جو دلپسند کـاڄ آهيان.

ڏاک - هي مهاراج! مان شهزادن جو کاڄ آهيان!

اناس- هي پرميشور! مان کائڻ ۾ تمام لذيذ آهيان.

نارنگي - هي دين ديالو! مان بيمارن جي لاڏلي آهيان.

ناريل - هـــي دين ٻندو! منهنجي کائڻ ڪري ماڻهو تمام طاقتور ٿين ٿا.

ڪيلو- هي ان داتا! مان ئي سيني ميون جو راجا بڻجڻ لائق آهيان ڇو ته سوَري اڄ ڪلهه هڪ نگري بيماري ئي پيئي آهي. ڊاڪٽر به سوري ٻائيءَ جي بيماريءَ لاءِ پـورو علاج نٿا ڏيئي سگهن. بس ان بيماريءَ جو ٻڪ نڪ علاج مان ئي آهيان.

انب اهـــو ٻڌي مشڪل لـڳو ۽ ادب ... جوڙي ڇوڻ لڳو، ”هي سرڳ پرمس ماسٽر صاحب

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

مان بلڪل سستو آهيان. مونکي ڪير به ڏڪاري ٿو، غريب مونکي پيار مان کائي ٿو ۽ شاهوڪار ڇوڇ مان چوپي ٿو! منهنجون کلون ڪيترن بيمارن لاءِ اڪثير آهن. ٻار منهنجي ککڙي سڪائي ٻاهه ۾ سيڪي پٽو ڪڍي مزي سان کائن ٿا. ديوتا اندر انب تي ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ ڪيس ٿـي سڀني ميون جو مهاراجا مقرر ڪيائين. ٻين ميون ۾ ناڪوڙو پئجي ويو مگر ديوتا کي ڪجهه چئي به نٿي سگهيا.

جمون ته ويچارو اُن غم ۾ ڪارو ٿي پيو. ٻاڪ ڳري ندي ٿي پيئي. اناس ايترو ته ڪاوڙيو جو سندس بت تي ڪنڊا ٿي پيا. نارنگي ڪاوڙ ۾ ڳاڙهي لال ٿي پيئي. ناريل ايترو ته رنو جو سندس پيٽ مان پاڻي اڃا نـه سڪو آهي. ويچارو ڪيلو جو اڳي پاڻکي ميون جو راجا سمجهندو هو اُنکي اهڙو ته شرم آيو جو جهڪي ويو!

(۱۷۱)

ماستر- گوبند! اهڙي ڪنهن شيءِ جو مثال ڏي جنهنکي ڏند نه هجن.

گوبند- ساءِ! منهنجي ڏاڏي.

(۱۷۲)

لهٽيدار- ساءِ هاٽي تي گهوٽي ڏن مليو اٿو، منهنجي بل جا پيسا ڏيندو نه؟

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٥٠)

ڊاڪٽر- (نوڪر کي) ڏس ڪير دروازو کڙڪائي رهيو آهي.

نوڪر- ضرور ڪو مريض هوندو.

ڊاڪٽر- ڏس ته نئون آهي يا پراڻو مريض.

نوڪر- سائين، ضرور نئون هوندو ڇو جو جهونو مريض ڪڏهن به واپس وري ورڻ ڪو نه آيو آهي.

(٥١)

وشنو- افسوس، ڪهڙي دک جي ڳالهه آهي جو منهنجي ٻن سالن جي محنت ئي برباد ٿي ويئي.

موتي- دوست وشنا، سو وري ڪئن؟

وشنو- موتي، پورا ٻه سال مون سيٺ جوتيمل جهڙي صحيح وجهڻ پٺيءَ پچائي ۽ جڏهن هاڻي انهيءَ ڪم ۾ ڪامياب ٿيو آهيان ته سيٺ جوتيمل ڏيوالو ڪڍيو آهي!

(٥٢)

اُستاد- سڀ کان اڳ ۾ يورپ مان هندستان ۾ واسڪو ڊيگاما آيو هو.

ڇوڪرو- سائين ڪيترا ڏينهن ٿيا جڏهن هو هندستان ۾ آيو هو؟

اُستاد- چار سو سال.

ڇوڪرو- (ٻئي ڇوڪري کي) ڏس ماستر صاحب

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

کي ايتري عرصي جي ڳالهه اڃان ياد آهي. غضب جو دماغ اٿس.

(٥٣)

مئجسٽريٽ (چور کي) گهڙي تو ڪنهن چورائي؟

چور- جيڪڏهن حضور جن اهو ٻڌڻ ٿا چاهين ته ان بابت حضور جن کي پنج روپيا في ڏيڻي پوندي. پنجين روپين ۾ حضور جن کي گهڙي چوري ڪرڻ جي ترڪيب سيکاري ڇڏيندس.

(٥٤)

پرڪاش نيرڻ ڪري رهيو هو جو، اخبار پڙهيائين، جنهن ۾ سندس موت جي خبر ڇپيل هئي.

پنهنجي دوست کي ٽيليفون ڪيائين ٻڌايندو، اخبار ۾ منهنجي ديهانت جي پڌرائي پڙهي اٿيئي؟

هن چيو "هائو." پر تون ڪٿان ڳالهائي رهيو آهين. سرڳ مان يا نرڳ مان؟

(٥٥)

عطر- فيضو چاڪ آهين.

فيضو- نه بابا مان چاڪ ڪو نه آهيان، مان ته ماٺهو آهيان.

(٥٦)

عبدالله توکي ڪنهن ماريو آهي؟

غلام- لڪڙيءَ ماريو آهي.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٥٧)

مئجسٽريٽ - عدالت ۾ گوڙ ڪرڻ واري کي عدالت کان ٻاهر ڪڍيو ويندو.

(قئدي گوڙ ڪري ٿو)

مئجسٽريٽ - اڙي بيوقوف ڇو ٿو گوڙ ڪرين؟

قيدي - سائين، انهيءَ لاءِ ٿو گوڙ ڪريان جو توهان چيو هو ته گوڙ ڪندڙ کي ٻاهر ڪڍيو ويندو.

(٥٨)

ڏيون - (آسن کي) يار تون ڪڏهن شادي ڪندين؟

آسن - جڏهن مدهنجي ڙال ڪندي!

(٥٩)

پيءُ - پٽ لڙائي نه ڪر. لڙائي جهنگلين جو ڪم آهي.

پٽ - بابا توهين جو امان سان لڙائي ڪندا آهيو.

(٦٠)

گوپال - اهو وڏي واڪي سان ڇا ويٺي پڙهيءَ؟

رام - الاجي مون اهو ٻڌو ٿورو ئي.

(٦١)

چندرا - ڏس... ٽڪ ٽڪ جو آواز اچي رهيو آهي. چور نه ڪو نه آيو آهي!!

ڪمار - اوندهه ۾ ڇا ڏسان صبوح نه ٿيڻ ڏي.

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

(٦٢)

گراھڪ - (واچ واري کي) منھنجي واچ خراب ٿي پيئي آھي، ھر گھڙيءَ ٻيھي ٿي وڃي.

واچ وارو - اوھان جي واچ جو نالو ڪھڙو آھي؟

گراھڪ - ٻيرھل واچ.

واچ وارو - تڏھن توھان واچ چرچا ڪندي ھوندي.

(٦٣)

ھڪ ماڻھوءَ جو پٽ مري ويو. ٻن ڏينھن کان پوءِ ھڪ ماڻھو ھن وٽ آيو ۽ کيس چيائين "معاف ڪجو مان اوھان جي پٽ جي اعزا پرسيءَ ئي لاءِ اچي نہ سگھيس ڇاڪاڻ جو گھڻو ڪم ھو. جڏھن اوھان جو ٻيو پٽ گذاري ويندو تہ ساڳئي ڏينھن اوھان وٽ پھچي ويندس.

(٦٤)

گراھڪ - (نوڪر کي) اڄ ئي شربت ۾ مک پيئي آھي.

نوڪر - سائين ويچاري اڃايل آھي گھڻو ڪونہ پيئندي.

(٦٥)

ماءُ - رام تون ڏاڍو حرڪتي آھين. وٺي ننڍڙي ڀاءُ کي چمات ھڻئين الئي.

رام (روئي) امان سچي مس ڀي ويو. چيومانس تہ

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

مسڪنيءَ جو ٽڪر ڪائي وچ ۾ ڪائي ئي نٿو.

(٦٦)

گوبند - (ماءُ کي) پاپي جيڪو ڪير وٺي آيس تنهن ۾ ڪٿو پئجي ويو.

ماءُ - پوءِ ڪڍيئه ڪين ڇا؟

گوبند - ڪڍيم نه ڪين، پر هڪ ٻلي ڪير ۾ وجهي آيو آهيان جنهن اُني ماري ڇڏيس.

(٦٧)

پتا - پٽ! ڏس امتحان ويجهو آهي هيئنر ڏينهن رات پڙهڻ کي لڳي وڃ؟

پٽ - پتاجي! رات جو ننڊ نه ڪندس.

پتا - اُتي جاڳندو ڪيئن.

پٽ- ڪالهه اوهان ڪين چيو نه رات جو فقط چبرا جاڳندا آهن.

(٦٨)

ماٺهو - (ڊاڪٽر وٽ رات جو) توهان جي ٻاهرن جي في گهڻي؟

ڊاڪٽر - ڏينهن جو ٻه روپيا ۽ رات جو چار روپيا.

ماٺهو- چڱو سائين هيئنر مونسان گهر هلو. (اُوري وقت ۾ مونر ماٺهوءَ جي گهر اچي پهتي.)

ڊاڪٽر - ڀر مريض نه ڏيکار ڪٿي آهي؟

ماٺهو- سائين مريض ڪرنهي. مونسر وارن ميهن

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

جي ڪري هتي اچڻ لاءِ اٿ رهيا ٿــي گهر يا تنهن ڪري اوهان جي موٽر ۾ چڙهي آيس.

(٦٩)

ماستر- مان نه سمجهي ٿي نٿو سگهان نه ڇا ڪريان؟ تون تمام ڪوڙ ٿو ڳالهائين جڏهن مان، تنهنجي عمر جو هوس نه ڪڏهن به ڪوڙ ڪين ڳالهائيندو هوس.

شاگرد- نه مهرباني ڪري ٻڌايو نه توهان پنهنجي ڪهڙيءَ اوسٽا ۾ ڪوڙ ڳالهايو.

(٧٠)

حجام- هل دغاباز بيشرم تون وڏو چــور آهين. شهر جي ٻار ٻار کي خبر آهي تــه تون دغاباز ۽ لٽيرو آهين.

چور- تون به مون کان گهٽ ڪونه آهين. ٻر مونکان زياده آهين. مان رات جي وقت ماڻهن کـي لٽيندو آهيان ٻر تون نه ڏينهن جو ماڻهن جي حجامت ڪندو آهين.

(٧١)

فقير- بيگم صاحب توهــان وڏي مهرباني ڪئي جو مونکي پهرڻ واسطي خميس عطا ڪئي اٿو.

بيگم صاحب- هاڻي مونکي وڏيڪ چــا چــوڻو اٿيئي.

فقير- ڪاڏو ڪاڻڻ واسطي ڏيو نه جئن ڪجهه طاقت

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

ٿڻي ۽ مان خميس پاڻي سگهان.

(٧٢)

هڪ شرابيءَ ايترو شراب پيتو جو بيهوش ٿي ويو ۽ دروازي تي ڪري پيو. ڪوتوال اچي نوڪر هٿيس ۽ چيائينس ”او خانه خراب اٿي توکي عدالت ۾ وٺي هلان“. شرابيءَ جواب ڏنس. ”تنهنجي عقل جو خانو خراب جيڪڏهن مونکي هلڻ جي طاقت هجي ها ته پنهنجي گهر نه هليو وڃان ها.

(٧٣)

ماڻهن هڪ احمق کي گهٽيءَ ۾ ڏٺو ته انڌيري رات ۾ زمين تي ويهي ڪجهه ڳولي رهيو آهي. پڇيائونس ”ڇا ٿو ڏسين.“ چيائين ”هڪ سئي ٿو ڏسان جا گهر ۾ ڪري پيئي آهي.“ لوڪن چيس ”اي عقل جا انڌا جا شيءِ گهر ۾ ڪري پيئي آهي تنهن کي گهٽيءَ ۾ ڪئن ٿو ڳولين؟“ چيائين ”ڇا ڪريان گهر ۾ انڌيرو آهي ۽ مون وٽ چراغ آهي ئي ڪونه.“

(٧٤)

آقا (نوڪر کي)- اندران فقط ماچيس کڻي اچ.

نوڪر کي اندر جڏهن گهڻو وقت لڳو ته آقا وري آواز ڪيس ته اڙي مردود اڃان تائين ماچيس ڪونه مليو اٿيئي ڇا؟

نوڪر - حضور ”ماچيس“ ته ڪڏهن جو ملي ويو

Digitization by American Academy of Indic Studies. AAIS(USA)

آهي پر ”فقط“ اڃا ڏائين ڪونه مليو آهي.

(٧٥)

ٽڪو اڃان ٽن سالن جو هو ته پيءُ کي چوڻ لڳو ته مون کي جلد شادي ڪراءِ.

پيس - ڇوڪري ڪٿا ڪٿي پرڻايان ؟

ٽڪو - ڏاڏيءَ سان ئي ڪٿي پرڻائيم.

پيس - اڙي! اها ته منهنجي ماءُ آهي. ان سان ڪيئن پرڻبين!

(٧٦)

آڌيءَ رات جو سمو هو. گنيوال گهريءَ ننڊ ۾ پنهنجي گهر ۾ سمهيو پيو هو. اوچتو ئي ٽيليفون جي گهنٽي وڄڻ لڳي. گنيوال خار کائي هستري تان اٿي ٽيليفون کنيو. ٽيليفون ڪندڙ پڇيو ته گنيوال گهر ۾ آهي ۽ مونکي ٻڌائي سگهندو ته هو صبوح جو ڪيڏي مهل گٽو کوليندو آهي؟ گنيوال جواب ڏنو ته ١١ بجي ۽ يڪدم ٽيليفون رکي ڇڏيائين. اڌ ڪلاڪ ئي ڪونه گذريو ته وري ٽيليفون جي گهنٽي وڄڻ لڳي. ساڳئي ماڻهو ساڳيو سوال وري پڇيو ته، گٽو ڪيڏي مهل کلندو؟ گنيوال کي ڏاڍا خار لڳا ۽ چيائين ته مان تو جهڙن ماڻهن کي پنهنجي گٽن ۾ پير به پائڻ ڪونه ڏيندس. ٽيليفون ڪندڙ ٺهڪندي وراڻيو ته مان ٺهڪندي گٽي ۾ اچڻ نٿو چاهيان پر مان نڪرڻ ٿو چاهيان.